# سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي



انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ

# جي

# لساني جاگرافي

سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان سال 1979ع ۾
’مولانا محمد عثمان ڏيپلائي اوارڊ‘ حاصل ڪندڙ ۽ 1981ع ۾
رائٽرز گلڊ جو ٻهريون نمبر اوارڊ حاصل ڪندڙ ڪتاب
پاران : ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.

## ڊاڪٽر غلام علي الانا


**انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي**

**يونيورسٽي آف سنڌ**

**ڄام شورو**

**1995ع**



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي اشاعتي سلسلي جو ڪتاب نمبر 163

پهريون ايڊيشن: جولاءِ 1979ع مطابق شعبان 1399هه [تعداد هڪ هزار

ٻيو ايڊيشن: جون 1983ع مطابق رمضان 1402هه [تعداد هڪ هزار

ٽيون سڌاريل ايڊيشن: 1995ع مطابق صفر 1415هه [تعداد هڪ هزار

ڪاپي رائيٽ © انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

سنڌ يونيورسٽي پريس، ايلسا قاضي ڪئمپس، حيدرآباد ۾ ڇپيو.

ڊاڪٽر غلام علي الانا، ڊائريڪٽر انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ڄامشورو، سنڌ مان شايع ڪيو.

قيمت: [redacted]-00 رپيا

ISBN 969-405-058-8

**SINDHI BOLI-A JI LISANI GEOGRAPHY**

(In Sindhi)

(Linguistic Geography of Sindhi Language)

By

**Dr. Ghulam Ali Allana**

Printers: Sindh University Press, Elsa Kazi Campus, Hyderabad.

Publishers: Institute of Sindhology, University of Sindh, Jamshoro, District Dadu, Sindh, Pakistan.

First Published: July 1979

Second Reprint: June 1983

Third Revised Edition : 1995

Copy right 1995 © Institute of Sindhology

Price Rs. [redacted]

Digitized by: M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# فهرست


- مهاڳ (ڇاپو ٽيون) ڊاڪٽر غلام علي الانا
- ناشر طرفان (ڇاپو ٽيون) ڊاڪٽر غلام علي الانا
- ناشر طرفان (ڇاپو ٻيون) ڊاڪٽر غلام علي الانا
- ناشر طرفان (ڇاپو پهريون) ڊاڪٽر غلام علي الانا
- مهاڳ (ڇاپو پهريون) ڊاڪٽر غلام علي الانا
- انتساب

1- سنڌي ٻولي ۽ اُن جا لهجا 9-1

ببليوگرافي 9

2- ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ 45-10

ڪڇ ۽ سنڌ جا سياسي ناتا 10

سياسي ناتا 11

تجارتي ۽ واپاري ناتا 18

(ج) سماجي ناتا 19

(ڏ) باهمي شاديون 24

(د) مذهبي تبليغ ۽ ميل جول 24

3. ڪڇي لهجو ۽ علم ادب 26

4. علم ادب 29

5. ڪڇي لهجي جو مطالعو 34

6. ڪڇي ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد 38

ببليوگرافي 44

3- ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ 66-46


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1- (الف) سياسي رشتا ۽ ناتا 46

(1) جهونا ڳڙهه 50

(ب) سماجي ۽ اقتصادي ناتا 54

2- (الف) گجرات ۾ ڦهلاءُ 56

(ب) سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي ناتا 57

(ج) ماڻهن جي لڏ پلاڻ 59

(د) مذهبي، علمي ۽ ادبي ناتا 60

3- گجرات ۽ ڪانياواڙ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 62

4- نتيجا 64

ببليوگرافي 65

-4 راجستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ 67-69

ببليوگرافي 69

بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ 70-129

1- جاگرافيائي حالت 70

2- ٻوليون 70

-3

4- سبيءَ ۽ ڪڇي وارن علائقن ۾ سنڌي زبان جو ڦهلاءُ 73

(الف) تجارتي ۽ واپاري ناتا 78

(ب) آبادي ۽ لڏ پلاڻ 79

(ج) سماجي ميل جول 81

(ت) سبي، ڪڇي ۽ جهالاوان علائقن ۾ سنڌي

ٻوليءَ جي حيثيت 82


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| | لس ٻيلي واري ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ | 86 |
| | (الف) | 86 |
| | (ب) سنڌي قبيلن جي حڪومت | 87 |
| | (ت) سماجي اثر | 88 |
| | (ث) واپاري ۽ تجارتي ميل جول. | 90 |
| | لاسي ٻولي | 94 |
| | علم ادب | 95 |
| | لاسي لهجي ڳالهائيندڙن جو تعداد | 98 |
| | صوتياتي فرق | 99 |
| | مڪران ۾ سنڌي زبان جو ڦهلاءُ | 102 |
| -4 | (الف) سياسي ميل جول | 102 |
| | (ب) وڻج واپار ۽ واپاري ناتا | 105 |
| | (ت) مڪران ۾ سنڌي قبلين جي آبادي | 107 |
| | (ث) مڪران ۾سنڌي زبان ڳالهائيندڙن جو تعداد | 112 |
| | بلوچي ٻوليءَ تي سنڌي ٻوليءَ جو اثر | 115 |
| | سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ۽ سندن لهجا | 120 |
| | ببليوگرافي | 127 |
| | سرائڪي ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ | 130-190 |
| | (1) سنڌي ۽ سرائڪيءَ جو سٻنڌ | 130 |
| | (الف) سرائڪي ٻولي | 130 |
| | (ب) سياسي سبب | 137 |
| | (ج) مذهبي ناتا | 151 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(د) علمي ۽ ادبي ناتا 154

(ح) سرائڪي لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم 156

(و) سرائڪي زبان جو بڻ بنياد 170

(الف) صوتي هڪ جهڙايون 183

(ب) سرائڪي خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ 186

ببليوگرافي 188


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

## (ڇاپو ٽيون)

سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جو ٽيون ڇاپو پڙهندڙن جي هٿن ۾ آهي، هن ڪتاب جو سنڌي ٻوليءَ جي شاگردن، اُستادن، پڙهندڙن ۽ ماهرن جنهن طريقي سان قدر ڪيو آهي، اُن جو ظاهري ثبوت هي آهي جو پهريون ڇاپو 1979ع ۾ ڇپجي ظاهر ٿيو ۽ اُن کان چار سال پوءِ يعني 1983ع ۾ ٻيو ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو ويو ۽ ٽئين ڇاپي جي ضرورت بہ ڪيترن ئي سالن کان هئي پر نيٺ 1995ع ۾ هي ٽيون ڇاپو ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. ٽئين ڇاپي ۾ دير لاءِ ادارو جوابدار نہ آهي پر اُن لاءِ جواب طلبي مون کان ڪئي وڃي. اداري طرفان مون کي بار بار لکيو ويو هو پر جيئن تہ مون ٻئي ڇاپي ۾ ڪجهہ سڌارا ۽ واڌارا ڪرڻ پئي چاهيا، تنهن ڪري هن ڇاپي ۾ ڪافي دير ٿي ويئي ۽ اُستادن توڙي شاگردن کي انتظار ڪرڻ پيو.

پهرئين ڇاپي جي مهاڳ ۾ لسانيات جي ماهرن، سنڌي ٻوليءَ جي اُستادن، شاگردن ۽ پڙهندڙن جي خدمت ۾ نهايت ئي ادب ۽ احترام سان گذارشون ڪيون هيم ۽ عرض ڪيو هئم تہ:

"سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ واري موضوع تي لکڻ ۽ اُن لاءِ جاگرافيائي حدون مقرر ڪرڻ، دراصل ڪنهن اڪيلي ماڻهوءَ جو ڪم نہ آهي. هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ ۽ مواد گڏ ڪرڻ لاءِ ڪارڪنن جو هڪ جٿو گهرجي، جيڪي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، راجستان، بهاولپور (سابق رياست واري ايراضي)، بلوچستان جي ڪيتران، ساراوان، جهالاوان، قلات، لس ٻيلي، مڪران ۽ وينديءَ ايران جي سرحد تائين پهچن ۽ مقامي ماڻهن سان ملن ۽ مواد رڪارڊ ڪن. هر ڪارڪن وٽ هڪ هڪ ٽيپ رڪارڊر هجي ۽ اُن سان گڏ هڪ سوالنامو پڻ هجي جنهن جي آڌار تي هو مقرر خطي ۾، اُن خطي ۾ مروج سنڌي ٻوليءَ جي لهجي ۽ اُن لهجي جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محاوري جا نمونا رڪارڊ ڪندو وڃي، ۽ ماڻهن سان ڳالهائيندو به وڃي. ائين ڪرڻ سان ئي سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ تي صحيح ۽ سائنسي طريقي سان ڪم ڪري سگهبو.

هن ڏس ۾ هڪ اسڪيم جو ڍانچو تيار ڪيو ويو آهي، جنهن تي باقاعدگيءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ وڏي رقم درڪار ٿيندي، جنهن تي في الحال عمل درآمد ڪرڻ جو پروگرام ڪونهي، پر جيڪڏهن زندگيءَ وفا ڪئي ۽ حڪومت طرفان مدد ملي ۽ ساٿين سهارو ڏنو ته هي ڪم ڪو مشڪل نه آهي. هن ڏس ۾ ڪجهه ڪم هٿ ۾ ڪنيو ويو آهي" (ص هه).

حقيقت ۾ هيءُ ڪم ڪو ايترو آسان به نه آهي جو گهر ويٺي، ڪتابن ۾ آيل مواد کي گڏ ڪري، لسانياتي جاگرافيءَ تي تحقيق جي هام هڻجي. هي ڪم مرحليوار رٿا تي عمل ڪرڻ سان مڪمل ڪري سگهبو. هر خطي جي ٻولي، لهجي يا محاوري جي سروي جو ڪم ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي حوالي ڪرڻ صحيح فيصلو نه ٿيندو. هر خطي جي لهجي ۽ محاوري تي ڪوجنا لاءِ ڌار ڌار ماڻهن تي مشتمل ڪميٽي ناهڻي پوندي. هن ڏس ۾ سنڌي لئنگويج اٿارٽيءَ ڪجهه عملي قدم کنيو به آهي پر اُن جي رٿا سان اڃا اتفاق نٿو ڪريان. شڪارپور، ماتيلي، لاڙ يا ٿر جي لهجن ۽ محاورن تي تحقيقي ڪم لاءِ ڪنهن هڪ ماڻهوءَ جي بدران ٽن ٽن يا چئن چئن ماهرن تي مشتمل ڪميٽيون ناهڻ ها. اٿارٽيءَ طرفان ڪرايل تحقيقي ڪم يقيناً تحسين جوڳو آهي پر هن وقت تائين لهجن ۽ محاورن جي سلسلي ۾ ڪيل تحقيقي ڪم، هر لهجي لاءِ مقرر ڪيل هڪ هڪ ماڻهوءَ جي سوچ ۽ فڪر جو ثمر آهي، جڏهن ته هن ڪم لاءِ، جيئن مٿي عرض ڪري آيو آهيان، ڌار ڌار لهجن لاءِ ڌار ڌار ڪميٽيون ناهڻ گهربيون هيون.

اٿارٽيءَ طرفان ڪنهن خطي يا ڪن خطن جي لهجي يا لهجن تي تحقيق لاءِ اُن خطي جي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي بدران، اهڙن دوستن جي حوالي پڻ ڪم ڪيو ويو جن جو اُن خطي يا اُنهن خطن سان پري جو به واسطو ڪو نه رهيو آهي. انهيءَ قسم جي تحقيق لاءِ سرگرئرسن، ڪاڪي ڀيرومل يا انگريز مشنرين جي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان لکيل مواد، انهن جي بيانن ۽ کوجنا کي ترجمو ڪري، يا نقل ڪري لغوي خزاني جون لڙهيون ڏيئي اثارتيءَ جي حوالي ڪرڻ سان اُن لهجي جي صحيح خدمت ڪا نہ ٿي آهي. جيڪڏهن انهيءَ تحقيق لاءِ مقامي ماهرن کي مقرر ڪيو وڃي ها تہ شايد بهتر مواد ۽ صحيح معلومات ملي سگهي ها. ائين بہ ڪري سگهجي ها تہ ڪن مقامي ماهرن کان اهڙي مواد تي نظرثاني ڪرائي وڃي ها. ائين ڪرڻ سان محققن جي محنت جو وڌيڪ قدر ٿئي ها، پر ائين نہ ڪيو ويو. انهيءَ ڪري هن رٿا مان سنڌي لسانيات جي شاگردن کي ڪو فائدو حاصل ڪو نہ ٿيندو ۽ اها تحقيق، هڪ ماڻهوءَ جي سمجهہ يا سوچ ۽ مطالعو سمجهي ويندي.

عيب جوئي ڪرڻ، هر ڪم مان وڏون ڪڍڻ ۽ پاڻ ڪم نہ ڪرڻ پر ٻئي ڪنهن ڪم ڪندڙ جي دل شڪني ڪرڻ اسان جي عادت آهي. هر چڱي ڪم کي خراب ثابت ڪرڻ لاءِ اسين بيان بازيءَ کان گريز ڪو نہ ڪريون. منهنجي هن محنت تي داد ڏيڻ جي بدران مون سان اهائي ڪار ڪئي ويئي. هن ڪتاب کي غور سان پڙهڻ جي بدران، عيب جوئيءَ لاءِ ڪميٽي ٺاهي ويئي. هڪ صاحب تي اهو ڪم رکيو ويو تہ هو هن ڪتاب جي رد ۾ ڪتابَ لکندو جنهن ۾ هو منهنجي هر دعوا کي هر طرح سان رد ڪرڻ جي ڪوشش ڪندو، جيتوڻيڪ ڪيترن ئي ماهرن، اُستادن ۽ سنڌي لسانيات سان دلچسپي رکندڙ دوستن هن ڪتاب جي باري ۾ مون کي ڪجهہ تعريفي ۽ ڪجهہ تنقيدي خط پڻ لکيا هئا. انهن ۾ هندستان مان ڀاءُ ڏي ڪي منشاراماڻيءَ، ڊاڪٽر پرسي گدواڻيءَ، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتيءَ ۽ پنجاب (پاڪستان) مان پنجابي ادبي بورڊ جي سيڪريٽري آصف خان ۽ محترم شريف ڪنجاهيءَ جا نالا قابل ذڪر آهن. نہ فقط ايترو پر 1979ع ۾ سنڌ گريجوئيٽس ائسوسيئيشن طرفان مولانا محمد عثمان ڏيپلائي ايوارڊ، ۽ 1981ع ۾ پاڪستان رائيٽرز گلڊ طرفان هن ڪتاب تي پهريون انعام ڏنو ويو. گويا انهن پنهي انعامن لاءِ معتبر مصنفين جي راءِ ۾هن ڪتاب کي معياري ڪتابن ۾ شامل ڪيو ويو هو.

جيتوڻيڪ ڪنهن بہ ليکڪ کي ڪنهن کان بہ ڪنهن سرٽيفڪيٽ وٺڻ جي ضرورت ڪا نہ هوندي آهي. منهنجو اهو پڪو ايمان آهي تہ ڪنهن بہ ليکڪ جو ڪو بہ مقالو يا مضمون يا ڪو بہ ڪتاب جڏهن ڇپجي ادبي ميدان ۾ اچي وڃي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ پوءِ هُن کي اهو سمجهي وڃڻ گهرجي تہ اهو مقالو يا ڪتاب عوام جي ملڪيت آهي. هاڻ اهو عوام تي ڇڏيل هوندو آهي تہ اُن کي پسند ڪري، اُن تي تنقيد ڪري، قوم لاءِ بهتر مواد سمجهي ۽ قوم کي سفارش ڪري تہ ڇپيل مقالو يا ڪتاب پڙهڻ جي لائق آهي يا نہ.

انهيءَ سوچ تي منهنجو هميشه پروسو رهيو آهي. ان ڪري سال 1985 ۾ محترم محمد عمر چند، "لسانياتي جاگرافي ۽ ٻوليءَ جون آراديون" جي عنوان سان هن ڪتاب تي تنقيد ڪئي، جنهن ۾ چند صاحب منهنجي ڪتاب جي عنوان ۽ پهرئين باب ۾ لهجي ۽ زبان جي وصف کي تنقيد جو موضوع بنايو. اُن کان پوءِ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي بہ هن ڪتاب تي تنقيدي جملا لکيا ۽ تنهن کان پوءِ ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پڻ هن ڪتاب تي چند صاحب ۽ جيتلي صاحب جي تنقيدن جي آڌار تي رايو ڏنو پر جوڻيجي صاحب سڄي ڪتاب کي پڙهڻ جي تڪليف ڪانہ ڪئي.

محترم ڊي - ڪي منشاراماڻيءَ، هن ڪتاب تي پنهنجو رايو هڪ خط ذريعي موڪليو هو جيڪو هن مون ڏانهن، تاريخ 26 آگسٽ 1979 تي لکيو هو. منشاراماڻي صاحب جو رايو هيٺ نقل ڪجي ٿو:

"هن کان اڳ ڊاڪٽر الانا، جو هن وقت 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي'، سنڌ يونيورسٽي حيدرآباد جو انچارج پروفيسر آهي گهڻيئي ادبي ڪتاب ۽ لسانيات متعلق تحقيقي مقالا، مضمون ۽ تصنيفون پيش ڪري چُڪو آهي ۽ ڄاڻن ۽ عالمن کان خراج تحسين حاصل ڪري چُڪو آهي. سندس اهم تصنيفون آهن: 'سنڌي صوتيات'، 'سنڌي صورتخطي'، 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد'، 'سنڌي نثر جي تاريخ' ۽ ٻيا ڪي ڪتاب جهڙوڪ: 'سنڌي ليکڪن جي ڊائريڪٽري' ۽ '1947-1973ع تائين ڇپيل سنڌي ڪتابن جي ببليوگرافي'، ڊاڪٽوريٽ جي ڊگري لاءِ هنجو مقالو 'لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ' بہ ڇپجي چُڪو آهي پر منهنجي نظر مان گذريو ڪونهي. سندس آخري ڪتاب آهي 'سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي' جو حال ۾ 'انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي' طرفان شايع ٿيو آهي. محترم ڊاڪٽر الانا لسانيات جو ماهر آهي ۽ سنڌين مان انهن چند فداين مان آهي جن ان موضوع جو

گهرو مطالعو ڪيو آهي.

جيئن تہ ڪتاب جي سري مان ظاهر آهي تہ هيءَ پيشڪش سنڌي زبان جي چند لهجن (يعني اپپاشائن Dialects) جو مطالعو آهي. جيئن تہ فاضل اديب مهاڳ ۾ لکيو اهي تہ لساني جاگرافي جهڙي موضوع تي هڪ فرد مڪمل طور ڪم ڪري نہ سگهندو ۽ ان لاءِ سنڌي زبان جي سوداين ۽ شيداين جو هڪ جٿو کپي جو انهن مقامي لهجن ۽ محاورن ۽ لفظن جي ذخيري کي رڪارڊ ڪري. ان لاءِ وقت کپي، ناڻو کپي ۽ ان ڪانسواءِ لگن ۽ اورچائي- جيسين اهي ڪم ڪندڙ تيار ٿين تيسين الانا صاحب جو پنهنجي محنت سان مواد ڏنو آهي ان لاءِ سرحد جي ٻنهي پاسن جا عالم ۽ پارکو قدرداني ڪندا جيئن ان ڏس ۾ تيز تر گامزن ٿئي ۽ ٻين لاءِ مشعل راه بڻجي.

هن مقالي ۾ ڪن چند لهجن جو ذڪر آهي جي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، راجستان (جي هينئر هندستان جو حصو آهن) ۽ بلوچستان ۽ سرائڪي لهجي وارين ايراضين (جي پاڪستان جي حدن اندر آهن) ۾ رائج آهن. مقالي جي منڍ ۾ 'سنڌي زبان ۽ انجا لهجا' باب ۾ موجود لساني مطالعي جي مدنظر سمجهايو ويو آهي تہ زبان جي وصف ڇا آهي. صاحب موصوف آمريڪا جي لسانيات جي ماهرن جا جديد نظريا پيش ڪيا آهن. ان بعد بحث ڪيل آهي تہ ڪهڙا ڪارڻ آهن جنهن ڪري مختلف لهجا وجود ۾ اچن ٿا. مهاڳ مختصر پر مائيدار ۽ معنيٰ خيز آهي. ماهرن اٽڪل نَو ڪارڻ سوچيا آهن جن ۾ جاگرافيائي حالتون هڪ آهي. ان کي بنيادي ريت مدنظر رکي باقي بابن ۾ ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ راجستان ۾ سنڌيءَ جي ڦهلاءَ ۽ انهن هنڌن تي آدمشماريءَ جا انگ اکر ۽ نقشا وغيره ڏيئي هڪ معتبر ۽ سنڌي حوالي جو ڪتاب تيار ڪيو ويو آهي. جنهن لاءِ سنڌي خواندا ۽ عالم جناب الانا جا مرهون منت ٿيندا جيئن اڳتي بہ باقي لهجن جو اڀياس ڪري پنهنجي راين کي پيش ڪرڻ جي جنبش جاڳي.

ازانسواءِ پنهنجي تصنيف جي پنجين باب ۾ 'بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ' جي سري هيٺ سبي، لس ٻيلي ۽ ويندي مڪران تائين سنڌيءَ جي لاسي لهجي ۽ محاوري تي سير حاصل بحث ڪيل آهي. انهن جي خصوصيات، انجي وجود

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ اچڻ جي ڪارڻن ۽ تاريخي ۽ جاگرافيائي سببن جو تفصيل سان ذڪر ڇيڙيو ويو آهي.

آخري باب ۾ سرائڪي ايراضين ۾ سنڌيءَ جي ڦهلاءَ ۽ اثر ۽ خصوصيتن تي خيال آرائي ڪئي ويئي آهي. هت اهو لکڻ بيجاءِ نه ٿيندو ته ان سرائڪي لهجي جو وسيع پئماني تي گهرو مطالعو لازمي آهي. ان جي لساني تجزيي ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي. جنهن صورت ۾ جي به سنڌ جي سري جا ستارا آهن تن سرائڪي لهجي ۾ سهڻو ڪلام ۽ ڪافيون لکيون آهن. سچل سرمست، بيدل، بيڪس، پائي ايسر لال، مير جانشاه رضوي (وجون)، نانڪ يوسف، حمل فقير وغيره شاعرن اڻ ميو سرائڪي ڪلام چيو آهي جو سرائڪيءَ جي اهم شاعرن بليشاه ۽ خواجه فريد جي ڪلام کان ڪنهن به صورت ۾ گهٽ ناهي ۽ شايد بهتر پڻ.

سنڌ جي ادبي تاريخ ۾ ان سرائڪي لهجي جي شاعريءَ جو به حصو ۽ مقام هئڻ گهرجي، خاص ڪري اهو سرائڪي ڪلام جو سنڌي شاعرن جي پيشڪش آهي. سنڌي شاعرن جي ان ڪلام جو مطالعو ڪري ڪم آندل لهجي جو بهاولپور/ ملتان ۾ مستعمل سرائڪي/ ملتاني لهجي سان تقابلي جائزو ڪرڻ جڳائي. ان ڏس ۾ هڪ ٻئي ڪتاب جو به حوالو ڏيڻ واجب سمجهان ٿو جو شايد الانا صاحب جي نظر مان نه گذريو آهي. اهو آهي ڊاڪٽر مهر عبدالحق جي اردو ۾ تصنيف 'ملتاني زبان اور اس کا اردو سي تعلق' جو 1967ع ۾ اردو اڪادمي بهاولپور جو شايع ڪيل آهي.

بهرحال آخر ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب جي محنت جو اعتراف ڪرڻ کان رهي نٿو سگهان جو هن پهريون دفعو ان طرح جو مطالعو سنڌي زبان ۾ پيش ڪيو آهي. يقين اٿم ته هن سنڌي زبان ۽ علم ادب جي فدائي ۽ لسانيات جي ماهر جي قلم مان گهڻين اهم تصنيفن جي اميد رکي سگهجي ٿي.

ڪتاب ۾ مفيد ببليوگرافي ۽ ازانسواءِ نالن ۽ هنڌن ماڳن جي ڏسٽي وغيره ان جي افاديت وڌائي ڇڏي آهي."

ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، لسانيات جي ماهرن مان هڪ آهي. هُن جا مقالا،

پاڪستان ۾ مهراڻ رسالي ۾ ڇپجي چڪا آهن. جيتلي صاحب سان لسانيات جي حوالي سان ادبي نوڪ جهوڪ ٿيندي رهي آهي. هُو برهمڻ وڏيڪ آهي، ان ڪري اسان جهڙن کي ’شودر‘ سمجهندو آهي. جيتلي صاحب طرفان ڪيل تنقيد کي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي پنهنجي مقالي ”سنڌي ٻوليءَ جو محاورو“ ۾ دليل طور پيش ڪيو آهي. ڊاڪٽر جوڻيجي جو اهو مقالو سه ماهي مهراڻ جي نمبر 1992/3ع ۾ ڇپيل آهي. ڊاڪٽر جوڻيجو صاحب، جيتلي صاحب جو حوالو ڏيندي صفحي 141 تي لکي ٿو:

”حقيقت ۾ ڏٺو وڃي ته ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي) تي جيڪو سرو ڏنو ويو آهي اُن مطابق بحث ٿيل نه آهي. لساني جاگرافي (صحيح لفظ لسانياتي جاگرافي هئڻ گهرجي) جو مقصد آهي ڪنهن ٻوليءَ جي جدا جدا اُپڀاشائن، انهن جي آوازن جي خاصيت ۽ وياڪرڻي ٻيهڪ ۾ جيڪو تفاوت نظر اچي ٿو، انهيءَ جي ڇنڊ ڇاڻ ڪري، هڪ تفصيلوار بيان پيش ڪرڻ. پر هن ڪتاب ۾ سنڌي ٻوليءَ جي جدا جدا اُپڀاشائن جو اهڙي قسم جو ڪو به بيان ڏنل نه آهي، انهيءَ جي بدران جدا جدا تاريخي دورن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پسر وارن علائقن ۾، ڪهڙيءَ طرح ڦهلاءُ ٿيو. اُن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. راجستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلجڻ جا انگ اکر ۽ اتهاس نه ملڻ ڪري ليکڪ ٻن صفحن ۾ احوال لکي باب پورو ڪيو آهي“.

ڊاڪٽر جوڻيجي طرفان، ڊاڪٽر جيتلي صاحب جي ڏنل هن راءِ تي مون جيڪي وضاحتي جملا لکيا هئا. تن ۾ مون عرض ڪيو هو ته:

"جيتلي صاحب ”لسانياتي جاگرافيءَ“ جي جيڪا وصف بيان ڪئي آهي، اُها دراصل Dialect Geography جي وصف آهي ۽ نه ڪه لسانياتي جاگرافيءَ (Linguistic Geography) جي. ڊاڪٽر جوڻيجي، ماريو پاءِ (Mario Pei) جي لغت مان وصفون ڏنيون آهن. ماريو پاءِ، پنهنجي ڪتاب ڊڪشنري آف لنگئسٽڪس (Dictionary of Linguistics) ۾ صفحي 56 تي dialect جي جيڪا وصف ڏني آهي، سا هيءَ آهي:

"Dialect is a specific form of a given language, spoken in a



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

certain locality of geographic area, showing sufficient differences from the standard of literary form of that language, as to pronounciation, grammatical construction and idiomatic usage of words to be considered a distinct entity, yet not sufficiently distinct from other dialects of the language to be regarded as a different language."

پنهنجي ڪتاب جي ساڳئي صفحي (ص 56) تي ماريو پاءِ، Diallect geography جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"The Study of local linguistic differences within given speach area".

هنن ٻنهي وصفن جي ڏيڻ کان پوءِ، مون اڳتي لکيو آهي ته:

”انهن ٻنهي وصفن جي روشني ۾ آءٌ اجا به هن راءِ جو آهيان ته لساني جاگرافي ڪتاب ۾ جيڪو مواد شامل آهي سو Linguistic geography واري وصف مطابق آهي. Linguistic geography جي وصف، صفحي 124 تي بيان ڪندي، ماريو پاءِ لکي ٿو:

"Linguistic geography is that branch of linguistics which studies and classifies the geographic extension and boundaries of linguistic phenomena."

مون پنهنجي وضاحتي مقالي ۾، صفحي 115 تي عرض ڪيو هو ته:

”آءٌ اهو قبول ٿو ڪريان ته ”لساني جاگرافيءَ“ جي ڀيٽ ۾، ’لسانياتي جاگرافي‘ عنوان وڌيڪ درست آهي؛ منهنجي ذهن ۾ لفظ Linguistic geography of Sindhi language هو، جنهن جو سنڌي نعم البدل مون ”لساني جاگرافي“ ڀئي لکيو آهي، جيڪو ”لسانياتي جاگرافي“ هجڻ گهرجي.

مون پنهنجي ڪتاب ۾ جنهن سنڌ جو ذڪر ڪيو آهي اُها سنڌ اڄوڪي سرحد واري سنڌ نه، پر سومرن، سمن، ارغونن، ترخانن، ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دؤر واري سنڌ آهي، ان لحاظ کان اُن وقت سنڌ جون جيڪي جاگرافيائي حدون هيون، يا اهي خطا جيڪي تذهوڪي سنڌ جي ماتحت نه هئا، پر سنڌي ٻولي انهن ملڪن ۽ رياستن تائين پنهنجا اثر وڌايا هئا، جنهن سبب جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي سرحدن ۾ به واڌارو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو هو، جن جو ذڪر لساني/ لسانياتي جاگرافيءَ ۾ ڪيل آهي.

ان دليل جي آڌار تي ڪتاب جو نالو بيشڪ لسانياتي جاگرافي رکجي (جيئن عمر چند صاحب سندس ڪتاب ۾ صفحي 20 تي لکيو آهي) پر مواد اهوئي آهي جيڪو "ماريو پاءِ" جي وصف تي لهي ٿو اچي. هن ڪتاب ۾ سر گريئرسن سندس ڪتاب Linguistic Survey of India جي جلد انين جي پارٽ پهرئين ۾ هيئن فرمايو آهي:

"Sindhi has extended its isoglosses beyond the geographical boundaries of Sind."

جيٽلي صاحب جو حوالو ڏيندي، ڊاڪٽر جوٽيجو ساڳئي مقالي ۾ صفحي 141 تي لکي ٿو:

"لساني جاگرافي ڪتاب ۾، سنڌي ٻوليءَ جي اُپڀاشائن جي وياڪرڻي تفاوت وغيره تي بحث ڪيل نہ آهي."

ڊاڪٽر جوٽيجي صاحب جي انهيءَ تنقيدي راءِ تي مون پنهنجي جواب ۾ هيئن عرض ڪيو هو:

"ان ڏس ۾ منهنجو هيءُ عرض آهي تہ محترم ڊاڪٽر جيٽلي ۽ جوٽيجو صاحب منهنجي انهيءَ ڪتاب (لساني جاگرافي) جا صفحا 45 کان 49، 110 کان 111، 132 کان 135، 152 کان 157 ۽ 235 کان 239 تائين پڙهي ڏسن. انهن صفحن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڪڇي، فراڪي، جدگالي لهجن کان سواءِ بلوچيءَ تي سنڌيءَ جو اثر ۽ سرائڪي ۽ سنڌيءَ جي صوتيات، صرف ۽ نحو، ۽ علم معانيءَ جي باري ۾ گهڻي معلومات موجود آهي" (ص 116).

مون مٿي چيو آهي تہ هن ڪتاب جو نالو "لساني جاگرافيءَ جي بدران لسانياتي جاگرافي وڌيڪ مناسب ٿئي ها. مون ائين بہ عرض ڪيو آهي تہ:

"دراصل منهنجو هي ڪتاب ڊائليڪٽالاجي (dialectology) متعلق نہ آهي پر لسانياتي جاگرافيءَ متعلق آهي، جنهن جي واضح وصف ماريو پاءِ ڏني آهي، ان لحاظ کان منهنجو مذڪور ڪتاب چند صاحب طرفان واضح ڪيل پوئين نڪتي جي باري ۾ بلڪل صحيح معلومات ٿو ڏئي، جيئن چند صاحب، سندس ڪتاب ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صفحي 20 تي فرمايو آهي، هو لکي ٿو:

”جنهن صورت ۾ پاڻ وٽ ’لنگوسٽڪس‘ کي ’علم اللغة‘ يا ’علم اللسان‘ جي بدران ’لسانيات‘ چئجي ٿو، ان صورت ۾ اسان تي لازمي آهي تہ ’لنگوسٽڪس‘ جي صفت، ’لنگوسٽڪ‘ جي لاءِ ’علم اللغة‘ يا ’علم اللسان‘ جي صفتن (لغوي يا لساني) ڳولهڻ جي بدران ’لسانيات‘ جي صفت استعمال ڪريون، جيڪا ٿيندي لسانياتي، ٻئي طرف جيڪڏهن ’لغت‘ جي صفت ’لغوي‘ ۽ لسان جي لساني آهي تہ ضروري ٿيندو تہ ’علم اللغة‘ ۽ ’علم اللسان‘ لاءِ ’لغوي‘ ۽ ’لساني‘ کان سواءِ ٻيا ڪي لفظ استعمال ڪجن، جيئن ’لغة‘ ۽ ’لسان‘ ۽ ’علم اللسان‘ جي صفتن ۾ فرق ڪري سگهون. انهيءَ لحاظ کان ’لنگوسٽڪ‘ جي لاءِ ’لسانياتي‘ استعمال ڪرڻ وڌيڪ موزون ٿئي ها ۽ ڪتاب جو نالو هوند رکجي ها: ’سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافي‘.

مطلب تہ جيڪڏهن ڪتاب جو نالو ’لساني جاگرافي‘ جي بدران ’لسانياتي جاگرافي‘ رکجي ها تہ ٺيڪ ٿئي ها. بقول عمر چند صاحب جي هي ڪتاب سڀ گهرجون، ضرورتون ۽ وصفون پوريون ڪري ٿو.

مون اهو قبول ڪيو آهي تہ ’لنگوسٽڪ جاگرافي‘ جي لحاظ کان هي ڪتاب لکيل آهي ۽ انگريزيءَ جي بدران سنڌيءَ ۾ ’لساني جاگرافي‘ نالو رکيو ويو. جنهن ۾ ’لسانيءَ‘ جي بدران ’لسانياتي‘ لفظ ڪم آڻڻ وڌيڪ درست لڳي ها.

بهرحال هن ڇاپي ۾ بہ مون هن ڪتاب جي عنوان (لساني جاگرافي) ۾ ڪا بہ تبديلي ڪا نہ آندي آهي ڇاڪاڻ تہ اُستاد، شاگرد توڙي عام پڙهندڙ، هن عنوان سان 1979ع کان وٺي مانوس ٿي چڪا آهن. پڙهندڙ ڄاڻن ٿا تہ سنڌيءَ جي پهچ ۽ پکيڙ جي سلسلي ۾ سنڌ جي قومن ۽ نسلن جي تاريخ ۽ -Ethno Archaeology جي علم جي باري ۾، سنڌ جي سماجي لسانيات جي اڀياس جي سلسلي ۾، سنڌ جي سياسي تاريخ جي حوالي سان، سنڌ جي جاگرافيائي تاريخ واري باب ۾ هي ڪتاب پنهنجو اهم مقام رکي ٿو. اڄ جيڪڏهن چاهيان ها تہ سر

گرئيرسن، ڪاڪي ڀيرومل ۽ ٻين انگريز ماهرن جي ڪتابن مان صفحن جا صفحا نقل ڪري، سڀ ڪجهه پنهنجي نالي ۾ ڇپائي ڇڏيا ها. پر مون ائين نه ڪيو. هن ڪتاب جو مطالعو ثابت ڪري ته سنڌي زبان ۾ تحقيقي ادب واري شعبي ۾ هن ڪتاب کي شامل ڪري خوشي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

بهرحال مون ٻئي ڇاپي جي "ح" صفحي تي عرض ڪيو هو ته:

"هت هڪ حقيقت واضح ڪري ڇڏيان ته هيءُ موضوع سياسي، سماجي، علمي، ادبي، مذهبي ۽ جاگرافيائي تاريخ جي موضوع تي لکيل ڪتابن تُوڙي مشاهدي سان گهٽ واسطو ٿو رکي. مون پنهنجي سر ڪافي ڪتابن جو مطالعو ۽ سرزمين جو اڀياس پڻ ڪيو آهي. انهيءَ هوندي به آءٌ اها هام نٿو هڻان ته هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل هر ڳالهه حرف آخر آهي. مثال طور سبيءَ واري علائقي ۾ ڪم ايندڙ لاڙيچي ٻوليءَ جي باري ۾ ڪجهه به نه لکيو اٿم. ممڪن آهي ته فراڪي ۽ لاڙيچي ٻوليون ساڳيون هجن. اهڙيءَ طرح کيتراني ٻوليءَ جي باري ۾ مواد شامل نه ڪري سگهيو آهيان. ساڳيءَ طرح سرائڪي ايراضيءَ ۾، سرائڪي زبان جا اهي شاعر جن سنڌي زبان ۾ به شاعري ڪئي آهي، انهن جو احوال ڏيئي نه سگهيو آهيان. بلڪل اهڙيءَ طرح جهل مگسيءَ جي مگسي شاعرن جو احوال به گهٽ ڪو نه ڏنو اٿم. هي ڪتاب انهيءَ لحاظ کان مڪمل احوال نه پر هڪ ڍانچو سمجهڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪافي اضافو آڻي سگهجي ٿو. آءٌ هن سلسلي ۾ وڌيڪ لکڻ مناسب نٿو سمجهان."

جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم ته هن ڪتاب ۾ سنڌي لسانيات جي ڌار ڌار موضوعن کان سواءِ قديم سنڌ جي وسعت، تاريخ، جاگرافي، نسلي، آرڪيالاجي ۽ معاشرتي تاريخ جي باري ۾ گهٽوئي مواد ملي ٿو.

آءٌ سنڌالاجيءَ جي پبليڪيشن شعبي جي هر ڪارڪن، خصوصاً ديوان وليرام ولڀ، نياڻي رضيه ٻگهيو ۽ پياري الهه بچائي "ناز" پٽي جو شڪرگذار آهيان، جن هن ڪتاب جي ٽئين ڇاپي جي ڇپائڻ جو بندوبست ڪيو. هن ڏس ۾

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

الهہ بچائي "ناز" پتي، پريس جا چڪر ڪاٽيا ۽ مون کي پنڌ کان ڇڏايو. هن سلسلي ۾ آءٌ سنڌ يونيورسٽي پريس جي مئنيجر محترم شهزادي گلفام جو بہ شڪر گذار آهيان جو هن سنڌ يونيورسٽي پريس جي ڪمپيوٽر سيڪشن مان، هن ڪتاب جو موادِ ڪمپوز ڪرايو، پروف پڙهيا، پليٽون ٺهرايون، مواد پيسٽ ڪرايو، جيڪو گهڻي جوابداريءَ جو ڪم آهي.

آخر ۾ آءٌ منهنجي دوست ۽ ساٿي، محترم عبدالقادر جوڻيجي جو ٿورائتو آهيان، جو هن، هن ڪتاب جي ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ دلچسپي ورتي ۽ ٽئين ڇاپي پڌري ڪرڻ جو فيصلو ڪرايو.

گهڻي ڪوشش جي باوجود، وقت نہ ملڻ سبب، آءٌ هن ڪتاب جي مواد ۾ ڪو بہ اضافو ڪري نہ سگهيو آهيان، جنهن جو احساس اٿم. سنڌ جي ماڻهن، عالمن، اُستادن، شاگردن ۽ سنڌي لسانيات سان دلچسپي رکندڙ دوستن جي آڏو شرمسار آهيان. مون کي فخر آهي جو سنڌي ماڻهن منهنجي هن محنت جو قدر ڪيو آهي، اُن جو ثبوت هن ڪتاب جو هي ٽيون ڇاپو ڇپجي ظاهر ٿي رهيو آهي جنهن لاءِ رب ڪريم جا شڪر ۽ لاتعداد احسان مڃيان ٿو.

سنڌي زبان جو فدائي

**غلام علي الانا**

# ناشر طرفان

(ٽيون ڇاپو)

سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي ڪتاب جو ٽيون ڇاپو پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندي ادارو گهڻي خوشي محسوس ٿو ڪري.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي هن وقت تائين 163 ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا آهن جن ۾ علم ادب جي ٻين موضوعن کان سواءِ صرف لسانيات جي موضوع تي 5 ڪتاب ڇپائي سنڌي لسانيات جي موضوع جي قابل قدر خدمت ڪئي آهي. لسانيات جو موضوع ڪو نئون ناهي، البت جديد لسانيات واري شعبي ۾ پاڪستاني ٻولين ۾ ايترا گهڻا ڪتاب شايع نہ ٿيڻ جي باوجود سنڌي زبان ۾ ٻوءِ بہ چڱو مواد ڇپجي چڪو آهي.

هن ڪتاب جي مجٽوتيءَ جي باري ۾ مصنف طرفان لکيل پيش لفظن ۾ تفصيل سان لکيو ويو آهي، انهيءَ ڪري ان کي دهرائڻ جي ضرورت نہ آهي. هي ڪتاب لسانياتي جاگرافيءَ جي ڏسِ ۾ هڪ اهڙو ڪتاب آهي جنهن ۾ موضوع جي باري ۾ ڪافي مواد موجود آهي جيڪو پڙهندڙن لاءِ سٺي معلومات مهيا ڪري ٿو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي هن ڪتاب جو ٽيون ڇاپو ڇپائي لسانيات جي ڏسِ ۾ اڳتي قدم کنيو آهي.

اُميد تہ لسانيات جي موضوع سان دلچسپي رکندڙ سڄڻ هن ڪتاب مان چڱو لاڀ پرائيندا.

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

ڊائريڪٽر

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

ڄامشورو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

## (ٻيو ڇاپو)

پڙهندڙ دوستن کي معلوم آهي تہ هن ڪتاب جو پهريون ڇاپو جولاءِ 1979ع ۾ شايع ٿيو هو، يعني هن قسم جي خشڪ موضوع وارو ڪتاب ڇئن سالن اندر ٻيو دفعو ڇپجي ظاهر ٿيو آهي. ان مان اِهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ لسانيات وارو موضوع سنڌ جي عام پڙهندڙن جي دل پسند موضوعن مان هڪ آهي.

لسانيات جي علم تي سنڌي زبان ۾ هن وقت تائين چڱا خاصا مضمون ۽ ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا آهن، ۽ هن علم جو شوق ڏينهون ڏينهن وڌندڙ آهي.

هن ڪتاب جي مقبوليت جو وڏي ۾ وڏي ثبوت هي آهي جو هن ڪتاب کي ٻن ادبي اوارڊن لاءِ بهترين ڪتاب سمجهيو ويو.

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڪارڪردگيءَ جي باري ۾ هاڻي ڪجهہ لکڻ اسان لاءِ مناسب بہ نٿو لڳي ڇو تہ هي ادارو رب پاڪ جي ڪرم سان ۽ دوستن ۽ سڄڻن جي نيڪ تمنائن سان، بين الاقوامي اداري جي حيثيت وٺي چڪو آهي. هن اداري جتي لائبرري، مائڪرو فلمنگ سيڪشن، سائونڊ آرڪائيوز، ميوزيئم ۽ آرٽ گئلريءَ جهڙا شعبا قائم ڪيا آهن، اُتي شعبہ تصنيف و تاليف ۽ ترجمي ذريعي ڪافي معياري ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا آهن، جيڪي سنڌي زبان جي پڙهندڙن تہ خير، پر پاڪستان جي ٻين زبانن جي اديبن، عالمن ۽ فاضلن پڻ پسند ڪيا آهن.

مون کي اميد آهي تہ هن موضوع تي ٻيا بہ ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويندا تہ جيئن لسانيات جي علم سان دلچسپي رکندڙ ساٿي پنهنجي علم ۽ ڄاڻ ۾ واڌارو ڪري سگهن.

3 - جون 1983ع

سنڌي زبان جو فدائي

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

پروفيسر انچارج

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مهاڳ

(ڇاپو پهريون)

سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ واري موضوع تي لکڻ، ان لاءِ جاگرافيائي حدون مقرر ڪرڻ، در اصل ڪنهن اڪيلي ماڻهوءَ جو ڪم نہ آهي. هن موضوع تي تحقيق ڪرڻ، مواد گڏ ڪرڻ لاءِ ڪارڪنن جو هڪ جٿو گهرجي، جيڪي ڪڇ، ڪاٺياواڙ، راجستان، بهاولپور (سابق رياست واري ايراضي)، بلوچستان جي ڪيتران، ساراوان، جهالاوان، قلات، لس ٻيلي، مڪران ۽ ويندي ايران واريءَ سرحد تائين پهچن، مقامي ماڻهن سان ملن ۽ مواد رڪارڊ ڪن. هرهڪ ڪارڪن وٽ هڪ ڪيسٽ رڪارڊر هجي ۽ هڪ سوالنامو پڻ ساڻ هجي، جنهن جي آڌار تي هو مقرر خطي ۾، ان خطي ۾ مروج سنڌي ٻوليءَ جي لهجي، ۽ ان لهجي جي محاوري جا نمونا رڪارڊ ڪندو وڃي، ۽ ماڻهن سان ڳالهائيندو وڃي. ائين ڪرڻ سان ئي سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ تي صحيح ۽ سائنسي طريقي سان ڪم ڪري سگهبو.

هن ڏس ۾ اسڪيم جو ڍانچو تيار ڪيو ويو آهي، جنهن تي باقائدگيءَ سان ڪم ڪرڻ لاءِ وڏي رقم درڪار ٿيندي، جنهن تي في الحال عمل درآمد ڪرڻ جو پروگرام ڪونهي، پر جيڪڏهن زندگيءَ وفا ڪئي ۽ حڪومت طرفان مدد ملي ۽ ساٿين سهارو ڏنو تہ هيءُ ڪم ڪو مشڪل نہ آهي. هن ڏس ۾ ڪجهہ ڪم هٿ ۾ کنيو ويو آهي.

هن ڪتاب ۾ في الحال انهيءَ اسڪيم متعلق تجويز ڪيل نہ آهي. مذڪوره اسڪيم جي مڪمل ٿيڻ کان پوءِ، نہ فقط سنڌيءَ ٻوليءَ جي ڌار ڌار لهجن ۽ مهاورن جا نمونا سامهون ايندا، پر هر لهجي ۽ محاوري جي نموني تي جديد تشريح ۽ تقابلي لسانيات جي اصولن موجب سنڌي ٻوليءَ جي صوتي، صرفي،

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نحوي صورتن جو تجزيو ڪري سگهبو: جنهن ۾ هر لهجي ۾ هر محاوري جا خاص لفظ، اصطلاح چوئيون ۽ پهاڪا بہ گڏ ٿيل هوندا. هڪ معياري لفظ لاءِ مختلف لهجن ۽ محاورن ۾ ڪهڙا ڪهڙا نعم البدل لفظ ڪم اچن ٿا: هڪ معياري لفظ لاءِ مختلف خطن ۾ ڌار ڌار ڪهڙا ڪهڙا لفظ ڪم ايندا آهن. مختلف خطن جا اهي ڪهڙا لفظ آهن، جيڪي معياري لهجي ۾ مروج نہ آهن. جڏهن انهيءَ اسڪيم مطابق سنڌي زبان جو، مختلف لهجن ۽ جاگرافيائي حدن موجب مواد گڏ ڪيو ويندو، تڏهن انهيءَ گڏ ڪيل مواد جي مدد سان نہ فقط سنڌي زبان جي لغت ۾ ڪافي اضافو ٿيندو، ۽ وياڪرڻ جون انوکيون ڳالهيون نمودار ٿينديون. پر علم الانسان (Anthropology) جي مطالعي ۾ دلچسپي رکندڙ عالمن کي ڪم ڪرڻ لاءِ وڏيڪ مواد مهيا ٿي ملندو.

اهو هڪ وڏو ڪم آهي، جو مون جهڙي هڪ ادنيٰ انسان لاءِ سر تي کڻڻ ناممڪن آهي، ان ڪري هن ڪتاب ۾ في الحال، ٿلهي ليکي، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ جون حدون مقرر ڪيون ويون آهن، تہ جيئن پڙهندڙن کي معلوم ٿي سگهي تہ سنڌي زبان جون جاگرافيائي حدون برصغير ۾ ڪيستائين ڦهليل آهن، انهن حدن تائين سنڌي زبان جو ڦهلجڻ ۽ پکڙجڻ جا سبب ۽ ڪارڻ ڪهڙا هئا؟ هن سلسلي ۾ لسانيات جي جڳ مشهور ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، ڪوشش ڪري انهن اصولن جي راهہ ورتي، هن ڪتاب ۾ سنڌي زبان جي لساني جاگرافيائيءَ واري موضوع تي ڇنڊڇاڻ ڪئي ويئي آهي، ان کان سواءِ سرگريئرسن، ڊاڪٽر سورلي، ڊاڪٽر بلوچ، ڪاڪي ڀيرومل ۽ ٻين ملڪي توڙي غير ملڪي ماهرن جي ڪتابن ۾ بيان ڪيل سنڌي ٻوليءَ جي لساني حد بندين کي پڻ سامهون رکيو ويو آهي: تہ جيئن پڙهندڙ منهنجي دعوي کي خوش فهمي سمجهي، يا سنڌي زبان جي عشق ۾ غرق سمجهي، "وڏي دعوي ڪندڙ" وارو الزام نہ هڻن.

جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ هيٺ حاشيي ۾ حوالا پڻ ڏنا اٿم، انهيءَ هوندي بہ مواد رهجي ويو هو، جو مون کي ٻوءِ ڪن سڄڻن جي معرفت هٿ آيو. منهنجي جماعت جي هڪ ڪاٺياواڙي دوست مسٽر جعفر ڀائي جنهن جي مادري زبان ڪاٺياواڙي (سنڌي لهجو) آهي، تنهن سان هن سلسلي ۾ گفتگو ڪندي معلوم ٿيو

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تہ موجوده هندستان ۾ بہ ميمڻ، خواجا ۽ ٻيا مسلمان ماناوادر، جھونا ڳڙھ، ڪتياڻا، ڌوراجي، ٻانٽوا ۽ پور بندر ۾ گھڻو ڪري ڪڇي ۽ ڪانياواڙي ٻوليون (سنڌيءَ جا لهجا) ڳالهائيندا آهن.

اهڙيءَ طرح هر خطي ۾ ڪيسٽ رڪارڊر ذريعي سارو مواد رڪارڊ ڪيو ويندو، تڏهن اڻاھہ ساگر تي قبضو ڪري سگھبو، جنهن جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ سان، بي انتها مواد ميسر ٿي ويندو، جيڪو سنڌ جي سماجي، سياسي، تجارتي ۽ اقتصادي تاريخ جي املھہ مواد تي نئين روشني وجھندو.

هن ڪتاب ۾ اهي سبب ۽ ڪارڻ بيان ڪيل آهن جن ذريعي اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي ويئي آهي تہ سنڌي زبان نہ صرف برصغير ۾ پکڙيل پر ان جا ڳالهائيندڙ دور دراز علائقن، هڪ طرف هوائي ٻيٽن، ٻئي طرف پئسفڪ سمنڊ جي فيجي ۽ سالومن ٻيٽن، ٽئين طرف مغربي آفريڪا جي نائجيريا ملڪ، ۽ اهڙي طرح آمريڪا، ڪئناڊا تائين وڃي رسيا آهن ۽ سوين سال گذرڻ جي باوجود هو گھرن ۾ پنهنجي مادري زبان سانديو اچن.

هن ڏس ۾ هت هڪ ٻي ڳالھہ بيان ڪرڻ ضروري ٿو سمجھان. تازو هونو لولو ۾ ثقافت تي ڪونايل هڪ ڪانفرنس ۾ شامل ٿيڻ جي مون کي بہ دعوت ملي. ان ڪانفرنس جي موقعي تي انڊونيشيا جي Keris جي نمائش جو اهتمام ڪيو ويو هو. ان نمائش ۾ هڪ خنجر، وچ ۾ اجرڪ جهڙي ڇريل ڪپڙي مٿان هڪ اسٽئنڊ تي سينگاريل رکيو ويو هو. اهو ڪپڙو سواءِ معمولي ڦير گھير جي بلڪل اجرڪ جهڙو ٿي لڳو. نمائش جي اهتمام ڪندڙ کان مون جڏهن ڪپڙي جي باري ۾ پڇيو تڏهن هن جواب ڏنو تہ هي انڊونيشيا ۾ تيار ٿئي ٿو. هن ٻڌايو تہ ڪي دوست چون ٿا تہ هيءَ ڇُرَ ڪجھہ عرصو اڳ، هندستان کان آيل واپاري آڻيندا هئا. مون ڪائنس "سنڌ ورڪين" جي وٿج واپار بابت پڇيو ۽ هن ڪپڙي جي سنڌ مان وڃڻ جي باري ۾ پنهنجا شڪ ٻڌايا. هو خود حيران ٿي ويو تہ سنڌ جا واپاري ايترو پري بہ ويندا هئا.

جيئن مٿي عرض ڪيو اٿم تہ هي موضوع گھڻي محنت، گھڻو وقت ۽ گھڻا ساٿي ٿو گھري. مون کي هن ڪتاب جي مختلف بابن لکڻ ۾ ڪافي وقت لڳو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي خيال ۾ هن ڪتاب لکڻ ۾ مون کي چار سال کن لڳي ويا آهن. انهيءَ هوندي به سرائڪي ايراضيءَ ۽ راجستان ۾ سنڌي ٻولي جي ڦهلاءَ متعلق گڏ ڪيل مواد مان آئون مطمئن نه آهيان.

هت هڪ حقيقت واضح ڪري ڇڏيان ته هيءُ موضوع سياسي، سماجي، علمي، ادبي، ۽ مذهبي تاريخ ۽ جاگرافيائي تاريخ جي موضوع تي لکيل ڪتابن توڙي ذاتي مشاهدي سان گهڻو واسطو نه رکي. مون پنهنجي سر ڪافي ڪتابن جو مطالعو ۽ سر زمين جو اڀياس پڻ ڪيو آهي. انهيءَ هوندي به آءٌ اها هام نٿو هڻان ته هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل هر ڳالهه حرف آخر آهي. مثال طور سبيءَ واري علائقي ۾ ڪم ايندڙ "لاڙيچي ٻوليءَ" جي باري ۾ ڪجهه به نه لکيو اٿم. ممڪن آهي ته "فراڪي" ۽ لاڙيچي" ٻوليون ساڳيون هجن. اهڙيءَ طرح کيتراني ٻوليءَ جي باري ۾ مواد شامل ڪري نه سگهيو آهيان. ساڳيءَ طرح سرائڪي ايراضيءَ ۾ سرائڪي زبان جا اهي شاعر جن سنڌي زبان ۾ به شاعري ڪئي آهي، انهن جو احوال ڏيئي نه سگهيو آهيان. بلڪل اهڙي طرح جهل مگسيءَ جي مگسي شاعرن جو احوال به گهٽو ڪونه ڏنو اٿم. هي ڪتاب انهيءَ لحاظ کان مڪمل احوال نه پر هڪ ڍانچو سمجهڻ گهرجي، جنهن ۾ ڪافي اضافو اچي سگهجي ٿو.

آءٌ پنهنجي عزيز ڀيڻ ۽ سنڌ يونيورسٽي جي جاگرافي شعبي جي ليڪچرار محترمه مهرالنساءِ پنهور جو شڪر گذار آهيان، جنهن مون کي لساني جاگرافيءَ جا نقشا مهيا ڪيا. هن ڪتاب ۾ سر گريئرسن جي جڳ مشهور ڪتاب Linguistic Survey of India جي جلد انين ۾ ڏنل نقشو ۽ 1931ع ۾ شايع ڪيل Census Report ۾ مروج مختلف ٻولين جي نقشي جو عڪس ڏنو ويو آهي. اهي نقشا آنجهاني ڊاڪٽر سورلي ۽ سر گريئرسن جا تيار ڪيل آهن. انهن نقشن لاءِ آءٌ انهن ٻنهي آنجهاني بزرگن جا ٿورا نه مڃان. آءٌ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي مشاورتي بورڊ جي هر ميمبر جو عموماً ۽ چيئرمين ۽ سنڌ يونيورسٽي جي وائيس چانسيلر جو خصوصاً شڪرگذار آهيان، جن هي ڪتاب ڇپائيءَ لائق سمجهي، ان جي ڇپائڻ جي اجازت ڏني. آءٌ محترم عبدالقادر جوڻيجي، مسٽر الله بچائي "ناز" ڀٽي جو پڻ ٿورائتو آهيان، جن هن ڪتاب جي ڇپائڻ ۾ دلچسپي ورتي.

آءٌ سنڌ يونيورسٽي پريس جي مئنيجر جناب اعجاز محمد صديقي ۽ سنڌس عملي خاص ڪري مولانا محمد حسن بلوچ جو بہ شڪر گذار آهيان، جن هن ڪتاب جي سهڻي ڇپائي ۽ گيٽ اپ ۾ دلچسپي ورتي.

مون کي خوشي تڏهن ٿيندي، يا پنهنجي محنت جو ڦل انهيءَ ۾ سمجهندس جڏهن بلوچستان، بهاولپور ۽ رحيم يار خان جي مختلف خطن ۾ رهندڙ يا ٻين هنڌان ڪي سڄڻ منهنجي اوڻاين ۽ غلطين طرف منهنجو ڌيان ڇڪائيندا، آئون سندن ٿورائتو رهندس.

مون کي اُميد آهي تہ سنڌ جو هر فرد عام طور شاگرد طبقو خاص طور هن ڪتاب مان فائدو حاصل ڪندو.

غلام علي الانا

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ناشر طرفان

## (ڇاپو ڀهريون)

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي ڪارڪردگيءَ جو ڦهلاءُ هاڻ ايستائين پهچي چڪو آهي جو اها ڳالهه ڪنهن کان لڪل نه رهي آهي ته هن اداري سنڌ جي ثقافت، ادب ۽ زبان جي جيڪا خدمت ڪئي آهي، اها ڳڻپ ۾ اچڻ جهڙي آهي.

هونئن ته هن اداري ڪي پنهنجا ٻيا به شعبا آهن، جيڪي ڀرپور طريقي سان سنڌ جي ثقافت ۽ علم جي خدمت ڪري رهيا آهن، پر هتي مقصد صرف پبليڪيشن سان آهي.

هن شعبي طرفان علم ۽ ادب جي مختلف شاخن تي سنڌي، عربي، اردو، انگريزي ۽ پنجابي زبانن ۾ ڪافي ڪتاب ڇپائي پڌرا ڪيا ويا آهن ۽ انهن ڪتابن جي پڙهندڙن وٽان جوڳو داد حاصل ڪيو ويو آهي؛ نه رڳو اهو پر تازو هن اداري جي ٻن ڪتابن "رسالہ شاهہ لطيف" ۽ "سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج" ۽ "سنڌي الف - ب جي ارتقا" بين ال پاڪستاني اعزاز به حاصل ڪيا آهن.

سنڌ جي علم پڙهندڙن جي حلقن ۾ توڙي نصابي ۽ علمي حلقن ۾ عام طور تي اهو سوال ايرندو رهيو آهي ته سنڌي زبان ڪڏهن ۽ ڪهڙن علائقن ۾ پکڙبي رهي آهي، ۽ ان جي ارتقا ڪيئن ٿيندي رهي آهي؟ انهن سوالن کي عقلي بنياد تي حل ڪرڻ جي ڏس ۾ هيءُ ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي" تمام گهڻي اهميت رکي ٿو.

هن ڪتاب مان ڪيترن ئي اهڙن سوال جا جواب ملي ويندا، جيڪي پڙهندڙ جي نظر کان اڳ ۾ ڳجها رهيا آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻي لدارو هيڙي قسم جو ڪتاب ڇپائي شايع ڪرڻ ۾ فخر محسوس ٿو ڪري ۽ اها به اميد ٿو رکي ته پڙهندڙ هن ڏس ۾ رايا موڪليندا؛ نه رڳو ڪتاب جي باري ۾، پر اداري طرفان سڀني ڪتابن جي باري ۾ به، ته جيئن اسان انهن راين جي روشنيءَ ۾ بهتر کان بهتر مواد ڏيڻ جي ڪوشش ڪري سگهون.

سنڌي زبان جو فدائي

**ڊاڪٽر غلام علي الانا**

پروفيسر انچارج

انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# اِنتساب

سنڌ جي محب وطن، ثقافت دوست ۽
دوستن سان پيار ونڊيندڙ شخصيت
مرحوم ارباب نور محمد پليجي
جي نالي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 1

# سنڌي زبان ۽ ان جا لهجا

1 ـ ڪنهن به سماجي گروهه ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي 'ٻولي' سڏجي ٿو. لسانيات جي جڳ مشهور امريڪي ماهرن، بلاڪ ۽ ٽرئگر (Bloch & Trager) جي ڏنل وصف به مٿينءَ وصف سان نهڪي ٿي اچي. هو لکن ٿا:

"Language is a system of arbitrary vocal symbols by means of which a social group co-operates (1)."

سنڌي ڪتابن ۾ هيئن به چيو ويو آهي ته "زبان خيالن جي اظهار جو وسيلو آهي" (2). اها وصف جيتوڻيڪ پراڻي آهي تڏهن به ماهرن جي نظر ۾ مقبول آهي.

2 ـ هر انسان، سماجي گروهه جو هڪ فرد آهي، هو ڪڏهن ڪڏهن هڪ کان به وڌيڪ گروهن ۾ شامل هوندو آهي، تنهن ڪري هو سماجي ۽ معاشي معاملن ۾ زبان تي گهڻو مدار رکي ٿو. زبان کان سواءِ ڪنهن به انساني معاشري کي سمجهڻ مشڪل آهي. زبان هڪ ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي هڪ انسان جي 'طلب' (Stimulus) جو ٻيو انسان 'جواب' (Response) ڏئي ٿو. ماهرن جو رايو آهي ته زبان تهذيب ۽ تمدن جو بنياد يا پاڙ آهي. علم اللسان جي هڪ ٻئي جڳ مشهور امريڪي ماهر بلومفيلڊ (Bloomfield) جو رايو آهي ته: "هرڪا قوم زبان جي عمل سان ئي ٻنجي ٿي" (3). انسان ذات جي گروهه بنديءَ جي مطالعي لاءِ لازمي ٿيندو ته اول ان گروهه جي زبان جو مطالعو ڪجي، جيڪڏهن ڪو چاهي ته ڪنهن قوم جي طور طريقن، اٿڻي ويهڻيءَ، لباس، کاڌي خوراڪ، تهذيب ۽ تمدن

---

(1) Bloch B. and Trager G.L., "*An Outline of Linguistic Analysis*", Linguistic of America, 1942, p.5.

(2) گربخشاڻي هه م: مقدمه لطيفي، حيدرآباد، اسلاميه پريس، 1950ع، ص 138.

(3) Bloomfield, L., *Language*, London. George Allen & Unwin Ltd., 1961, p. 42.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو مطالعو ڪري ته ڪيس گهرجي ته ان قوم جي زبان جو باقاعدگيءَ سان مطالعو ڪري؛ مثي بيان ڪيل وصف، زبان جو سماجي عمل ڏيکاري ٿي.

زبان هڪ سماجي گروهه ۾ ئي زنده رهي سگهي ٿي. جيئن سماجي گروهه زبان لاءِ ضروري آهي، تيئن زبان به سماجي گروهه لاءِ ضروري آهي. ڇاڪاڻ ته زبان هڪ اهڙو وسيلو آهي جو هڪ انسان پنهنجن سڀني سرگرمين ۾ استعمال ڪري ٿو، مثلاً شڪار ۾، روزانه وهنوار ۾، وڻج واپار ۾، ڪرت ۽ ڌنڌن ۾، مڃي مارڻ ۽ هارپ وغيره ۾.

دنيا جون اڪثر قومون ٻولين جي لحاظ کان به هڪ ٻئي کان علحدگي رکن ٿيون، ۽ ڪي ته ٻولين جي نالن سان شمار ڪيون ويندون آهن. ٻولين جي نالن سان سڏيون وينديون آهن ۽ انهن نالن جي لحاظ سان هڪ جداگانه گروهه بنائين ٿيون (1). ڪن ملڪن ۾ اُتي جا رهواسي، مختلف ٻوليون ڳالهائڻ جي ڪري، انهن ٻولين جي نالن پنيان ننڍيون ننڍيون قومون سڏجن ٿا. اهي قومون سواءِ ڪنهن متڀيد جي، يا سواءِ ڪنهن جهيڙي جهڳڙي جي، هڪ ٻئي سان گڏ رهن ٿيون. پولنڊ ملڪ جو هڪ شهر پولش (Polish) ۽ جرمن (German) ٻوليون ڳالهائيندڙ قومن تي مشتمل آهي. مذهبي لحاظ کان، انهن مان ٻهريان ڪئٿولڪ آهن، ۽ ٻويان يهودي آهن. ساڳيءَ طرح پاڪستان حالانڪه هڪ ملڪ آهي پر ٻوليءَ جي اصول موجب هن ملڪ جا رهواسي پاڻ کي سنڌي، بلوچ، پنجابي، پختون، بروهي ۽ سرائڪي سڏائين ٿا. حالانڪ سواءِ ٿورن جي باقي تمام وڏي اڪثريت جو مذهب اسلام آهي.

3 - اها ثابت ٿيل حقيقت آهي ته ڪي ٻه ماڻهو هڪ جهڙو ڳالهائي نه سگهندا آهن، ڇاهي اهي ساڳئي خطي ۽ ماحول جا ڇو نه هجن (2)؛ مثال طور ڪو لاڙڪاڻي جو رهاڪو حيدرآبادين جي محفل ۾ ويهندو، ته جيتوڻيڪ ان جي ٻولي به ساڳي سنڌي آهي، پر اُچار جي طريقي (Accent) ۽ جهيلار (Intonation) مان ٻنهي، يعني لاڙڪاڻي جي رهاڪوءَ ۽ حيدرآباد جي رهاڪوءَ جي ٻوليءَ ۾ ٻڌندڙ

(1) Bloomfield, L., *Language*, London. George Allen & Unwin Ltd., 1961, p. 42.

(2) Jones, D., *An Outline of English Phonetics*, Cambridge W. Heffer & Sons Ltd., 1960, P.11.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ ۾ ڪي فرق محسوس ڪري سگھندا. بلڪل ساڳيءَ طرح، حيدرآباد جا ڪي ٻه ٻه رهاڪو هڪ جهڙو هرگز ڳالهائي نه سگھندا، يعني ٻنهي جي گفتار (Utterance) ۾ ضرور فرق هوندو. نه رڳو ايترو، پر جيڪڏهن غور ۽ ڌيان سان ٻڌبو ته معلوم ٿيندو ته ڪو به ماڻهو جدا جدا موقعن تي، ساڳيو جملو، هڪ ئي يعني ساڳئي نموني سان ڳالهائي نه سگھندو آهي (1). اهڙي قسم جو فرق ۽ تفاوت هر ٻوليءَ جي تاريخ ۾ اهم حصو ادا ڪري ٿو. لسانيات جي ماهرن تي فرض عائد ٿئي ٿو ته اهڙي قسم جي فرق ۽ تفاوت تي اونهو ويچار ڪن. جڏهن هو ان قسم جي فرق ۽ ڦيرگھير تي سوچي ٿو، تڏهن ڪيس عملي طور ڪوجنا ڪرڻي پوي ٿي، ۽ علم اللسان جي قانونن مطابق ان جو مطالعو ڪرڻو پوي ٿو. هن کي خبر آهي ته اهڙا نندا نندا فرق، فردن کان گروهن تائين پهچي، عادت بنجي وڃن ٿا. تان جو لسانياتي نقطه نگاهه کان انهيءَ "گروهه" جو هڪ خاص نالو مقرر ٿي وڃي ٿو. زبان (ڀاشا) جي اهڙن گروهن کي "لهجا" (2) يا اُپڀاشا (Dialects) چئبو آهي، ٻوليءَ جا جدا جدا گروهه (لهجا) وري ننڍين ننڍين شاخن ۾ تقسيم ٿي وڃن ٿا، ايتري قدر جو هڪ گروهه جي ماحول ۾ رهندڙ ماڻهو، هڪ ٻئي سان ساڳئي يا ملندڙ جلندڙ لهجي ۾ ڳالهائيندا آهن، ۽ پنهنجي ماحول يا پنهنجي راڄ کان ٻاهر واري ماحول ۾ ڪم ايندڙ محاوري (Colloquial Language) کي پنهنجو ڪري نه سمجھندا آهن. مثلاً لاڙ ۾ بلوچ قوم واري ماحول ۾ ڪم ايندڙ سنڌي محاورو، سومرا قوم واري ماحول ۾ ڪم ايندڙ سنڌي محاوري کان لسانياتي نقطه نگاهه کان جداگانه حيثيت رکي ٿو.

(1) Jones, D., *An Outline of English Phonetics*, Cambridge W. Heffer & Sons Ltd., 1960, pp. 12 & 51.

(2) سنڌ ۾ ماهرن "لهجي" کي عام طور "محاورو" سڏيو آهي. ڏسو: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ". حيدرآباد. 1962ع. ص 8.

لهجي ۽ محاوري جي معني لاءِ ڏسو:

(i) *Lane's Arabic-English Lexicon*, Book I, Part VII, London, 1885, p. 2667.

(ii) Ibid., Book I, Part II, London, 1865, p. 665.

(iii) Haim, S: *New Persian - English Dictionary*, Tehran, Beroukhim Publishers, Book sellers. and printers, 1936, pp. 774 & 8 & 9.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻوليءَ جي مختلف لهجن ۽ محاورن تي بحث ڪندي، اهو ثابت ٿو ٿئي ته ڪنهن به ملڪ، صوبي يا خطي جي ٻوليءَ، اُن جي لهجن، ۽ مختلف لهجن ۾ ڪم ايندڙ محاورن جي تقسيم لاءِ ڪي اصول مقرر ٿيل آهن، جيڪي علم اللسان جي ماهرن محنت ڪري ٺاهيا آهن. اهي اصول آهن:

(i) حاڪمن جي ٻولي هجڻ
(ii) ساڳي حڪومت
(iii) سياسي حالتون
(iv) سماجي ۽ مذهبي ميل جول
(v) وڻج واپار ۽ سياسي ناتا
(vi) ساڳيون جاگرافيائي حالتون
(vii) ساڳيون رسمون ۽ رواج
(viii) باهمي شاديون
(ix) آباديءَ جي لڏ پلاڻ

اُهي ملڪ جتي لساني گروهه ويجهڙائيءَ ۾ وڏيو ۽ ويجهيو آهي، اتي مقامي تفاوت بلڪل گهٽ هوندو آهي، جيئن آمريڪا جي اُلهندي حصي ۾، يا روس ۾، پر اهي ملڪ جتي ساڳي زبان ڳالهائيندڙ ڊگهي عرصي کان آباد آهن، اتي مقامي لهجن ۾ گهڻو فرق هوندو آهي، مثلاً انگلنڊ ۾، جتي انگريزي زبان 1500 سالن کان ڳالهائي پيئي وڃي.

4 - زبان کي جدا جدا لهجن ۽ جداجدا محاورن ۾ ورهائڻ لاءِ، جيڪي اصول ۽ ڪارڻ مٿي بيان ڪيا ويا آهن، سماجي حالتون انهن ۾ اولين حيثيت رکن ٿيون. اهي ٻار جيڪي مهذب ۽ تعليم يافته گهرن ۾ ڄمن ٿا، ۽ جن جو ميل جول ٻين مهذب ۽ تعليم يافته ڪٽنبن جي ٻارن سان رهي ٿو، اهڙن ٻارن جي زبان "معياري، مهذب ۽ اعلي طبقي واري زبان" سمجهي ويندي آهي. لسانيات جي ماهرن اهڙي لهجي کي، جو سرڪاري طور اسڪولن، ڪاليجن، نشر و اشاعت، سرڪاري اطلاعن، ڪورٽن، اسيمبلين توڙي مهذب ماڻهن ۾ استعمال ٿيندو آهي، "معياري لهجو" يعني (Standard Dialect) سڏيو آهي. ملڪ جي سرڪاري ٻولي ان معياري

لهجي کي ئي تسليم ڪيو ويندو آهي. مثال طور، سنڌ جي زبان ”سنڌي“ آهي، پر ان جو جيڪو لهجو اسين اسڪولن ۾ پڙهون ٿا، يا ريڊيو تي سرڪاري اعلانن ۾ ٻڌون ٿا يا ڳالهايون ٿا، جنهن لهجي ۾ اسان جا عالم ۽ اديب تقريرون ڪن ٿا، جو لهجو اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ ذريعہ- تعليم طور ڪم ايندو آهي، اهو سڄيءَ سنڌ لاءِ هڪ ئي آهي. اسڪولن، ڪاليجن، ريڊيو ۽ ٽي- ويءَ تي هرهڪ ماڻهوءَ کي انهيءَ ئي لهجي ۾ ڳالهائڻو آهي. هر ٻار کي تعليم انهيءَ لهجي ۾ ئي ملڻي آهي. انهيءَ ڪري ان لهجي کي ”معياري لهجو“ چئبو. جيتوڻيڪ لاڙ جا ماڻهو ائين ڪو نہ ٿا ڳالهائين، جيئن ڪتابن ۾ پڙهن ٿا، ۽ اتر جا ماڻهو بہ ائين ڪو نہ ٿا ڳالهائين، جيئن درسي ڪتابن ۾ آهي. حاصل مطلب تہ معياري لهجو سرڪاري طور تسليم ڪيو ويندو آهي، ملڪ يا صوبي جي زبان ان لهجي پٺيان ئي سڏي ويندي آهي. جيئن انگلنڊ ۾ جيڪا زبان سرڪاري طور تي ملڪ جي زبان تسليم ڪيل آهي، جنهن کي هو ”معياري انگريزي ٻولي“ (Standard English) چون ٿا، اها انگلنڊ جي ٻين خطن جي اچار ۾ گهڻو اختلاف رکي ٿي. جيڪا انگريزي موجوده وقت سرڪاري طور ملڪي زبان آهي، ان کي ڏاکڻين علائقي واري انگريزي (Southern English) يا ”شاهي انگريزي (King's English) بہ چوندا آهن. شاهي خاندان جي زبان هئڻ ڪري، انگلنڊ جي ڏاکڻين لهجي کي معياري زبان هجڻ جو فخر حاصل آهي (1). انهيءَ ڪري ئي اها دعويٰ ڪئي ويئي آهي تہ سماجي حالتن جو ملڪ جي زبان تي وڏو اثر ٿئي ٿو. ديوان ڀيرو مل جو رايو آهي تہ: ”حالانڪ سنڌ جي ساهتيہ خطي وارو لهجو زياده معياري آهي، پر ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ٺاهڻ واري ڪميٽيءَ توڙي سرڪاري تعليم کاتي ۾ حيدرآباد جا رهاڪو گهڻا هئا، ۽ درسي ڪتابن لکڻ وارن ۾ بہ حيدرآبادي گهڻا هئا، تنهن ڪري ئي حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور اهميت ملي، ۽ ان کي معياري لهجو تسليم ڪيو ويو (2)؛ گويا حيدرآباد جا عامل توڙي مسلمان تعليمي ماهر، مهذب ۽ تعليم

(1) Jones, D., *An English Pronouncing Dictionary*, London Dent, 1956, Introduction.

(2) آڏواڻي ڀيرومل: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ 1956ع، ص 93.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

يافتہ هجڻ جي ڪري، انگريز عملدارن تائين رسائي حاصل ڪري ويا. ۽ اهوئي سبب آهي جو حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور ڪتابن، نشر و اشاعت ۽ ڪورٽن ۾ معياري لهجي جي حيثيت طور قبول ڪيو ويو. اسان جون سب تصنيفون ۽ لکيتون هن ئي لهجي ۾ ٿين ٿيون. حيدرآبادي لهجو اسان جي صرف ونحو ۽ لغت لاءِ بنيادي ۽ معياري لهجي طور ڪم آيو. غير ملڪي ماڻهن کي سنڌي سيکارڻ لاءِ ڪتاب هن ئي لهجي ۾ لکيا ويا.

5 - ٻيو سبب جيڪو مٿي بيان ڪيو ويو آهي، سو آهي جاگرافيائي حالتون. جاگرافيائي حالتن جي لحاظ کان سنڌي زبان اُترادي يعني سريلي، وچولي، لاڙي، ٿري، ڪوهستاني، ڪڇي ۽ لاسي لهجن ۾ ورهايل آهي. اهي لهجا وري مقامي لحاظ کان ننڍن گروهن ۽ محاورن (Sub-dialects & Colloquials) ۾ ورهائي سگهجن ٿا. مثال طور 'ننَي' ۽ 'ماجر' جي رهاڪن کي پنهنجي پنهنجي محاوري ۾ ڳالهائيندي ٻڌي، ڪو بہ لاڙي، سهي ڪري وٺندو تہ هي 'ننئي' آهي يا هي 'ماجر' جو ماڻهو آهي، ۽ اُتي جي ٻولي يعني 'ننئي' يا 'ماجري' (ٻولي) ڳالهائي ٿو، جيتوڻيڪ 'ننئي' يا 'ماجري' ڪي ٻوليون نہ آهن، پر اهي لاڙي لهجي جا محاورا آهن، جي جاگرافيائي اثرن جي ڪري مقامي رنگ رکن ٿا. اهڙيءَ طرح ٿرپارڪر ايراضيءَ ۾ ڏيپلائين ۽ عمرڪوٽ وارن جي 'جهيل' مان سهي ڪبو تہ هي 'ڏيپلائي' آهي، ۽ هي عمرڪوٽ جو رهاڪو آهي.

نہ فقط ايترو، پر لهجو ۽ محاورو وري ڪرت، ڌنڌي ۽ پورهئي جي لحاظ کان بہ ننڍن ننڍن مقامي محاورن ۾ ورهايل آهي؛ مثلاً درياءَ جي ڪنڌيءَ تي رهندڙ ميربحرن، مهاڻن، ٻيلائين، مالدارن، هارين نارين ۽ ڌڻولين جا مقامي محاورا، ۽ ڪاري واري خطي ۾ رهندڙ جهانگين، سانگين، اوٺين ۽ ميهارن جا مقامي محاورا، پنهنجي پنهنجي مقامي رنگ جي ڪري انوکي حيثيت رکن ٿا. هرڪو محاورو مقامي ۽ فني لفظن جو ڀنڊار آهي. جيڪي لفظ جاتيءَ جي طرف رهندڙ جت ڪم آڻيندو، تن جي درياءَ جي ڪنڌيءَ وارن ميربحرن کي خبر ڪا نہ هوندي، ۽ جيڪو مقامي محاورو ڌڻولي ڪم آڻيندو، سو مهاڻي جي سمجهہ کان گهڻي ڀاڱي پري هوندو. اهڙن ننڍن ننڍن گروهن جي ڳالهائڻ جي طور طريقي، تلفظ ۽ اُچار، آوازن جي جهيلار ۾ گهڻو فرق ٿئي ٿو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٻين لفظن ۾ ائين چئبو تہ سنڌ ۾ بہ، فرانس، اٽلي، انگلنڊ ۽ جرمنيءَ وانگر هر ڳوٺ يا ٻن- ٽن ڳوٺن جي گروهن کي پنهنجو مقامي محاورو آهي(1). پاڙي وارن مقامي محاورن ۾ تمام ٿورو تفاوت هوندو آهي، پر اهو بہ آسانيءَ سان سهي ڪري سگهبو آهي. ڳوناٺا وضاحت سان ٻڌائي سگهندا آهن تہ سندن مقامي محاوري ۽ سندن پاڙي واري مقامي محاوري ۾ ڪهڙو فرق آهي. گهٽ ڪري ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪي ماڻهو، پر واري ڳوٺ جي ماڻهن کي سندن خاص اچار جي ڪري چيڙائيندا بہ آهن. اهڙيءَ طرح هڪ ڳوٺ کان ٻئي ڳوٺ تائين تفاوت وڌندو ويندو آهي.

6 - جڏهن ڪنهن بہ هڪ طرف هليو وجبو، تڏهن تفاوت وڌندو ويندو آهي، تان جو هڪ اهڙي هنڌ پهچي وجبو، جتي لساني خيال کان گهڻو ئي فرق محسوس ڪبو. جيتوڻيڪ لساني تفاوت ڏيکارڻ لاءِ اُتي ڪا بہ حد مقرر ڪا نہ هوندي آهي، تاهم هڪ لهجو اوستائين پنهنجي خاتمي وارا نشان يا حدون ڏيکاريندو آهي. اهڙيءَ حد يا نشان کي "لهجي جي حد" (Dialect area) چئبو آهي. لهجن جي خاتمي وارين حدن تي، حدن جا نشان (خيالي ليڪون) نقشي تي ڏيکاري سگهجن ٿيون. اهڙين خيالي ليڪن کي لسانيات جي ماهرن آئسو گلاسز (Isoglosses) سڏيو آهي (2).

7 - ٽيون سبب 'سياسي حالتون' ڄاڻايو ويو آهي. ساڳي حڪومت، ساڳيو مذهب، باهمي شاديون ۽ ميل جول جو رواج، زبان جي لهجي جي تقسيم جو ڪارڻ آهن؛ يعني تہ 'لاسي' ۽ 'ڪڇي' لهجا، سياسي حالتن، مذهبي، باهمي شادين ۽ ميل جول ڪري ئي سنڌي زبان سان مائٽي ڳنڍي ويٺا. ڪڇ ۽ لس ٻيلو سون سالن تائين سنڌ جي سياسي تسلط هيٺ رهيا. سمن ڄامن سان عزازت هئڻ ڪري، ٻنهي خطن سان سنڌ وارن جو ميل جول گهڻو رهيو. جيتوڻيڪ هن وقت ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ جهونا ڳڙهہ، سياسي ۽ جاگرافيائي لحاظ کان سنڌ کان ٻاهر آهن، پر لساني حد بندي ڏيکاريندڙ ليڪون، يعني آئسو گلاسز، سياسي حدون

(1) Hocket, C. F., *A Course in Modern Linguistics*, New York, Macmillan & Co., 1960, pp.474-477.

(2) Hocket, C. F., op. Cit., pp. 474-477:

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏيڪاريندڙ ليڪن تي حاوي آهن، ۽ 'ڪڇي' توڙي 'جهونا ڳڙهي' لهجن کي سنڌي زبان جي لهجن ۾ داخل ڪن ٿيون. اهڙي طرح 'لاسي' لهجو بہ سنڌي زبان جو لهجو آهي. بلڪل ساڳيءَ طرح پارڪر وارو حصو سياسي لحاظ کان سنڌ ۾ شامل آهي ۽ پاڪستان جو حصو آهي، پر لساني حدون ڏيکاريندڙ ليڪون، زبان جي خطي جي تقسيم ڪندي، 'ڍاٽڪي لهجي' واري ايراضيءَ کي 'راجستاني ٻوليءَ' جي ايراضيءَ ۾ شمار ڪن ٿيون (1). اهڙيءَ طرح مڪران واري خطي ۾ 'جدگالي' 'گوادري' ۽ 'اورمازي' لهجا ۽ سبي ۽ ڍاڍر واري ايراضيءَ ۾ 'فراڪي ٻولي' سنڌي زبان جا لهجا آهن.

هاڻ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ سنڌي زبان جي انهن سڀني لهجن جو جائزو ونجي. هن لاءِ هڪ وڏي رٿا جي ضرورت آهي، پر في الحال هت مٿي ڄاڻايل سببن جي روشنيءَ ۾ سنڌي زبان جي لسانياتي جاگرافيءَ جو هڪ تفصيلي جائزو حوالن جي مدد سان ورتو ويو آهي.

(1) عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر ۽ هدايت آخوند: ٿر جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي لئنگويج اٿارٽي، 1994ع، ص 67.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# مددي ڪتابن جي فهرست

## انگريزي ڪتاب


1. Bloomfield, L., *Language*, London, George Allen & Unwin., 1961.
2. Bloch, B. and Trager G.L., "*An Outline of Linguistic Analysis*", Linguistic Society of America, 1949.
3. Haim, S.: *New Persian - English Dictionary*, Tehran, Beroukhimg, Booksellers and printers, 1936.
4. Hocket, C. F., *A Course in Modern Linguistics*, Macmillan & Co., New York, 1960.
5. Jones, D., *An Outline of English Phonetics*, Cambridge W. Hoffer & Sons Ltd., 1960.
6. Lane's. S., *Arabic-English Lexicon*, Book I. Part VII, London, 1885.
7. Ibid., Book I, Part II.


## سنڌي ڪتاب


8. آڏواڻي ڀيرومل: سنڌي ٻوليءَ جي *تاريخ*، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

9. گربخشاڻي، هه - م: مقدمہ *لطيفي*، حيدرآباد، اسلاميہ پريس، 1950ع.

10. نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: "سنڌي ٻوليءَ جي مختصر *تاريخ*"، حيدرآباد، 1962ع.

# 2

# ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پهچ ۽ پکيڙ

سياسي لحاظ کان ڪڇ هن وقت، پاڪستان جي ڪنهن بہ صوبي جو حصو نہ آهي، پر تاريخي جاگرافيائي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان ڪڇ قديم زماني کان وٺي سنڌ جو حصو رهيو آهي، ۽ اڄ بہ سنڌ جو حصو آهي (1). مذهبي پرچار، وڻج واپار، زراعت، سماجي ڳالهين، شادين مرادين، ميلن، ملاکڙن، اوليائن جي ڏيهاڙن، قومن ۽ قبيلن جي اچ وڃ ۽ علم ادب جي ڪري ڪڇ کي سدائين سنڌ جو حصو ڪري پئي سمجهيو ويو آهي.

ڪڇ جو اڀيبت، ڪاٺياواڙ جي اتر ۾، ۽ پاڪستان جي سنڌ صوبي جي ڏکڻ ۾ واقع آهي. هي خطو اوڀر کان اولهہ ۾ 160 ميل، ۽ اتر کان ڏکڻ تائين 35 کان 70 ميل ويڪرو آهي. پارت کان اوڀر ۽ اتر طرف کان ڪڇ جي رڻ جي ڪري مهينن جا مهينا ڪٽيل رهندو آهي. ڏکڻ طرف ڪڇ جي نار، اولهہ طرف عربي سمنڊ ۽ پراڻ جي ڇوڙ، ڪوري ڪاريءَ جي ڪري، هي حصو سنڌ سان ڳنڍيل رهيو آهي، ۽ هن خطي جا سنڌ سان تمام گهاٽا تعلقات رهيا آهن (2).

## 2- ڪڇ ۽ سنڌ جا ناتا:

مختلف تاريخن مان اهي حقيقتون واضح ٿين ٿيون تہ تاريخي دؤر جي شروعات کان وٺي، ڪڇ واري علائقي جا سنڌ سان قديم زماني کان وٺي ناتا رهيا آهن، بلڪ سنڌ جي حڪومت جون سرحدون اوڀر ۾ ڪنوج تائين هيون، ۽ ڏکڻ - اوڀر ۾ ڪڇ وارو سارو علائقو سنڌ جي حڪومت جي حدن ۾ اچي ٿي ويو.

سنڌ گزيٽيئر ۾ اينئن بيان ڪيو آهي تہ:

"ڪڇ جو رڻ، سنڌ جي ڏکڻ - اوڀر واري سرحد آهي، جا راجپوتانا کان

---

(1) غلام رسول مهر: "تاريخ ڪلهوڙا" جلد دوم، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص 630.

Also see: Black Hills: Kutch in History and Legends Weidenfeld and Nicholson, London, 1958

(2) Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ تائين پکڙيل آهي. اڄ ڪلهه اهو خطو ڪلر بڻجي ويو آهي، پر سڪندراعظم جي اچڻ وقت هي خطو هڪ نار جي شڪل ۾ هو. هن ۾ دريا جو پاڻي ايندو هو. پر ان ۾ دريا جو پاڻي، ڪوري ڪاريءَ ذريعي سمنڊ ۾ داخل ٿيندو هو، جنهن تي سنڌ ۾ علي بندر ۽ سنڌڙي بندر هوندا هئا. جن ڪڇ جي آباديءَ ۽ ترقيءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو.

هن ڪاريءَ ذريعي سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ آمدرفت ٿيندي هئي. ٻئي پاسي موجوده شاهبندر سب - ڊويزن ۾ سير ڪاريءَ تي سنڌو بندر ۽ مل ڪاريءَ تي شاهبندر آباد هوندا هئا. پراڻ دريا ذريعي لکپت تائين آمدرفت جاري هوندي هئي. لکپت کان ٽيهه ميل پري ۽ علي بندر کان ويهن ميلن جي مفاصلي تي سنڌڙي بندر، ۽ ان جي حفاظت لاءِ قلعو هوندو هو، جتي ڪڇ جي راجا هڪ سرحدي چوڪي ٺهرائي ڇڏي هئي. اهڙيءَ طرح رهمڪي بازار به هڪ سرحدي چوڪي هئي (1).

## (الف) سياسي ناتا:

سنڌ ۽ ڪڇ جا سياسي ناتا نهايت آڳاٽا آهن. سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان گهڻو اڳ، راءِ گهراڻي جي حڪومت جي زماني ۾، سنڌ جون سرحدي حدون اوڀر ۾ ڪنوج تائين ۽ ڏکڻ - اولهه ۾ سورت بندر تائين هونديون هيون (2). جڏهن محمد بن قاسم سنڌ فتح ڪئي تڏهن ڪيترائي لوهاڻا ۽ ٻيا هندو، پر وارين رياستن سان گڏ ڪڇ طرف پڻ لڏي ويا (3). تاريخ ڪلهوڙا مان معلوم ٿو ٿئي ته: "نائين صديءَ عيسويءَ ۾ سنڌ جي مسلمانن جي هڪ جماعت، ڪن سياسي سببن جي ڪري، سنڌ مان ڪڇ لڏي ويئي. انهن ماڻهن آهستي آهستي ڪڇ تي قبضو ڪيو ۽ اتي جا حاڪم بڻجي ويا (4). ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو ته ستين صدي عيسوي ۾

(1) Aitken, E. H., *Gazetteer of the Province of Sindh*, Karachi, American Mission Press, 1907, p. 9.

(2) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، سنڌ يونيورسٽي، 1957ع، ص 122 ۽ 132.

(3) Thadani, T. S., "*The Lohanas*," an article published in J.S.H.S Vol: VIII, Vol: 3. January 1948, p. 166.

(4) غلام رسول مهر: "*تاريخ ڪلهوڙا*" جلد دوم، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص 622.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گاديءَ جو هنڌ سيوهڻ هو. ۽ ٽيون حصو سومرن جي قبضي ۾ هوندو هو. جو ٿر، لاڙ ۽ ڪڇ تائين ڦهليل هو (1).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

”ڏکڻ - اوڀر سنڌ ۾، سنڌ - ڪڇ جي سرحد سومرن جي حڪومت جي خاص اثر ۽ طاقت جو مرڪز بڻيا. ۽ انهيءَ مرڪزي ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي. سومرن جي اوائلي دؤر ۾، سومرن جي طاقت جو رخ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارين سرحدن طرف رهيو. انهيءَ ڪري ڪڇ طرف سومرن، سمن ۽ ٻين قومن جون بستيون قائم ٿيون، ۽ ڪڇ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي (2)“.

سومرن، سمن جي مدد سان سنڌ تي قبضو ڪيو هو. حاڪم بڻجڻ کان پوءِ هو سمن کي ستائڻ لڳا. نيٺ سمن کي ڪڇ ڏانهن ڀڄائي ڪڍيائون، جن اتي چاوڙا راجا وٽ پناهه ورتي، پر جيڪي سما سنڌ ۾ رهجي ويا، تن اسلام قبول ڪيو. سمن کان سواءِ سوڍا ۽ جاڙيجا پڻ ڪڇ ڏانهن لڏي ويا. تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي ته سومرن جي سنڌ جي راڄ واري زماني ۾ ئي، 1320ع ۾ سنڌ جا سما ڪڇ جي حڪومت تي قبضو ڪري چڪا هئا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

”سما اصل جادوَ گهراڻي جا راجپوت هئا. سن 1053ع ڌاري، جڏهن سنڌ سومرن جي هٿ ۾ آئي، تڏهن هو سمن کي ڏاڍو ستائڻ لڳا. انهيءَ ڪري ڪيترائي جاڙيجا سما، سنڌ ڇڏي، ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا. اتي 1320ع ڌاري پنهنجو راڄ ڪڙو ڪيائون. اڄ ڏينهن تائين سنڌن پويان پاڻ کي جاڙيجا سڏائيندا آهن (3)“.

ڪڇ جي راءِ جو خاندان جاڙيجا راجپوت آهي، جيڪو سنڌ جي سمن سان نسبت رکي ٿو. اهو خاندان، ڪڇ جي اترين علائقي، يعني سنڌ کان ڄام لاکي ولد ڄام جاڙي جي رهنمائيءَ هيٺ پندرهين صدي عيسوي ۾ ڪڇ پهتو

(1) علي شير قانع: تحفة الڪرام، ص 98.

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: سنڌي ٻوليءَ مختصر تاريخ، حيدرآباد، 1962ع، ص 54.

(3) ڊاڪٽر گربخشاڻي هـ- م: روح رهاڻ، حيدرآباد، سنڌي ڪتاب گهر، ص 57.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو (1). ڄاڙيجا خاندان جو نالو ڄام ڄاڙي جي نالي پنيان پيل آهي (2). "ڄاڙيجا" يعني ڄاڙي جو اولاد يا "ڄاڙي جا ٻار".

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي:

"ڪڇ ۾ ڄاڙيجن سمن جي عروج جو زمانو 1300ع آهي ڇاڪاڻ ته اٽڪل 1340ع ڌاري ڄاڙيجن سمن ڪڇ جي حڪومت ڇاوڙن کان ورتي، 1540ع تائين يعني اٽڪل سوا ٻه سؤ سال ڄاڙيجن سمن جي ٽن خاندانن ڪڇ تي حڪومت ڪئي" (3).

اهڙيءَ طرح سمن جي حڪومت ۾ ڪڇ جو سارو علائقو سنڌ جي سياسي تسلط هيٺ هو. ايتري قدر جو جڏهن 1521ع ۾ سنڌ ۾ سمن جي حڪومت جو خاتمو آيو، تڏهن به ڪڇ تي سنڌ جا سما قابض هئا. انهيءَ ڪري شاهه بيگ ارغون، مرزا شاهه حسن ارغون توڙي سنڌ ۾ مغلن جي نوابن جي راڄ ۾، ويندي غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪومت تائين، سنڌ جي حاڪمن ۽ باغي نوابن کي ڪڇ مان نه فقط لشڪر جي مدد ملندي هئي پر انهن کي پناهه پڻ ڏنو ويندو هو.

سمن جي حڪومت جي زماني ۾، 1472ع ۾، گجرات جي حاڪم محمود شاهه بيگڙي (1459ع - 1513ع) جي ڏينهن ۾ چاليهه هزار سنڌين، گجرات جي قافلي کي لٽيو هو. انهيءَ ڪري سلطان محمود شاهه بيگڙي، سنڌ تي ڪاهيو، ۽ ڪڇ ۽ ٿر تي قبضو ڪيائين (4).

امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا مان معلوم ٿو ٿئي ته ڄاڙي خاندان جي ٽن نسلن، 1540ع تائين ڪڇ تي راڄ ڪيو. انهي سال يعني 1540ع ۾ احمد آباد جي مسلمان حاڪم جي مدد سان راءِ کنگهار، ڄاڙيجا خاندان جو اڳواڻ ۽ ڪڇ جو

(1) *Imperial Gazetteer of India*, Vol. IV, p. 61.

(2) Ibid.

(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: لاکو ڦلاڻي، حيدرآباد، سنڌي مجلس، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، 1958ع ص 5.

(4) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، ص 220.

Also see: Black Hills

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم بڻيو، ۽ بادشاهه کان راءِ جو خطاب مليس. هو ساڳئي وقت "مورويءَ" جو پڻ حاڪم ٿيو (1).

راءِ کنگهار جي ڇهن نسلن ڪڇ تي حڪومت ڪئي، پوءِ راءِ رائڌڻ جي وفات کانپوءِ، سندس ٽيون نمبر پٽ "راءِ پراگجيءَ" خون خرابيءَ سان تخت هٿ ڪيو. هن پنهنجي ڀاءُ کي پڻ قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري پنهنجي ڀائٽئي کي خوش ڪرڻ لاءِ هن کي "مورويءَ" جو حاڪم مقرر ڪيائين (2).

سنڌ تي سمن جي راڄ واري زماني ۾، ڪڇ وارو علائقو پڻ سندن قبضي ۾ هو. ارغونن جي سنڌ تي قبضي کان پوءِ سنڌ جي سمن جو مرڪز ڪڇ بڻيو. اتان سنڌ تي ٻيهر قبضي ڪرڻ لاءِ ڄام فيروز جي مدد پڻ ڪئي ويئي. مير محمد بن جلال ٺٽوي لکي ٿو ته: "شاهه بيگ ارغون جي مرڻ کان پوءِ جڏهن مرزا شاهه حسن تخت تي ويٺو، تڏهن هن کي ٻڌرين ڄام فيروز سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ٺٽي تي حملو ڪرڻو پيو(3). ڄام فيروز وڙهڻ جي همت نه ساري، درياءُ ٽپي، ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو، جتان پنجاهه هزار سوارن ۽ پيادلن جي فوج وٺي، ٻيهر حملو ڪيائين(4). ڄاڄڪن جي ڳوٺ ۽ رهمڪي بازار جي وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ ڄام فيروز جا ويهه هزار ماڻهو مارجي ويا ۽ هو هار کائي گجرات هليو ويو(5). هن مان ظاهر آهي ته ڪڇ جي سمن جي، سنڌ جي سمن حاڪمن سان، همدردي هئي، ۽ هنن سنڌ تي سمن جي حڪومت ٻيهر قائم ڪرڻ لاءِ هر قسم جي قرباني ٿي ڏني.

ترخانن جي دؤر ۾ ڪڪرالا جي ڪيهر ڄامن، لاڙ جي رانوڙن، ڄاڙن، ڦلاٽين ۽ مهاٽن مرزا محمد باقيءَ جي حڪومت خلاف بغاوت ڪئي. ڪڇ جي سمن سردارن سان انهن جي رسائي هئي. اهڙيءَ طرح مرزا محمد باقيءَ جي وفات کان پوءِ جڏهن مرزا جاني بيگ تخت نشين ٿيو تڏهن مظفر بيگ، هڪ ترخان سردار

(1) *Imperial Gazetteer of India*, Vol. IV, p. 61.

(2) Op. Cit.

(3) مير محمد بن جلال تتوي: *ترخان نامه*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين شاهه راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع، ص 12.

(4) مير معصوم بکري: *تاريخ معصومي*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع، ص 184

(5) مير معصوم بکري، ص 184، ۽ پڻ ڏسو: مير محمد بن جلال تتوي: *ترخان نامه* ص 26.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدين تي حملو ڪيو (1). پر مظفر بيگ، خان زمان جي هٿان شڪست کائي، ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو، جتي وڃي پناهه ورتائين (2). اهڙيءَ طرح ونگي جي نهڙين اربابن، توڳاچي جامن، منڌرن ۽ جتن جي ڪڇ ۾ ڪافي پهچ ۽ رسائي هئي.

ڪلهوڙن جي حڪومت جي زماني ۾، ميان نور محمد ڪلهوڙي جي راڄ ۾ نادر شاهه جي حملي کان پوءِ ننڍن ننڍن سردارن ۽ حاڪمن سرڪشي ڪئي. ڏاراجا جي راڻي، ڪڪرالا جي ڄام هوٺيءَ، منڌرن جي سردار تاجن منڌري، ونگي ۽ چاچڪان جي نهڙين اربابن، تماچي ۽ توڳاچي جامن، آسو سومري بغاوت ڪئي. نهڙين جي ارباب، ڪانجي ڪوٽ تي مقرر ٿيل ڪڇ جي راءِ جي نواب، ۽ نواب ٽيڪراءِ، ميان نور محمد سان ڪٺونسڻ شروع ڪيو. انهيءَ وچ ۾ منڌرن جي سردار تاجن منڌري بغاوت ڪئي، ۽ ڪانجي ڪوٽ ۾ وڃي پناهه ورتائين (3). ميان صاحب ڪانجي ڪوٽ تي حملو ڪيو ۽ بارود سان قلعي جون ديوارون اڏائي ڇڏيائين (4).

ان کان پوءِ ميان نور محمد، تاجن منڌري جي چرپر کي منهن ڏنو. هن پهرين "بلوچ خان فرد" کي تاجن منڌري خلاف چاڙهي موڪليو. پر تاجن منڌري وڃهه وني، هن کي قتل ڪرائي ڇڏيو (5). انهيءَ کان پوءِ شاهه بهاري، هن (تاجن) تي حملو ڪيو. تاجن هار کاڌي ۽ گرفتار ٿيو. ميان صاحب کيس قتل ڪرائي ڇڏيو (6).

ميان نور محمد جي وفات (1755ع - 1168هه) کان پوءِ، ميان غلام شاهه جي راڄ ۾، جڏهن ميان صاحب ۽ ڀائرن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ ٿي پيئي، تڏهن نوابن ۽ سردارن وري بغاوت ڪئي. پهرين ڪڪرالا جي ڄام ڏيسر بغاوت ڪئي.

(1) علي شير قانع: *تحفة الڪرام*، ص 186.

(2) ايضاً. ص 186.

(3) علي شير قانع: *مقالات الشعرا فارسي*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع، ص ص 225 ۽ 721.

(4) ايضاً

(5) ايضاً

(6) ايضاً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ميان غلام شاهه ڄام ڏيسر کي شڪست ڏني. ڄام ڏيسر هار کائي ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو (1). ان کان پوءِ ميان غلام شاهه تاجن منڌري جي پٽ، راڌڻ منڌري کي منهن ڏنو. جنهن پڻ بغاوت ڪئي هئي. بدين کان اٺ ڪن ميل ڏکڻ طرف، راڌڻ منڌري جو ڪوٽ هو. ميان صاحب راڌڻ منڌري تي حملو ڪيو. راڌڻ منڌرو ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو. ميان صاحب سندس ڪوٽ کي پسمر ڪرائي ڇڏيو. اهو ڪوٽ هڪ دڙي جي صورت ۾ هن وقت به سيرائين جي ويجهو سلامت آهي. هاڻ ان کي مالهين جو دڙو چوندا آهن.

راڌڻ منڌري جي خاتمي کان پوءِ ميان صاحب ونگي جي نهڙين سان مقابلو ڪيو. هن نهڙين جي ارباب هوتي نهڙي جو ڪوٽ ڍاهرائي، پٽ ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ حالت جي ڪري نهڙيا سردار ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا.

انهيءَ کان پوءِ ميان صاحب ڪڇ جي راءِ کي سيکت ڏيڻ جو ارادو ڪيو. ڇو جو هو سدائين سندن مخالفن ۽ باغين کي همٿائيندو ۽ پناهه ڏيندو رهندو هو. ميان غلام شاهه 1762ع (9 ربيع الثاني 1176هه) ۾ ڪڇ تي حملو ڪيو (2). واٽ تي پراڻ جي ڇوڙ وٽ، ڪوري ڪاريءَ تي آباد مشهور واپاري بندر "سنڌڙي بندر" جو قلعو فتح ڪيائين (3). پوءِ سنڌڙي بندر کان اڳتي، جاڙي جبل وٽ ڪڇ جي لشڪر کي شڪست ڏنائين. ميان جو لشڪر پوءِ جڏهن ڀڄ کان ٻارهن ميل اورتي هو، تڏهن ڪڇ جي راءِ ڪيس صلح جو پيغام موڪليو. انهيءَ صلح موجب 'بستا' ۽ 'لکپت' جا بندر ميان کي ڏيڻا ڪيائين، ۽ ميان صاحب کي پنهنجيءَ ڌيءَ جو سڱ ڀڻ آڇيائين (4). انهيءَ صلح کان پوءِ ميان صاحب 1764ع / 2- رجب 1177هه ۾ شاهه ڳڙهه (شاهبندر جي ويجهو) واپس موٽيو. ميان صاحب جي موٽي اچڻ کان پوءِ، ڪڇ جو راءِ پنهنجي واعدي تان ڦري ويو. تنهن ڪري ميان صاحب متس وري حملو ڪيو. پهرين موروي جي قلعي تي حملو ڪيائين، جنهن ۾ بيشمار ڪڇي قتل

(1) علي شير قانع: *تحفة الڪرام*. ص 280.
(2) ايضاً
(3) ايضاً
(4) ايضاً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيا. جڏهن سنڌي فوج پڇ کان پنجن ميلن جي مفاصلي تي هئي ته راءِ وري صلح جي درخواست ڪئي (1). ۽ ميان صاحب کي پنهنجي سوٽ جي ڌيءَ جو سڱ پڻ ڏيڻو ڪيائين. نيٺ صلح ٿيو. ميان صاحب هن شهزاديءَ سان شادي ڪئي ۽ هن ڪڇي شهزاديءَ کي شاديءَ کان پوءِ 'سنڌ رائي' جو لقب ڏنائين (2).

هن ساري بيان مان نتيجو هي ٿو نڪري ته ڪڇ وارو علائقو. راءِ گهراڻي جي حڪومت کان وٺي ڪلهوڙن جي حڪومت تائين. سنڌ جي ماتحت رهيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، ٻوليءَ، اقتصادي ۽ ٻين حالتن جو ڪڇ تي، سدائين غلبو رهيو آهي.

## (ب) تجارتي ۽ واپاري ناتا:

سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ سمنڊ ۽ خشڪي رستي واپار جام هلندو هو. اهو واپار قديم زماني کان هلندڙ هو. طبعي بيهڪ جي ڪري سنڌ جي لاڙ واري پاڪي ۾ ڪيترائي مشهور بندر هوندا هئا. عربن جي آمد وقت ديبل مشهور بندر هو، ۽ واپاري منڊيءَ جي حيثيت رکندو هو. هتان عمان، چين، جاوا، سوماترا کان سواءِ ڪڇ، بمبئي ۽ مانڊوي بندرن سان واپار هلندو هو.

چوڏهين صدي عيسويءَ ۾، سومرن جي پوئين دؤر ۾، لاڙي بندر ۽ ننڍو وڏا واپاري بندر هئا. انهن کان سواءِ فتح باغ، جوڻ ۽ رڙي پڻ وڏا واپاري مرڪز هئا. جتان ٻين خطن کان سواءِ ڪڇ سان پڻ واپار هلندو هو.

سترهين ۽ ارڙهين صديءَ ۾ غير ملڪي سياحن سنڌ جي ٻين وارن ملڪن سان واپار جو ذڪر ڪيو آهي. سترهين صدي ۾ لاڙي بندر ختم ٿي ويو. جنهن ڪري ان وقت جي مغل گورنر اورنگزيب عالمگير (1648ع - 1662ع) ڪڪرالا واري خطي ۾ "اورنگا بندر" نالي نئون بندر تعمير ڪرايو. هن بندر تان به گهڻو واپار هلندو هو. اليگزينڊر هئملٽن جي اچڻ وقت (1699ع) لاڙ ۾ "اورنگا" ۽ 'ٻستا' مکيه بندر هئا. جتان سمنڊ رستي واپار هلندو هو.

ميان غلام شاهه ڪلهوڙي پنهنجي حڪومت واري زماني ۾ شاهبندر نالي

(1) تحفة الڪرام. ص 280.

(2) ايضاً، ۽ پڻ ڏسو: غلام رسول مهر: تاريخ ڪلهوڙا (اردو)، جلد دوم، ص ص 632 ۽ 633.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نئون واپاري بندر تعمير ڪرايو. جتان ڪافي واپار هلندو هو. اهڙيءَ طرح هن جي دؤر ۾ درياءَ جي رڻ شاخ تي فتح باغ، جوڻ ۽ رڙي مشهور واپاري بندر ۽ شهر هوندا هئا. ساڳيءَ طرح پراڻ تي ونگو پتڻ، باغ جو پتڻ (ٻنگار جو شهر)، رهمڪي بازار، ۽ ڪوري ڪاريءَ تي علي بندر ۽ سنڌڙي بندر هوندا هئا. جتان لکپت سان واپار هلندو هو (1). اهڙيءَ طرح سير ڪاريءَ تي سنڌو بندر ۽ ٻيءَ پير طرف حجامڙي شاخ تي وڪر بندر هوندو هو، جتان گهڻو واپار هلندو هو (2). حجامڙي شاخ جي سڪي وڃڻ ڪان پوءِ، وڪر بندر ختم ٿي ويو، ۽ ڪيٽي بندر جو پاڳ وريو. هن بندر تان پڻ ڪافي واپار هلندو هو. هنن ٻنهي بندرن توڙي ڪارو ڇاڻ ۽ سوڪي بندرن تان 1947ع تائين ڪڇ سان تمام گهڻو واپار هلندو هو. آزاديءَ واري سال تائين سنڌ جي سيٺين جا منيب، لکپت، مانڊوي بندر ۽ پالنپور ۾ رهندا هئا (3).

سامونڊي ساحل ڪان پوءِ ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ خشڪيءَ رستي پڻ واپار هلندو هو. ٿتي ڪان هڪ رستو براهه چاچڪان (بدين) ڪڇ ڏينهن ويندو هو. ٻيو رستو عمرڪوٽ ڪان ننگرپارڪر ويندو هو، جتان ويراگائون ۽ پالنپور ڪان احمدآباد، کنپات، برهانپور ۽ سورت ڏانهن ويندو هو. پر ٺٽي ۽ چاچڪان وارو رستو انهيءَ ڪري اهم هو، جو ان جو مفاصلو گهٽ ۽ سفر سهنجو هوندو هو. انهيءَ رستي ڪان ئي ڄام صلاح الدين سمي، ڪڇي لشڪر آڻي، سنڌ تي قبضو ڪيو، ۽ ڄام فيروز جڏهن مرزا شاهه حسن تي ڪڇي لشڪر سان ڪاهي آيو هو، تڏهن انهيءَ رستي ڪان ئي آيو هو.

## (ج) سماجي ناتا:

سياسي ۽ واپاري ناتن ڪان سواءِ سنڌ ۾ ڪڇ جي حاڪمن ۽ عام ماڻهن جا پاڻ ۾ سماجي ناتا پڻ هوندا هئا. انهن ۾ باهمي شاديون ۽ ميل جول، ماڻهن جي

(1) Raverty, H. G., *Mehran of Sindh*, Calcutta. 1892, pp 654-66.
(2) Smyth, J. W. *Gazetteer of the Province of Sind*, Vol. B. Karachi 1919 p. 91,
3) نائون مل: يادگيريون. مترجم محمد حنيف صديقي، حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ. 1968ع. ص ص 81 ۽ 82.

لڏ پلاڻ ۽ اچ وڃ، مذهبي تبليغ، ميلا ملاکڙا، اوليائن جا ڏيهاڙا ۽ عرس مکيه هئا.

مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته ڪڇ جو راءِ خاندان، سنڌ جي ڄاڙي سمي جي اولاد مان هو. سنڌ تي جن سمن حاڪمن جي حڪومت هئي، اهي ۽ ڪڇ تي جن سمن حاڪمن راڄ ٿي ڪيو، سي هڪڙي ڏاڏي جو اولاد هئا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو رايو آهي ته:

"وڏي ڄام لاکي (ڏسو شجرو) جي اولاد مان هوتي ٿيو. ڄام هوتيءَ جي پٽ ڄام راهوءَ جي اولاد مان به ڄام لاکا ٿيا. جن تي پڳ هئي. ڄام لاکو پٽ گڙراهو (1) ۽ سندس پوٽو. ڄام ڳاهي جو پٽ ڄام لاکو. جنهن جو پٽ ڄام جوڻو، جو ننڍي جو پهريون سمو بادشاهه ٿيو" (2).

هن ڏس ۾ هسٽري آف ڪاٺياواڙ ۾ گجرات، سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن جو جيڪو شجرو ڏنل آهي، سو ضميمي "الف" ۾، ۽ صفحي 45 ۽ 46 تي ڏنو ويو آهي.

هن ڏس ۾ سيد حسام الدين شاهه راشدي جي مرتب ڪيل تحفة الڪرام مان نقل ڪيل سمن جو شجرو ضميمي "ب" صفحي 46 تي ڏنو ويو آهي.

سمن کان سواءِ ٻيون به ڪيتريون ئي قومون سنڌ مان لڏي ڪڇ ۾ وڃي آباد ٿيون، ۽ ڪيترائي ڪڇ مان لڏي سنڌ ۾ اچي ويٺا. انهن جي پاڻ ۾ مٽي مائٽيءَ سبب انهن جي اچ وڃ سدائين جاري هوندي هئي. ڪن قبيلن جا سردار سنڌ ۾ رهندا هئا ته راڄ جا ماڻهو ڪافي تعداد ۾ ڪڇ ۾ به رهندا هئا. اهڙيءَ طرح ڪن قبيلن جا سردار ڪڇ ۾ رهندا هئا ته سندن راڄ وارا سنڌ ۾ گهڻي تعداد ۾ آباد

(1) تاريخ ڪاٺياواڙ موجب ڄام لاکو، ڄام گڙراهو جو پٽ نه هو. پر دراصل لاکو گڙرا هڪ ٻئي شخص جو هڪ نالو آهي. جو لاکير جو پٽ هو. ڄام لاکو گڙرا 1520ع ڌاري ٿي گذريو آهي. هن کي اٺ پٽ هئا. ڏسو:

Captain Wilberforce, H. Bell, *The History of Kathiawar*, London, William Heinmann, 1916.

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: لاکو ڦلاڻي، حيدرآباد، سنڌ مجلس، شعبه سنڌي، سنڌ يونيورسٽي، 1958ع، ص 25.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هوندا هئا. اهڙيءَ حالت ۾ انهن قومن جي اچ وڃ دائما جاري هوندي هئي. انهن ۾ ٻارڻ، نهڙيا، منڌرا ۽ جت خاص قبيلا هئا. جن جو بيان اهميت کان خالي نہ ٿيندو. انهن قبيلن جي زبان بنيادي طرح سنڌي هئي، انهيءَ ڪري بہ سنڌيءَ جو هڪ خاص لهجو گجراتي اثر قبول ڪندو، ڪڇي لهجي جي روپ ۾ وجود ۾ آيو. ۽ لس ٻيلي جي عوام وانگر ڪڇ جي عوام جي ٻولي سنڌي بنجي ويئي.

مٿي جن قبيلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي انهن جي اچ وڃ آزاديءَ کان پوءِ سرحد ڪليل هئڻ تائين جاري هوندي هئي. 1953ع تائين بہ جت، ٻارڻ ۽ منڌرا ڪڇ ۽ سنڌ ۾ ايندا ويندا رهندا هئا. ۽ هڪ ٻئي سان مائٽيون پڻ ڪندا هئا (1). ڪڇ ۽ سنڌ جي جتن جي سردار جو نالو غلام حسين هو (2). جنهن کي "ملڪ" سڏيو ويندو آهي. ملڪ صاحب جاتيءَ کان 16 ميلن جي مفاصلي تي "راڄ ملڪ" ۾ رهندو آهي. مارچ 1953ع ۾ ملڪ صاحب پنهنجي اليڪشن جي سلسلي ۾ پنهنجي قبيلي جي چڱن مڙسن، وڏيرن ۽ مکيہ مائٽن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي هئي. هن گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ ۽ ڪڇ مان جتن جي ڏار ڏار اوڙڪن جا جملي 4800 نمائندا اچي گڏ ٿيا. اهو تعداد اجا بہ گهڻ هو ڇاڪاڻ تہ سرحد تي ڪجهہ سختي شروع ٿي چڪي هئي، انهيءَ ڪري ڪڇ جا سڀ نمائندا پهچي ڪو نہ سگهيا. انهيءَ هوندي بہ مذڪوره تعداد ۾ وڏو حصو ڪڇ کان آيو هو. ڪڇ مان ايڏي تعداد ۾ نمائندن جي شرڪت جو وڏو ڪارڻ هي بہ هو تہ ڪڇ جي جت قبيلن اهو ثابت ڪرڻ ٿي چاهيو تہ سياسي طور الڳ هجڻ جي باوجود هنن ملڪ غلام حسين کي پنهنجو سردار ۽ ملڪ تسليم ٿي ڪيو. سرحد جي بلڪل بند ٿيڻ کان پوءِ ظاهري طور هيءَ قوم ٻن حصن ۾ ورهائجي ويئي آهي. هاڻ راڄ جي نظام خاطر ڪڇ ۾ پڻ سنڌن ڌار سردار آهي. پر سنڌن مرڪز پاڪستان ۾، ٺٽي ضلعي جي جاتي تعلقي ۾، "راڄ ملڪ" آهي، جتي سنڌن مرڪزي سردار رهندو آهي.

جت قوم ڪيترين ئي اوڙڪن ۾ ورهايل آهي. هرهڪ اوڙڪ کي پنهنجو

(1) Dr. Sigrid Westphal Hellusch and Dr. Heniz Westphal: *The Jats oj Pakistan*, Berlin, Duneker as Humboet 1964, p. 26.

(2) ملڪ غلام حسين اپريل 1982ع ۾ وفات ڪري ويو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پنهنجو چڱو مڙس آهي، جنهن کي وڏيرو ڪوٺيندا آهن. انهن مان هڪ اوڙڪ 'لاکاڻي' آهي. اهي مينهيون ۽ ٻڪريون پاليندا آهن. هو 'لاکي' نالي پنيان لاکاڻي سڏبا آهن. صدري ڳالهين مان ائين معلوم ٿيو آهي ته جتن جي جن پنجن سردارن سنڌ ۽ ڪڇ جي فتح ڪرڻ ۾ غازي محمد بن قاسم جي مدد ڪئي هئي ۽ ساٿ ڏنو هو، لاکو انهن مان هڪ هو. لاکاڻي جت، انهيءَ لاکي جو اولاد آهن. هن اوڙڪ وارا لاکاڻي، ڪڇ ۾ سراڙو نالي مڪان ۾ رهندا آهن. سندن ملڪ جو نالو نور محمد هو. ملڪ نور محمد ۽ سندس عزيزن کي ڪڇ ۾ جاگيرون مليل هونديون هيون. ملڪ نور محمد سرحد بند ٿيڻ کان اڳ 'ملڪ راڄ' ۾. ملڪ غلام حسين کي پنهنجي قبيلي جو سردار ۽ ملڪ مڃيندو هو. هن وقت هي قبيلو گهڻي ڀاڱي ڪڇ ۾ آباد آهي.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ ڪڇ ۾ جتن جي هڪ ٻي اوڙڪ 'ٻجار پوٽا' نالي رهندي آهي. اهي به پاڻ کي لاکي جو اولاد سمجهندا آهن. ٻجار پوٽن جو وڏيرو پاڻ کي ٻجار خان جي لقب سان سڏائيندو آهي. هن کي لکپت ۾ جاگيرون مليل هونديون هيون. لکپت کان سواءِ کارو ڇاڻ (سنڌ) ۾ پڻ هن جون زمينون هونديون هيون، پر سرحد بند ٿيڻ کان پوءِ، هن ڪڇ ۾ ئي رهڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ ڪري هو سنڌ ۾ رهندڙ اوڙڪ جي بيشمار ماڻهن کان الڳ ٿي ويو. هن جي علحدگيءَ جو داستان جتن وٽ مروج لوڪ گيتن ۽ ڪهاڻين ۾ ملي ٿو (1).

اهڙيءَ طرح هڪ اوڙڪ "فقيراڻي" سڏبي آهي. سانولو فقير نالي جت هنن جو وڏيرو هو. هن کي لکپت جي ويجهو جاگير مليل هئي. هي، پير گولاڙ وٽ رهندو هو، جتي سندس قبر آهي. اتي 1964ع ڌاري سندس پڙ پوٽو رهندو هو. ان جو نالو علي محمد هو. هن کي فقيراڻي اوڙڪ جو وڏيرو سمجهيو ويندو آهي. سنڌ ۾ سندس ياران سندس خليفو فقيراڻين جي نگراني ڪندو آهي.

اهڙيءَ طرح ڪڇ جي اقتصادي حالت جو مدار سدائين سنڌ تي رهيو آهي.

(1) انهن مان ڪي لوڪ گيت تاريخ 13-5-1982ع تي ڪيٽي بندر ۾ هڪ ڪچهريءَ ۾ رڪارڊ ڪيا ويا. هن ڪچهريءَ جو بندوبست محترم 'عبدالقادر منگي'. اسسٽنٽ ڪمشنر گهارو ۽ مشتاق باگاڻيءَ ڪيو هو. ڪيٽي بندر ۾ ميزبانيءَ جا فرائض محترم عزيزالعزيز ميمڻ بجا آندا.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪڇي ماڻهو ڏکين سکين ڏينهن ۽ ڏڪار سڪار جي حالت ۾ سدائين سنڌ ۾ ڪمائڻ لاءِ لڏي ايندا هئا (1). برسات ڪان پوءِ ڪي ڪڇي مالوند ماڻهو پنهنجا ڏڻ ڪاهي، گاهه پني جي سانگي سنڌ ۾ ايندا هئا. انهيءَ ڪري ٻه قومن ۽ قبيلن جي اچ وڃ ٿيندي رهندي هئي. ٽالپرن جي حڪومت جي زماني ۾، مير غلام علي خان ٽالپر جي راڄ ۾، (1813ع -1218هه) ۾، ڪڇ ۾ سخت ڏڪار پوڻ سبب هزارن جي تعداد ۾ ڪڇي ماڻهو سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ روزگار لاءِ لڏي آيا هئا. مير غلام علي خان انهن ٻي گهر ڪڇين ۾ انن جا انبار خيرات ڪيا، ۽ پنهنجي خزاني مان رقمون ڏيئي، اهي ٻار خريد ڪري ڪڇ جي 'راءِ ڀاڙا' ڏانهن موڪليا، جيڪي ڪڇي ماڻهن ڏڪار واريءَ حالت سبب، سنڌ ۾ وڪيا هئا (2).

انهن ڏاتين ڪان سواءِ سنڌ ۾ مرزا شاهه حسن جي راڄ واري زماني ۾ فتح باغ ۽ جوڻ ۾ صاحب سومرو زور هوندو هو. صاحب سومري ان وقت اسماعيلي خواجن پنيان وٺ - پڪڙ لائي ڏني هئي. انهيءَ ڪري هزارن جي تعداد ۾ اسماعيلي خواجا، پير دادوءَ سان گڏ فتح باغ، جوڻ، بدين، رڙي، علي بندر، راهمڪي بازار، ونگي پتڻ، باغ جي پتڻ، ملان ڪاتيار ۽ ڊنڊيءَ مان قافلن جي صورت ۾ لڏي، ڪڇ ۾ لکپت، مانڊوي ۽ ٻين شهرن ۽ واپاري بندرن ۾ وڃي آباد ٿيا (3).

اهڙيءَ طرح برهمڻن جي 'راجگوڙ' قوم، اصل ٺٽي ڪان لڏي ڪڇ ۾ وڃي ويٺي. اهي جاڙيجن جا درباري برهمڻ ٿي رهيا (4). ساڳيءَ طرح سنڌ جا ڪيترائي سارسوت برهمڻ ڪڇ ۾ وسي ويا. ڪمي ڪاسبي، هندو توڙي مسلمان، وقت بوقت سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ ڪان وڃي ڪڇ ۾ آباد ٿيا. جاڙيجن جي راڄ ۾ سونارا

---

(1) ناٿون مل: يادگيريون، مترجم محمد حنيف صديقي، سنڌي ادبي بورڊ حيدرآباد، 1968ع، ص 78.

(2) Aitken, E. H., *Gazetteer of the Province of Sindh*, Karachi, American Mission Press, 1907, p. 188.

۽ ٻيو ڏسو ناٿون مل: يادگيريون، حوالو ڏسو 1، ص 71.

(3) زباني احوال مرحوم همير لاڪا ڪان 1957ع ۾ مليو هو.

(4) لڇمڻ خوبچنداڻي: مقالو: "ڪڇ جون جاتيون ۽ ٻوليون: هندواسي، 20 ڊسمبر، 1962ع ص ص 5 ۽ 6.

سنڌ مان گهرايا ويا هئا (1). هتي جا واڻيا توڙي گجرات کان آيل واپاري گهر ۾ توڙي ٻاهر گجراتي ٻولي ڳالهائين. ڪچي انهن جي مادري ٻولي ڪانهي، پر ڪڇ ۾ رهڻ ڪري گجراتي گاڏر ڪچي بہ ڄاڻن. سنڌ ۽ ملتان کان پڻ کيترائي ماڻهو هت لڏي آيا (2). ننڍي مان پڻ کيترائي ڀاٽيا ۽ لوهاڻا هن طرف لڏي ويا. ننڍي جا ميمڻ پڻ هن طرف لڏي ويا هئا.

## (ii) باهمي شاديون:

ماڻهن جي لڏ پلاڻ کان سواءِ کيترن ئي ڪڇين ۽ سنڌ جي سمن سردارن هڪ ٻئي سان مائٽيون پڻ ڪيون. شجري ۾ بيان ڪيل آهي تہ سمن جي ڄام لاکيار سنڌ جي هڪ سوڍيءَ سان شادي ڪئي هئي. ساموئيءَ جي حاڪم ڪڇ جي چاوڙا قوم مان شادي ڪئي (3). اهڙيءَ طرح ٻين قومن ۽ قبيلن، منڌرن، نهڙين ۽ ٻارڻن جون هڪٻئي سان سڳابنديون ٿيل هيون. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪڇ جي راءَ جي سوٽ جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. جنهن کي پيار وچان "سنڌراڻي" جو خطاب بہ ڏنو هئائين.

## (د) مذهبي تبليغ ۽ ميل جول:

سومرن ۽ سمن جي حڪومت جي زماني ۾ اسلام جي جدا جدا فرقن جا داعي سنڌ ۽ ڪڇ ۾ ڪاهي پيا هئا. انهن ۾ غوثي بزرگ ۽ اسماعيلي فرقي جا داعي پيش پيش هئا. اسماعيلي مبلغن جو ڪڇ ۾ 'ڪڙهيو' نالي ڳوٺ مرڪز بنجي ويو. جتان اسماعيلي پير ۽ درويش سنڌ ۾ ايندا هئا. انهن سيدن کي سنڌ ۾ "ڪڙيوال سيد" ڪوٺيو ويندو آهي. ٽنڊي محمد خان ۾ جيڪي شمسي اسماعيلي سيد رهن ٿا، اهي شمسي ڪڙيوال سيد آهن، ۽ انهيءَ خاندان مان آهن. اهڙيءَ طرح رڙيءَ جي قتل شهر ۾ سيد نور شاهہ ڪڙيوال جي مزار آهي، سو پڻ انهيءَ خاندان مان آهي. هن جي مزار جو ذڪر ڪاڪي ڀيرومل پڻ ڪيو آهي.

(1) لڇمڻ خوبچنداڻي: مقالو: "ڪڇ جون ذاتيون ۽ ٻوليون: هندواسي. 20 ڊسمبر. 1962ع ص 5 ۽ 6.

(2) ايضاً

(3) John Wilson, *History of the Suppression of Infanticites in Western India*, Bombay, 1855, pp. 167-168.

اٽڪل 500 سال اڳ ڪڇ ۽ سنڌ جو پاڻ ۾ سياسي ۽ واپاري گهاٽو ناتو هو. هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ چڱي اچ وڃ هئي. ڪڇ ۾ پڻ اسلام جو زور هو، ان وقت ڪڇ جو اٽڪل اڌ تعداد مسلمان ٿي چڪو هو. هن وقت به ڪڇ ۾ 25 سيڪڙو مسلمان رهن ٿا (1).

خليفو نبي بخش پير صاحب پاڳاري جي روحاني فيض جي تبليغ خاطر سنڌ کان ٻاهر ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف ويو ۽ پنهنجي تبليغ جي دائري کي وسيع ڪيائين.

خليفي صاحب جي تبليغ هيٺ هزارين ماڻهو حر جماعت جي ذمري ۾ داخل ٿيا. ڪڇ ۾ "بنيءَ" واري پرڳڻي ۾ گام مستوا ۽ ٻين ڳوٺن جا رهاڪو مريد ٿيا، جيڪي سرحد ڪليل رهڻ تائين درگاهه شريف سان پابند رهيا (2).

سنڌ ۾ ڪيترين ئي اهڙين درگاهون پڻ آهن جتي آزاديءَ کان اڳ هزارن جي تعداد ۾ ڪڇي مريد، هندو توڙي مسلمان ڏيهاڙن ۽ عرسن جي موقعي تي اچي حاضري ڀريندا هئا. انهن ۾ بدين ۾ شاهه قادري ۽ جي درگاهه، ٽنڊي باگي طرف شاهه طريل جي درگاهه، ڪڙهيي گهنور ۾ خليفي محمود نظاماڻيءَ جي درگاهه، ننگر کان 12 ميل پري پير پٺي ۽ جميعل شاهه گرناريءَ جي درگاهه، جاتيءَ ۾ مغل ٻيڻ‌ءَ جي درگاهه، شاهه لطيف ۽ شاهه ڪريم جون درگاهون، شاهه بندر ۾ شاهه يقيق جي درگاهه ۽ چوهڙ جماليءَ کان اڳتي شاهبندر- چوهڙ روڊ تي ابن شاهه جي درگاهه، سيراٽين کان اڳتي، ساحلي خطي ۾ احمد راجي جي درگاهه، ساري سنگهار جون دونهيون، اهڙا خاص ناتا ۽ نڪاتا هئا، جتي هر سال هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ڪڇ کان اچي حاضري ڀريندا هئا.

ساڳيءَ طرح ڪڇ ۾ پڻ ڪيترين ئي درگاهون، تيرٿ ۽ تڪيا هوندا هئا، جتي هر سال هزارن جي تعداد ۾ سنڌ جا ماڻهو، هندو توڙي مسلمان ڪڇ ويندا هئا. انهن مان لکپت جي الهنداڻين طرف ڪوري ڪاريءَ جي ايرندي طرف

(1) ڄيٺمل خوبچنداڻي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 5-6.

(2) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: خليفي صاحب جو رسالو، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع، ص 18.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

نارائڻسر ۽ ڪوٽيسر ۾ وڏا مندر هوندا هئا، جتي شاهه ڀٽائي پڻ ويو هو. اهڙو ثبوت شاهه صاحب جي ڪلام ۾ موجود آهي.

انهن کان سواءِ نريي ۾ حاجي امير پير جي درگاهه، ڳوٺ ولسري لڳ لانگاه پير جي درگاهه. بدين جي آمهون سامهون سنڌ ۽ ڪڇ جي رڻ جي ڪنڌيءَ تي حاجي پير جي درگاهه. حاجي پير جي درگاهه کان ڇهه ميل ڏکڻ طرف ڪرول پير جي درگاهه. جنگلا سر، ماتا جو مڙهه، پئونتر جک، سيکراڙ پير، پڙ وارو پير، نارائڻ سر کان الهندي، ڪوريءَ لڳ سانولي فقير جت، ميين تماچيءَ، پير غوث محمد جون درگاهون، آستان ۽ تيرٿ آهن، جتي ميلا ۽ ملاکڙا پڻ لڳندا هئا، جت هر سال هزارن جي تعداد ۾ سنڌي وڃي گڏ ٿيندا هئا (1).

## 3 - ڪڇي لهجو ۽ علم ادب:

مٿي سنڌ ۽ ڪڇ جي سياسي، سماجي، واپاري ۽ مذهبي ناتن جي بيان کان پوءِ ڏسڻ گهرجي تہ لسانيات جي ماهرن ڪڇي ٻوليءَ لاءِ ڪهڙو رايو ڏنو آهي (2).

سر گريئرسن ڪڇي ٻوليءَ کي سنڌي زبان جو لهجو قرار ڏنو آهي (3). هن جي راءِ موجب ڪڇي لهجي ۾ وچولي ۽ لاڙي لهجي جا ڪيترائي عنصر ملن ٿا(4). ڊاڪٽر سورلي پڻ 1931ع واريءَ آدمشماريءَ جي رپورٽ ۾ ڪڇي ٻوليءَ کي سنڌي زبان جو هڪ لهجو ڄاڻايو آهي (5). هن ڏس ۾ ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو:

"ڪڇ ملڪ اپبيٽ آهي، ٿن پاسن کان سمنڊ جون ڇوليون ڇلڪا ڏيئي ان جا پٽ پٽيون پسائين. تنهن ڪري اهو 'ڪڇ' يعني سمنڊ جي

(1) محمد سومار شيخ: مقالو: "ڪڇيءَ سنڌي ٻولي". ماهوار نئين زندگي، جنوري 1961ع ص 7.

(2) Grierson, H., *Linguistic survey of India*, Vol: VIII, 1919, p. 184.

(3) Ibid.

(4) *Cencus report*, 1931, p. 330.

(5) ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ. ص 151.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪناري وارو ملڪ سڏجي ٿو. اتي جيڪا سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي، سا ڪڇڪي سڏجي ٿي" (1).

جيتوڻيڪ ڪڇ رياست هن وقت هندستان جي صوبي گجرات جو هڪ ضلعو آهي، پر لساني حد بنديءَ واريون ليڪون (Isoglossis) سياسي حدون لتاڙي، سنڌي زبان جي لساني جاگرافيءَ واري سرحد ۾ ڪڇي ٻوليءَ کي پڻ شامل ڪري ويون آهن. ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچند لکي ٿو (2):

" ڪڇ جو دؤرو ڪندي عام ماڻهن مان معلوم ٿيو ته هو پنهنجي ٻوليءَ کي گجراتيءَ بجاءِ سنڌيءَ جي ويجهو سمجهن ٿا (3). ڪن ٻڌايو ته ڪڇي ٻولي سنڌي ۽ پنجابيءَ جي ملاوٽ مان نهيل آهي" (4).

" ڪڇي ته سنڌي ٻوليءَ جو ئي هڪ قسم آهي. ڪڇي ۽ سنڌيءَ ۾ فرق رڳو اهو آهي ته ڪڇيءَ ۾ گهڻا گجراتي لفظ اچي ويا آهن" (5).

ڊاڪٽر خوبچندائي ڀارت ۾ موجوده سنڌي ٻوليءَ جي مختلف نمونن جي سرشتي جو اڀياس ڪرڻ ۽ ان ڏس ۾ کوجنا ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪڇ جو دؤرو ڪيو هو. هن اتي جي ڪمين ڪاسبين، واپارين، ڪڇ جي مهاراءِ جي درٻاري عملي، سرڪاري عملدارن ۽ ڪن ڪڇي ودوانن سان پڻ ملاقاتون ڪيون، ۽ انهن وٽان ڪڇي ٻوليءَ، ساهت، سڀيتا، اتهاس وغيره بابت ڪافي معلومات حاصل ڪيائين. انهيءَ معلومات جي آڌار تي هن هڪ ليک لکيو هو، جو روزانو هندواسي، ماهه ڊسمبر 1962ع جي ويهين تاريخ واري پرچي ۾ ڇپيل آهي (6).

مٿي ڏيکاريو ويو آهي ته سياسي، سماجي، مذهبي تجارتي ۽ واپاري ناتن ۽ رشتن جي ڪري ڪڇ واري ايراضي سنڌ جو هڪ حصو آهي. انهن سببن ۽ ناتن

---

(1) ڀيرو مل: حوالو ڏنو ويو آهي.

(2) لڇمڻ خوبچندائي: مقالو، "ڪڇ جون جاتيون ۽ ٻوليون". هندواسي، 20 ڊسمبر 1962ع، ص ص 5-6.

(3) ايضاً

(4) ايضاً

(5) ا...

(6) ايـ...

(7) لڇمـ... خو...چندائي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 5-4.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

توڙي اقتصادي مسئلن جي ڪري هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو: خواجا، ميمڻ، لوهاڻا، ڀاٽيا ۽ سونارا وغيره ٺٽي، شاهبندر، سيوهڻ، جوڻ، رڙي، بدين، علي بندر، ونگي پتڻ ۽ ٻين شهرن مان لڏي ڪڇ ۽ گجرات جي بندرن تي وڃي آباد ٿيا. جتي سوين سال گذرڻ جي باوجود، هو پنهنجي مادري زبان قائم رکندا آيا آهن، ۽ گهرن ۾ توڙي ٻاهر واپاري ڏي - وٺ ۾ پنهنجي مادري زبان استعمال ڪندا آيا آهن. اڄ به ڪڇ جا خواجا، ميمڻ، لوهاڻا، جاڙيجا ۽ ٻيون ذاتيون، وڻج - واپار ۽ گهرو استعمال ۾ ڪڇي ٻولي ڪتب آڻيندا آهن. خواجن، لوهاڻن ۽ ميمڻن وغيره جي ٻوليءَ جو روپ، توڙي رسمون ۽ رواج هڪ جهڙا آهن. انهن ڪي ڪڇ ۽ سنڌ سان لهه وچڙ بابت ڪجهه وڌيڪ چٽي ڄاڻ آهي. انهن قومن جي ڳالهائڻ ۽ ڪاڏي پيتي وغيره ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي. لوهاڻن ۽ ميمڻن جو ”درياه پير“ ۾ گهڻو وشواس آهي. ميمڻ اڄ ڏينهن تائين ڄمڻ ۽ شادي وغيره ۾ سنڌ جون هندڪيون (پراڻيون سنڌي) رسمون نباهيندا آهن.

ڪڇ جا ميمڻ اڄ ڏينهن تائين قرآن شريف جي درس مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، سنڌي زبان ۾ لکيل ڪي مذهبي ڪتاب جهڙوڪ ’سنڌي نور نامو‘ ۽ ’بهشتي زيور‘ وغيره پڙهندا آهن (1). اڄ ڏينهن تائين سندن سنڌي جي تعليم جاري آهي. هرڪو ميمڻ ٻار سرڪاري تعليم وٺڻ لاءِ اسڪول وڃي يا نه، پر ڳوٺ جي ملان وٽ عربي ۽ سنڌي لپيون پڙهڻ جي تعليم ضرور وٺندو آهي ته جيئن هو اهي مذهبي ڪتاب صحيح اچارن سان پڙهي سگهي (2). انهن سنڌي ڪتابن جو سنڌي ادب ۾ ’ابوالحسن جي سنڌيءَ‘ جي نالي سان ذڪر ملي ٿو. اهي ڪتاب اڳ بمبئي ۽ گجرات ۾ شايع ٿيندا رهيا. ۽ گهڻو ڪري هر ڪنهن ڪڇي توڙي ڪاٺياواڙي ميمڻ جي گهر ۾ ملندا(3).

---

1) لڇمڻ خوبچنداڻي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 5-4.

:ڊاڪٽر پرسي ”ڏدواڻيءَ پڻ هن ڏس ۾ ڪڇ جي بني ايراضيءَ ۾ سالن جا سال رهي وڏي تحقيق ڪئي آهي. ڏسو: پرسو گدواڻي، *سنڌي ٻوليءَ جي ياترا*.

2) لڇمڻ خوبچنداڻي: حوالو ڏنو آهي، ص ص 5-6.

(3) ايضاً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سمنڊ جي ڪنارن تي رهندڙ مهاڻا، هندو توڙي مسلمان آهن. ٻڙهالي نالي هڪ مسلم قوم پڻ هن ايراضيءَ ۾ ملي ٿي . اهي سڀ قومون گهرو ۽ ٻاهرئين وهنوار ۾ عام طور ڪڇي ڳالهائين. واپاري ذي - وٽ ۾ پنهنجي زبان پيا استعمال ڪندا آهن. سنڌن ٻوليءَ تي جيتوڻيڪ مقامي ماحول، رسم ۽ رواج، اٿڻي ويهڻي، مقامي جاگرافيائي حالتن جو اثر ٿيو آهي، سنڌن زبان اتي جي گجراتي واپارين وغيره جي زبان جو اثر قبول ڪيو آهي. پر سنڌن ٻولي اهي اثر وٺندي، انهيءَ اثر جي ڪري نئين ڍنگ ۽ نئين ڍار سان قائم رهندي آئي آهي. ڪٿي ان کي ڪڇي سڏيو ويو ته ڪٿي ميمڻي، ته ڪٿي وري جهوناڳڙي. بهرحال اها زبان اڄ به قائم آهي، ۽ جيڪا اڄ به ڪڇ، ڪاٺياواڙ جي اڳوڻين رياستن ۾ ڪيترائي هندو توڙي مسلمان ڳالهائيندا آهن. گجرات ۽ ڪاٺياواڙ واري باب ۾ هن جو وڌيڪ ذڪر ڪيو ويو آهي. مگر هت ايترو ضرور چئبو ته انهن ٻولين جي ڳالهائڻ وارا توڙي معياري سنڌي ڳالهائيندڙ هڪ ٻئي کي چڱيءَ طرح سمجهي سگهندا آهن.

### 4. - علم ادب:

سنڌي علم ادب جي تاريخ جي ماهرن کي معلوم آهي ته سنڌ ۾ مبلغن ۽ ديني مدرسن ۾ درس ڏيندڙ عالمن، نو مسلمن لاءِ سنڌي زبان ۾ ڪتاب لکيا ته جيئن اهي نو مسلم اسلام جي تعليم کان واقف ٿي سگهن.

مٿي اسماعيلي مبلغن جي تبليغ جو ذڪر ڪيو ويو آهي. اسماعيلي مبلغن ۽ داعين پنهنجي نو مسلم مريدن لاءِ نثر توڙي نظم ۾ اسلام جا اصول بيان ڪيا. انهن جو تفصيل سان ذڪر ماهوار نئين زندگيءَ جي فيبروري ۽ مارچ 1972ع وارن پرچن ۾ ڪيو ويو آهي.

اسماعيلي مبلغن مان پير ستگر نور، پير شمس سبزواري ملتاني، پير صدر الدين، پير حسن ڪبيرالدين ۽ پير امام شاهه جو گهڻو ڪلام سنڌي زبان جي ڪڇي لهجي ۾ پڻ آهي. اهو ڪلام خواجڪي سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکت جي صورت ۾ اڄ پڻ ڪڇ، گجرات، سنڌ ۽ ٻين هنڌن اسماعيلي جماعت وٽ موجود آهي.

اسماعيلي مبلغن جي ڪلام کان سواءِ ڪڇ ۾ پيا به ڪيترائي عالم ۽

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مولانا حامد پيج واري جو نالو بہ ذڪر ڪرڻ جي لائق آهي، جنهن فقه حنفيءَ جي مسئلن تي 1240هـ ۾ الف اشباع جي قافيي ۾ سنڌي زبان ۾ سراج المومنين نالي ڪتاب لکيو. هي قلمي نسخو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جي لائبرريءَ ۾ موجود آهي.

اهڙيءَ طرح ڪڇ جي شاعرن مان هيٺين جا نالا مشهور آهن (1):

(i) پير غوث محمد لکپت وارو (ii) سيد مير صاحب آرڪائي وارو، (iii) باقر شاهہ نارڙاپي وارو (iv) عمر لوهار، ٻائٽ وارو، (v) سيد قاسم، مڏئي بندر وارو، (vi) منثار شاهہ، (vii) ميرڻ ملوڪ ڪوڙ لکپت وارو، (viii) چڱو جت ۽ (ix) عمر منڌرو.

انهيءَ کان سواءِ شاهہ جي رسالي جا وڏي ۾ وڏا ڄاڻو فقير بہ ڪڇ ۾ ٿي ٿي گذريا آهن. شاهہ جي رسالي جا ڪيترائي قلمي نسخا ڪڇ ۾ لکيا ويا (2). ماستر محمد سومار شيخ کي ڪڇ مان شاهہ جي رسالي جو مٿو شاهہ وارو نسخو هٿ آيو هو، جيڪو هن ڊاڪٽر دائودپوٽي صاحب جي حوالي ڪيو. اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ شاهہ جي رسالي جي ايڊٽ ڪيل هڪ نسخي ۾ ڪڇ ۾ لکيل شاهہ جي رسالي جي قلمي نسخي جو ذڪر ڪيو آهي، جو 1279ع ۾ لکيو ويو هو (3). ڪيٽي بندر ۾ رهندڙ احمد فقير جت، شاهہ جي رسالي جو هڪ وڏو ڄاڻو ليکيو ويندو هو. هن ڪجهہ سال اڳ وفات ڪئي هئي. اصل ڪڇ جو رهاڪو هو. اهڙيءَ طرح قاسم فقير ٻگاٽي کي شاهہ جو ڪلام ياد هوندو هو. احمد فقير جت جو پٽ رمضان فقير جت اصل ڪڇ جو رهاڪو هو، جو بدين طرف رهندو هو. تازو وفات ڪري ويو. پنهنجي دؤر ۾ سنڌ ۾ لطيف تي ملڪو رکندڙ فقير هو.

13 مئي 1982ع تي، ڪيٽي بندر ۾ حاجي طيب فقير جت سان ڪچهري

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: "سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو"، 1956ع، ص 229.

(2) پرسو گدواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي ياترا*.

(3) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: *شاهہ جي رسالي جي ترتيب*، حيدرآباد، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز، 1974ع، ص 3.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪئي وئي. هو به لطيف جي ڪلام جو وڏو حافظ هو. هو اصل لکپت کان ٻاهر هڪ ڳوٺ جو رهاڪو هو. وٽس ڪي ڪتاب به هئا. جيڪي هو ڪڇ ۾ ڇڏي آيو. ڪيٽي بندر ۾ صديق فقير جت لطيف جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو فقير رهندو هو.

اڄ پڻ ڀڄ ريڊيو تان صبح جو سوير ڀڄڻ واري پروگرام ۾ شاهه جو ڪلام توڙي ٻين صوفي فقيرن جو سنڌي ۽ ڪڇي زبانن ۾ ڪلام، ڳايو ويندو آهي.

ڪڇ - ڀڄ ۽ راجڪوٽ ريڊيو ٻڌندڙ دوستن کي معلوم آهي ته روزانه پربات جو ڀڄڻ واري پروگرام ۾ شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل ۽ ٻين ڪيترن ئي شاعرن جي واين ۽ ڪافين کان سواءِ ڪڇ جي شاعرن جو ڪيتروئي ڪلام اتي جي ڳائڻن جي آوازن ۾ نشر ڪيو ويندو آهي.

هن وقت به ڪڇ ۾ بيشمار شاعر موجود آهن جڪي ڪڇي زبان ۾ پنهنجا خيال ظاهر ڪندا آهن. ماستر محمد سومار شيخ ڪڇ ۾ سير سفر ڪري ڪڇي شاعرن جو چيل ڪلام گڏ ڪيو. جيڪو ڪتابي صورت ۾ سنڌي ادبي بورڊ طرفان 'ڪڇين جا قول' جي عنوان سان ڇپجي ظاهر ٿيو.

ڪڇ جي حاڪمن پڻ سنڌي (ڪڇي) زبان کي ڏاڍو همٿايو. هنن چارڻن فقيرن ۽ شاعرن کي وڏا وڏا ڏان ڏنا. راءِ لاکي جي پيءُ ڄام ڦل، بهاولپور جي چارڻ کي وڏا وڏا انعام ڏنا. ڄام ڏيسر، ميانجي حسن آرڪاٽي نالي شاعر کي خوب نوازيو. ميانجي حسن راءِ ڪنگهار جو درباري ڳائڻو هو (1).

هن ڏس ۾ هندستان کان لڏي آيل هڪ ميمڻ دوست، محترم يحيٰ ياواڻيءَ سان اوچتو ملاقات ٿي، ۽ ساڻس طويل گفتگو پڻ ٿي. هو هن وقت سنڌي ۽ گجراتي لوڪ گيتن جو مطالعو ڪري رهيو آهي. روزانه گجراتي اخبار "وطن" جي آچر 17-9-1978ع واري پرچي ۾ مسٽر ياواڻيءَ "هو جمالو" جي عنوان وارو مشهور سنڌي لوڪ گيت، ڪڇي لوڪ گيت جي عنوان سان ڏنو آهي، جو ڪڇ ۾ عام طور ۽ عوامي زندگيءَ ۾ ڳايو ويندو آهي.

مسٽر يحيٰ ياواڻيءَ طرفان اخبار وطن ۾ ڇپايل "هو جمالو" کي ڪڇي

1) محمد سومار شيخ: مقالو "ڪڇ ۾ سنڌي ٻولي". ماهوار نئين زندگي، جنوري، 1961ع، ص -7.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لوڪ گيت ليکيو ويو آهي. هو لکي ٿو تہ ”هي لوڪ گيت دَليراءِ ڪاراڻيءَ جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”ڪڇ نو لوڪ ساهتيہ“ مان صفحي 334 تان نقل ڪري ڏنو ويو آهي.“ پنهنجي ريمارڪ ۾ ٻاواڻي صاحب لکي ٿو تہ: هو جمالو لوڪ گيت ۾ سنڌين ڪڇ جي ماڻهن جي گهڻي واکاڻ ڪئي آهي. مسٽر ٻاواڻي ”هوجمالي“ جا ٻول هن ريت رڪارڊ ڪيا آهن:

هو جمالو ري ٻيلي! — هو جمالو.
جمالو جتن جو، — هو جمالو.
اسين ٻيلي ڪنياسين، — هو جمالو.
اسين ماڻهو ڪڇ جا. — هو جمالو.
اڇا چوڪا ڪير ۾، — هو جمالو.
رتا چوڪا ڇاءِ ۾، — هو جمالو.
ڪارا ڏونگر ڪڇ جا، — هو جمالو.
ڪارا ميگهہ ملهار ٻيلي، — هو جمالو.
ڏورا ڏڻ ڏٽار جا. — هو جمالو.
ڏورا ڏابر چير ٻيلي، — هو جمالو.
مٺا ماڙهو ڪڇ جا. — هو جمالو.
مٺا مينهين ڪير ٻيلي، — هو جمالو.

هن لوڪ گيت کان سواءِ مسٽر ٻاواڻيءَ ”پٽهاريءَ جي لوڪ گيت“ جي عنوان سان ٻيو هڪ ڪڇي لوڪ گيت پڻ مون کي ڏنو هو. جنهن جا ٻول هي آهن:

## پٽهاريءَ جو گيت

ڪدي ٻاڻي را ڪين ويچا؟ ٻوَن تو لڳي.
ٻوَن تو لڳي – اي – نجر (نظر) تي لڳي.
منهنجي ويٽي ويکاجي .... ٻوَن تو لڳي.
منهنجا قلڙا ڪرماجي .... نجر (نظر) تي لڳي.
منهنجي مينڌي رنگاجي .... ٻوَن تو لڳي.
رتو رنگ رجناجي .... نجر (نظر) تي لڳي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

منهنجي ڇيل لڇڪاجي .... ڀَوَن تو لڳي.

منهنجي هيل ڪين ڀراجي .... نجر (نظر) تي لڳي.

ڪڇ جي شاعرن جي جوڙيل ڪلام جو موضوع ۽ مضمون لڳ ڀڳ ساڳيو سنڌ وارو آهي، يعني اخلاقي ۽ صوفياڻو ڪلام، جنهن ۾ دنيا کي فاني سمجهڻ، عبادت ڪرڻ، چڱا ڪم ڪرڻ، هٺ وڏائي، لوڀ ۽ لالچ کان پرهيز ڪرڻ جهڙا مضمون بيان ڪيل آهن. ڪڇ جي شاعرن جون پسنديده صنفون ڪافي، بيت، دوها ۽ سورٺا آهن.

## 5 - ڪڇي لهجي جو مطالعو:

هن باب ۾ ڪڇي لهجي جي صوتياتي، اصواتي، صرفياتي ۽ نحوي صورتن جو جائزو وٺڻ وڌي ڊيگهه ٿيندي جو ته گريئرسن لکي ٿو ته: "سنڌي زبان جي وچولي لهجي، لاڙي لهجي ۽ ڪڇي لهجي ۾ تمام گهڻي يڪسانيت آهي، البت نحوي خزاني ۾ ڪجهه ڦير گهير آهي." بهرحال هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا ته جيئن پڙهندڙن کي ڪڇي لفظن جي اچار ۽ معياري لهجي واري اچار جي خبر پوي ۽ صوتياتي فرق محسوس ٿي سگهي. هن ڏس ۾ ڀيرومل لکي ٿو ته:

"ڪڇڪيءَ جي اُچارن ۾ ڦير آهي، ۽ ڪيترا لفظ ۽ اصطلاح ٻيا اٿس"

ڀيرو مل جي راءِ موجب ڪڇڪي ۽ لاڙيءَ ۾ جيڪا مشابهت آهي، تنهن جو ثبوت هيٺ ڏنل مثالن مان ملندو (1).

(i) لاڙيءَ وانگر اُچارن کي سسائڻ جي عادت اٿن،

مثلاً (2):

| معياري اُچار | ڪڇي اُچار |
|---|---|
| ڏنائينس | ڏنينس |
| پڇيائينس | پڇينس |

(ii) لاڙيءَ وانگر "هه" کي حذف ڪريو ڇڏين:

(1) ڀيرو مل آڏواڻي: "*سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*" ص 152

(2) هي رايو عام لسانيات جي اصطلاحن موجب ٻيءَ طرح هيئن لکبو: ڪڇي لهجي ۾، لاڙي لهجي وانگر، سرن کي حذف ڪرڻ جي عادت عام آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| معياري اُچار | لاڙي اُچار | ڪڇي اُچار |
|---|---|---|
| ڪنهن | ڪين | ڪين |
| تنهن | تين | تين |

(iii) لاڙين وانگر اِتان جي بدران چون اِٿان
جتان جي بدران چون جِٿان

(iv) لاڙين وانگر گهر وغيره جي تغيري صورت کي ڏسو ڪن:

| معياري اُچار | ڪڇي اُچار |
|---|---|
| گهر ويو | گهرين ويو |
| جانور کي چارو ڏي | جانورين کي چارو ڏي |

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي تہ ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ معتبر شاعر جو شعر جڻ ڪسوٽي آهي. پنهنجيءَ دعويٰ جي دليل لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڪڇ جي شاعرن جي شعر مان ڪجهہ مثال ڏنا آهن. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

" ڪڇي ٻوليءَ جي مطالعي واسطي ڪڇ جي شاعرن جي شعر کي پيش ڪنداسون. اهو شعر ڪڇي ٻوليءَ جي دارجي (Colloquial)، توڙي پڪي زبان (Standard) ۾ چيل آهي. اسان ٻنهي جنسون پيش ڪنداسون. انهيءَ لاءِ تہ اسان کي 'ڪڇي محاوري'، جي ڪماحقہ ماهيت معلوم ٿئي" (1).

ڊاڪٽر صاحب مئين ملوڪ کوڙ ۽ منثار شاهہ جون ٻہ ڪافيون مثال طور ڏيئي، پڪي زبان (بقول ڊاڪٽر صاحب جي) جي سمجهاڻي ڏني آهي.

مئين ملوڪ جي ڪافي:

ٿلهہ: سچ وڃي سهڻي پرندي
ساريون راتيون سمونڊ ۾

(1) پي ني پيالو پر ٿئي، چڪي مان چاندي
ساريون راتيون .... ....

(2) لهرين لوڏي چڏئي، ڪن ٻہ ٿيا هس ڪانڌي

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقالو "سنڌي ٻولي جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو" مهراڻ جون موجون، 1956ع، ص ص 229 ۽ 230.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

والنپ بالم (پيارو، محبوب)

ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مقالي جي آخر ۾ ڪڇي لهجي جي باري ۾ جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن سي هن ريت آهن (1):

(i) پڪي ڪڇي محاوري ۽ پڪي سنڌيءَ ۾ بلڪل ٿورو فرق آهي.

(ii) ڪڇي محاوري جون لساني خوبيون ساڳيون لاڙي، ڪاري، لس ۽ جبل جي محاوري جهڙيون آهن.

(iii) لب و لهجي ۽ لفظن جي اُچار ۽ آواز ۾ ڪڇي محاورو جڻ نيٺ لاڙي محاوري جهڙو آهي.

(iv) "ڊ" ۽ "ٿ" جا اُچار ڪڇي محاوري ۾ سنڌ جي محاورن ڪان نسبتاً بهتر ۽ صحيح حالت ۾ موجود آهن.

(v) ڪڇي محاوري ۾ ڪي الفاظ هندو تهذيب جي زير اثر رائج ٿيل آهن.

(vi) ڪڇي محاوري ۾ وڏو تعداد انهن لفظن جو آهي جي خود هن محاوري جي مڪاني سرزمين ۽ ان جي تمدن جي پيداوار آهن.

جيئن لاسي لهجي واري باب ۾ ڏنو ويندو ته لاسي لهجي ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن، جيڪي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ معياري لهجي ۾ هڪجهڙا آهن، پر لغت ۾ اهي الڳ آهن. اهڙن لفظن تي مشتمل ڪڇي لفظن جي لغت تيار ڪري سگهجي ٿي. هت ڪي ٿورا مثال ڏجن ٿا:

| ڪڇي لهجي جا لفظ (2) | معياري لهجي ۾ نعم البدل | ڪڇي لهجي جا لفظ (3) | معياري لهجي ۾ نعم البدل |
|---|---|---|---|
| اوڙڪڻ | سڃاڻڻ | ورياري | وڏف |
| باپو | بابو | ڏيلو | اوطاق |
| ٻايڙي | زال | ڦاريو | ڀتڪو |
| پڳ | پير | پڳرڪو | جتي |

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: مقالو "سنڌي ٻولي جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو" مهراڻ جون موجون، 1956ع، ص 235.

(2) پيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 154.

(3) ايضاً، ص ص 236 ۽ 237.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ڦڳائڻ | اُجلڻ | چيٽي | سٽڻ |
| ڏونگري | بصر | سيلري | ڪمند |
| لسڻ | ٿوم | هولو | ڳيرو |
| روسڻ | ڪُهڻ | سوڙو | طوطو |
| جهمڻ | ڪائڻ | آساڍ | آڪاڙ |
| آڏي | اڊائي | ... اڻ | سانوڻ |
| ڪاوو | ڪاڏو | سيراڻ | نيرن |
| ڳتا | گراه | سيڻ | سرڻ (پکي) |
| ريگٽا | واگهڻ | ڪرو | چا |
| گيسوڙي | توري | ڪَ لاءِ | چالاءِ |
| جوڙو | جتي | ڪماڙ | در |
| گاگرو | پڙو | جهمڻ | ڪائڻ |

## 6 - ڪڇي ٻولي ڳالهائيندڙن جو تعداد:

هاڻ ڏسڻ گهرجي تہ ڪڇي ڳالهائيندڙن جو تعداد ڪٿي ڪٿي آباد آهي، ۽ ڪيترو آهي؟

ڪڇ جي اتر طرف سنڌ ۾ لاڙي لهجو ڳالهايو ويندو آهي. اوڀر طرف گجراتي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي ۽ ڏکڻ ۾ ڪاٺياواڙ ۽ گجراتي ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن.

ڪڇ ۾ مختلف ٻوليون ڳالهايون وينديون آهن. برهمڻ ۽ واڻيا گجراتي ڳالهائين. آهير، چارڻ، جت ۽ ٻيا مالوند ماڻهو ۽ ٻاڳيا روزانہ استعمال ۾ ڪڇي ٻولي ڳالهائين. اهڙيءَ طرح جاڙيجا، لوهاڻا، ڀاٽيا ۽ ٻيا سنڌ کان آيل قبيلا ڪڇي ڳالهائين.

هيءَ ٻولي نہ فقط ڪڇ ۾ ڳالهائي ويندي آهي پر اهي ماڻهو جيڪي ڪڇ مان لڏي پر وارين رياستن ۽ ايراضين ۾ وڃي آباد ٿيا آهن، انهن ڪڇيءَ کي اوڏانهن وڏايو ۽ ويجهايو آهي. اهڙيءَ طرح 1931ع، 1951ع ۽ 1961ع جي مختلف آدمشماريءَ موجب ڪڇي ڳالهائيندڙن جو تعداد هيٺ ڏجي ٿو:

1931ع واري آدمشماريءَ موجب ڪڇي ڳالهائيندڙن جو تعداد 452428 آهي. ڪڇي ٻولي جن جن خطن ۾ ۾ ڳالهائيندي ويندي هئي، تن جي ڳالهائيندڙن جو تعداد مختلف سالن جي آدمشماريءَ جي حوالي سان هيٺ ڏجي ٿو:

| نمبر | خطي جو نالو | 1931 |
|---|---|---|
| (1) | هالار اسٽيٽ جا ۽ ٻاتيا ۽ ٻيا | 8000 |
| (2) | بمبئيءَ ۾ ڪولابا ۽ ٻيءَ ايراضيءَ ۾ | 45000 |
| (3) | ڪڇ | 311000 |
| (4) | ڪاٺياواڙ | 76214 |
| (5) | ٻڙودا رياست جي امَريلي پرانت ۾ | 12214 |

ڪڇي لهجي کان سواءِ ڪڇ ۾ معياري سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد 18470 رهي ٿو جيڪي آزاديءَ کان اڳ تورڙي پوءِ ڪڇ ۾ وڃي آباد ٿيا آهن.

هن سڄي بحث جو تت هي آهي تہ ڪڇ ۾ سنڌي زبان جو اثر قديم زماني کان رهيو آهي ۽ انهيءَ ڪري لساني جاگرافيءَ جي نقشي ۾ ڪڇي زبان کي سنڌي زبان سان شامل ڪرڻ گهرجي.

# ضميمو ”الف“

## سنڌ، گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي سمن سردارن جو شجرو

- نرپت
  - أڏو (ڇهين پيڙهي)
    - لاکيار (اٺين پيڙهي) (هن ننگر ٺٽي جي سوڍيءَ سان شادي ڪئي)
      - لاکو گرڙا (1250ع ڌاري ٿي گذريو آهي)
        - ڦل
        - اِکو
        - ساند
        - ويريار
        - اونڙ
        - موڙو
          - سار (1290ع ڌاري)
            - ڦل (1350ع ڌاري)
              - جام لاکو ڦلاڻي
              - گوڙ
        - منهيو
        - جام اُنڙ (هن کي سنڌس ڀائرن (موڙي ۽ منهيي) قتل ڪيو. آهي پوءِ ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا).
          - جام تماچي
            - جام ساند
              - جام ويرجي
              - جام جاڙو (جاڙيجا هن جو اولاد آهن)
                - گجن
                  - هردولجي (دول رياست جو باني)
                  - جام راول (نوا ننگر جو حاڪم (هن جي خاندان مان جام ويوجي ٿيو، جنهن راجڪوٽ جو بنياد وڌو.)
                - هوٿي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو ”ب -1“

## سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن جو شجرو

(سيد حسام الدين راشديءَ جي ايڊٽ ڪيل ڪتاب تحفة الڪرام مان صفحي 59 کان 61 تائين شامل ڪيل مواد کي سامهون رکي جوڙيو ويو. ڏسو تحفة الڪرام، سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع)

ڄام لاکو بن لاکيار بن اُڍو بن اوڍار بن نوتيار بن هسپت بن ڄام بن سام بن سنبوت.




ڏسو صفحو 42

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو "ب -2" (ملندڙ)




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ضميمو "ب -3" (هلنڊڙ)



# ببليوگرافي


1. اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصه اول، لاهور، انجمن ترقيءِ اردو، 1971ع.
2. ڀيرو مل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع
3. علامه غلام مصطفيٰ قاسمي: *ڪنزالعبرت*، مهاڳ، ڪراچي، 1961ع.
4. علي شير قانع: *تحفته الڪرام*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع.
5. علي شير قانع: *تحفته الڪرام*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1971ع.
6. علي شير قانع: *مقالات الشعرا فارسي*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين شاه راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع.
7. غلام رسول مهر: *تاريخ ڪلهوڙا*، جلد دوم، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع.
8. گربخشاڻي، هه - م، ڊاڪٽر: *روح رهاڻ*، حيدرآباد، سنڌي ڪتاب گهر.
9. لڇمڻ خوبچنداڻي: مقالو، "*ڪڇ جون جاتيون ۽ ٻوليون*"، هندواسي، 20 - ڊسمبر، 1962ع.
10. محمد سومار شيخ: مقالو، "*ڪڇي ۽ سنڌي ٻولي*"، ماهوار نئين زندگي، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشنز، جنوري، 1961ع.
11. مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي 1957ع.
12. مير محمد بن جلال ٺٽوي: *ترخان نامه*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1965ع.
13. مير معصوم بکري: *تاريخ معصومي*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع.
14. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: *لاکو ڦلاڻي*، حيدرآباد، سنڌي مجلس، سنڌي شعبو، سنڌ يونيورسٽي، 1958ع.
15. ايضاً، مقالو: "*سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جو ڪڇي محاورو*"، مهراڻ جون موجون، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشنز 1956ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

16. ايضاً: سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد 1962ع.

17. ايضاً: شاهه جي رسالي جي ترتيب، حيدرآباد، شاهه عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز، 1974ع.

18. نائون مل: يادگيريون، مترجم محمدحنيف صديقي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1968ع.

19. Aitken, E. H., *Gazetteer of the Province of Sindh,* Karachi, American Press, 1907.

20. Captain Wilberforce, H. Bell, *The History of Kathiawar*, London, William Heinemann, 1916.

21. Grierson, H., *Linguisic Survey of India*, Vol. VII, 1919.

22. Raverty, H.K., *Mehran of Sindh*, Calcutta, 1892.

23. Sigrid Westphal Hellusch Dr. and Heinz Westphal Dr. Duncker and Humbolt, *The Jats of Pakistan,* Berlin, Duncker Humbolt, 1964.

24. Smyth, J. W., *Gazetteer of the Province of Sindh*, Vol. B, 1919.

25. Thadhani, T. S., "*The Lohanas*," an article published in J.S.H.S., Vol. VIII, No. 3, Karachi, January, 1948.

26. *Imperial Gazetteer of India*, Vol. ١٧

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 3

# ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ

گجرات صوبي کي لساني لحاظ کان ٽن حصن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: (i) ڪڇ، (ii) ڪاٺياواڙ ۽ (iii) گجرات. انهن مان ڪڇ جو احوال اڳ ۾ اچي چڪو آهي.

آزاديءَ کان اڳ ڪاٺياواڙ هڪ ايجنسيءَ جي حيثيت رکندو هو. اهو حصو گجرات صوبي کان ٻاهر، ننڍين ننڍين رياستن ۾ ورهايل هوندو هو. انهن رياستن جا حاڪم هونئن ته آزاد هوندا هئا، پر انتظامي ۽ دفاعي لحاظ کان هو انگريز راڄ ڏانهن جوابدار هوندا هئا.

ڪاٺياواڙ وارو حصو ان وقت چئن پرانتن (ڊويزنن) ۾ ورهايل هوندو هو. اهي پرانت (ڊويزنون) هئا: (i) جهالاوار، (ii) هالال (هالار) (iii) سئوراٺ، ۽ (iv) گوهيلوار، پر پراٿيون ڊويزنون ڏهه هيون؛ اهي هيون: (i) مڇ ڪنٺا (جهالار جي اولهه ۾)، (ii) هالال (اتر اولهه ۾)، (iii) اوکا منڊل (ٻڙودي جي اولهه ۾)، (iv) ٻاڙدا يا جيٺواڙ (ڏکڻ - اولهه سامونڊي ساحل سان)، (v) سئوراٺ (ڏکڻ ۾)، (vi) ٻاٻريوار (ڏکڻ- اوڀر جو جابلو علائقو)، (vii) ڪاٺياواڙ (وچيون حصو)، (viii) اُند سروي (سترنجي نديءَ جي ڪناري وارو علائقو)، (ix) گوهيلوار (ڪئمبي نار وارو ملڪ) ۽ (x) گوهيلا راجپوتن وارو ملڪ.

### (الف) سياسي رشتا ۽ ناتا:

تاريخي حوالن مان ثابت ٿو ٿئي ته ڪاٺياواڙ تي نالو ڪاٺي قوم تان پيل آهي، جا سنڌ مان لڏي ، ان پاسي وچي آباد ٿي هئي. ڪئپٽن ولبر فورس لکي ٿو:

> ”ڪاٺي قوم سنڌ مان لڏي، ڪڇ ۾ پَوار (Pavar) ۾ اچي ويٺي، پوءِ اُتان سئوراشٽر ۾، ٿاٽي ۾ اچي آباد ٿي. ڪاٺي قوم بهترين جنگجو قوم جي حيثيت ۾ مشهور هئي. هيءَ قوم چوپايو مال چورائڻ ۾ خاص طور مشهور هئي“ (1).

---

(1) Wilberforce, H. Bell, *The History of Kathiawar,* William Heinemann, London, 1916, p. 67.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽر محمد اسماعيل بيگ لکي ٿو:

” ڪاٺي قوم پهريون دفعو ٻارهين عيسويءَ ۾ سنڌ مان ڪڇ ۾، ۽ ٻيو دفعو پندرهين صديءَ عيسوي ۾ سئوراشٽر ۾ وڃي آباد ٿي. ڪاٺي قوم جي سنڌ مان سئوراشٽر وڃڻ جو هي سبب ٻڌايو وڃي ٿو ته سنڌ جي راجا جي دربار ۾ هڪ رقاصه هوندي هئي، جنهن هڪڙي ڏينهن ڀريل دربار ۾ راجا جي بي عزتي ڪئي. راجا، انهيءَ تي ناراض ٿي، ڪيس پنهنجي ملڪ مان نڪري وڃڻ جو حڪم ڏنو. مگر ڪاٺي قوم وارن هن کي پناهه ڏني. جڏهن راجا کي اها خبر پيئي، تڏهن هو ڏاڍو ڪاوڙيو، ۽ رقاصه سان گڏ ڪاٺي قوم وارن کي پڻ ديش نيڪالي ڏنائين.

سنڌ مان نڪرڻ کان پوءِ هيءَ قوم ڪڇ ۾ اچي آباد ٿي، ليڪن اتان هو سئوراشٽر ۾ وڃي رهيا. هتي مرهٽن سان هنن جا سخت مقابلا ٿيا. انهيءَ ڪري مرهٽن انهيءَ علائقي کي، جتي هو آباد ٿيا. ” ڪاٺياواڙ“ نالو ڏنو. اهڙيءَ طرح سئوراشٽ جو نالو ڪاٺياواڙ پئجي ويو“ (1).

ڪڇ مان هنن کي ڄام عبد (Abda) پندرهين صدي عيسويءَ ۾ ڀڄائي ڪڍيو (2). هو ياڻ کي ڪورون جو اولاد سمجهندا هئا. ڪورون لاءِ مشهور آهي ته هنن جي وڏي گنڌارا جي حاڪم ”گڪني“ (Gakuni) کي يدشٽر، پانڊون جي پنجن ڀائرن مان وڏي سان جوا کيڏڻ لاءِ تيار ڪيو. يدشٽر جوا ۾ پنهنجو الهو تلهو هارائي ڇڏيو، جنهن ۾ سندس حڪومت پڻ شامل هئي. پوءِ انهن پنجن ئي ڀائرن کي هڪ سال تائين بند رکيو ويو. دُريودن، هنن کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪئي. دريودن، ڄاڪاڻ ته ڪتري هو، تنهن ڪري انهيءَ ڪم جي بجا آوري ڪري نه سگهيو (3). تنهن ڪري ڪرن زمين ۾ هڪ ڪاٺي کوڙي ته هڪدم انهيءَ مان

(1) محمد اسماعيل بيگ ڊاڪٽر: *جهونا ڳڙهه*. حيدرآباد، ڪاٺياواڙ پبلشنگ ايجنسي، حميد منزل، فقير جو پڙ. 1964. ص ص 17 ۽ 18 ۽ پڻ ڏسو: ماسٽر خانچند. ڪي ڪواٽي: مضمون، ” ڪاٺي راجپوت.“ هفتيوار *هندواسي*. 11 ڊسمبر. 1960ع ص ص 7 ۽ 8.

(2) Wilberforce, op. Cit., p. 1.

(3) *Imperial Gazetteer of India,* Vol: XI London, Trubner, & co: 1885, p. 48.

هڪ ماٺهو ٻڙڪو ڪاٺي نڪتو. ان جو نالو 'ڪاٺي' رکيو ويو. جنهن جي معنيٰ آهي 'لٺ'. هن جي ٻوين ٻوءِ مال هڻڻ (مال جي چوري ڪرڻ) ۾ فخر تي محسوس ڪيو. (1).

ول راجپوت جي 'ويراول'. ڪاٺي قوم جي هڪ حسين چوڪريءَ سان شادي ڪئي (2). اڳتي هلي سئوراشٽر (ڪاٺياواڙ) جو اتر- اولهه وارو حصو ڪڇ ڪان آيل جاڙيجن جي سرگرمين جو مرڪز بنجي ويو. هنن انهيءَ ايراضيءَ ۾ پنهنجون پاڙون پختيون ڀئي ڪيون. ڀهرين جاڙيجا، چوڙا سما، جيسلمير جي ڀاٽين سان شامل ٿي ويا. چو ته اهي ڀئي گهراڻا. ننٽي واري سمانگر جي سردار 'نرپٽ' سمي جي اولاد مان هئا. جڏهن چوڙا سما (3). سئوراشٽر طرف نائين صديءَ جي پوئين حصي ۾ لڏي ويا. تڏهن سنڌ جي جاڙيجن سئوراشٽر طرف پنهنجا حملا شروع ڪيا. ۽ جيٺوائن (4) جي خلاف ڀرپور حملا شروع ڪيائون.

تيرهين صديءَ عيسويءَ جي وچ ڌاري 'لاکو گڙرا' ڄام جي لقب سان هن گهراڻي جو حاڪم ٿيو. هن جي ائن پٽن مان وڏو 'ڄام انڙ' پنهنجي پيءُ جي وفات ڪان پوءِ تخت نشين ٿيو. پر هن کي سندس ڀائرن، 'موڙي' ۽ 'منهي' قتل ڪيو. ۽ پوءِ اهي ٻين ڀائرن 'ساند' ۽ 'ڦل' سان گڏجي ڪڇ ڏانهن ويا. جتي ٻين قومن جي سردارن کي ماري مڄائي، اُتي قبضو ڪيائون.

1313ع ڌاري انهن 'گوملي' تي حملو ڪيو. ۽ جيٺوائن کي 'ڇايا' (Chaya) جي ڏکڻ طرف ڀڄائي ڪڍيائون. هو سئوراشٽر ۾ وڏيڪ عرصو ڪونه رهيا. پر ڪڇ، موٽي آيا. اٽڪل 1535ع ڌاري هنن 'ڄام راول' جي 'هالار' جي علائقي تي حملو ڪيو. جن کي هنن 'راءِ هميرجيءَ' جي قتل ڪان پوءِ ڪڇ مان شڪست ڏيئي ڪڍي ڇڏيو (5).

---

(1) *Imperial Gazetteer of India,* Vol: XI , London, Trubner, & co: 1885, p. 48.
(2) Wilberforce, Op. Cit., p. 67.
(3) ولبر فورس لکي ٿو ته چوڙا سما اصل سنڌ جا رهاڪو هئا. جتان لڏي اچي جهونا ڳڙه جي ويجهو ويٺا. ڏسو:

Wilberforce, pp. 48-49.

(4) Ibid.
(5) Ibid, Op. Cit, p. 99.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

’ڄـام راول‘ 1540ع ۾ ’نـگـنـا بـنـدر‘ (نوانـنـگـر) ۾ وڃي آباد ٿــيــو، ۽ پنهنجي حڪومت ’هـالاوڊ‘ قـائم ڪيائين. هالاوڊ پوءِ هالال (هالار) جي نالي سان مـشـهـور ٿـيـو. هي عـلائـقـو سـئـوراشـٽـر ۾ اُتر اولهـ طرف آهي. ’ڄـام راول‘ جي حڪومت کي ’هالاوڊ‘ يا ’هالال‘ نالو (هالي) جي نالي پٺيان ڏنو ويو. ڇو تہ ڄـام راول ’ڄـام هالا‘ جي خـاندان مـان هو. ’ڄـام راول‘ پوءِ پاڻ کي ’هالاڻي‘ سـڏايو. اهڙيءَ طرح ڄاڙيجا خاندان جون ٻيون شـاخون نـوانـنـگر جي پسـگـرڊائـيءَ ۾ آباد ٿيون.

’ڄام راول‘ جي ڀاءُ ’ڄـام هردولجيءَ‘، 1540ع ۽ 1560ع جي وچ ڌاري دما چاوڙن کـان ’درول‘ (Dhrol) رياست فتح ڪئي. هن پاڻ کي ’ٺـاڪـر صـاحب‘ جي لقب سان مشهور ڪرايو (1).

1697ع ۾ ڪڇ جي راءِ، ’پـراگـمـالجيءَ‘ پنهـنجي ڀـاءُ ’راءِ ريـواجيءَ‘ کي قـتـل ڪـيـو. هن پنهنجي ڀـائـٽي ’ڪـيـنـوجيءَ‘ کي خـوش ڪـرڻ لاءِ کـيـس ’مـورٻي‘ (مـورٻي) رياست جـو حـاڪـم مقـرر ڪـيـو (2). جـتـي سـنـدس پـويـن 1847ع تـائين حڪومت ڪئي.

اهڙيءَ طرح سنڌ جي ڄاڙيجن مـان ’ڄـام سـتـاجيءَ‘ جي ٽئين نـمـبـر پٽ، ’ڄـام ويـوجـيءَ‘، پيءُ جـي مـدد سـان، سـورهين صـدي عـيـسـويءَ جي وچ ڌاري ’راڄ ڪـوٽ‘ تي پڻ قبضو ڪـيو. ڄاڙيجن جو ’گـونڊل‘ تي تہ اڳـيئي قبضو هو. هيءَ رياست ڄاڙيجا ’ڄـام ڪـمـيـوجيءَ‘ 1634ع ۾ قـائـم ڪـئي هـئي. هن پوءِ ’ڌوراجي‘، ’اُپليتا‘ ۽ ’ڀـيـاوڊر‘ شهرن تي پڻ قبضو ڪـيو ۽ اُتي قلعا ٺـهرائي، پنهنجي حـڪـومت جو پايو پختو ڪيائين.

ڪـڇ واري بيان ۾ شجرو ڏنو ويو آهي، جنهن ۾ ’ڄـام ڄـاڙي‘ ۽ سـنـدس اولاد جي بـاري ۾ روشني وڌي ويئي آهي. ڄـام ڄـاڙي جي اولاد مـان ’ڄـام هـوٿي‘ ٿيو. ڄام هوٿيءَ جي ڀاءُ جـو نـالـو ’ڄام گجڻ‘ هـو. نوانـنـگر، درول ۽ راجـڪـوٽ جي رياست جي باني حـاڪـم، ڄام گجڻ جي اولاد مان هئا. مثال طور شجرو ڏسو:

---

(1) *Imperial Gazetteer of India,* Vol: IV London, Trubner, & co: 1885, p. 280.

(2) Wilberforce, Op. Cit., p. 100.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڄام گڄڻ (ڄام هوٿيءَ جو ڀاءُ)

لاکو

هردولجي — ڄام راول

(نوانگر جو باني ۽ راءِ ڪنگهار جو ڇاڇو) (درول رياست جو باني)

اهڙيءَ طرح راجڪوٽ رياست جو باني 'راءِ وڀوجي' 'ڄام راول' جي خاندان مان هو.

(1) جهونا ڳڙه:

وليئم ولبر فورس لکي ٿو ته: "سنڌ جي سمن جو جهونا ڳڙهه تي پڻ قبضو رهيو آهي. ڪاٺياواڙ ۾ ولڀي خاندان جي تباهي کان پوءِ ومنسٿليءَ جو نواب آزاد حڪمران ٿيو. هن ڪاٺياواڙ جي 'ول خاندان' جي حاڪم 'ولرام' جي ڀيڻ سان شادي ڪئي. جيئن ته ولرام کي ڪو به اولاد نه هو، تنهن ڪري سندس ڀاڻيجو 'چوڙا چندر' حڪمران ٿيو. چوڙا چندر جي اولاد پاڻ کي چوڙا سما سڏايو. هن خاندان جي حڪومت ۾ سورٺ ۾، اسلامي حڪومت جو مستقل قيام عمل ۾ آيو (1). ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو ته:

> "راءِ ڏياچ، جو سن 1010ع ۾، پنهنجو سونهارو سر ڏيئي ڪاٺياواڙ جي تاريخ جا ورق پنهنجي رت سان رڱي ويو، سو سنڌ جي چوڙا سما راجپوتن مان هو. اهڙن لاڳاپن جي ڪري سنڌي ٻولي ايڏانهن چالو ٿي، جا اڄ تائين ڪاٺياواڙ جي اُتر واري ڀاڱي ۾ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي" (2).

ڪڇ واري باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته ڪڇ جو راءِ، جنهن جي حڪومت 1947ع تائين رهي، تنهن جي وڏن پندرهين صدي عيسويءَ ڌاري 'ڄام ڄاڙي' جي پٽ 'ڄام لاکي' جي اڳواڻيءَ هيٺ ڪڇ تي قبضو ڪيو. ڄاڙي جو اولاد ڄاڙيجا سڏجڻ لڳا. تنهن ڪري ڪڇ جو راءُ پاڻ کي ڄاڙيجو سڏائڻ لڳو. 1540ع

(1) محمد اسماعيل بيگ ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 89.

(2) ڀيرومل آڏواڻي: "سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ"، ص 30.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين راءُ جي ٽن نسلن ڪڇ تي حڪمراني ڪئي. پر 1540ع ڌاري راءُ ڪنگهار، احمدآباد جي مسلم حڪمران جي مدد سان ڪڇ تي قبضو ڪيو. ۽ پاڻ کي جاڙيجا قوم جو سردار سڏايائين. هن احمدآباد جي حاڪم کان ڪاٺياواڙ جي اُترين ننڍي رياست 'موروي' تي راڄ ڪرڻ جو پروانو ورتو. ۽ پاڻ لاءِ راءُ جو خطاب پڻ حاصل ڪيائين.

'راءُ ڪنگهار' جي چاچي 'راءُ راول' جنهن ڪڇ جي ڳچ حصي تي قبضو ڪيو هو. ڪاٺياواڙ ڏانهن ڀڄي ويو. جتي نوانگر رياست جو بنياد وڌائين (1). نوانگر جا حڪمران رياست جي وجود تائين پاڻ کي ڄام سڏائيندا هئا. راءُ ڪنگهار پاڻ کي 'مهاراجا مرزا مها راءُ شري ڪنگهار' جي لقب سان سڏائيندو هو (2). هن جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ 'راءُ ڀراڳهوجي' 1576ع ۾ تخت تي ويٺو. هو جاڙيجا خاندان جو سردار ٿيو. ۽ ڪڇ کان سواءِ ڪاٺياواڙ جي اُترئين ۽ اُلهندئين حصي جي ڪافي ايراضيءَ تي سندس حڪمراني هئي.

ڪڇ جي راڄڌاني ڪڇ تائين محدود ڪانه هئي، پر انتظامي لحاظ کان ڪڇ جو علائقو ٽن حصن ۾ ورهايل هو: هر حصي تي سڌيءَ طرح راءُ جي نگراني هئي، ٻيو حصو راءُ جي ڀاءُ 'ڀاياد' ۽ سندس ٻين عزيزن جي هٿ ۾ هوندو هو: ٽيون حصو جنهن کي آڌوئي سب ڊويزن ڪوٺيندا هئا، اهو موروي‌ءَ جي ٺَڪُر جي هٿ هيٺ هوندو هو.

ڪڇ، موروي ۽ جهوناڳڙه کان سواءِ، ڪاٺياواڙ جون ٻيون رياستون جيڪي سنڌ جي سما خاندان جي هٿ هيٺ هيون ۽ جن ۾ حاڪمن جي زبان 'سنڌي' (ڪاٺياواڙي لهجو) هئي، سي هي هيون:

(i) **ماهي ڪنٺ**: گڏيل هندستان ۾ هيءَ رياست بمبئي سرڪار ۽ پوليٽيڪل ايجنٽ جي هٿ هيٺ هئي. هن جي اتر ۾ آديپور ۽ ڏنگاپور رياستون، ڏکڻ اڀر ۾ ريواڪنٺ، ڏکڻ ۾ برطانيه حڪومت جي ضلعي ڪيرا جون سرحدون ۽ اُلهندي طرف ٻڙودا رياست، احمدآباد ضلعو ۽ پالنپور ايجنسيءَ وارو علائقو هو.

(1) *Imperial Gazetteer of India*, Vol: IV, pp. 57-64.
(2) Ibid. p. 63.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن رياست جا اصلوڪا رهاڪو ڀيل ۽ ڪول هئا. جڏهن عربن سنڌ تي فتح حاصل ڪئي، تڏهن سنڌ جا ڪي راجپوت سنڌ مان نڪري ويا، ۽ هن رياست تي وڃي قبضو ڪيائون. 15 صدي عيسويءَ ۾ احمدآباد جي حاڪم هن رياست تي قبضو ڪيو. ان کان وري مغلن هيءَ رياست هٿ ڪئي. مغلن کان پوءِ مرهٽن هن تي قبضو ڪيو. 1811ع ڌاري حڪومت برطانيہ هي حصو پڻ هٿ ڪيو (1).

(ii) **درول:** هن رياست جو باني ڄام راول جو ڀاءُ ڄام هردولجي هو. هن جو ذڪر مٿي ڪيو ويو آهي.

(iii) **سانتلپور:** هيءَ رياست ڪڇ جي رڻ جي اولهہ طرف هئي. هن تي جاڙيجن جو قبضو هو. جيڪي ڪڇ جي راءُ جا عزيز هئا.

(iv) **راجڪوٽ:** مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ ڄام گجن جي پٽ، ڄام راول جي عزيز، راءُ ويڀوجيءَ هن رياست جو بنياد وڌو. هي جاڙيجو هو، ۽ ڪڇ جي راءُ جي خاندان مان هو. هيءَ رياست، درول رياست جي شاخ هئي. 82-1881ع ۾ هت ٻاواجي حڪومت ڪندو هو، جو ڪڇ جي جاڙيجا راءُ جي خاندان مان هو.

(v) **ماليا:** ڪاٺياواڙ جي هالار ڊويزن جي هڪ رياست هئي. هتي جو حاڪم ڪڇ جي جاڙيجا خاندان مان هو، جيڪو موورويءَ جي راجا جي اوڙڪ مان هو.

(vi) **مورَوي:** هالار ڊويزن جي هڪ رياست هئي. هن رياست جو حاڪم ڪڇ جي راءُ جو ڀائيٽو هو. هيءَ رياست ڪڇ جو هڪ حصو هوندي هئي. 1881ع ۾ هتي ناڪر صاحب واگهجي اها دعوا ڪندو هو تہ هو ڪڇ جي جاڙيجا خاندان مان آهي (2).

(vii) **واراهي:** هن رياست تي پندرهين صدي عيسويءَ ۾ 'ملڪ عيسيٰ' قبضو ڪيو هو. ملڪ عيسيٰ جي خاندان وارن کي سنڌ مان ڪڍيو ويو هو، جو تہ هن اتي ظلم ٻاري ڏنو هو. هنن واراهيءَ جي مسلمان حڪمران کي ڪڍي، پاڻ اتي قبضو ڪيو. 19 صديءَ جي پوين سالن ۾ 'ملڪ زوراور خان' جت

(1) *Imperial Gazetteer of India,* Vol: IX, p. 419.

(2) *Imperial Gazetteer of India,* Vol: IX, pp. 175-177.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اتي جو حاڪم هو (1).

(viii) **نوانگر:** هن رياست جو باني ’ڄام راول‘ هو. هي ’ڄام هوٿيءَ‘ جي خاندان مان هو. هي ڄام هوٿيءَ جو پاڻٽيو، ۽ ’ڄام گجڻ‘ جو پٽ، ۽ ’ڄام ڪنگهار‘ جو چاچو هو. ڪڇ واري باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي ته جاڙيجا ڪڇ مان لڏي ڪانياواڙ ۾ وڃي رها هئا، ۽ پور بندر مان جيٺوائن جي حڪومت ختم ڪيائون، ۽ گهملي نديءَ تي وڃي آباد ٿيا. هي شهر پور بندر کان 30 ميل پري اتر طرف هوندو هو. هن شهر جو اصلوڪو نالو ’ڀوملڪا‘ هو، جو پوءِ ڦري ’ڀوميلي‘ ٿيو، ۽ آخر ۾ ’گهمليءَ‘ جي نالي سان مشهور ٿي ويو (2).

رامچند ڪتري لکي ٿو ته:

”گهمليءَ تي قديم زماني کان سنڌين جي حڪومت رهي آهي. هتان جي کنڊرن مان ٽامي جا پترا ۽ ڪيترن ئي قسمن جا پٿر لڌا آهن. جن مٿان اڪريل لفظن جو مقصد هي آهي ته: هيءَ زمين اسان برهمڻن کي دان طور ڏيون ٿا. پٿرن تي انهن راجائن جا نالا پڻ اڪريل آهن. اهي سئنڌو راجا (سنڌ جي راجا جئدرٿ) جي اولاد مان هئا. گهمليءَ تي 730ع کان 860ع تائين راجا سئنڌو راڄ ڪندو هو. اهي ڪتري هئا، ۽ جڏهن عربن جو سنڌ تي قبضو ٿيو، تڏهن سنڌ ڇڏي سئوراشٽر ۾ اچي آباد ٿيا (3). هنن سنڌ جي راجائن جو اولهه سئوراشٽر ۾ اولهه طرف سمنڊ تي چڱو اثر هو، جو ته هو ساموندي لڙائيءَ ۾ پڙ هوندا هئا.

پور بندر جي راڻن جي باري ۾ راجا جا پٽ سلوڪن ۾ چوندا آهن ته اهي راڻا سئنڌو گهراڻي جا آهن. سندن سلوڪن ۾ 188 راجائن جا نالا ملن ٿا، جن جدا جدا وقتن تي سنڌ تي راڄ ڪيو. پور بندر جي راڻن جي گهراڻي جو نالو جيٺوا آهي. جيٺوا، ڪترين ونش جي

(1) *Imperial Gazetteer* Vol: XIII, p. 521.

(2) رامچند ايس - ڪتري: هنگلاج جي ياترا، ڪراچي، اچي ڦبر، رامپارٽ روڊ، 47-1973، ص 162.

(3) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اندر آهي (1). جنهن ڪي جيئوا ٻه چوندا آهن. وڪرماجيت جي زماني ۾ ڪترين ساهه ڪنيو. اروڙ سندن تخت گاهه هو. ديبل ۽ ڏاراجا ٻه سندن هٿ هيٺ هوندا هئا. ان وقت چندرونسي راجا جئدرٿ جي پوين جي حڪومت هئي، جنهن دوران راڄ جي ڪيترن ئي ڪٽنبن جا ماڻهو ڪاٺياواڙ لڏي ويجي وينا (2)".

نوانگر جو بنياد 1540ع ۾ ڄام راول وڌو. پوءِ مسلمان حڪمرانن هن جو نالو اسلام نڱر رکيو، پر ڄامن اهوئي اصلوڪو نالو قائم رکيو (3).

(ix) **منگرول:** جهونا ڳڙهه رياست ۾ ساموڊي بندر ۽ شهر آهي. هن شهر تي هڪ مسلم نواب جو قبضو هوندو هو. جو پاڻ کي منگرول جو شيخ چوائيندو هو. هو جهونا ڳڙهه جي نواب کي سالانو ڏن ڏيندو هو (4).

## (ب) سماجي ۽ اقتصادي ناتا:

ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي زبان جي ڦهلاءُ لاءِ نه فقط سياسي ناتا مکيه ڪارڻ هئا پر سماجي ۽ اقتصادي ناتا پڻ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءُ لاءِ سبب بڻيا. هن ڏس ۾ باهمي شاديون پڻ مددگار ثابت ٿيون. گرنار جي حاڪم 'راءِ ڏياچ' جا وڏا سنڌي هئا (5). راءِ ڏياچ جي پٽ 'نوگهڻ' جي دين جي پيڻ 'جاسل' سنڌ ۾ پرڻيل هئي (6).

ٻيءَ روايت مان معلوم ٿو ٿئي ته ديومارت جي ڌيءَ 'جاسل' وڏي شان مان سان سنڌ ۾ پرڻائي ويئي. سنڌ ۾ 'همير سومري' حاڪم، جاسل کي زوري ڪٽي وڃڻ ۽ ساڻس شادي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. انهيءَ تي جاسل 'نگر' کي نياپو موڪليو. هن سنڌ تي حملو ڪيو ۽ همير سومري کي شڪست ڏنائين.

اهڙيءَ طرح وقت بوقت سنڌ مان هنرمند ماڻهو، ڪاريگر، ديني مبلغ،

(1) اڳ ۾ ولبر فورس جي حوالي سان ڄاڻايو ويو آهي ته جيئوا ڄٽن سان نسبت رکن ٿا.

(2) رامچند ڪتري: منگلاڄ جي ياترا، ص ص 167 ۽ 170.

(3) *Imperial Gazetteer of India,* Vol: X, pp. 252-253.

(4) Ibid. Vol: IX, pp. 175-177.

(5) رائچند هريجن: تاريخ ريگستان، ڀاڱو پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 29.

(6) ايضاً، ص 40.

عالمر ۽ فاضل ڪانياواڙ ويندا رهيا. ۽ ڪي اتي آباد ٿي ويهي رهيا. جنهن ڪري ٻه ڪانياواڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ ڪي ڦهلجڻ جو وجهه مليو.

هن ساري بيان مان نتيجو هي ٿو نڪري ته ڪڇ جي جاڙيجا سمن جي حڪومت ۽ تسلط ڪري ڪانياواڙ جي ماناوادر، سردار ڳڙهه، ٻهاءُ ننگر، ڄامر ننگر، مانڊوي، درول، موروي، راجڪوٽ، ماراهي، منگرول، جهونا ڳڙه، ڪُتياڻا، ڌوراجي، ڀانتوا ۽ پور بندر وغيره رياستن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو، ڪڇي لهجي جي معرفت، اثر وڌيو ۽ ڦهليو ۽ انهن سڀني رياستن ۾ سنڌيءَ جو ڪڇي لهجو، ڪانياواڙي لهجي جي نالي سان روزمره جي استعمال ۾ ڪم اچڻ لڳو.

آدمر شماريءَ جي ڊار ڊار رپورٽن مان پڻ ثابت ٿو ٿئي ته ڪانياواڙ واري ايراضيءَ ۾ 1947ع واري لڏ پلاڻ کان اڳ بيشمار آبادي اهڙي هئي، جنهن روزمره جي استعمال ۾ ڪڇي لهجو (ڪانياواڙي، ميمڻي ۽ جهوناڳڙهي محاورو) ڪم ٿي آندو. 1931ع واري رپورٽ مان معلوم ٿو ٿئي ته انهيءَ ايراضيءَ ۾ سنڌي زبان (ڪڇي ۽ ميمڻي لهجن) ڳالهائيندڙن جو وڏو تعداد هو. 1947ع کان پوءِ لکن جي تعداد ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ هندو ورهاڱي جي ڪري سنڌ مان لڏي هندوستان ۾ وڃي آباد ٿيا. اهي هندستان ۾ وڏن وڏن شهرن ۾ ڦهلجي ويا آهن. انهن جو وڏو تعداد ڪانياواڙ ۾ به وڃي وسيو آهي جن جا انگ اکر هن باب جي آخر ۾ ڏنا ويا آهن.

## 2 - گجرات ۾ ڦهلاءُ

**(الف)** مٿي عرض ڪيو ويو آهي تہ گجرات صوبي کي لساني لحاظ کان ٽن حصن ۾ ورهائجي ٿو سگهجي: (i) ڪڇ، (ii) ڪاٺياواڙ ۽ (iii) گجرات. مٿي هڪ ڌار باب ۾ ڪڇ ۾ ۽ هن باب ۾ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءُ جي باري ۾ تفصيلي بحث ڪيو ويو آهي. هاڻي ڏسڻو هي آهي تہ گجرات واري ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ٿيو يا نہ؟ جيڪڏهن ٿيو تہ اُن لاءِ ڪهڙا سبب ۽ ڪارڻ هئا.

ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ وانگر گجرات سان بہ سنڌ جا سياسي، سماجي، مذهبي، علمي ۽ ادبي توڙي اقتصادي ناتا رهيا آهن. مختلف دؤرن ۾ ڪيترن ئي سببن جي ڪري سنڌ جا هنرمند ماڻهو، واپاري، جنگجو جوان، ديني مبلغ ۽ عالم توڙي فاضل سنڌ مان لڏي گجرات جي مختلف شهرن، واپاري بندرن ۽ ديني مرڪزن طرفان ويندا رهيا آهن. سمن جي دؤر ۾ سنڌ ۽ گجرات جا سياسي ناتا تہ گهٽا وڌيا، پر سياسي ناتن کان وڌيڪ سماجي، ثقافتي، علمي، ادبي ۽ مذهبي رشتا رهيا.

تاريخي حوالن مان معلوم ٿو ٿئي تہ راءِ گهراڻي جي راڄ ۾ (450-642ع) ۾ سنڌ جي حڪومت جون سرحدون، اوڀر ۾ ڪنوج تائين ڦهليل هيون، ۽ ڏکڻ ۾ سورت بندر تائين وسيع هيون (1). گويا گجرات جو سڄو علائقو سنڌ جي تسلط هيٺ هو. موريا گهراڻي جي پڇاڙيءَ کان پوءِ جڏهن هندستان، اُتر ۽ اولهہ ۾ راجپوت رياستن ۾ ورهائجي ويو، تڏهن راءِ گهراڻي جي فوجي قوت مضبوط هئي. هن سڄو پنجاب، راجپوتانا ۽ اراولي ٽڪرين تائين، گجرات ۾ سورت بندر تائين، ۽ اُتر ۾ هيلمند نديءَ تائين سڄو ملڪ پنهنجي قبضي هيٺ آندو. برهمڻن جي حڪومت جي زماني ۾ سنڌ جي حڪومت جون سرحدون اوڀر طرف چتور تائين هيون (2).

---

(1) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع، ص 122، ۽ پڻ ڏسو *چچنامو*، سنڌي ادبي بورڊ، ص 151.

(2) *چچنامو*، ص 151.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پندرهين صديءَ ۾ گجرات جي نومسلم مظفريہ سلطانن سان جيتوڻيڪ سنڌ جي سمن جي مائٽي هئي، تنهن هوندي بہ سمن حاڪمن ٿر ۽ جوڌپور جي سرحد تي سومرن، ڪلهوڙن، سوڍن ۽ بلوچن جي ڪتڪ کي ويهاري ڇڏيو هو (1). 1459ع ۾ انهن جوڌپور جي راجا، جوڌا رائوڙ تي ڪاهہ ڪئي. هن جنگ ۾ راجپوتن شڪست کاڌي ۽ راجا جو پٽ مارجي ويو (2). 1470ع ۾ سنڌين جي چوويهہ هزار بي قاعدي فوج گجرات تي ڪاهہ ڪئي. اهو سلطان محمود بيگڙي (1459ع - 1513ع) جو زمانو هو. سلطان بيگڙي سنڌي لشڪر جي سردارن کي سورٺ ۾ جاگيرون ڏنيون. اهي جاگيرون انگريزي دؤر حڪومت تائين قائم هيون.

778 هہ (1973-74ع) ۾ سنڌ جي زميندار چوويهہ هزار ماڻهن جو ڪتڪ گڏ ڪيو ۽ گجرات جي قافلن کي لٽيو. انهيءَ ڪري سلطان محمود بيگڙي سنڌ تي حملو ڪيو ۽ سنڌ جي ڪڇ ۽ ٿر واري حصي تي توبخاني سميت قبضو ڪيائين (3). هن حملي ۾ هن ڪيترين ئي سنڌي عورتون پڻ گرفتار ڪيون، ۽ انهن کي جهونا ڳڙه موڪلي ڏنائين (4).

گجرات جي حاڪمن ارغونن جي خلاف سنڌ جي سمن حاڪمن تمام گهڻي مدد ڪئي. ڄام فيروز، مرزا شاهہ حسن سان مقابلو ڪرڻ لاءِ گجرات مان لشڪر جي مدد وٺي سنڌ تي حملو ڪيو، پر شڪست کاڌائين (5).

## (ب) سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي ناتا:

سيد حسام الدين شاهہ راشدي لکي ٿو تہ: "گجرات پاڙو پاڙي سان هو. سنڌ ۽ گجرات وارن جي مٽي مائٽي هوندي هئي" (6). سلطان مظفر گجراتي 817هہ (1497ع) ۾ تخت تي ويٺو. سنڌ جي سمي حاڪم ڄام صلاح الدين سمي جي

(1) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، ص 373.

(2) Tod, J. *Annals of Rajisthan,* Vol. II. p. 21.

(3) حوالو پهريون، ص 373.

(4) Edalji Dosabhai, *History of Gujrat,* Ahmedabad, the United Printing and General Agency, Company's Press 1894, p. 86.

(5) علي شير قانع: *مڪلي نامه*، بتصحيح و حواشي، سيد حسام الدين شاهہ راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ص 119.

(6) ايضاً، ص 98.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سوٽ، بي بي راڻي، سندس گهر واري هئي (1). اهڙيءَ ريت ڄام جوڻي جون ٻه نياڻيون، بي بي مغلي ۽ بي بي مرڪي، گجرات جي شاهي گهراڻي ۾ پرڻيل هيون. بي بي مغليءَ جو سڱ سلطان محمد واليءَ گجرات سان ٿيو، ۽ بي بي مرڪي شاهه عالم سان پرڻائي ويئي. بي بي مغليءَ مان سلطان محمد کي رمضان مهيني 849هه (1445ع) ۾ فتح خان نالي پٽ ڄائو، جيڪو اڳتي هلي سلطان محمودبيگڙي جي نالي سان گجرات جو بادشاهه بڻيو (2).

بي بي مغلي وڏي دانا عورت هوندي هئي. ايدلجي ڏوسابائي لکي ٿو: "سلطان محمود بيگڙو، شعبان مهيني ۾ 863هه (18 جون 1459ع) ۾ تخت تي ويٺو. هن کي معلوم ٿيو ته سندس اميرن، سندس اعتماد واري وزير عمادالملک جي خلاف منصوبو سٽيو آهي. سازش کي منهن ڏيڻ لاءِ هن پنهنجي ماءُ کان صلاح وٺڻ مناسب سمجهيو ڇاڪاڻ ته هوءَ سنڌ جي حاڪم جي شهزادي هئي، ۽ هڪ دانا عورت هوندي هئي (3). اهڙيءَ طرح سمن حاڪمن گجرات جي با اثر صوفي بزرگن سان به مائٽيون ڪيون (4).

سنڌ جي سمي حاڪم ڄام جوڻي جي گجرات جي سرزمين سان ايتري قدر ته محبت هوندي هئي، جو سندس وفات کان پوءِ سندس لاش سنڌ مان ڪڍائي گجرات ۾ ملک ڳوٺ ۾ دفن ڪيائون. سندس مقبرو سندس نالي سان مشهور آهي، سندس ڌيءَ (شاهه عالم جي راڻي بي بي مرڪي) پڻ ساڳئي مقبري ۾ دفن ٿيل آهي (5).

گجرات جي سلطانن سان سنڌ جي سمن حاڪمن مائٽي ۽ عزازت سبب سلطان محمود شاهه بيگڙي جا روپيا (گجراتي سڪو) 'لاڙي' ۽ محمودي 'اشرفيون' سنڌ ۾ هلندا هئا. محمودي هڪ سڪي (روپئي) جي سنڌ ۾ ٻارهن آنا

(1) علي شير قانع: مڪلي نامه، بتصحيح و حواشي، سيد حسام الدين شاهه راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ص 115.

(2) ايضاً، ص 119.

(3) Edalji Dosabhai, *History of Gujrat*, Op. Cit, p. 83.

(4) رائچند چيلهاري: تاريخ ريگستان، ص 70.

(5) علي شير قانع: مڪلي نامه، بتصحيح و حواشي، سيد حسام الدين راشدي، سنڌي ادبي بورڊ، ص 131.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3/4 حصو) قيمت هئي. انهيءَ کان سواءِ گجراتي واپارين جي معرفت ڏچن جا ڪارو منڊل ڪناري تي پاليڪات واري ڪوٽي وجهڻ ڪانپوءِ چالو ڪيل سڪا ’گلڊر‘ (Gilder) پڻ سنڌ ۾ هلندا هئا (1).

گجرات جي حاڪمن سان سگهن پوتن جي ڏيڻ وٺڻ جو رواج سنڌ جي سما گهراڻي جي آخري حاڪم ڄام فيروز جي دؤر تائين جاري هو. ڄام فيروز پنهنجي هڪ نياڻي گجرات جي حاڪم سلطان بهادر بن سلطان مظفر گجراتيءَ کي پرڻائي ڏني هئي (2).

گجرات ۽ سنڌ جي وچ ۾ ثقافتي ناتا پڻ ڏاڍا گهاٽا رهيا آهن. ڄام نندي جي مقبري جي تعمير ۾ مختلف طرزن کي هڪ ٻئي سان ملائي اهڙيءَ طرح تہ پيوست ڪيو ويو آهي جو تعمير جي تاريخ ۾ اهو مقبرو هڪ يگانو نمونو ۽ هڪ غير معمولي مثال ٿي پيو آهي. بناوت ۾ گجراتي، هندو مسلم ۽ خالص سنڌي طرزن کي گڏي، انهن جي دلڪش امتزاج مان هڪ عجيب و غريب شاهڪار تخليق ڪيو ويو آهي.

گجراتي توڙي هندي فن عمارت سازي جو اهو اثر، ڄام نظام الدين جي مقبري تي يا سمن جي ٻين چوکنڊين، مقبرن، انهن جي گنبذن ۽ پيل پاون تي، جن سڀن جي ڪري پيو ٿو ڏسجي، انهن جو خاص سبب هي آهي تہ گجرات ۽ سنڌ پاڻ ۾ همسايگي ۽ انهيءَ ڪري عام ڄام آمدرفت کان سواءِ ٻيو اهم ڪارڻ ٿيو، سمن ۽ گجراتي سلطانن جي هڪ ٻئي سان مٽي مائٽي جنهن نہ فقط سياسي طرح سنڌ ۽ گجرات کي هڪ ٻئي جي قريب ڪري ڇڏيو، بلڪہ سماجي خواه تمدني طرح پڻ ٻنهي ملڪن ۽ سلطنتن جا ناتا استوار ۽ مضبوط ڪري ڪيترائي ثقافتي ويڇا وڇان مٽائي ڇڏيا (3).

## (ج) ماڻهن جي لڏ پلاڻ:

ڪانياواڙ وانگر گجرات ۽ سنڌ جي وچ ۾ پڻ قديم زماني کان ماڻهن جي

(1) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، ص 392.

(2) *مڪلي نامه*، ص 113.

(3) *مڪلي نامه*، ص 98.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڏ پلاڻ جاري رهي آهي. بادشاهن جون مٿيون مائٽيون هيون، انهيءَ ڪري بہ ماحول سازگار هو. هزارن جي تعداد ۾ سنڌي واپاري، هنرمند ماڻهو، فنڪار، عالم ۽ فاضل ۽ ديني مبلغ سنڌ مان لڏي گجرات ۾ وڃي آباد ٿيا. انهن ۾ ميمڻ، خواجہ، لوهاڻا، ڀاٽيا، ڀڇارا، ڪنڀار، لوهار، سونارا، ڪتري، رنگريز، جت، اوڏ، ملتاني ۽ ٻيون قومون گجرات جي سامونڊي ساحل، وڏن شهرن، ڳوٺن ۽ واهڻن ۾ وڃي رهيون (1). مسٽر مسرا لکي ٿو تہ: ”سنڌي ماڻهو ٻڙودي ۾ گهٽي تعداد ۾ آباد آهن، جتي هو رياست جي پوليس ۽ فوج ۾ گهٽي قدر ڀرتي ٿيل آهن. اهڙيءَ طرح اتر گجرات ۽ پالنپور طرف پڻ پوليس ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ سنڌي گهڻا آهن. ڪي سنڌي سامونڊي ساحل تي ٻيڙين جا ناکئا ۽ ميربحر پڻ آهن (2). 1931ع واري آدمشماري جي رپورٽن مان معلوم ٿو ٿئي تہ گجرات ۾ سنڌي گهڻا آباد هئا. اهو تعداد انگريزي راڄ جي شروعات کان لکن جي صورت ۾ بہ ملي ٿو، يعني 1881ع واري رپورٽ موجب گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد 32526 هو. اڄ بہ گجرات ۾ وسندڙ اهي قومون پنهنجن گهرن ۽ روزانہ وهنوار ۾ پنهنجي ٻولي يعني سنڌي ڪم آڻيندا آهن. اهوئي سبب آهي جو سنڌي ٻولي پنهنجن مختلف لهجن: ڪڇي، ڪاٺياواڙي ۽ ميمڻي ۾ گجرات ۾ زنده رهندي آئي آهي.

## (د) مذهبي، علمي ۽ ادبي ناتا:

ڪڇ واري باب ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌ، ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات ۾ ڪيترين ئي درگاهون، تيرٿ ۽ آستان هئا، جتي هر سال هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو درگاهن تي ٿيندڙ عرسن، ميلن ۽ ملاکڙن ۾ شريڪ ٿيندا هئا ۽ حاضري ڀريندا هئا. اهڙيءَ طرح گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ تيرٿ ۽ تڪيا هوندا هئا، جن جي ياترا ۽ جاتن لاءِ سنڌ مان قافلا ڪهي ويندا هئا. ماڻهن جي انهيءَ سلسلي واري آمد و رفت جي ڪري بہ ٻولين جي تبديلي ٿي.

ڪڇ وانگر گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ بہ خليفي نبي بخش لغاريءَ جي تبليغ هيٺ هزارين ماڻهو پير صاحب پاڳاري جي مريديءَ ۾ داخل ٿيا. انهن ۾ رياست

(1) Misra, S. C. *Muslim Communities in Gujrat,* New York, London, Asia publishing House, 1964, p. 71.
(2) Ibid, P. 136.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گونڊل کان ڏهه ميل اوڀر ۾ رياست ڪوٽڙو سانگهاڻيءَ جي شهر ڪوٽ راموڊ، ڏوراجي، رياست ڀاونگر جي ڏونگر گام، رياست ٻڙودي، راجڪوٽ، پور بندر، منگرول، ٻڙودي ۽ ڀاو نگر رياستن جا ڪيترائي ماڻهو پير صاحب پاڳاري جي مريديءَ ۾ داخل ٿيا. جماعت جي استدعا تي پير صاحب شاهه مردان شاهه (ڪوٽ ڏني) ڪاٺياواڙ ۽ گجرات طرف سفر ڪيا ۽ پاڪستان جي قيام تائين پير صاحب جي جماعت جو اهو سلسلو ۽ نظام اُتي جاري رهيو (1).

گجراتيءَ جو سنڌ جي ٿر ۽ لاڙ واري ڀاڱي تي اثر ٿيو، ۽ سنڌيءَ جو گجرات واري علائقي ۾ ڦهلاءُ ٿيو. ٻنهي ملڪن جا ماڻهو هڪ ٻئي جي ٻولي سمجهي سگهندا هئا. انهيءَ ڪري سنڌ جا لاڙ ۽ ٿر وارا خطا ٻه -ٻوليا علائقا بنجي ويا. ٿر ۾ ننگرپارڪر جي طرف واري ٻولي ڳاڏڙ ٻولي بنجي ويئي ته وري گجرات پاسي به سنڌ جي ننگرپارڪر واري ايراضيءَ سان لڳو لڳ ايراضيءَ جي ٻولي ڳاڏڙ بنجي ويئي.

سنڌ جي سرزمين علم ادب جي دنيا ۾ برک رهي آهي. سرائڪي ۽ سنڌيءَ جي ناتن جي بيان ڪندي اهو ڄاڻايو ويو آهي ته ملتان، سنڌي علمائن جي وجود ڪري علم ادب جو هڪ جامع (University) بڻجي ويو هو. اهڙيءَ طرح گجرات ۾ به سنڌي علمائن علم ادب جي شمع کي روشن ڪيو. غلام گهراڻي جي حڪومت جي زماني ۾ سادات ڪرام ۽ صوفياء عظام سنڌ مان نڪري هندستان جي مختلف شهرن ۾ اسلامي تبليغ لاءِ درسگاهون قائم ڪيون. سندن روحاني فيض گجرات کان وٺي اڳتي دکن ۽ بنگال تائين پهتو (2). ڪيترن ئي سنڌي عالمن گجرات ۾ پنهنجا ديني مدرسا کوليا. انهن مان هڪ سنڌي بزرگ شيخ حميد هو، جو علم و ادب کان سواءِ حديث ۽ تفسير ۾ مهارت رکندو هو. ان جو مدرسو گجرات ۾ هوندو هو. اڪبر اعظم جي گجرات تي فتح کان پوءِ مير عبدالرحيم خان خانان، شيخ حميد جي مدرسي ۾ شاگردي اختيار ڪئي ۽ اتي مشڪواة شريف

(1) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: *خليفي صاحب جو رسالو*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1966ع، ص ص 18-19.

(2) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، ص 416.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ حديث جا ٻيا ڪتاب لکي پورا ڪيائين (1).

گجرات اسماعيلي فرقي جي داعين جي تبليغ جو ٻـه مکيـه مرڪز رهيو آهي. پير ستگر نور ڪان وٺي، هر داعي (پير شمس، پير شهاب الدين، پير صدرالدين، پير حسن ڪبيرالدين، پير تاج الدين ۽ پير امام شاهه) گجرات ۾ اسلام جي تبليغ ڪئي، ۽ هزارن جي تعداد ۾ هندو سندن هٿ هيٺ مسلمان ٿيا (2). انهن مان پير ستگر نور ۽ پير امام شاهه ۽ سندس پويان گجرات ۾ مدفون آهن (3).

## 3 - گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد:

ڀارت ۾ 1961ع واري آدمشماري وقت ڪل 977023 ڄڻن پنهنجي مادري زبان سنڌي لکارائي. اهي 977023 ماڻهو هيٺينءَ ريت ڌار ڌار علائقن ۾ آباد هئا (4):

| پرديش ۽ علائقا | سنڌي ڳالهائيندڙ |
|---|---|
| آسام | 718 |
| آنڌرا پرديش | 5293 |
| انڊمان نڪوبار ٻيٽ | 6 |
| اتر پرديش | 57457 |
| اوڙيسا | 27 |
| اولهه بنگال | 2165 |
| بهار پرديش | 3823 |
| ترپرا | 21 |
| پانڊيچري | 23 |
| پنجاب | 1306 |

(1) مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، ص 416.

(2) Misra, S. C., Op, Cit. pp. 11 & 13.

(3) پير ستگر نور نوساري ۾ مدفون آهي، پير حسن ڪبيرالدين اوچ شريف ۾، پير تاج الدين تلهار ۽ ٽنڊي باگي جي وچ ۾، ڳوٺ اچ شريف وٽ ۽ پير امام شاهه، احمدآباد جي ويجهو پيراڻا ۾ آرامي آهي.

(4) ڏسو: هندواسي، 13 آڪٽوبر، 1964ع، ص 2.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| جمو ۽ ڪشمير | 91 |
| دادرا ۽ ناگر حويلي | 8 |
| دهلي | 27198 |
| راجستان | 233321 |
| سڪم | 5 |
| ڪيرالا | 184 |
| گجرات | 156152 |
| گووا، ڊمن ڊيو | 53 |
| مدراس | 7148 |
| مڌيه پرديش | 179858 |
| مهاراشٽر | 295131 |
| مئسور | 6949 |
| منيپر | 19 |
| نيفا | 32 |
| هماچل پرديش | 33 |

انهن مان فقط گجرات جي ڌار ڌار حصن ۾ رهندڙن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

| ضلعو | سنڌي ڳالهائيندڙ |
|---|---|
| امريلي | 171 |
| احمدآباد | 45520 |
| ٻڙودا | 16776 |
| بانس ڪانٺا | 4050 |
| ڀڙوچ | 875 |
| ڀاونگر | 8986 |
| پنچ مهل | 5711 |
| جهونا ڳڙهه | 22867 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| ڊانگ | 85 |
| راجڪوٽ | 9835 |
| سابه ڪانٺا | 1130 |
| سريندر نگر | 524 |
| سورت | 5813 |
| ڪچ | 18470 |
| کيڙا | 4334 |
| مهسانا | 5341 |

## 4- نتيجا:

هن ساري بيان مان هي نيجو ٿو نڪري ته سنڌ ۽ گجرات جا سياسي، سماجي، ثقافتي، مذهبي، علمي ۽ ادبي رشتا ڪافي آڳاٽا رهيا آهن. ٻنهي ملڪن جا ماڻهو هڪ ٻئي جون ڳالهيون سمجهندا هئا. ٻنهي ملڪن جا ٻه وارا خطا، يعني سنڌ ۾ لاڙ ۽ ٿر وارو حصو، ۽ گجرات جو اولهه وارو خطو ٻه - ٻوليا علائقا هئا. ماڻهن جي اچ وڃ، وڻج واپار، باهمي شادين ۽ ميل جول، مذهبي رشتن سبب سنڌيءَ جو ڪڇي لهجو ڪاٺياواڙ ۾ ڪاٺياواڙي لهجي جي ناليءَ سان اثرانداز رهيو.

غور طلب نقطو هي آهي ته سنڌ جي شهزادين جون شاديون گجرات ۾ شاهي گهراڻن ۾ ٿيون. اهڙيءَ طرح سنڌ جي سمن، سومرن، جتن، منڌرن، نهڙئن، ٻارڻن جي سردارن، حاڪمن ۽ راڃن جي چڱن مڙسن گجرات ۽ ڪاٺياواڙ مان شاديون ڪيون. يقيناً ٻنهي پاسن طرف پرڻجي آيل نياڻيون ۽ شهزاديون يا ته ساهري گهر جي ٻوليءَ مان واقف هونديون يا ساهري گهر ۾ پرڻجي ويل ڪنوار جي ٻولي ٻڻ مروج هوندي، نه ته گهرو وهنوار، روزانه زندگيءَ ۾ رهڻ ۽ گذارو ڪرڻ هنن لاءِ ممڪن نه هجي ها.

مطلب ته سنڌي ٻولي مذڪوره علائقن ۾ ٻڻ چالو هئي. اها ان ايراضيءَ اندر سمجهي ۽ ڳالهائي ويندي هئي. هن ڪتاب ۾ نقشي ذريعي گجرات جو اهو حصو نشان ڪري ڏيکاريو ويو آهي جتي (گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾) سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ممڪن ٿي سگهيو هو.

# ببليوگرافي

1 - ڀيرو مل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*. حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

2 - خانچند، ڪي- ڪوڙاڻي ماستر: مضمون: "*ڪاڻي راجپوت*" ، هفتيوار هندواسي، 11 ڊسمبر 1960ع.

3 - رامچند - ايس - کتري: هنگلاج جي *ياترا*. ڪراچي، اچي قبر، رامپاٽ روڊ، 1973-74ع.

4 - رائچند چيلهاري: *تاريخ ريگستان*. ڀاڱو پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

5 - علي شير قانع: *مڪلي نامه*. بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1967ع.

6 - علي ڪوفي: *چچنامو*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع.

7 - محمد اسماعيل بيگ ڊاڪٽر: *جهونا ڳڙه*، حيدرآباد، حميد منزل، فقير جو پڙ، ڪاٺياواڙ پبلشنگ ايجنسي، 1964ع.

8 - مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع.

9 - هفتيوار *هندواسي*، 13 - آڪٽوبر 1964ع.

10 - برهانپور ڪي *سنڌي اوليا*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1957ع.

11 - Edalji Dosabhai, *History of Gujrat,* Ahmedabad, the United Printing and General Agency, Company's Press 1894.

12 - *Imperial Gazetteer of India*, Vol: XI, London, Trubner & Co. 1815, p. 48.

13 - Ibid, Vol. IV, p. 280.

14 - Ibid, Vol. IV, pp. 57-64.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

15 - *Imperial Gazetteer of India*, Vol: IX, London, Trubner & Co. 1885, pp. 175-177 & 519.

16 - Ibid, Vol. XIII p. 521.

17 - Ibid, Vol. X, pp. 252-53.

18 - Ibid, Vol. IX, pp. 175-177.

19 - Misra, S. C. *Muslim Communities in Gujrat*, New York, London, Asia publishing House, 1964.

20 - Tod, J., *Annals of Rajisthan*, Vol. II. p. 21.

21 - Wilberforce. H. Bell, *The History of Kathaiwar*, William heinemann, London, 1916.

# 4

# راجستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ

ڪڇ ۽ گجرات وانگر سنڌ ۽ راجستان جا ناتا بہ پراڻا آهن. سرائڪي ٻوليءَ سان نسبت واري باب ۾ توڙي ڪڇ ۾ ڦهلاءُ واري باب ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي تہ برهمڻ گهراڻي کان وٺي سنڌ جي حڪومت جون سرحدون اوڀر ۾ قنوج تائين هيون. انهيءَ لحاظ سان راجستان جو جيسلمير، بيڪانير ۽ جوڌپور وارو خطو قديم زماني کان سنڌ جي حڪومت جي تسلط هيٺ رهيو آهي. ٽالپرن جي حڪومت ۾ خيرپور جي حاڪم، مير سهراب خان جي حڪومت جون سرحدون اوڀر ۾ جيسلمير جي ريگستاني علائقي تائين هيون.

انهيءَ کان سواءِ سنڌ ۽ راجستان جي وچ ۾ موسم آهر لڏپلاڻ بہ ٿيندي رهي. جڏهن سنڌ تي غازي محمد بن قاسم حملو ڪيو هو، تڏهن ڪيترائي غير مسلم سنڌي لوهاڻا ۽ ٻيون ذاتيون سنڌ مان لڏي راجستان جي غير مسلم رياستن ڏانهن هليون ويون هيون (1).

راجستان طرف سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءُ ۾ سگهڙن ۽ سياڻن جو بہ وڏو هٿ آهي. لسانيات جي محققن جي راءِ آهي تہ ناگر اپڀرنش، قديم دؤر ۾ علم ادب جو ذريعو هئي، ۽ جا گجرات، راجستان ۽ ان جي اولهہ طرف واري خطي تي ادبي لحاظ کان ڇانيل هئي. ڏکڻ، ڏکڻ اوڀر ۾ ايرندي سنڌ جا گجرات ۽ راجستان جي اولهہ واري سرحد سان ناتا هجڻ سبب ان وقت جا سگهڙ ۽ سياڻا ٻنهي ملڪن ۾ ايندا رهندا هئا. پروفيسر جهمٽ مل لکي ٿو:

"اپڀرنش مان جدا جدا ديس ڀاشائون جهڙوڪ سنڌي، راجستاني، گجراتي ۽ هندي وغيره ڇڄي ڌار ٿيون (2). اها جدائي عيسوي ٻارهين

---

(1) Thadhani, T.S. "*The Lohanas*", an article published in J. S. H. S., Vol: VIII, No. 3, January 1948, p. 166.

(2) سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد جي سلسلي ۾ ڏسو:

الانا غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد. حيدرآباد. زيب ادبي مرڪز. 1974ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صديءَ ۾ شروع ٿي. ٻر ٻوءِ ٻه گهٽ ۾ گهٽ ٻه صديون سنڌ ۽ اولهه راجستان جي لوڪ وهنوار ڀاشا ۾ گهٽو ڦيرو ڪين آيو. حڪومتي ٻوليءَ ۾ برابر گهٽو ڦيرو آيو. ٻر انهيءَ جو لوڪ ڀاشا تي اثر خير ڪو ٻيو. ڪن سنڌي عالمن عربي ۽ فارسيءَ ۾ ادبي مهارت حاصل ڪئي، ٻر عام خلق جي ٻولي سنڌي ئي هلندي آئي. جا ان وقت جي اولهه راجستانيءَ کان گهٽي علحدي ڪانه هئي. ڪي صديون ٻوءِ ٻه هاٽوڪيءَ سنڌ جي ڪجهه حصي جو راجستان سان سياسي ۽ سموريءَ سنڌ جو راجستان سان ٻنگتي ناتو هلندو آيو" (1).

ڪڇ ۽ گجرات جي حاڪمن وانگر، راجستان جي راجائن مان سنڌ جي سوڍن، راڻن ۽ ٻين راجائي ڪل وارن مائٽيون ڪيون. امرڪوٽ جي پرمار راجا سسوڍ جي ڌيءَ سان، لدوري ۽ پونگل جو يادونسي راجا مندم راءِ پرڻيل هو (2). ٿرپارڪر جا سوڍا ٻه پنهنجون نياڻيون ڪڇ، مارواڙ ۽ جيسلمير ۾ پرڻائيندا هئا (3). انهيءَ ڪري سنڌ ۽ راجستان جي وچ ۾ سياسي ناتن کان سواءِ سماجي ناتا ٻڻ قائم هئا.

---

(1) جهمٽ مل ڀاوناڻي: ڍولا مارو. بمبئي. هندستان ساهتيه مالا. 1956ع. ص 77.

(2) رائچند هريجن: تاريخ ريگستان. ڀاگو ڀهريون. ص 27.

(3) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي

(1) الانا غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد*، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1974ع.

(2) جهمٽ مل ڀاوناڻي: *ڍولا مارو*، بمبئي، هندستان ساهتيہ مالا، 1956ع.

(3) رائچند هريجن: *تاريخ ريگستان*، ڀاڱو پهريون، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

(4) Thadhani, T.S. "*The Lohanas*", an article published in Journal Of Sind Historical Society, Vol. VIII, No: 3, Karachi, January, 1948.

# 5

# بلوچستان ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اثر

## 1 - جاگرافيائي حالت:

سياسي لحاظ کان بلوچستان ٻن حصن ۾ ورهايل آهي. انهن مان هڪ حصو ايران جي سرحدن ۾ شامل آهي، جنهن کي ايراني بلوچستان چئبو آهي، ۽ ٻيو حصو پاڪستان جو هڪ صوبو آهي. پاڪستان وارو بلوچستان، جنهن کي 1971ع ۾ صوبائي حيثيت ڏني ويئي آهي، طبعي لحاظ کان هيٺين قدرتي حصن ۾ ورهايل آهي: ساراوان، جهالاوان، مڪران، خاران، قلات ۽ لس ٻيلو.

صوبائي انتظامي لحاظ کان هي صوبو ٻن ڊويزنن ۽ نون ضلعن ۾ ورهايل آهي، أهي هي آهن:

(الف) ڪوئيٽه ڊويزن ۽ (ب) قلات ڊويزن،

(الف) ڪوئيٽه ڊويزن ۾ هي ضلعا شامل آهن: (i) سبي ضلعو، (ii) ڪڇي ضلعو، (iii) لورالائي ضلعو، (iv) زهوب ضلعو ۽ (v) چاغي ضلعو.

(ب) قلات ڊويزن ۾ هي ضلعا شامل آهن: (i) قلات ضلعو، (ii) مڪران ضلعو، (iii) خاران ضلعو ۽ (iv) لس ٻيلو ضلعو.

## 2 - ٻوليون:

اڳوڻي قلات رياست جي "خان" ۽ بلوچستان جي اڳوڻي گورنر، مير احمد يار خان جي لکت موجب بلوچستان ۾ ٻہ - ٻوليائي (ٻہ-زباني) قبيلا جام رهن ٿا (1). هن جي راءِ موجب هن صوبي ۾ جملي ڇهہ ٻوليون ڳالهايون ۽ سمجهيون وينديون آهن. 1961ع واري آدمشماريءَ موجب انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو ضلعيوار سيڪڙو هن ريت ملي ٿو:

(1) Mr. Ahmed Yar Khan Baluch, *Inside Baluchistan,* an autobiography, Karachi, Royal Book company, 1975, pp. 4 and 5.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| ضلعي جو نالو (1) | براهوئي | بلوچي | پشتو | سنڌي | پنجابي (2) | اردو | فارسي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سبي | 2.92 | 64.67 | 21.96 | 3.12 | 4.85 | 2.16 | 00.24 |
| لورالائي | 1.52 | 8.21 | 61.08 | 1.98 | 26.39 | 00.61 | 00.34 |
| ڪوئيٽا | 7.78 | 2.25 | 61.05 | 00.49 | 17.02 | 5.09 | 3.75 |
| قلات | 39.40 | 31.77 | 1.79 | 24.74 | 00.92 | 00.28 | 1.06 |
| لس ٻيلو | 7.86 | 23.69 | 00.70 | 66.58 | 00.85 | 00.21 | 00.02 |
| چاغي | 31.17 | 60.27 | 2.12 | 00.33 | 2.1 | 00.76 | 3.32 |
| خاران | 19 | 81 | -- | 00.33 | | | |
| مڪران(3) | | | | | | | |
| زهوب | | | | | | | |

هارورڊ يونيورسٽي جي هڪ ماهر ڊاڪٽر هينري فيلڊ 1955ع ۾ پنهنجي مضمون "West Pakistan-Anthropological Survey" ۾ ڌار ڌار ٻولين جي في سيڪڙي جي باري ۾ جيڪي انگ اکر ڏنا آهن، اهي هن ريت آهن (4):

| ضلعو / رياست | براهوئي | بلوچي | پشتو | سنڌي | پنجابي | اردو | فارسي |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| قلات | 51 | 19 | _ | 29 | _ | _ | _ |
| خاران | _ | 18 | _ | 19 | _ | _ | _ |
| لس ٻيلو | 1 | 19 | _ | 80 | _ | _ | _ |
| مڪران | _ | 100 | _ | _ | _ | _ | _ |
| چاغي | 33 | 60 | 3 | 1 | _ | 1 | _ |
| لورالائي | 1 | 8 | 62 | _ | 28 | 2 | _ |
| ڪوئيٽا | 7 | 2 | 60 | _ | 18 | 7 | 4 |
| سبي | 7 | 54 | 12 | 20 | 5 | 2 | _ |
| زهوب | _ | _ | 96 | _ | 3 | 1 | _ |

(1) *Census Report of Pakistan*, 1961, Population by Mother Tongue Vol: IV-16, Table 12

(2) سرائڪي ٻوليءَ کي سرڪار پنجابيءَ ۾ شامل ڪيو آهي.

(3) مڪران ۾ جدگال ايراضيءَ ۾، جدگالي ٻولي ڳالهائيندڙ هزارن جي تعداد ۾ رهن ٿا. جدگالي ٻولي، سنڌيءَ جي شاخ آهي.

(4) سيد نور علي ضامن: *معارف سرائڪي*، احمدپور شرقيه. مصطفيٰ شاهه اڪيڊمي، 1972ع، ص ص 41 ۽ 42.

3 - بلوچستان ۽ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ، تهذيب ۽ تمدن، وڻج ۽ واپار توڙي جاگرافيائي حالتن جو جڏهن غور سان مطالعو ڪجي ٿو تڏهن معلوم ٿو ٿئي ته قديم زماني کان سنڌ ۽ بلوچستان جا پاڻ ۾ گهاٽا ناتا رهيا آهن. سرسبز ۽ آباد هجڻ جي ڪري سنڌ جو بلوچستان تي نه فقط اثر رهيو آهي، پر ان تي غلبو پڻ رهيو آهي. بلوچستان جا سبي، ڪڇي، قلات، لورالائي، مڪران، لس ٻيلو ۽ سمورو ساموندي ساحل هزارين سالن تائين قديم سنڌ جي سياسي، سماجي تهذيبي، تمدني ۽ اقتصادي اثر هيٺ رهيا آهن.

قديم زماني ۾ بلوچستان وارو علائقو هڪ طرف واديءَ سنڌ ۽ ٻئي طرف مغربي ايشيا جي ترقي يافته ملڪن جي وچ ۾ پنهنجي جاگرافيائي حالتن جي ڪري هڪ سنگم جي حيثيت ٿو رکي. هن زماني ۾ مشرق قريب ۽ ايران کان ايندڙ اهم رستا بلوچستان جي مختلف علائقن مان لنگهندا، واديءَ سنڌ ۾ داخل ٿيندا هئا. انهيءَ لحاظ سان بلوچستان جو هي ڪوهستاني خطو، قديم زماني کان ٻنهي طرفن جي تهذيب جي وچ ۾ باهمي ميل جول لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندو هو (1).

نئچرل هسٽري ميوزيئم آف نيويارڪ جي هڪ جماعت، بلوچستان جي ضلعي لس ٻيلي جي دور دراز علائقن تائين دؤرو ڪيو. هن ٽولي جي راءِ موجب ساموندي ساحل تائين، ڪناري جي لڳ ڀڳ جيڪي بستيون ملن ٿيون، اهي هڙپه تهذيب جون علمبردار آهن. آثارن ۽ شاهدين مان معلوم ٿو ٿئي ته بلوچستان جي ساحلي علائقي تي قديم زماني کان واديءَ سنڌ جي ماڻهن جو قبضو هو (2).

1959ع ۽ 1962ع ۾ هڪ فرينچ مشن موسيو زين ميري ڪاسل جي سرڪردگيءَ ۾ آمريءَ جي دڙي جي کوٽائي ڪئي ويئي. هنن جو چوڻ آهي ته هتان لڌل مٽيءَ جا برتن بلوچستان ۾ نهيل برتنن سان هڪجهڙائي رکن ٿا. بلوچستان جي واديءَ ۽ سنڌو ماٿر جي وچ ۾ ميل جول جي سلسلي ۾ هي هڪ اهم انڪشاف هو. اهڙيءَ طرح ڍاڍر جي ويجهو مهر ڳڙهه، ۽ نوشهري جي کوٽائيءَ مان هن سلسلي ۾ وڌيڪ معلومات ملي آهي. هن باب ۾ مٿي بيان ڪيل لفظن جي روشنيءَ

(1) ملڪ محمد سعيد بلوچ: *بلوچستان ما قبل تاريخ*، ڪوئٽه، بلوچي اڪيڊمي، 1971ع، ص 17.

(2) ايضاً، ص 28.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ بلوچستان جي ڌار ڌار خطن جو ڌار ڌار پهلوئن کان مطالعو ڪري اتي سنڌي زبان جي باري ۾ جائزو ورتو ويو آهي.

## 4- سبي ۽ ڪڇيءَ وارن علائقن ۾ سنڌي زبان جو ڦهلاءُ:

بلوچستان ۾ هڪ خطو ڪڇي آهي. ڪڇي يا ڪڇي- گنداوا ساڳئي علائقي کي چوندا آهن. هيءَ هڪ ميداني علائقو آهي، جتان مولا ۽ بولان دڙا شروع ٿين ٿا. هن علائقي جي آباديءَ جو دارومدار ناڙي ۽ لهڙي ندين تي آهي، جن مان ناڙي ندي مشهور آهي. هتي جو ويران حصو "دشت بيدار" سڏبو هو، جنهن کي سنڌي زبان ۾ "پٽ" چئبو آهي. گدو براج جي شروع ٿيڻ کان پوءِ ۽ "پٽ فيڊر" واهه جي نڪرڻ کان پوءِ هي خطو هاڻ آباد آهي. هتي جي آب - هوا گرم آهي. ڀاڳ، گنداوا، ڪوٽڙي ۽ ڊاڍر جا مکيه شهر آهن. انهن مان ڊاڍر بولان دڙي جي منهن وٽ آهي.

ڪڇي- گنداوا جي رهاڪن ۾ جَتَ اڪثريت ۾ رهن ٿا. هيءَ هڪ قديم ۽ وڏي قوم آهي. راءِ گهراڻي جي حڪومت (450ع کان 642ع) جي زماني ۾ هن قوم جا ماڻهو سنڌ مان لڏي بلوچستان جي ڪڇي ۽ لس ٻيلي وارن علائقن ۾ پکڙجي ويا هئا (1)، ۽ اتي ئي ويهي رهيا. مولائي شيدائيءَ جي راءِ موجب ڪڇي علائقي ۾ هن قوم جا گهٽ ۾ گهٽ چاليهه پاڙا رهن ٿا (2)، جن مان مکيه آهن: ابڙا، هالورا، ڪلهوڙا، ڪوکر، ماڇي، منجو، پلال، پاسارا ۽ ٽونيا (3). جتن کان سواءِ هن علائقي ۾ رهندڙ مکيه بلوچ قومون هي آهن: رند، جکراڻي، ڊومبڪي ۽ منگسي.

سبي ۽ ڪڇي علائقي تي سنڌ جو سياسي ۽ سماجي تسلط آڳاٽي زماني کان ثابت ٿئي ٿو. آڳاٽن اهڃاڻن مان پتو پوي ٿو ته جڏهن واديءَ سنڌ تي راءِ گهراڻي جي حڪومت (450ع کان 642ع) هوندي هئي، ان وقت سبي ۽ ڪڇيءَ وارو علائقو به هن گهراڻي جي حڪومت جي حدن ۾ شامل هوندو هو (4).

---

(1) Sigrid Westphal-Hellbusch Dr. and Heinz Westphal, *The Jats of Pakistan*, Berlin, Duncker and Humblot 1964, p. 104.

(2) مولائي شيدائي: *تاريخ بلوچستان*، بلوچ سيريز نمبر 1، 1941ع، ص 26.

(3) ايضاً.

(4) راءِ گهراڻي جا پنج بادشاهه ٿي گذريا آهن. انهن جا نالا هي آهن: (i) راءِ ديوائج، (ii) راءِ سيهرس، (iii) راءِ ساهسي، (iv) راءِ سيهرس ٻيو ۽ (v) راءِ ساهسي ٻيو. ڏسو: چچنامو، ڪراچي، سنڌ ادبي بورڊ، 1954ع، ص ص 21-22.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

راءِ سيهرس جي حڪومت جون حدون اوڀر ۾ ڪشمير، اولهه ۾ مڪران، ڏکڻ ۾ ساموندي ساحل تائين ۽ اتر ۾ ڪوهه ڪردان يعني ڪردن جي ٻهاڙن ۽ ڪيڪانان تائين پکڙيل هيون. قلات، ساراوان، ۽ جهالاوان جون رياستون هن سرحد ۾ اچي تي وئيون (1).

642ع ۾ جڏهن چچ برهمڻ سنڌ جي حڪومت جون واڳون سنڀاليون ۽ برهمڻ گهراڻي جي راڄ جو پايو وڌائين، تڏهن هن مڪران کان وٺي ڪرمان تائين، ۽ قندار کان وٺي هيٺ، پنهنجيءَ حڪومت جي سرحدن جا قلعا مضبوط ڪرايا (2). اهڙيءَ طرح غازي محمد بن قاسم جي سنڌ تي فتح واري عرصي (712ع) تائين، هي خطو (سبي - ڪڇي) سنڌ جي حڪومت جي سرحدن ۾ شامل هوندو هو (3).

سنڌ جي عباسي گورنر هشام بن عمر تغلبيءَ جي زماني ۾ گنداوا جو نواب خود مختار بڻجي ويو هو. هشام گنداوا تي چڙهي آيو. اُتي جي حاڪم کي هٽائي، اتي جو انتظام درست ڪيائين، ۽ سارو ملڪ منصوره جي حڪومت جي تسلط هيٺ رکيائين (4).

قطب الدين جي وفات کان پوءِ التمش جي دهليءَ واري راڄ جي زماني ۾، 607هه (11-1210ع) ۾، ناصرالدين قباچه سنڌ ۾ آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو. ان وقت سبي ۽ ڪڇيءَ وارا علائقا سندس قبضي هيٺ هئا (5). هن اُچ ۽ ملتان تي به قبضو ڪيو، ۽ سنڌ جا ديبل ۽ ٻيا شهر ۽ ڳوٺ ۽ قلعا هٿ ڪيائين، ۽ اتي جو

(1) اعجاز الحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصه اول، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1971ع، ص ص 4 ۽ 5.

(2) اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصه اول، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1971ع ص 33.
Also see "*Extracts from the District and states Gazetteer of the Punjab (Pakistan)*", Vol: II, Lahore Research Society of Pakistan, University of Panjab, 1977, P. 398.

(3) علي ڪوفي: *چچنامو*، ڪراچي،، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع، ص 68، ۽ پڻ ڏسو حوالو 2، ص 33.

(4) حوالو 2، ص 266.

(5) *District Census Report of Sibi District*, 1961, pp. 1-5.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حاڪم بنجي ويهي رهيو (1). 665هه (1228ع) ۾ التتمش، ناصرالدين قباچه کان اُچ جو قلعو فتح ڪيو. ناصرالدين قباچه فرار ٿي ويو. التتمش سندس وزير نظام الملڪ کي قباچه جي پٺيان روانو ڪيو. هن بکر جو قلعو پڻ فتح ڪيو. پوءِ نظام الملڪ کي سنڌ ۽ ملتان جو گورنر مقرر ڪيو ويو، ۽ بکر کي سنڌ جو تخت گاهه بنايو ويو (2).

غلام گهراڻي جي راڄ واري زماني ۾ به سنڌ جي حڪومت جو تخت گاهه پهرين بکر هو. پوءِ 649هه (52-1251ع) ۾ سلطان ناصرالدين محمود سنڌ کي ٻن صوبن ۾ ورهائي، انهن تي ڌار ڌار گورنر مقرر ڪيا. انهن مان هڪ صوبي جون حدون سيوهڻ تائين پکڙيل هيون. ان جو تخت گاهه بکر هو؛ ٻئي صوبي جون حدون هيٺ لاڙ تائين هيون. ان جو تخت گاهه سيوهڻ هو (3).

سمن جي دؤر (1351ع کان 1521ع) ۾سندن حڪومت جون حدون اتر ۾ سبيءَ تائين هيون. اهو سڄو علائقو سندن قبضي ۾ هوندو هو. ڄام نندي جي حڪومت (914هه - 1508ع) تائين سبيءَ وارو خطو سنڌ سان شامل هوندو هو (4). مير چاڪر خان ۽ مير گوهرام، ڄام نندي کان ڪڇيءَ جو علائقو فتح ڪيو. جنهن ۾ بارڙي، ڪرته، ڍاڍر، سبي، ڀاڳ، سني، شورن ۽ ڪڇيءَ جو ڏاکڻيون علائقو اچي ٿي ويو (5).

1470ع ۾ هرات جي سلطان، حسين مرزا پنهنجيءَ حڪومت جون حدون ڪوئيٽا تائين وڌايون ۽ پشين ۽ سبيءَ وارا علائقا امير شجاع الدين ذوالنون ارغون جي حوالي ڪيائين (6). امير ذوالنون جي مرڻ کان پوءِ شاهه بيگ ارغون، حڪومت

(1) اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصه اول، ص 340.

(2) ايضاً.

(3) ايضاً.

(4) خدا داد خان: *لب تاريخ سنڌ*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع، ص 56، ۽ پڻ ڏسو: گل خان نصير: *تاريخ بلوچستان*، جلد اول، ڪوئٽه، اقبال اسٽيشنري مارٽ، 1952ع ص ص 20 ۽ 21.

(5) گل خان نصير:ايضاً

(6) غلام رسول مهر: *تاريخ ڪلهوڙا* (اردو)، جلد اول، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، ص 393.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جون واڳون سنڀاليون. هن جي ڏينهن ۾ محمد خان شيبانيءَ خراسان جي حاڪم، قنڌار تي حملو ڪرڻ جو ارادو ڪيو. شاهه بيگ محمد خان شيبانيءَ ڏانهن پنهنجا ايلچي موڪليا ۽ اطاعت جو اظهار ڪيائين. محمد خان انهيءَ تي راضي ٿي واپس موٽي ويو. ان کان پوءِ هڪ پاسي شاهه اسماعيل صفوي ثاني، ته ٻئي پاسي بابر بادشاهه زور هئا. شاهه بيگ کي اچي خوف ورايو. انهيءَ ڪري 917 هه (1517-18ع) ۾ سيويءَ (سبي) تي حملو ڪائين. هو جڏهن سيويءَ جي ٻاهران پهتو، تڏهن قلعي کي گهيرو ڪيائين. انهن ڏينهن ۾ سيويءَ تي سلطان پيرولي برلاس جي اولاد جو قبضو هو، ۽ ٽي هزار بلوچ جوان قلعي جا نگران هئا. هن حملي ۾ شاهه بيگ کي فتح نصيب ٿي (1).

شاهه بيگ اتي مرزا عيسيٰ ترخان کي مقرر ڪري پاڻ قنڌار موٽي ويو (2). 924 هه (1518ع) جي آخر ڌاري شاهه بيگ ارغون سنڌ تي حملي ڪرڻ جو ارادو ڪيو. سلطان علي ارغون ۽ زيبڪ ترخان کي سبيءَ (سيويءَ) جي قلعي تي محافظ مقرر ڪري، ٽي هزار سوار ساڻ ڪري سنڌ تي ڪاهي آيو (3)، پر ڪامياب ڪو نه ٿيو. هن ٻيهر حملو ڪيو. آخر 11 محرم 927 هه (1520ع) تي شاهه بيگ ٺٽي ۾ فاتح جي حيثيت ۾ داخل ٿيو.

22 شعبان، سن 928 هه (1522ع) ۾ شاهه بيگ ارغون وفات ڪئي. سندس مرڻ کان پوءِ سندس پٽ مرزا شاهه حسن ارغون حڪومت جون واڳون سنڀاليون. هن 1523ع ۾ مير افضل ڪوڪلتاش جي فرزند کي سبيءَ تي پنهنجو نواب مقرر ڪري موڪليو (4). اهڙيءَ طرح ارغونن کان پوءِ ترخان گهراڻي جي حڪومت تائين يعني مرزا جاني بيگ جي راڄ تائين، سبيءَ وارو خطو سنڌ جي

(1) سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي: *ترخان نامه*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1965ع ص 14.

(2) ايضاً، ۽ پڻ ڏسو: مير معصوم بکري: *تاريخ معصومي*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع ص 125.

(3) سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي: *ترخان نامه*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، 1965ع ص 14.

(4) اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنده*، جلد دوم، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1974ع ص 412 ۽ پڻ ڏسو: يوسف ميرڪ مير ابوالقاسم بکري: *تاريخ مظهر شاهجهاني*، ص 24.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حڪومت هيٺ رهيو.

جڏهن مغل فوجن، اڪبر بادشاهه جي ڏينهن ۾، مرزا جاني بيگ کي شڪست ڏيئي، سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن بکر جي سرڪار وارو سڄو علائقو، ملتان صوبي سان ملايو ويو، ۽ سبيءَ جو انتظام بکر سرڪار جي حوالي ڪيو ويو، اتي مغل فوج جا 1500 گهوڙي سوار ۽ 1500 پيادا سپاهي رکيا ويا (1).

ميان يار محمد ڪلهوڙي پنهنجي دؤر ۾ سبي ۽ ڪڇيءَ وارا علائقا سنڌ سان شامل ڪيا. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي حاڪم ٿيڻ وقت سبي ۽ ڪڇيءَ وارا علائقا سنڌ جي سرحد ۾ شامل هئا. ميان نور محمد اتي پنهنجو نائب مقرر ڪيو (2). ميان نور محمد سنڌ جي سرحدي پرڳڻي، چانڊڪا جو تخت گاهه لاڙڪاڻي کي بڻايو. اُتي مٿيءَ جو قلعو پڻ اڏايائين ۽ مٿس توبون رکائي، ڏهه هزار لشڪر شاهه بهاري جنجڻ جي نگرانيءَ هيٺ مقرر ڪيائين (3).

جڏهن ميان صاحب وفات ڪئي تڏهن وصيعت نامي ۾ ڪڇي وارو علائقو پنهنجي پٽ ميان محمد مرادياب خان کي ڏنو هئائين (4).

ٽالپرن جي دؤر حڪومت (1783ع - 1843ع) ۾ جڏهن سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو تڏهن سبي ۽ ڪڇيءَ وارا علائقا خيرپور وارن ٽالپرن جي حڪومت جو حصو رهيا (5).

حيدرآباد واري مير مراد علي خان جي وفات کان پوءِ، خيرپور جي مير رستم خان، پنهنجي رياست پنهنجن پٽن ۾ ورهائي، ان وقت خيرپور رياست جون حدون هي هيون: اُتر ۾ سبزل ڪوٽ ۽ ڪشمور تائين، اُڀرندي طرف ٿر ۽ جيسلمير تائين، الهندي ڏي ڪڇي ۽ گنداوا تائين، ۽ ڏکڻ طرف نوشهري تائين (6).

(1) اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنده*، جلد دوم، ص 412

(2) غلام رسول مهر: *تاريخ ڪلهوڙا* (اردو)، جلد اول، ص 459

(3) ايضاً، ص 459

(4) ميان نور محمد: *منشور الوصيت و دستور الحكومت*، بسعي و اهتمام سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع ص 18.

(5) مرزا قليچ بيگ: *تاريخ خيرپور*، 1922ع ص 59.

(6) مرزا قليچ بيگ: تاريخ خيرپور، 1922ع، ص 59.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مير سهراب خان افغانن جا ڪي پرڳڻا پڻ هٿا ڪيا، جن کي 'موغلي' سڏيندا هئا. هن حاڪم بلوچن جا ٻه ڪي پرڳڻا هٿ ڪيا جن کي 'ٻڙديڪ' چوندا هئا (1).

**مير سهراب خان پنهنجي** وصيت نامي ۾ جڏهن سندس حڪومت ورهائي **تڏهن سداگاڻ ۽ ٻڙديڪ وارا حصا** مير رستم خان جي حوالي ڪيائين. ميرپور ماٿيلو، **مهرڪي ۽ مغليءَ وارا حصا** مير مبارڪ عليءَ کي ڏنائين.

هن ساري بيان مان هي ثو ثابت ٿئي ٿو ته سبي ۽ ڪڇيءَ جا علائقا قديم زماني کان سنڌ جي حڪومت جو حصو رهيا آهن، تنهن ڪري انهن علائقن ۾ سنڌي زبان کي نه فقط وڌڻ ۽ ويجهڻ جو وجهه مليو، پر انهن خطن ۾ سنڌي زبان مادري زبان طور پڻ ڳالهائجڻ لڳي.

**(الف) تجارتي ۽ واپاري ناتا:-** سنڌ، پراڻي زماني کان، برصغير کان سواءِ مشرق بعيد ۽ وچ مشرق ۾ ايران، افغانستان، عربستان بلخ، بخارا، ۽ ڏکڻ ۾ لنڪا، جاوا ۽ سوماترا لاءِ واپاري ۽ تجارتي منڊي، توڙي مرڪز جي حيثيت رکندي هئي. هڪ طرف واهڻن ۽ غورابن ذريعي واپار هلندو هو ته ٻئي طرف خشڪي رستن ذريعي قافلا ايندا ويندا رهندا هئا. سبي ۽ ڪڇيءَ وارن علائقن مان خشڪي ۽ پهاڙي رستن ذريعي قافلا ايران، افغانستان، بلخ ۽ بخارا تائين ويندا هئا، ۽ اتان سنڌ ڏانهن واپس موٽندا هئا.

سنڌ صوبي ۽ بلوچستان جي جهالاوان خطي جي سرحدن کي کيرٿر جبل ڌار ڪن ٿا. انهن جبلن جي قطار سان گڏوگڏ هڪ خشڪي رستو پڻ هلي ٿو. انهن جبلن مان ڪيترائي لڪ ۽ رستا ڦٽن ٿا، جن کي پار ڪري، سنڌ ۾ داخل ٿبو آهي. انهن سڀني ۾ اهم رستو اهو آهي، جيڪو مولا لڪ مان لنگهي، ٻهرين ڪڇي علائقي ۾ پهچي ٿو، ۽ جتان ٻوءِ سنڌ ۾ داخل ٿئي ٿو. هيءَ واٽ خضدار کي گنداوا سان ملائيندي آهي (2).

خضدار جي ڏکڻ ۾ هڪ ٻيو رستو پڻ آهي، جتان باران لڪ پار ڪرڻ

(1) مرزا قليچ بيگ: *تاريخ خيرپور*، 1922ع، ص ص 60 ۽ 61.

(2) ملڪ محمد سعيد بلوچ: *بلوچستان ما قبل تاريخ*، ڪوئٽه، بلوچي اڪيڊمي، 1971ع، ص 161.

ڪان پوءِ، لس ٻيلي ۾ داخل ٿيو آهي. هتان قلات ڪان ٿيندو، قنڌار پهچبو هو. هي رستو انگريزي دؤر حڪومت تائين پڻ قائم هوندو هو. هتان افغان واپاري، انگريز واپارين ڪان ڪراچيءَ مان مال خريد ڪري، لس ٻيلي، خضدار ۽ قلات واري رستي ڪان قنڌار ويندا هئا (1).

ٻي هڪڙي واٽ سيوهڻ ڪان ويندي هئي. هيءَ واٽ چانڊڪا پرڳڻي مان، لاڙڪاڻي ڪان جهل ۽ گنداوا جي رستي ڏاڍر، سبي، مولو ۽ بولان دڙن ڪان ٿيندي، افغانستان ويندي هئي (2). سيد ميران محمد جونپوري ۽ معزول بادشاهه همايون، هن واٽ ڪان مستونگ جي رستي قنڌار ڪان ايران پهتا هئا (3). شاهه بيگ ارغون به هن ئي واٽ ڪان چانڊڪا پرڳڻي تي حملو ڪري ڦرلٽ ڪئي هئي، ۽ پوءِ اڳتي سيوهڻ تي حملو ڪيو هئائين (4). انهن خشڪي رستن تان قافلن جي آمدرفت لاءِ واٽ تي ڏاٻي ڪرڻ ۽ آرام ڪرڻ لاءِ ڪي ڳوٺ پڻ هوندا هئا، جتي قافلا ڏينهن - اڌ روڪيا ويندا هئا.

انهيءَ آمدرفت ۽ واپار جي ڪري ٻولين جو هڪ ٻئي تي اثر ٿيو. سنڌي زبان جيئن ته ان وقت تجارت ۽ واپار واري ۽ شاهوڪار ٻولي هئي، انهيءَ ڪري هيءَ ٻولي نه فقط سبي ۽ ڪڇي علائقن تي اثرانداز رهي، پر اڳتي قلات ۽ خاران وارن علائقن تي پڻ پنهنجو اثر وڌايائين ۽ اتي پڻ غالب رهي.

**(ب) آبادي ۽ لڏپلاڻ:** سبي، ڪڇي، جهالاوان ۽ بلوچستان جي ٻين علائقن ۽ سنڌ جي اُتر ۽ اوڀر جي وچ ۾ مختلف قبيلن جي لڏپلاڻ هميشه ٿيندي رهي آهي. ڪيترائي بلوچ قبيلا سنڌ ۾ لڏي اچي هميشه لاءِ رهي پيا آهن. هنن سنڌي زبان کي پنهنجي مادري زبان طور اختيار ڪيو آهي، پر پنهنجي اصل وطن سبي، ڪڇي ۽ جهالاوان سان پنهنجا سماجي ناتا قائم رکيو اچن. ڪي سنڌي قبيلا لڏي وڃي بلوچستان جي سبي، ڪڇي، قلات، جهالاوان ۽ ساراوان خطن ۾ آباد ٿيا آهن. اهي قبيلا سوين سال گذرڻ جي باوجود گهرن ۾ سنڌي زبان ڪم آڻيندا آهن. مثال

(1) Sorley, H. T., *Shah Abdul Latif of Bhit*, p. 75.

(2) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*. حيدرآباد. سنڌ يونيورسٽي، ص 389.

(3) ايضاً.

(4) ايضاً

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور جهل رياست جا مگسي نواب، گهرن ۾ سنڌي زبان ڳالهائين. جهل دراصل مگسين جي رياست آهي. هن اسٽيٽ جو نواب قيصر خان مگسي چوندو هو ته، اسين سنڌ مان لڏي آيل سمات آهيون (1). نواب قيصر خان جو فرزند نواب گل محمد خان مگسي سنڌي زبان جو وڏو شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪافيون مشهور آهن (2).

اهڙيءَ طرح سياري جي مهينن ۾ جهالاوان ۽ قلات ۾ رهندڙ بروهي سنڌ ۾ لهي ايندا آهن، ۽ سيارو ختم ڪري واپس موٽي ويندا آهن (3). سنڌ ۾ هر سال اچڻ ڪري بروهي قبيلا پنهنجي ٻوليءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ به ڳالهائين. اهڙيءَ طرح سارين ۽ ڪٽڪن جي لاباري جي وقت به ڪيترائي بلوچ قبيلا سنڌ ۾ ايندا آهن ۽ لاباري ختم ٿيڻ کان پوءِ واپس هليا ويندا آهن. سنڌ ۾ سوين سالن کان سانده لڏ - پلاڻ سبب هو سنڌ ۾ سنڌي ڳالهائين. اهوئي سبب آهي جو مير احمد يار خان پنهنجي يادگيرين ۾ لکيو آهي ته:

"Bi-lingualism is also quite common in Baluchistan. Those whose principal language is Baluchi, freely speak subsidiary languages as well (4)".

قديم زماني کان ڪيترائي قبيلا سنڌ مان لڏي وڃي بلوچستان ۾ آباد ٿيا. انهن مان جيڪي سبي ۽ ڪڇي، جهالاوان ۽ ٻين علائقن ۾ رهن ٿا، تن مان ڪي قبيلا هي آهن:

(i) جت:- هنن کي جدگال به چوندا آهن. هيءَ قوم پنجين صدي عيسويءَ جي وچ ڌاري، بلوچستان ۾ وڃي آباد ٿي. اينري قدر جو عيسوي ستين صديءَ ڌاري هت زياده تر آبادي جتن جي هئي (5).

---

(1) راوي جناب علامه غلام مصطفيٰ قاسمي.

(2) مخدوم طالب المولي: ياد رفتگان. هالا 1953ع. ص 50.

(3) Khan, F. A, Dr, *The Indus Vally & Early Iran*, Karachi, Department of Archaeology & Museums, Ministry of Education, Government of Pakistan, 1964, p. 17.

(4) Mir Ahmed Yar Khan Baluch, *Inside Baluchistan*, a Biography, Karachi, Royal Book Company, 1975, p. 62.

(5) ملڪ محمد سعيد بلوچ: بلوچستان ماقبل تاريخ. ص 42.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) **لفوري يا نوحاڻي:**- هي سنڌ مان لڏي بلوچستان جي ڪڇي علائقي ۾ وڃي ويٺا. انهن مان ڪي هتان لڏي ڏکڻ - اولهہ طرف ايراني مڪران ۾ باهو شهر ۾ وڃي رهيا.

**(ج) سماجي ميل جول:**- سبي ۽ ڪڇي علائقي ۾ نہ فقط سياسي اثر ۽ وڻج واپار جي ڪري سنڌي زبان جو چالامان رهيو، پر سنڌ جي حاڪمن، قلات جي سردارن ۽ ٻين نوابن سان سڳابنديون پڻ ڪيون، جنهن ڪري سماجي ميل جول پڻ وڌيو. انهيءَ ڪري سنڌي زبان کي وڌيڪ اهميت ملي.

تاريخ مان ثابت ٿو ٿئي تہ ميان نور محمد ڪلهوڙي قلات جي بروهين سان مائٽيون ڪيون. هن پنهنجي فرزند ميان محمد مرادياب خان جي شادي عبدالله خان جي سوٽ، مير مراد علي خان جي نياڻيءَ سان ڪرائي. ٻئي سال ميان صاحب جي ٻئي پٽ ميان خداداد خان جي پڻ بروهي خاندان مان شادي ٿي (1). اهوئي سبب آهي جو ميان نور محمد پنهنجي وصيعت نامي ۾ ڪڇي ۽ سبيءَ وارا علائقا ميان محمد مراداياب خان کي ورهائي ڏنا (2).

ٽالپرن جي دؤر حڪومت ۾ حيدرآباد جي ٽالپر حاڪمن قلات جي خان، محمود خان سان نئين سر دوستي جاري ڪئي، ۽ 1803ع ۾ خان محمود خان جي ڀائٽيءَ سان مير غلام علي خان جي ڀاڳناڙيءَ ۾ شادي ٿي (3).

---

(1) غلام رسول مهر: *تاريخ ڪلهوڙا* (اردو)، جلد اول، سنڌي ادبي بورڊ، ص 397.

(2) ميان نور محمد: منشور *الوضيت* و دستور حڪومت، حوالو ڏنل آهي، ص 18.

(3) مرزا قليچ بيگ: *تاريخ خيرپور*، 1922ع، ص 37.

## (ت) سبي، ڪڇي ۽ جهالاوان علائقن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت:

سبيءَ جو علائقو سنڌ جي سرحد کان اٽڪل هڪ سؤ ميلن جي مفاصلي تي آهي. هن علائقي ۾ هرنائي، لورالائي، ڍاڍر، گنداواهه، بيل پٽ، مري ۽ بگٽي علائقا اچي وڃن ٿا. جتي بروهي، بلوچي، پشتو ۽ سرائڪي ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. پر عام طور هن علائقي جي ماڻهن تي سنڌي ٻوليءَ جو اثر پنهنجين ٻولين کان وڌيڪ آهي، ايتري قدر جو سنڌ جي سرحد کان 100 ميل پري هجڻ جي باوجود هتي جي ماڻهن جي اڪثريت عام طور سنڌي ڳالهائي ٿي، پر سنڌ ن اصلي شڪل بگڙيل نظر ايندي. جيڪڏهن ڪو ٽر يا لاڙ جو ماڻهو هت ايندو ته هو هتي جي ماڻهن جي ٻولي پوريءَ طرح سمجهي نه سگهندو.

بلوچستان صوبي جي سرحدي شهرن، ۽ سنڌ جي پر واري بلوچي ايراضي جهڙوڪ اوستہ محمد، جهٽ پٽ، مانجهيپور، گنداخه ۽ جهل مگسيءَ ۾ سنڌي ٻولي عام طور ڳالهائي ويندي آهي، پر ان جي اُچار ۾ ٿورو فرق ضرور آهي. سبيءَ کان پنجاهه ميل اڳتي، مچ تائين سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي.

سبيءَ واري خطي ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، تنهن کي اتي جا مقامي ماڻهو 'فراڪي ٻوليءَ' جي نالي سان سڏيندا آهن (1). جيئن ته هن ايراضيءَ ۾ بروهڪي، بلوچي، پشتو ۽ سرائڪي ٻوليون به ڳالهايون وينديون آهن، انهيءَ ڪري هن ٻوليءَ ۾ انهن ٻولين جا به ڪي اهڃاڻ شامل ٿي ويا آهن.

سبيءَ واري علائقي ۾ سئي ڳوٺ (سئي ڳئس) کان وٺي لس ٻيلي تائين هڪ سئو ميل ويڪري ۽ پنج سئو ميل ڊگهي پٽيءَ واريءَ هن ايراضيءَ ۾ نه صرف بروهي، بلوچ ۽ پٺاڻ رهن ٿا، پر ٻيون به ڪيتريون ئي سنڌي ذاتيون هت صدين کان آباد آهن، جن ۾، ابڙا، اعوان، آرائين، ٻوهڙ، ٻبر، برڙا، ٻلال، ٻنهيار، ٻنهور، ٻنگر، تنيا، چڪڙا، ڇهواڻ، چاچڙ، ڏيپالي، ڏنگر، رڏ، ريٽي، سميجا، سيال، سيانچ، سومرا، شيلاچي، شيخ، ڪنير، ڪورائي، ڪوري، ڪولاچي، ڪوکر، گوپانگ،

(1) گهري ايياس لاءِ ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ جو پي ايچ ڊيءَ لاءِ پيش ڪيل مقالو ڏسو. اُن مقالي ۾ ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ منهنجي هن ڪتاب مان گهڻو فائدو حاصل ڪيو آهي ۽ حوالا به ڏنا اٿس.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملڪ، ماڇي، موچي، ناوڙا، نائچ، هاڙها ۽ هندو شامل آهن. انهن سڀني ذاتين جي مادري زبان سنڌي آهي. انهيءَ ڪري هن علائقي ۾ رهندڙ اڪثريت جي مادري زبان سنڌي آهي.

سبيءَ واري علائقي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لهجو جنهن کي مقامي ماڻهو 'فراڪي ٻولي' سڏيندا آهن. ان جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا (1):

| فراڪي ٻولي | معياري سنڌي | خاص فرق |
|---|---|---|
| اينوپئوها (ايندو پيو آن) | اچي رهيو آهين | ايندو جي بدران اينو<br>پيو جي بدران پئو |
| ڪاڏي وينو ها | ڪاڏي (ڪيڏانهن) وڃي رهيو آهين | |
| ڪائينو | ڪائيندو | |
| گهمنو | گهمندو | |
| گاڏي چلدي چو ناهي | گاڏي هلي ڇو نٿي | هلندي جي بدران چلدي |
| مان وئو هس | مان ويو هوس | هوس جي بدران هس |
| مان سبي تي وئو هم | مان سبي ويو هوس | ويو جي بدران وئو |
| رات سبي ٿيو هم | رات سبيءَ ۾ رهيو هوس | |
| ڪانيون گڏ | ڪانيون ڪپ | |
| بيمار نہ هي | بيمار نہ آهي | |
| ڪاڏي پرڪنو پئو هان | ڪيڏانهن ڦري رهيو آهين | |
| اُٿ اخير ونڃي آندس | هو آخر ونڃي آيس | |
| تون چل مان اينو هان | تون هل مان اچان ٿو | هل جي بدران چل |
| ڪلٿون مان وئو هس | ٺيون ڏينهن مان ويو هوس | ٺيون ڏينهن جي بدران ڪلٿون |
| مان تہ پانجي ڪم ۾ | مان تہ پنهنجي ڪم ۾ لڳو | |

(1) داد محمد بروهي: "سبي علائقي ۾ سنڌي"، مقالو، روزانہ هلال پاڪستان، ڪراچي، 5 مارچ، 1978ع ۽ پڻ ڏسو: سماهي مهراڻ.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ٿيو هان — پيو هوس

وت وت ويو هنئينس — وري وري يا هر هر وڃي

رهيو هوس

سبي ضلعي ۾ بلوچ قبيلا ٻہ گھڻا رهن ٿا (1). انهن ۾ بگٽين ۽ مرين کي غلبو حاصل آهي. انهن کان سواءِ هن ضلعي ۾ رند پڻ گهڻي تعداد ۾ رهن ٿا. اهي سڀ قبيلا مشرقي بلوچي لهجو ڳالهائيندا آهن، پر انهن جي اڪثريت سنڌي زبان کي ٻہ ثانوي زبان طور اختيار ڪيو آهي، ۽ هن ضلعي جي آباديءَ جي اڪثريت سنڌي زبان ڳالهائي ڄاڻندي آهي.

سبي ضلع ۾ رهندڙ پٺاڻن ٻہ مقامي ماحول کي پنهنجو بنايو آهي، ايتري قدر جو هنن پنهنجي ٻولي پشتو ٻہ وساري ڇڏي آهي، ۽ سڀ گهڻو ڪري سنڌي زبان، مادري زبان طور ڳالهائيندا آهن (2)، البتہ خجڪ (Khajjak) ڳوٺ ۾ رهندڙ خجڪ قوم وارا پٺاڻ، سنڌيءَ سان گڏوگڏ پشتو پڻ ڳالهائين (3).

ڪڇي ضلعي ۾ رهندڙ سڄيءَ آباديءَ جي مادري ٻولي سنڌي آهي، پر هو بلوچي ۽ سرائڪي ٻہ ڳالهائين. ون يونٽ واري دؤر ۾ نصيرآباد سب ڊويزن، اُستہ محمد تعلقو ۽ پاسي وارا خطا، جيڪب آباد ضلعي سان شامل ڪيا ويا هئا، پر ون يونٽ جي ٽٽڻ کان پوءِ اهي حصا واپس ڪڇي ضلعي سان شامل ڪيا ويا. اتي سنڌي اسڪول پڻ کوليا ويا هئا، ۽ ٻارن کي تعليم سندن مادري زبان يعني سنڌيءَ ذريعي ڏيڻ جو بندوبست پڻ ڪيو ويو هو. اهڙيءَ طرح سبي، ڪڇي ضلعن ۽ قلات، جهالاوان، ايراضين ۾ سنڌي زبان جي مطالعي لاءِ ضروري آهي تہ اوستہ محمد، روجهاڻ، گنداخو، هديرو، مگسين جي ڳوٺن، ڀاڳناڙي، فتح پور، ڊيري بگٽي، سبي، ڍاڍر، مستونگ، قلات ۽ جهالاوان جي خطن جو مطالعو ڪجي.

جارج مارگينسٽيئرن جي تحقيق موجب اتر- اوڀر بلوچستان جي مري ٻهاڙن ۾، لورالائي ضلعي جي ڏکڻ اولهہ ۾، کيتراني ٻولي ڳالهائي ويندي آهي. هيءَ ٻولي ممڪن آهي تہ ان ٻوليءَ جو اهڃاڻ آهي جيڪا هن خطي ۾ بلوچن ۽ پٺاڻن جي

---

(1) *District Cencus Report of Sibi District*, 1961, pp. I-16.
(2) Ibid
(3) Ibid

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ ۾ ضلع وار ٻولين جي ورهاست

## سنه ١٩٧١ع




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اچڻ کان اڳ هتي جي مقامي ٻوليءَ طور استعمال ٿيندي هئي. سرگريئرسن هن ٻوليءَ جي لفظن جي هڪ لڙهي پڻ ڏني آهي جنهن جي مطالعي کان پوءِ چئي سگهجي ٿو ته هيءَ ٻولي داردي ٻولين سان نسبت رکي ٿي (1).

ڪڇي ضلعي جي، جهٽ پٽ تعلقي جي ڳوٺ فتح پور ۾ سنڌي زبان جو مشهور صوفي شاعر رکيل شاهه ٿي گذريو آهي، جنهن جي مزار به اتي ئي آهي. رکيل شاهه جو واسطو شاهه عنايت جهوڪ واري جي درگاهه سان سندس مريدن ۽ فقيرن وارو هو. هت رکيل شاهه جو هر سال ميلو لڳندو آهي، جنهن ۾ هزارن جي تعداد ۾ مريد ۽ پوئلڳ اچي گڏ ٿيندا آهن. هن موقعي تي مزار جي دروازي جي سامهون رکيل شاهه جو چيل ڪلام ڳايو ويندو آهي. هن ميلي ۾ راڳ جي محفل پڻ ٿيندي آهي جنهن ۾ سنڌي زبان جا مشهور ڳائيندڙ شرڪت ڪندا آهن. رکيل شاهه جي سنڌي ڪلام جو مجموعو به شايع ٿيل آهي جيڪو سنڌي ادب ۾ وڏي اهميت رکي ٿو. رکيل شاهه جو فرزند چيزل شاهه پڻ هرسال پنهنجن فقيرن سان گڏ درگاهه شاهه عنايت تي، عرس جي موقعي تي 17 صفر تي حاضري ڏيندو رهيو.

رکيل شاهه کان سواءِ ڳوٺ صحبت پور ۾ قادر بخش گولو سنڌي زبان جو هڪ مشهور شاعر ٿي گذريو آهي. سندس ڪلام جو مجموعو "گلزار ڪاپاري" جي نالي سان ڇپيل آهي.

(1) George Morgenstierne, *Report on a Linguistic Mission of North-Western India*, P. 14

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## 5- لس ٻيلي واري ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ:

(الف) لس ٻيلو سنڌ جو تاريخي دروازو رهيو آهي. تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي ته لس ٻيلو راءِ گهراڻي جي حڪومت (450ع - 642ع) جي زماني کان وٺي، سنڌ جي حڪومت جو هڪ ڀاڱو رهيو آهي، ۽ سنڌ جي رهاڪن آڳاٽي زماني کان وٺي لس ٻيلي کي پنهنجو وطن بنايو هو. هو پوءِ لس ٻيلي کان به اڳتي، اُتر توڙي اولهه طرف وڌيا ۽ مڪران واريءَ ايراضيءَ ۾ به پکڙجي ويا. مڪران واري خطي جي بيان ۾ اهڙو جائزو ورتو ويو آهي ۽ اهو به ڄاڻايو ويو آهي ته هو جتي جتي وڃي آباد ٿيا، اتي ملڪي انتظام، وڻج واپار ۽ سياست تي اقتدار حاصل ڪيائون.

شروع وارن صفحن ۾ اهو بيان ڪيو ويو آهي ته سنڌ جو، راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني کان وٺي، لس ٻيلي واري علائقي، ۽ ان جي اُتر ۽ اولهه طرف، ويندي ايراني مڪران ۾ ڪرمان تائين قبضو رهيو آهي. اهڙيءَ طرح برهمڻ گهراڻي جي حڪومت ۾ به ڪرمان تائين، سنڌ جي حڪومت جي سرحد رهي آهي.

انهن ڏينهن ۾ توڙي اڄ ڏينهن تائين بلوچستان ۾ هنگلاج، جو لس ٻيلي جي اُتر ۽ اولهه طرف مڪران واري ايراضيءَ ۾ آهي، ياترائن جو مرڪز رهيو آهي. راءِ گهراڻي جي حاڪم راءِ ڏيوائج، هنگلاج جي مندرن جي مرمت ڪرائي، ۽ هڪ ٻيو مندر قلات جي جبلن اندر ٺهرايائين (1). اهڙيءَ طرح هڪ مندر لس ٻيلي کان ڪجهه مفاصلي تي جبلن ۾ ٺهرايائين، جنهن کي ”گندراڻي (2) به چوندا هئا، جنهن جو اصل نالو راڻڪ ديوي هو (3).

چچ برهمڻ جي حاڪم ٿيڻ کان پوءِ، هو مڪران جي سرحد نيڪ ڪرڻ لاءِ، پهرين ارمابيل (لس ٻيلي ۾) آيو، جتي هو پنهنجي نواب سان ملي واپس روانو ٿي ويو (4).

(1) رامچند ايس- ڪتري: شري هنگلاج جي *ياترا*، ڪراچي، اچي قبر رامپارٽ روڊ، 74-1973ع، ص 172.

(2) ممڪن آهي ته اهو اصلي نالو ”گڊراڻي“ هجي جنهن جي معنيٰ ’راڻيءَ وارو ڳڙهه‘ (گڊ يعني قلعو) يعني قلعو، ۽ ممڪن آهي ته ’گڏاڻي‘، اُن جو مخفف هجي.

(3) رامچند ايس- ڪتري، حوالو ڏنو ويو آهي ص 171

(4) علي ڪوفي: *چچنامو*، ص 66.

عربن جي راڄ وقت، ۽ ان کان پوءِ سومرن ۽ سمن حاڪمن جي راڄ ۾ به لس ٻيلو سنڌ جو هڪ مکيه ڀاڱو هوندو هو (1). انهن ڏينهن ۾ سنڌ جي سومرن ۽ سمن گهڻي تعداد ۾ وڃي لس ٻيلي کي وسايو. تنهن ڪري لس ٻيلي ۾ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تمدن جو رواج پيو.

**(ب) سنڌي قبيلن جي حڪومت:-** سمن جي جن آکهن جي حاڪمن لس ٻيلي تي حڪومت ڪئي، انهن مان هڪ رونجها شاخ آهي. هن شاخ انين صدي هجريءَ (چوڏهين صدي عيسوي) ڌاري ان وقت لس ٻيلي کي اچي وسايو، جڏهن نه فقط سنڌ تي، پر بلوچستان ۾ سبيءَ تائين سندن حڪومت هئي. اُهي سما جيڪي لس ٻيلي ۾ اچي ويا، تن اتي پنهنجو راڄ قائم ڪيو.

رونجهن هن علائقي تي اٽڪل ٽي سئو ڪن سال حڪومت ڪئي، ۽ سترهين صدي عيسويءَ جي پوئين اڌ ڌاري سندن حڪومت جي پڄاڻي ٿي (2). يعني سنڌ مان سمن جي حڪومت ختم ٿيڻ جي باوجود، لس ٻيلي ۾ سما حڪومت ڪندا آيا (3).

هن بيان مان هيءُ نتيجو ٿو نڪري ته راءِ گهراڻي جي راڄ تائين لس ٻيلي ۾ سنڌي زبان ۽ سنڌي تمدن جو عام رواج هو. تنهنڪري سنڌي ٻولي هن علائقي جي مقامي ٻولي بڻجي ويئي.

جنهن زماني ۾ سنڌ تي ڪلهوڙا راڄ ڪندا هئا، ان زماني ۾ لس ٻيلي تي برفتن جي حڪومت هوندي هئي (4). اهي به سنڌي هوندا هئا. ميان يار محمد ڪلهوڙي (1700ع - 1718ع) جي راڄ جي شروعاتي دؤر وقت لس ٻيلي تي ملڪ پاهڙ خان برفت راڄ ڪندو هو. هو پنهنجي حڪومت جو دائرو ڪوهستان ۾ اوير طرف سنڌ ڏانهن وڌائي رهيو هو، ۽ موجوده دادو ضلعي جي ڏاکڻين ڀاڱي تي پنهنجو تسلط قائم ڪيائين. ميان يار محمد ڪلهوڙي پاهڙ خان تي حملو ڪيو.

(1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، ڇپو ڇاپو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1973ع، ص 13.

(2) ايضاً.

(3) ايضاً، ص 22 آخري حاڪم ڄام غلام قادر هن خاندان مان آهي.

(4) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

1117هه (1705ع) ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ پاهڙ خان کي شڪست ملي (1).

سمن ۾ ٻرفتن کان سواءِ سنڌ جي ٻئي قبيلي جنهن لس ٻيلي تي گهڻو عرصو راڄ ڪيو، اهي ڪوريجا هئا.ڪوريجا سنڌ جي ڪوهستان واريءَ ايراضيءَ ۾ آباد هوندا هئا. ڪوريجا ڄامن 1742ع کان وٺي 1956ع تائين، يعني 214 سال لس ٻيلي تي حڪمراني ڪئي (2). اهوئي سبب آهي جو لس ٻيلي واري علائقي ۾ سنڌي زبان مادري زبان طور اُسري ۽ اُپري.

**(ت) سماجي اثر:-** لس ٻيلي واري علائقي ۾ سنڌي زبان جي وڌڻ ۽ ويجهڻ جو ٻيو ڪارڻ سماجي ميل جول، باهمي شاديون ۽ مذهبي ناتا ۽ ڳانڍاپا آهن. لاهوت لامڪان جا تڪيا، شاهه بلاول نورانيءَ جي درگاهه ۽ هنگلاج زيارتون ۽ عقيدتمندن جو آماجگاهه رهيا آهن. سنڌ جي ڏار ڏار حصن ۽ ڏورانهن ماڳن مان، عقيدتمند ڪهي اچي هتي حاضري ڀريندا آهن. شاهه بلاول نورانيءَ جو تڪيو ته لطيف سائين جي ڪلام جو هڪ اهم اڏو ۽ اجهو ٿي رهيو آهي. لاهوت لامڪان، ڏانهن جوڳين ۽ سامين جا سفر سنڌي زبان جي پرچار جو باعث بڻيا. هت لطيف سائين به جوڳي بنجي جاتون ڪيون. انهيءَ ڪري هت سنڌ مان سلوڪ وارا، سنت، ۽ سامي وقت بوقت ايندا رهندا آهن.

لاهوت لامڪان ۽ شاهه بلاول نورانيءَ جي ماڳن ۽ مڪانن کان سواءِ هت هنگلاج جا مندر پڻ آهن، جتي نانگا هلي اچي نانيءَ جي زيارت ڪندا آهن. هتي هر سال قديم زماني کان هزارين ياتري سنڌ ۽ ٻين حصن کان ايندا رهندا آهن، جنهن ڪري هت اوتارا، ڌرم شالائون ۽ مهمان سرائون آهن، جيڪي سنڌ جي هندن

---

(1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، ٻيو ڇاپو، 1973ع، ص 13، ۽ پڻ ڏسو گل خان نصير: *تاريخ بلوچستان*، جلد اول، ڪوئٽه، اقبال اسٽيشنري مارٽ، 1952ع، 82.

(2) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *ٻيلاين جا ٻول*، ص 25.

گل خان نصير لکي ٿو ته "1766ع ۾ ڄام عالي خان جي وفات کان پوءِ هن جو پٽ ڄام غلام شاهه ٻيلي جي ڄامن جو سردار ٿيو. ڄام غلام شاهه، مير نصير خان جي ڌيءَ سان شادي ڪئي ۽ مير نصير خان سان پنهنجو خانداني رشتو جوڙيائين. مير نصير خان گوادر جي بندر جي اڌ ڪمائي بي بي سلطان خاتون کي ڏاجي ۾ ڏني. اهڙيءَ طرح گوادر جو بندر، ٻيلي جي ڄام جي قبضي ۾ اچي ويو. ڏسو حوالو پهريون، ص 150.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طرفان سنياليون ويندڙيون آهن.

هنگلاج ديويءَ جو مندر بلوچستان ۾ مڪران واري ايراضي ۾ آهي، پر ياترين کي لس ٻيلي مان لنگهندي وات تي ڏار ڏار جاين تي ڏاڍو ڪرٽو پوندو آهي، ۽ رستي تي ٻيون ياترائون ۽ ڪريا ڪرم پڻ ڪرڻا پوندا اٿن. جاتي، ڪراچيءَ کان نڪري پهرين حب ناڪي تي ايندا آهن. پوءِ ٻواني پهچندا آهن، اتان پوءِ لڪ بدوڪ تي ايندا آهن. لڪ بدوڪ کان پوءِ ڪارڙي، ڪارڙي کان پوءِ سون مياڻي، سون مياڻيءَ کان پوءِ ٻوري، ٻوريءَ کان الهندي طرف لياريءَ وٽ پهچندا آهن. هت هنگلاج جي ياترين لاءِ سنڌ جي سخي مردن ۽ هندو سيٺين پنچاتي هال، ڌرمشالائون ۽ آرام گاه ٺهرايا آهن.

ياتري لياريءَ کان پوءِ چارني ڊوري وٽ ڏاڍو ڪندا آهن. پوءِ ريلي (ڪانيارو ڪوٽ) وٽ ايندا آهن. ريلي کان پوءِ ڪاناواڙي تي ايندا آهن، جتان اڳتي هلي دارامون جبل وٽ پهچندا آهن. پوءِ ڪنڊي واڙي کان ٿيندا، ڦور نديءَ وٽ پهچي، آرام ڪندا آهن. اتان چندرڪوٽ پهچندا آهن. چندرڪوٽ تي سڪائون پاڪائون پوريون ڪري، ڪجهه وقت آرام ڪندا آهن. پوءِ ياتري اڳتي پنڌ پوندا آهن، ۽ هنگول نديءَ تي پهچندا آهن. جتان هنگلاج جي ياترا جون ڪريائون شروع ٿين ٿيون. هتان ياتري هنگلاج پهچندا آهن (1). هنن ياترائن تي هر سال سون ۽ هزارن جي جي تعداد ۾ سنڌي ياتري ۽ جوڳي به ويندا رهيا آهن، جنهن ڪري سنڌي زبان جو ان طرف گهڻو ڦهلاءُ ٿيو آهي.

مذهبي ۽ ڌرمي ميل جول کان سواءِ لس ٻيلي جي ڄامن سنڌ مان شاديون ڪيون. هنن نه فقط سنڌ مان شاديون ڪيون پر لس ٻيلي جي ڄامن جو آبائي قبرستان هن دعوا جو دليل آهي. مائي چاڳلي، لس ٻيلي جي راڻي، شڪست کائڻ کان پوءِ، پنهنجي صغير پٽ عزت خان کي ساڻ ڪري، پنهنجي اصلي وطن سنڌ جي ڪوهستان واري خطي ڏانهن رواني ٿي؛ باقي ڏينهن گوشه نشينيءَ ۾ گذاريائين، ۽ 1214هه (1794ع) ۾ وفات ڪيائين. ڪيس ڪوٽڙي جي پر ۾ مَلڪن جي قبرستان

(1) رامچند، ايس- ڪتري: شري هنگلاج جي ياترا، حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 18-15 ۽ ضميمو ص ص 31-30.

۾ دفن ڪيو ويو (1). انهيءَ قبرستان ۾ عزت خان ولد پاهڙ خان ۽ ٻيا مَلڪ پڻ دفن ٿيل آهن.

**(ث) واپاري ۽ تجارتي ميل جول:-** لس ٻيلي واري ايراضيءَ جي واپار ۽ تجارت جو سارو دارو مدار پڻ پراڻي زماني کان وٺي سنڌ تي رهيو آهي. قديم زماني کان مال جي آمدني ۽ رواني اٺن جي قافلن ذريعي، خشڪيءَ رستي ٿيندي هئي. جڏهن اجا ڪراچي بندر جو وجود به ڪونہ هوندو هو، تڏهن سون مياڻي جي بندر جو جاه و جلال هو، جتي سنڌ جي واپارين جو مڪمل قبضو هوندو هو. هن بندر تان ڏيساور سان واپار هلندو هو. هت وڏا وڏا واپاري رهندا هئا، ۽ هتان دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ سان واپار ڪيو ويندو هو. هت ٻين واپارين سان گڏ نٽي مان به ڪيترائي کتري لڏي اچي وينا هئا. ڪراچي بندر جي آباد ٿيڻ کان پوءِ ۽ سمنڊ جي هٽي وڃڻ ڪري سون مياڻي بندر ختم ٿي ويو.

**لڏ پلاڻ:-** موهن جي دڙي توڙي ٻين قديم آثارن جي کوٽائيءَ جي رپورٽن مان اهو ثابت ٿيو آهي تہ سنڌي هڪ واپاري قوم آهي. هتي جا واپاري واهڻ ۽ غورابن ذريعي مال ڍوئي، ڏيساور ڏانهن واپار سانگي ويندا هئا. واپار جي سهوليت، ساموندي ساحل، خشڪي رستن، مڇي مارڻ، ٻيڙيون ناهڻ توڙي اهڙين ٻين سهولتن جي ڪري، سنڌ جي ڪيترن ئي قبيلن، سنڌ مان لڏي، لس ٻيلي کي وڃي آباد ڪيو. انهن مان ڪي لس ٻيلي کان به اڳتي وڌي، بلوچستان جي ڪن ٻين علائقن ۾ پڻ وڃي آباد ٿيون. انهن قومن ۽ قبيلن مان ڪي هي آهن:

**(i) رونجها:** هيءَ سنڌ جي سما خاندان جي هڪ شاخ آهي (2). هنن لس ٻيلي ۾ پنهنجي حڪومت قائم ڪئي، ۽ وڏي عرصي تائين حڪومت ڪيائون.

**(ii) نومڙيا (برفت):** هيءَ سنڌ ۽ لس ٻيلي جي گڏيل قوم آهي. عام روايت موجب هيءَ قوم سنڌ جي سمن جي نسل مان آهي (3). ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ موجب نومڙيا اصل سنڌ جي ونگي - ولاسي (موجوده ٽنڊي باگي ۽ بدين

---

1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، ٻيو ڇاپو، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 23.

2) ايضاً، ص 43.

3) ايضاً، ص 45.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعلقن) واري ڀاڱي جي رهاڪو سما قوم آهي. ڊاڪٽر صاحب جي خيال موجب نهڙيا ۽ نومڙيا ساڳئي نسل مان آهن (1).

**(iii) صابرا:** هي قبيلو سومرن جي هڪ شاخ آهي. سندن وڏو ڏاڏو خواوڙ، مٿي پيڙهيءَ (شجري) ۾ سنڌ جي سومري حاڪم، ڏونگر راءِ سان ڳنڍجي ٿو. لس ٻيلي ۾ صابرن جو خاص ماڳ پيراڻي (آٿل وارو علائقو) آهي. صابرا لس ٻيلي کان سواءِ ساراوان، جهالاوان، ڪوهياري ۽ باغبان طرف پڻ رهن ٿا (2).

**(iv) جدگال:** هي اصل سنڌ جا رهاڪو جت آهن. هت لڏي اچڻ کان پوءِ ٻين قومن سان ڳنڍجي ميسجي ويا، تنهنڪري 'جدگال' (3) سڏجڻ لڳا. راءِ ديوائج (ديوراج) جي حڪومت جي زماني ۾، هي سنڌي فوج ۾ هوندا هئا. پنجين صديءَ عيسويءَ ڌاري 'سفيد هن' (White Huns) بلوچستان ۾ آيا. انهيءَ زماني ۾ 'جت' قبيلا پڻ گهٽي تعداد ۾ لڏي اچي هت وينا (4). عربن جي ڪاهن وقت يعني ستين صديءَ ۾ بلوچستان ۾ 'ميد' ۽ 'جت' قومون گهٽي تعداد ۾ آباد هيون. ميد ڏکڻ ۾ سمنڊ جي ڪناري تي آباد هوندا هئا، ۽ جت (جدگال)، ڪڇي، لس ٻيلي ۽ مڪران ۾ آباد هوندا هئا (5).

جدگال مال پالڻ کان سواءِ زراعت جو ڌنڌو پڻ ڪندا هئا. انهيءَ وقت ڌاري بلوچستان ۾ بروهين جو تعداد وڌي ويو. اٽڪل ٻارهين صديءَ عيسويءَ ڌاري بلوچستان ۾ خشڪ ساليءَ جو دؤر شروع ٿيو، جنهن ڪري چراگاهه گهٽجڻ لڳا، جنهن جو اثر هتي جي سياسي حالتن تي پڻ ٿيو. انهن چراگاهن تي هڪ طرف جتن جو قبضو هو ته ٻئي طرف بروهين پڻ قبضو ڪرڻ ٿي چاهيو. نيٺ ٻنهي قومن جي

---

(1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *ٻيلاين جا ٻول*، ڇاپو ٻيو، ص 45.

(2) ايضاً ص 55.

(3) جدگال دراصل جد+گال جو مرڪب آهي جد= جت ۽ گال معنيٰ ڳالهه. يعني ٻولي ۽ جدگال معنيٰ جتن جي ٻولي. هيءَ قوم پنهنجيءَ ٻوليءَ جي نسبت سان 'جدگال' سڏجڻ لڳي.

(4) Sigrid Westphal-Hellbusch W. & Dr. Heniz Westphal, *The Jats Of Pakistan*, Duncker & Humblot/ Berlin, 1964, pp. 15-52.

(5) مولائي شيدائي جدگال لاءِ جدغال لفظ ڪم آندو آهي. ڏسو: جنت *السند*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع ، 22. داد محمد بروهيءَ جغدال لفظ به ڪم آندو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ بروهي غالب پئجي ويا، ۽ اقتدار بروهين جي هٿ ۾ آيو. جتن مان ڪي ڪتنب بلوچستان جي جدا جدا ماڳن ۽ مڪانن ڏانهن پکڙجي ويا، باقي جيڪي اتي رهجي ويا، سي بروهين سان سڱابنديون ڪري، انهن ۾مدغم ٿي ويا. هنن مان هزارن جي تعداد ۾ جدگال ايراني بلوچستان ۾ وڃي آباد ٿيا. هن وقت لڳ ڀڳ جدگالن جي هڪ لک آبادي ايراني بلوچستان ۾ رهي ٿي (1). اهڙيءَ طرح جتن جو سياسي غلبو ۽ انفرادي حيثيت ختم ٿي ويئي (2).

**(v) شهزادا:** هي اصل عرب آهن. ڀهرين سنڌ ۾ اچي رهيا، ۽ پوءِ سنڌ مان لڏي جيواڻي، دشت، باهو ۽ مڪران ۾ اچي ويٺا. انهن مان ڪي ايراني بلوچستان ۾ پڻ رهن ٿا (3).

**(vi) مونڊرا:** هي قبيلو ڊنڊو (ٻيلي کان ڏکڻ طرف)، گجري نئين ۽ سون مياڻيءَ واري علائقي ۾ آباد آهي. هي اصل سومرا آهن (4).

**(vii) واهرا:** هي اصل ۾ مونڊرا آهن. هن وقت ميڙ ٻن وارين ۽ حب واريءَ ايراضيءَ ۾ آباد آهن. نماڻي، خاڪواڻي، پيراڻاڻي، عبدالياڻي، موسي پوٽا، براهم پوٽا، عيسيٰ پوٽا ۽ ساڪپوٽا (اسحاق پوٽا) سندن مکيه پاڙا آهن.

**(viii) موچي:** هي اُٿل ۾ آباد آهن. هي سميجا آهن (5). سنڌ مان لڏي اچي هت ويٺا آهن.

**(ix) ٻاريچا (ٻاريچا):** اصل ۾ دادو ضلعي جا رهاڪو آهن، اتان لڏي اچي لس ٻيلي جي دريجي واري پاڳي ۾ آباد ٿيا (6).

**(x) جيلاني پير:** هن وقت اُٿل ۾ رهندا آهن. سندن وڏو، شيخ حسڻ،

(1) ايران ۾ انقلاب کان پوءِ ڪيترائي ايراني جدگال ڪراچي پڄي آيا آهن. انهن مان هڪ صاحب جيڪو پارليامينٽ جو ميمبر پڻ هو تنهن ٻڌايو تہ جدگال بلوچستان، دشت ۽ ڪرمان ۾ آباد آهن ۽ جدگال ٻولي ڳالهائيندا آهن.

(2) مولائي شيدائي: *تاريخ بلوچستان*، بلوچ سيريز، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 12 ۽ پڻ ڏسو: گل خان نصير: *تاريخ بلوچستان*، حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 24 ۽ 25.

(3) حوالو ڀهريون، ص 12.

(4) ايضاً، ص 58.

(5) مولائي شيدائي: *تاريخ بلوچستان*، بلوچ سيريز، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 60.

(6) ايضاً، ص 61.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مڪليءَ تي رکيل آهي. هي ٿتي مان لڏي 'اُتل' ۾ اچي رهيا (1).

**(xi) مسڻ:** ٻيلي واري علائقي ۾، پورالي نديءَ جي ڪنڌيءَ تي رهن ٿا. هي بلوچي، بروهي ۽ سنڌي ٽيئي ٻوليون ڳالهائين (2). چار پنج سال اڳ، لس ٻيلي جي هڪ وڏي سگهڙ ۽ شاهه لطيف جي ڪلام جي ڄاڻوءَ عبدالله مسڻ لاڙ ۾ وفات ڪئي ۽ ٺٽي ۾، نواز علي شاهه پيٽرول پمپ جي ويجهو سنڌ جي قدردانن سندس مقبرو ٺهرايو آهي.

**(xii) ڄاموٽ:** هيءَ قوم سنڌي نسل مان آهي. ڄاموٽن کي لس ٻيلي جي ڄامن پنهنجي قوم ڪري سمجهيو، ۽ ڄاموٽ پڻ عالياڻي ڄامن سان سڱيٽا ۽ ساڻن ٻيڙا هئا. ڄاموٽن جا ڪيترائي پاڙا آهن (3).

**(xiii) ميد:** هيءَ سنڌ ۽ لس ٻيلي جي قديم قوم آهي. چچنامي جي لکت موجب ميد غالباً سنڌ جي سامونڊي ساحل جا ميربحر آهن (4). هي سون مياڻي کان وٺي سڄي سامونڊي ساحل تي آباد آهن. مڇي مارڻ جا ماهر ۽ ٻيڙين جا سنا ناکئا آهن (5).

**(xiv) ڪاتيار:** هي ڪوري آهن. اصل سنڌ جا رهاڪو آهن.

**(xv) خواجه:** اصل سنڌ ۽ ڪڇ جا رهاڪو آهن. پراڻي زماني ۾ اُتان لڏي پهرين 'شيخ -راج' ۾ اچي ويٺا، ۽ پوءِ اُتل ۾ اچي آباد ٿيا، ۽ جتان لڏي لس ٻيلي ۾ اچي ويٺا. هنن کي 'لوٽيا' پڻ چوندا آهن.

**(xvi) ڪبير شاهه ۽ ان جا پويان:** سنڌ جو هي مشهور شاعر لس ٻيلي جي شاعر، شيخ ابراهيم سان مقابلي لاءِ کهي لس ٻيلي ويو. هي ٻئي، ڄام مير خان جي ڪچهريءَ ۾ مدمقابل ٿيا. ڄام مير خان محسوس ڪيو ته ڪبير شاهه سنڌ جي سوکڙي آهي، تنهن کي هتان ڇڏڻ نه گهرجي، انهيءَ ڪري

---

(1) مولائي شيدائي: *تاريخ بلوچستان*، بلوچ سيريز، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 58.

(2) ايضاً، ص 58.

(3) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *ٻيلاين جا ٻول*، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 61.

(4) چچنامو، ص ص 437-438.

(5) مولائي شيدائي: *تاريخ بلوچستان*، ص 63.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪبير شاهه کي زر ۽ زمين ڏنائين ۽ مٿس بيون بہ مهربانيون ڪيائين، جنهن ڪري ڪبير شاهه بہ حاڪماڻي قرب جي ڪمند ۾ قابو ٿي پيو ۽ سنڌ کي ڇڏي لس ۾ رهي پيو (1).

اهڙيءَ طرح ٻيون قومون جيڪي سنڌ مان لڏي لس ٻيلي ۾ اچي ويٺيون، تن مان ڪي هي آهن: آٿا، برادِيا، ٻرباز، (حسناڻيءَ جي شاخ)، ڄاموٽ، چٺا، دودا، راهو، ساسولي، شاهڪ (شاهوڪ)، شيخ، ڪڙياڻي، گونگا، لنگها، مانڊڙا ۽ مردوئي. اهي قومون لس ٻيلي ۽ بلوچستان جي ڪن ٻين علائقن ۾ وڃي آباد ٿيون(2).

**لاسي ٻولي:** سياسي تسلط، ساڳي حڪومت، سماجي، مذهبي، علمي ۽ ادبي ميل جول سبب لس ٻيلو سنڌ جو سياسي، طبعي ۽ لساني حصو بنجي چڪو هو. تهذيبي ۽ تمدني لحاظ کان ائين اصل محسوس ئي نٿو ٿئي تہ لس ٻيلو سنڌ جو حصو نہ آهي. سنڌي قومن ۽ قبيلن جو لس ٻيلي جي ڌار ڌار حصن ۾ ڦهلجي وڃڻ سبب حاڪمن جي مادري زبان ۽ درٻاري ٻولي سنڌي ٻولي هجڻ سبب، لس ٻيلي جي عام ماڻهن جي بہ مادري زبان سنڌي بنجي ويئي (3). اهو اثر هر دؤر ۾ قائم

(1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *ٻيلاين جا ٻول*، ص ص 337-335.

(2) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *ٻيلاين جا ٻول*، ص 42.

(3) اڳوڻي لس ٻيلي رياست جو اڳوڻو ڄام ۽ بلوچستان صوبي جو هڪ اڳوڻو وزيراعليٰ ڄام غلام قادر خان لس ٻيلي رياست جو آخري حڪمران رهيو آهي. ڄام صاحب لس ٻيلي ۾ سندن حڪمرانيءَ يعني وزيراعليٰ واري آخري ڏينهن ۾ سندس ٻولي يعني لاسي (سنڌيءَ) ۾ تقرير ڪئي. ان جو نقل پڙهندڙن جي ڄاڻ لاءِ پيش ڪجي ٿو:

"آئين دلجاءِ ڪريو. آهان کي ڪونٽر ڪٿائي ڏبا، رستا ٺهيندا، ڪارخانا لڳائبا ۽ آهان ماڙو مڙوئي خوشحالي ڏسيندا. آءٌ اوهان کي گذارش ڪندوس تہ اهان ملڪ دشمن ڪنان ڏيان نہ ڏيو. ايها ڳالهہ اهان پنهنجي ذهن ۾ رکو ڪہ هيءَ سنڌءَ حڪومت آهي. اسون اهان جا پنهنجا مزور آهيون. اهان جو ڏک مڙوئي اسون پنهنجو درد ڪري ونون ٿا. اڳيان جي ٻين حڪومتن ڪنان اهان ايترو وقت ساري ڏنو. اسون ايها گذارش ڪنداسون ڪہ اسان کي ڪجهہ وقت درڪار آهي. اهان ڏسيندا ڪہ لس جو، بلوچستان جو ۽ ساري ملڪ جو نقشو جيڪو آهي، اهو يڪسر تبديل ٿي ويندو ۽ ماڙو خوشحاليءَ جي زندگي بسر ڪندا."

ڏسو: خليل الرحمان ٻگهيو، رپورٽ، *"لس ٻيلي ۾ ترقيءَ جي رفتار"*، ماهوار نئين زندگي، شهباز قلندر نمبر، آڪٽوبر 1975ع، ص 57 ۽ پڻ ڏسو: تاج محمد عباسي: مقالو، "سنڌي ٻوليءَ جي *لاسي آپباشا*"، نئين زندگي، جولاءِ، آگسٽ، 1976ع، ص 29.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رهيو ۽ اڄ ڏينهن تائين قائم آهي. قديم زمان کان وٺي برهمڻ گهراڻي جي حڪومت تائين، پوءِ رونجهن، ٻرفت، ڪلهوڙن ۽ ڪوريجن جي حڪومت تائين، ۽ پوءِ اڳتي هلي موجوده وقت تائين، لس ٻيلي جي عام ماڻهن جي مادري زبان سنڌي رهي آهي(1).

هن سلسلي ۾ ڪاڪو ڀيرو مل لکي ٿو:

"اهو سڄو پاسو (لس ٻيلو) مڪران سميت اڳي سنڌ جي حڪومت هيٺ هو، تنهن ڪري سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ اوڏانهين ٿيو. اڄ به سنڌي ٻولي لس ٻيلي ۾ گنداواهه طرف ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي. لس ٻيلي رياست ۾ اٽڪل 65 هزار آدم آهي، جنهن مان چوڏهن هزار ماڻهو بلوچي ٻولي ۽ نو هزار کن بروهي ٻولي ڪم آڻين ٿا. باقي 42 هزار ماڻهو جيڪا سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا، سا 'لاسي' معنيٰ لس ٻيلي جي سنڌي سڏجي ٿي (2)".

انگريزن جي راڄ ۾ ۽ ون يونٽ ٺهڻ (1955ع) تائين لس ٻيلي کي هڪ الڳ رياست جي حيثيت حاصل هئي، ۽ سياسي طور سندس حيثيت الڳ هئي، پر انهيءَ هوندي به اتي جي مادري زبان سنڌي رهي، ۽ ٻي ڪا به زبان ان تي اثر ڪري نه سگهي. جيتوڻيڪ اسڪولن ۾ اردو زبان کي ذريعه تعليم طور رائج ڪيو ويو پر عام ماڻهن ۽ عوام جي روزانه استعمال جي ٻولي سنڌي رهي.

**علم ادب:** لس ٻيلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي پهچ، پکيڙ، پرچار ۽ اثر جو هڪ ٻيو وڏو ڪارڻ شاهه لطيف جو ڪلام پڻ رهيو آهي، جو لس ٻيلي جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبول آهي. هت شاهه جي رسالي جا وڏا ڄاڻو سگهڙ ۽ فقير، قديم زماني کان رهندا اچن، ۽ اڄ پڻ لس ٻيلي ۾ شاهه جي رسالي جا وڏا ڄاڻو موجود آهن (3). شاهه جي ڪلام جي اثر کان لس ٻيلي ۾ سنڌي شاعري ۽ سنڌي راڳ جو رواج پيو، ۽ ان جو شوق وڌيو. لس ٻيلي ۾ سنڌي زبان جا بيشمار ۽ قادرالڪلام شاعر پڻ پيدا ٿيا، جن جي ڪلام جو اثر سنڌ تائين وڌيو. انهن شاعرن مان

(1) Grierson H. E., Linguistic Survey of India, Vol: VIII.

(2) ڀيرو مل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع، ص 156.

(3) فقير عبدالله مسڻ، جيڪو اصل لس ٻيلي جو رهاڪو هو ۽ ٺٽي ۾ رهندو هو، جنهن 1982ع ۾ وفات ڪئي، لطيف جي ڪلام جو وڏو ڄاڻو فقير هو.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪــن جـو ذڪـر ڊاڪـٽـر بلوچ صـاحب سندس ڪتـاب 'ٻيـلاين جـا ٻول' ۾، ۽ محترم الله بچائي سمي سير ڪوهستان ۾ ڪيو آهي (1). ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو.

"ٻيلي جا حاڪم اصل کان سخي ۽ سياڄها ٿي گذريا آهن. مڙني کان مهنداهون، سخا جو سرتاج، سپڙ ڄام هو، جنهن ڪيترن ئي ڏڌن کي ڏان ڏنا، ۽ ڪيترن ئي منگتن کي مالا مال ڪيو. سخي سپڙ جي ساک سنڌ ۽ ٻيلي ۾ پڌري هئي. ٻـتائي صاحب توڙي لس جي شاعـرن سپڙ ڄام جي سخا جا ڳڻ ڳايا آهن. اها سخا جي سنت، ٻيلي جي ٻين ڄامن به پوءِ جاري رکي، ۽ غريبن جا غم ڪاٽيا. حاڪمن جي حيثيت ۾ هنن پنهنجي دربارن ۽ ڪچهرين کي شاعرن، سالڪن ۽ سگهڙن جو مرڪز بنايو (2)".

لس ٻيلي جي شاعرن جو سرتاج شيخ ابراهيم، ڄام مير خان جي ملڪ ۾ اڳيـئي مشـهور هو. مگر جڏهن سنڌ مان ڪبير شاهه کهي شيخ ابراهيم جي مقابلي لاءِ ٻيلي ويو، ۽ ٻئي وڃي ڄام مير خان جي ڪچهريءَ ۾ مدمقابل ٿيا، تڏهن ڄام مير خان محسوس ڪيو ته ڪبير شاهه سنڌ جي سوڪڙي آهي، تنهن کي هٿان ڇڏڻ نه گهرجي. انهيءَ ڪري ڪبـيـر شـاهه کي زر ۽ زمين ڏنائين، ۽ ٻيون به اهي اڇائون ڪيائين جو ڪبير شاهه به هن حاڪماڻي قرب جي ڪمند ۾ قابو ٿي پيو، ۽ سنڌ کي ڇڏي ڪٿي لس ٻيلو وسايائين (3).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب 'ٻيلاين جا ٻول' ڪتاب ۾ لس ٻلي جي شاعرن جو چيل سنڌي ڪلام گڏ ڪيو آهي. هن ڪتاب ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب شيخ ابراهيم، شيخ حمر، شيخ بڪر، ڪبير شاهه، احمد شاهه، نمر ۽ دوس محمد کان سواءِ ڌار ڌار قبيلن جهڙوڪ سناسياڻي، رونجها، برادِيا، باڪرا ۽ موندرا مان پيدا ٿيل شاعرن جي ڪلام جو به ذڪر ڪيو آهي.

لس ٻيلي جي علم ادب واري مـاحـول تي لطيف سـائينءَ جي ڪلام جـو

(1) ڏسو الله بچايو سمو: سير ڪوهستان.

(2) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1970ع. ص ص 84-83.

(3) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تمام گهڻو اثر رهيو آهي. ڊاڪٽر بلوچ صاحبؒ لطيف سائينءَ کي سنڌ توڙي لسٻيلي جي شاعرن جو سرتاج ۽ استاد شاعر تو ليکي. هو لکي ٿو:

"شاهه جي شاعرانه سخا ۽ لٽ مان سنڌي ٻوليءَ جي هر شاعر هر هنڌ ورچ ورتي آهي. سنڌ جي الهندن جبلن، البت، سنڌ ۽ ٻيلي جي وچ ۾، ماڻهن جي آمدرفت کي ڏکيو بڻايو هو، مگر شاهه صاحب جا بيت درياءَ مٿان ٽپندا، ٽڪرين تان ڪڏندا، جبل لتاڙيندا وڃي پار پيا، ۽ لس ٻيلي ۾ به شاهه صاحب جي بيتن جو اهوئي چرچو ۽ ذوق جاري رهيو، جهڙو سنڌ ۾ ٿيو. اسان لس ٻيلي ۾ هر سگهڙ ۽ سمجهوءَ واتان ٻڌائي جا بيت ٻڌا. غور بعد معلوم ٿئي ٿو ته ٻيلي ڏانهن ويندي شاهه بلاول جو تڪيو، شاهه جي شعر جو هڪ پهريون ۽ اهم اڏو ۽ اجهو ٿي رهيو آهي، جتي گهڻي مدت کان شعر جي رهاڻ ۽ سلوڪ وارا وقت بوقت سنڌ جي طرفان ايندا رهيا آهن. شاهه بلاول جو تڪيو، سنڌ ۽ ٻيلي جي عرفات آهي، جتي شاهه جي شعر ۽ ٻيلي جي دردمند دلين جو مدت مديد کان ميڙائو ٿيو، انهيءَ اثر جي جهلڪ اسان کي ٻيلي جي پهرئين شاعر، شيخ حمر (شاهه جو همعصر) جي بيتن ۾ واضح طور نظر اچي ٿي. شيخ ابراهيم جي بيتن جو رخ به ساڳيو آهي. انهن شاعرن جي بيتن جي رنگ توڙي بوءِ جو سرچشمو يقيني طور ٻڌائي صاحب جا بيت آهن"(1).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

"شيخ حمر، شيخ ابراهيم ۽ شاعر نه خاص ٻيلي جا هئا، مگر ڪبير شاهه اصل ۾ سنڌ جو شاعر هو؛ هو سنڌ ۾ ڄائو هو ۽ سنڌ ۾ ئي جوان ٿيو، ۽ سندس شاعري سنڌ ۾ ئي اهڙي ته بلند معيار کي پهچي چڪي هئي، جو هو همت ساري هتان هليو هو ٻيلي ۾ شيخ ابراهيم جو مقابلو ڪرڻ. ڪبير شاهه جڏهن وڃي ٻيلو وسايو ته سندس شاعريءَ جو اثر به ٻيلي ۾ عام ٿي ويو. جيڪڏهن چئجي ته ڪبير شاهه کي ٻيلي بلڪل پنهنجو ڪري ڇڏيو، ۽ ڪبير شاهه خاص ٻيلي جو شاعر هو ته انهيءَ

---

(1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، ص ص 130-131.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

حالت ۾ ڪبير شاهه جو استاد. سنڌ جو سربلند سگهڙ ۽ ماهر شاعر جلال ڪٿي هو. جنهن وٽان ئي فصاحت ۽ رواني‍ءَ جو جوهر ڪبير شاهه جي شاعرانہ طبع کي ورثي ۾ آيو. سنڌ جو سگهڙ ڪبير شاهه جڏهن ٻيلي ۾ آيو. تڏهن ٻيلي جي شاعريءَ کي بہ عروج ۽ فروغ نصيب ٿيو. انهيءَ ڳالهہ جو لس ٻيلي جي هر سگهڙ کي احساس ۽ اعتراف آهي، ۽ ٻيءَ معنيٰ ۾، اهو سنڌ جو ٻيلي جي شاعريءَ تي هڪ احسان آهي" (1).

لس ٻيلي جي ادبي تاريخ ۾ ماحول متعلق ڊاڪٽر بلوچ صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو:

"ٻيلي جي شاعريءَ جا عنوان ساڳيا مشرقي شاعريءَ وارا عنوان آهن. مدح سرائي عربي خواهہ فارسي شاعريءَ جو اهم جزو آهي، ۽ ٻيلي جي شاعريءَ ۾ بہ نمايان آهي. ٻيلي جي شاعرن بہ پنهنجي مربين ۽ مهربانن جا دل کولي ڳڻ ڳايا آهن، مگر ٻيلي جي شاعريءَ جو خاص جوهر رزم گوئي آهي، جنهن ۾ ٻيلي جي سنڌي شاعري عرب جي بدوي شاعريءَ مثل آهي. وصف بيانيءَ ۾ بہ ٻيلي جو سنڌي شاعر عرب جي بدوي شاعرن جون سڪون لاهي ٿو. عشقيہ شعر ۾ ٻيلي جي شاعر عام سنڌي شاعر جي واٽ ورتي آهي، ۽ پنهنجي سوز و درد کي اڪثر عام سنڌي شاعر جي افسانن، عشقيہ قصن جي تاڃي پيٽي ۾ اُڻيو اٿس" (2).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي راءِ موجب: "وصف ۽ بيان ۾ ٻيلي جي شاعري عام سنڌي شاعريءَ جو بهترين نمونو پيش ڪيو آهي" (3).

## لاسي لهجي ڳالهائيندڙن جو تعداد:

1951ع واري آدمشماريءَ موجب لس ٻيلي جي 92 سيڪڙو آباديءَ جي مادري زبان سنڌي هئي، ۽ لس ٻيلي ۾ جيڪا سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، تنهن کي لاسي ٻولي، يعني سنڌي زبان جو لاسي لهجو چيو ويندو آهي (4). لاسي لهجي

(1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، ص 134.

(2) ايضاً، ص 135.

(3) ايضاً، ص 154.

(4) Grierson, H. E, *Linguistic Survey of India*, Vol. VIII. pp. 62-63.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو اُچار ۽ جهيل، معياري سنڌيءَ جي اُچار ۽ جهيل کان ڪجهه ٻيءَ طرح آهي. مٿي چاڻ صاحب جي تقرير جو حوالو ڏنو ويو آهي، جنهن مان اُچار جي فرق جو پتو پوي ٿو، البت جهيل جي فرق جو احساس ٻڌڻ تي مدار رکي ٿو. هيٺ هن ڏس ۾ ڪي وڏيڪ مثال ڏجن ٿا.

**صوتياتي فرق:** لس ٻيلي تي جن سنڌي حاڪمن جو قبضو رهيو، سي گهڻو ڪري لاڙي لهجو ڳالهائيندا هئا. انهيءَ ڪري لاسي لهجي ۾ لاڙي لهجي واريون سڀ خصوصيتون نظر اچن ٿيون (1). ڊاڪٽر صاحب جي راءِ موجب: "لس ٻيلي جي ٻولي لاڙ جي محاوري سان زياده مناسبت رکي ٿي" (2). البت لاسي لهجي ۾ ڪي انوکيون ڳالهيون ڏسڻ ۾ آيون آهن، مثال طور:

(i) ڇوٽن سرن کي اچار ۾ ڊگهو ڪندا آهن: مثلاً (3):

| معياري اُچار | لاسي اُچار |
|---|---|
| نہ تہ | ناتي |
| پنهنجن مٽن مائٽن ۾ | پان جي، مٽين مائٽين ۾ |
| تنهنجي | توجي |

(ii) لاڙي لهجي وانگر، لاسي لهجي ۾ بہ وسرگ آواز کي اوسرگ ڪري اچاريو ويندو آهي، مثال طور،

| معياري اُچار | لاڙي اُچار | لاسي اُچار |
|---|---|---|
| ساجهر | ساجر | سانجر |
| ٻاجهہ | ٻاج | ٻاج |

(iii) ڪن لفظن ۾ [و، ٿ، ل، ج، ذ، ۽ ش] کي [ب، ت، ي، ۽ چ] ۾ بدلائي اچارين، مثال طور (4).

| معياري اُچار | لاسي اُچار |
|---|---|
| ويهي رهہ | ٻيهي رَ |

(1) ٻيرو مل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، ص 159.

(2) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *ٻيلاين جا ٻول*، ص 156.

(3) ايضاً، ص ص 156 ۽ 157.

(4) ايضاً، ص ص 74-76.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| تي | تيچاد |
| ياد | جات |
| ذات | باچا، پاچا |
| بادشاھ | چم |
| چشم | گم چي ويو |
| گم ٿي ويو | جيئرو چو آهي |
| جيئرو ٿيو آهي | هيترا سال چن |
| هيترا سال ٿين | هڪڙي ماڻهي جا ٻہ پٽ هوئا |
| هڪڙي ماڻهوءَ جا ٻہ پٽ هئا | وَ (هو > و) |
| هن | وَ کي گهاڻو چنبڙيو |
| هن کي گهڻو چنبڙيو | يهو (اهو > ايهو > يهو) |
| اهو | يهو مان جو پٽ چي |
| اهو منهنجو پٽ اٿيئي | چو، چي |
| چا | چي لاءِ |
| چالاءِ | يهہ جو مطلب چو؟ |
| انهيءَ جو مطلب چا | |

اهڙيءَ طرح لاسيءَ ۾ ڪي اهڙا لفظ (اسم وغيره) پڻ ڪم ايندا آهن، جيڪي معياري لهجي ۾ ڪم ڪو نہ اچن. اهي لفظ لاسي لهجي جي لغت جي مطالعي ۾ وڏي مدد ڪن ٿا. ڪاڪي ڀيرو مل اهڙن لفظن جون لڙهيون لاسيءَ جا علحدا لفظ ۽ اصطلاح جي عنوان هيٺ ڏنا آهن، مثال طور (1):

| معياري ٻولي | لاسي نعم البدل |
|---|---|
| جڏهن | جر |
| تڏهن | تر |
| طرف، ڏانهن | پاڏ |
| خرچڻ، کپائڻ | اُبارڻ |

(1) ڀيرومل اڏوڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 159.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| گھٽو | گاٿو (گھاٿو) |
| گھرائڻ | گٿائڻ (گھٿائڻ) |

اهڙيءَ طرح تاج محمد عباسي صاحب نئين زندگي، جولاءِ، آگسٽ، 1976ع واري پرچي ۾ پڻ اهڙي فهرست ڏني آهي (1). اهڙي هڪ لڙهي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پڻ "ٻيلاين جا ٻول" ڪتاب ۾ ڏني آهي. ڊاڪٽر صاحب جي ڪتاب مان ڪي ٿورا مثال هيٺ ڏجن ٿا (2).

| **معياري لهجو** | **لاسي نعم البدل** |
|---|---|
| لسي، ڏڌ | أست |
| ڪڪر | چمر |
| پيچرو | سلو |
| شينهن | مزار |
| ڪنوڻ | چيهه |
| ٻڪري | آئي |

---

(1) تاج محمد عباسي: مقالو: "*سنڌي ٻوليءَ جي لاسي اُپڀاشا*". نئين زندگي، جولاءِ- آگسٽ، 1976ع، ص ص 35-32.

(2) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: ٻيلاين جا ٻول، ص ص 82-81.
Also see Grierson H. E., *Linguistic Survey of India*, Vol. VIII, pp. 62-63.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## مڪران ۾ سنڌي زبان جو ڦهلاءُ

لس ٻيلي جي خطي جي بيان ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي ته لس ٻيلي کان سواءِ مڪران تي به سنڌ ۽ سنڌ جي حڪمرانن جو تسلط رهيو آهي، جنهن ڪري ڪيترائي سنڌي قبيلا سنڌ مان واپار سانگي يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري لڏي اچي مڪران ۾ آباد ٿيا. سنڌي قبيلن جي مڪران ۾ لڏ پلاڻ سبب انهيءَ ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي. سنڌي ٻوليءَ جي پکڙجڻ سبب ۽ سنڌي قبيلن جي، روزانه زندگي، وڻج واپار، سماج ۽ سماجي ڪارگذارين ۽ حڪومت ۾ اهميت سبب، بلوچي ٻوليءَ تي پڻ سنڌي ٻوليءَ جو اثر ٿيو. انهيءَ جو بيان هن باب ۾ ڪنهن ٻئي هنڌ ڪيو ويو آهي.

**(الف) سياسي ميل جول:** مٿي عرض ڪيو ويو آهي ته راءِ گهراڻي سنڌ تي 450ع کان 642ع تائين حڪومت ڪئي. هن گهراڻي جي باني، راءِ ديوائج (راءِ ديوراج) کان پوءِ، راءِ سيهرس گاديءَ تي ويٺو. راءِ ديوراج جيئن مٿي چيو ويو آهي ته، پنهنجيءَ سلطنت جون حدون، اولهه طرف ڪرمان تائين ۽ اتر طرف سوات کان اڳتي ڪابل تائين وڌايون (1). هن جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ، راءِ ساهسي پهريون، تخت ڌڻي ٿيو. هن ٻڌمت جي پرچار لاءِ گهڻائي مندر نهرايا. راءِ ساهسي پهرئين کان پوءِ سندس پٽ راءِ سيهرس ٻيو، تخت تي ويٺو. هن لس ٻيلي کان وٺي اڳتي مڪران تائين سمنڊ جي ڪناري وارن بندرن تائين پنهنجيءَ سرحد کي مضبوط ڪيو، ۽ انهن کي زور ونايائين. هن اروڙ ۽ ديبل بندر کي تمام گهڻو زور ونايو. هن جي حڪومت جون سرحدون ايرندي طرف ڪنوج تائين، الهندي طرف مڪران تائين، اتر طرف ڪشمير تائين، اتر -اولهه طرف قنڌار، سيستان ۽ ڪوهه سليمان جي سرحد تائين هيون (2). سندس تخت گاهه اروڙ هو.

(1) رامچند - ايس. کتري: شري هنگلاج جي ياترا. حوالو ڏنو ويو آهي، ص 172.

(2) مير معصوم بکري: *تاريخ معصومي*. ڪراچي سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع، ص 11. ۽ پڻ ڏسو: چچنامو، 1954ع، ص 21.

Also See: *Extract from the District and States Gazetteer of Punjab (Pakistan)*, Vol. III, Lahore, Research Society of Pakistan, University of Punjab, 1977, p. 378.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان وقت ايران جي بادشاهه نيمروز سنڌ تي چڙهائي ڪئي، ۽ مڪران تائين اچي رسيو هو (1). جڏهن راءِ سيهرس کي اها خبر پئي تڏهن هو پنهنجو لشڪر وٺي مغربي سرحد تي اچي پهتو. سخت جنگ لڳي، جنهن ۾ راءِ سيهرس مارجي ويو (2).

راءِ سيهرس جي مرڻ کان پوءِ سندس پٽ راءِ ساهسي ٻيو بادشاهه بڻيو. جنهن ڏينهن سندس پيءُ پنهنجي وطن لاءِ سر ڏنو ان ڏينهن کان هن "سنڌ آزاد سال" شروع ڪيو، يعني هن فتح جي يادگيريءَ لاءِ 'سنڌي سن' يعني 'سنڌي ڪال' سوڀ واري ڏينهن کان شروع ٿيو. اهو ڏينهن چوٿين مارچ 450ع هو. هن همت ۽ مردانگيءَ سان پنهنجي حڪومت کي وڌايو ۽ وسيع ڪيو. قنڌار کان وٺي ڪرمان تائين سندس حڪومت جون سرحدون هيون. انهن سرحدن تي هن مضبوط قلعا ٺهرايا، جن جي ذريعي هن پنهنجي حڪومت جي سرحدن جي نشانبندي ڪرائي. هن ڪرمان ۾ پنهنجو خاص لشڪر مقرر ڪيو. پنجاب کان وٺي قنڌار تائين سندس لشڪر موجود هوندو هو، جن ۾ اروڙ جا کتري اڪثريت ۾ هوندا هئا.

628ع ڌاري خسرو پرويز (591-628ع)، ايران جي بادشاهه، ايران جو مشرقي حصو وري هٿ ڪري، پنهنجي سلطنت سان ملائي ڇڏيو، ان ۾ مڪران به اچي ٿي ويو (3).

راءِ ساهسي ٻئي جي وفات کان پوءِ، چچ برهمڻ 642ع ۾ ملڪ جو والي بڻيو. ملڪ ۾ هن (چچ) جي خلاف بغاوت منهن ڪڍيو. ڪافي خونريزي ٿي، جنهن ڪري ڪيترائي سنڌي ڪٽنب سنڌ مان لڏي ڌار ڌار رياستن ڏانهن هليا ويا. ڪي سئوراشٽر وڃي نڪتا، ته ڪن وڃي سوات وسايو (4). جيڪي سئوراشٽر ويا، تن نيٺ اتي حڪومت تي قبضو ڪري ورتو، ۽ اتي پنهنجو راڄ قائم ڪيائون (5).

(1) مير معصوم بکري: *تاريخ معصومي*، ص 11، ۽ پڻ ڏسو *چچنامو*، 21.

(2) حوالو پهريون، ص 12، ۽ پڻ ڏسو *چچنامو*، 23.

(3) Mir Ahmed Yar Khan Baloch, *Inside Baluchistan,* Op. Cit. p. 54. Also see: *Baluchistan Dist. Gazetteer series, Makran and Kharan,* Vol VII, Bombay, The Times Press, 1907, pp. 41-72.

(4) رامچند - ايس کتري: *شري هنگلاج جي ياترا*، ص 177.

(5) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چچ ٻهرين ته سنڌ جي حڪومت تي مڪمل قبضو ڪيو. ۽ پوءِ 636ع ۾ اولهه طرف حملو ڪيائين. هن هنگلاج واري پاسي، مڪران ۽ ڪرمان تائين غلبو حاصل ڪيو (1). هو پاڻ ڪرمان تائين ويو. پنجپور نالي قلعي ڪي نئين سر تعمير ڪرائڻ جو حڪم ڏنائين (2). اتان پوءِ ڪرمان ۾ حدون مقرر ڪري اتي نشان طور پٽر هٿايائين ۽ ڪتبو پڻ لڳايائين. پوءِ توران کان ٿيندو، قندار پهتو (3). مير احمد يار خان انهي سلسلي ۾ فردوسيءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"According to Shahnamah of Firdousi (101 A.D.) Chach marched towards Kirman in 635-36 A.D. in order to determine the boundary line of his dominion. He over-ran the territory of Armabel (lasbella) and reaching the western extremity of Makran, he halted there and planted trees along a stream, and set up a marker inscribed with the words:
'This Was the boundary of the Hind in time of Chach, son of Silaj, son of Basabas. Now that boundary has come into ours possession" (4).

چچ جو تخت گاهه پڻ اروڙ هو. سندس مرڻ کان پوءِ سندس پاءُ چندرسين تخت تي ويٺو. هن بلوچستان ۾ ڪنراج کان اوريان، ۽ وندر کان پريان، هڪ قلعو اڏايو. جنهن جو نالو "بالي ڪوٽ" رکيائين، جتي پنهنجي لشڪر جي ڇانوڻي بنايائين، ۽ ساموندي بندر پڻ تعمير ڪرايائين (5). اڳتي ارمر بيلا يعني لس ٻيلي کي زور ونايائين. پوءِ مڪران وارا قلعا مضبوط ڪرائي، ڪرمان تائين، پنهنجيءَ سرحد کي مضبوط ڪيائين (6). هن سمنڊ جي ڪناري وارن بندرن جي سڌاري تي گهڻو ڌيان ڏنو، ان ڪري واپار ۾ به واڌارو ٿيو، ۽ ڌيساورن مان مال گهڻي انداز ۾ اچڻ لڳو، ۽ عربستان، مصر، ايران، ميسوپوٽيميا سان واپار ۾ وڌارو آيو (7).

---

(1) چچنامو ، ص 65.

(2) رامچند -ايس ڪتري: شري هنگلاج جي ياترا. ص 177.

(3) ايضا ص 177.

(4) Mir Ahmed Yar Khan, *Inside Baluchistan*, Op. Cit. p. 54.

(5) حوالو جوئون

(6) حوالو جوئون.

Also see: *Baluchistan Gazetteer*, p. 42.

(7) *District Census Report of Makran District*, 1961, pp. 1-14.

643ع ۾ جڏهن عربن سنڌ تي حملا ڪرڻ شروع ڪيا هئا، ان وقت بہ مڪران وارو خطو، سنڌ جي حڪومت جي حدن ۾ هو (1).

چندرسين جي مرڻ کان پوءِ ڏاهر بادشاهہ بڻيو. هن سڄي سنڌ ۾ ڪيترائي واپاري رستا جوڙايا، ۽ واپار کي همٿايائين. اهي واپاري رستا، اولهہ طرف ڪرمان تائين ۽ اوڀر طرف ڪنوج تائين هئا.

ڏاهر جيتوڻيڪ ڪرمان ۽ مڪران پاسي پنهنجو مشهور لشڪر ويهاريو هو، پر عربن ان تي حملو ڪري، ڪرمان ۽ مڪران جو اڌ ڪانئس فتح ڪيو (2). 712ع ۾ جڏهن غازي محمد بن قاسم سنڌ تي قبضو ڪيو، تڏهن بہ مڪران وارو علائقو انتظامي لحاظ کان سنڌ سان شامل ڪيو ويو هو (3).

**(ب) وڻج واپار ۽ واپاري ناتا:** مڪران وارو خطو قديم زماني کان واديءِ سنڌ ۽ وچ مشرق جي وچ ۾ واپار جو وسيلو رهيو آهي. انهيءَ ڪري مڪران واري خطي کي تاريخي لحاظ کان وڏي اهميت حاصل رهي آهي. مٿي بيان ڪيو ويو آهي تہ راءِ ديوائج (ديوراج) واري زماني کان مڪران وارو خطو ساموندي ساحل سميت سنڌ جي حڪومت هيٺ رهيو آهي. انهيءَ ڪري واديءِ سنڌ جي ماڻهن انهيءَ پاسي سڪونت اختيار ڪري واپار تي قبضو ڪيو.

سنڌ مان هڪ طرف خشڪي رستن ذريعي واپاري قافلا ويندا هئا تہ ٻئي طرف واهڻ ۽ غوراب، ساموندي بندرن تان مال سان ڀرجي روانا ٿيندا هئا. اهو واپار مغرب ۾ عربستان ۽ ايران، اُتر ۾ قنڌار، افغانستان، بلخ ۽ بخارا تائين هلندڙ هو(4). انهيءَ ڪري واپاري منڊين، بندرن ۽ بازارن ۾ سنڌي واپارين، سنڌن گماشتن، منيمن ۽ منشين جي گهڻائي نظر ايندي هئي. اهڙيءَ طرح مشرق بعيد توڙي ايران کان ايندڙ يا انهن ملڪن ڏي ويندڙ کي اهم شاهراهون، بلوچستان جي مختلف خطن سان گڏ مڪران مان لنگهنديون هيون. ۽ سنڌ ۽ مڪران جا ناتا قديم آهن.

(1) Mir Ahmed Yar Khan, Op. Cit. P 54.

(2) *District Census Report of Makran District,* 1961, pp. 1-14.

(3) Ibid, pp. 1-14.

(4) ملڪ محمد سعيد بلوچ: *بلوچستان ما قبل تاريخ*، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 188.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مذڪوره واپاري قافلن کي مڪران وچان لنگهڻو پوندو هو. انهن مان هڪ رستو خضدار، نال ۽ تربت کي ملائيندو، دريا مشڪيءَ جي ماترين مان گذرندو، ڪولواهه ۽ ڪيچ جي وادين ۾ داخل ٿيندو هو. هڪ ٻي واٽ سوراب کان پنجگور وڃڻ واري واٽ هوندي هئي. هيءَ واٽ وچ مڪران ۽ سياهان جبلن جي وچ مان لنگهندي هئي.

سنڌ ۽ بلوچستان کي مڪران ذريعي ملائيندڙ ٽين واٽ اها آهي جيڪا مڪران ۽ لس ٻيلي کان نڪرڻ کان پوءِ، لڪي جبلن کي پار ڪري، سنڌ ۾ داخل ٿيندي آهي. مڪران جي ساحلي علائقي ۾ به هڪ اهم رستو موجود آهي، جيڪو ايراني بلوچستان مان نڪري، انهيءَ ساحلي علائقي کي پار ڪري، سنڌ ۾ داخل ٿيندو آهي. قديم زماني کان اهوئي رستو آمدرفت ۽ مواصلات، توڙي وڻج واپار ۽ فوجي حملن لاءِ هوندو هو (1). هولڊچ (Holdich) انهيءَ واٽ کان ويندي، ۽ ان جو ذڪر ڪندي لکي ٿو:

"بار سان لڏيل اُٺن سان واديءِ سنڌ کان وٺي ايران تائين مڪران جي وچان مسافري ڪرڻ اسان لاءِ ممڪن هو. اسان کي واٽ تي ڪا به تڪليف نه ٿي. رستي تي پٿر سان پاڻيءَ جا ننڍا تلاءَ نهيل آهن. سرن سان بند ٻڌي پاڻي گڏ ڪرڻ جو بندوبست ڪيل آهي" (2).

هن ئي رستي کان ڪيترائي سنڌي ڪٽنب ۽ قبيلا لڏي لس ٻيلي ۽ مڪران ۾ وڃي وينا، ۽ ڪي اجا به اڳتي ايران طرف ويا. اهوئي رستو آهي، جتان سنڌ جا قبيلا پنهنجين مينهين جا ڌڻ ۽ اُٺن جا وڳ ڪاهي،، پهرين بلوچستان ۾ وڃي وينا، ۽ پوءِ ايران کي پار ڪري، اڳتي دجله ۽ فرات ندين جي ماتريءَ ۾ وڃي آباد ٿيا (3).

ايراني نار ۽ واديءِ سنڌ جي وچ ۾ سڀ کان آسان واپاري وسيلو اهو

---

(1) ملڪ محمد سعيد بلوچ: *بلوچستان ما قبل تاريخ*، ص 161.

(2) Holdich, Th., *The Gates of India, A historical narrative*, London, 1910, p. 289.

(3) Sigrid Westphal-Hellbuisch, W., *The Jats of Pakistan*, Duncker and Humblot, Berlin, 1964, pp. 100-106.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ساموندي رستو هو، جو ساموندي بار بردار واهڻ، ٻيڙن ۽ غورابن جي آمدرفت لاءِ اهم وسيلو هوندو هو. انهيءَ ساموندي رستي ذريعي سنڌ جا واپاري مال ٻري، ايراني نار عدن ۽ مصر تائين ويندا هئا، ته ٻئي طرف مشرق بعيد جي ملڪن تائين رستا هئا. اهو واپار انگريزي حڪومت جي شروعات تائين به جاري هلندو هو.

واپارين جي اچ وڃ، واپاري شين جي آمدني ۽ روانگي، ۽ واپاري ڏي-وٺ، گفتگو توڙي روزانه ڪاروبار سبب سنڌي زبان جو رواج وڌيو، ۽ ٻوليءَ جي استعمال ۾ واڌارو ٿيو. انهيءَ ڪري سنڌي ٻوليءَ جو واپاري منڊين، بندرن، شهرن، ڳوٺن ۽ ڊاٻي ڪرڻ وارين جاين تائين ڦهلاءُ ٿيو.

هن سلسلي ۾ هي نقطو غور طلب آهي ته پنهونءَ جو ڪيچ مان واپارين جي قافلي سان اچڻ، ڀنڀور ۾ واپار ڪرڻ، سسئيءَ ۽ سندس سهيلين سان ملڻ ۽ سسئيءَ سان شادي ٿيڻ، پوءِ ڀنڀور ۾ ساهري گهر رهڻ مان ائين ٿو ثابت ٿئي ته پنهون توڙي سندس پائر ۽ ڀيا ساٿي سڀ سنڌي زبان يا ڪو اُن جو لهجو ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندا هوندا. انهيءَ خطي تائين سنڌي زبان سمجهي ۽ ڳالهائي ويندي هئي، يا پنهونءَ وارا جدگال قبيلن مان هئا. سنڌي زبان جي انهيءَ ڦهلاءُ ۽ اثر مان هي نتيجو نڪتو آهي ته اڄ به مڪران جا ڪيترائي قبيلا سنڌي زبان ڳالهائي ۽ سمجهي سگهندا آهن. هن دعوا جي دليل لاءِ ايندڙ صفحن ۾ ذڪر ڪيو ويندو.

**(ت) مڪران ۾ سنڌي قبيلن جي آبادي:** اها مڃيل حقيقت آهي ته بلوچ قبيلا، بلوچستان جا اصلوڪا رهاڪو نه آهن. پر مڪران ۽ بلوچستان ۾ بلوچ قبيلن چوٿين صدي عيسويءَ کان اچڻ شروع ڪيو (1). بلوچ قبيلن جي اچڻ کان اڳ خطي ۾ دراوڙ، عرب، ايراني، بروهي، راجپوت ۽ جت قومون (جدگالي) گهڻي تعداد ۾ رهنديون هيون (2). جڏهن ابن حوقل مڪران پهتو هو، تڏهن يعني ڏهين صدي عيسوي ڌاري مڪران تي جتن يعني جدگالن جو قبضو هو (3)، جيڪي قديم زماني کان هن خطي ۾ رهندڙ هئا (4).

(1) Mir Ahmed Yar Khan, *Inside Baluchistan,* op. cit. p. 55.
(2) *District Census Report of Makran District*, 1961, pp. 1-14.
Also see: *Baluchistan Gazetteer*, op. cit, p 63.
(3) Ibid, p. 60.
(4) Ibid, p. 86.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ان زماني ۾ ڪرمان کان هيٺ، جيڪو ملڪ سنڌ جي حڪومت جي سرحد ۾ اچي ٿي ويو، اُتي جا رهاڪو سنڌي هئا، ۽ لشڪر ۾ بہ سنڌي جوانن جي اڪثريت هوندي هئي. انهن مان ڪي اڄ تائين بلوچستان، دشت ۽ ڪرمان واريءَ ايراضيءَ ۾ رهن ٿا، ۽ پاڻ کي جدگال سڏائين ٿا. انهن جي ٻولي سنڌي آهي، جنهن کي هو جدگالي سڏيندا آهن. سندن ٻولي جو نمونو ايندڙ صفحن ۾ ڏنو ويو آهي.
اهي قبيلا هزارين سالن کان ڪرمان ۽ زاهدان جي وچ واري علائقي ۾ آباد آهن. اهي قديم زماني ۾ لس ٻيلي ۽ سنڌ مان لڏي هت اچي وينا (1). انهيءَ کان سواءِ هي علائقو سنڌ جي حڪومت جو سرحدي علائقو پڻ هو، ۽ هتي جيڪو سنڌي لشڪر رهندو هو، اُن ۾ جدگالن جي اڪثريت هوندي هئي.

اهي جدگال سامونڊي واپار ۾ بہ تيز هوندا هئا. اُن وقت باهو، دشتياري، ميرجاوا ۽ مهدان مشهور سامونڊي بندر ۽ واپاري مرڪزي هوندا هئا. هن وقت بہ انهن شهرن ۾ جدگال گهڻي قدر رهن ٿا.

اهڙيءَ طرح گوادر جي اُتر-اولهہ طرف باهو ۽ دشتياري ضلعن ۾ جدگال گهڻي قدر رهن ٿا. ساڳيءَ طرح ڪلانچ واري ايراضيءَ ۾ پڻ جدگالن جي گهڻي آبادي آهي. جدگالن جي پاڙن مان ڪي تربت، ڪيچ ۽ پنجگور جي ماٿري، گوادر جي چوڏاري، ڪولوا ۽ پشوڪن کان اولهہ طرف ايراني مڪران ۾ باهو ۽ دشتياريءَ تائين پکڙيل آهن. جيتوڻيڪ اهي هاڻ بلوچن سان گڏجي ميسجي ۽ گاڏڙ ٿي ويا آهن، پر تنهن هوندي بہ هو پنهنجي جدگالي ٻولي قائم رکندا اچن، ۽ هزارين سالن جي گذرڻ جي باوجود هو پاڻ ۾ عام طور جدگالي ٻولي ڳالهائيندا آهن (2).
مولائي شيدائي صاحب لکي ٿو تہ: "پاڪستان ۾ سنڌي زبان جو دائرو ڪشمير کان ڪڇ تائين، ۽ اُتر کان وٺي مڪران جي دشت نديءَ تائين وسيع آهي (3). هن خطي جي جدگالي ٻوليءَ جو نمونو هيٺ ڏجي ٿو.

| لاڙي سنڌي | لاسي | جدگالي |
|---|---|---|
| آءٌ ماني کان پيو | آن ماني کيان پيو | مين ماني کائين سو |

(1) Baluchistan Gazetteer, p. 95.
(2) Ibid, p. 67.
(3) مولائي شيدائي: جنت السنڌ. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع، ص 22.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| مون کي ڇيو آئيس | مان ک ٻہ ڇيائين آئي | مينک ٻہ ڇيائين سو |
| باهہ وڪوڙي ويئي آئيس | ڇيرو لڳوس آئي | سڄو ڇيري ۾ سڙي ويوچي |
| تنهنجو نالو ڇا آئي؟ | توجو نالو ڇو، ڙِي؟ | توجو نالو سوئي؟ |
| هو وينو آئي | هو بينوءِ | هو بينو ڇوءِ |
| مون کي ماري ٿو | مونک ماري ٿو | مينک ماري سو |
| ڪيڏان پيا وڃو | ڪيڏ تو وڃي | ڪنڏ ڪي تو وڃين |

## جدگالن جا پاڙا:

مڪران ايراضيءَ ۾ جدگال قبيلو هيٺين پاڙن ۾ ورهايل آهي (1):

(i) رئيس، (ii) ڪينگيزئي، (iii) مهدي زئي، (iv) بند، (v) ڪوڙڪ ۽ (vi) سنگر. منجهانئن ڪن جو وستار هيٺ ڪجي ٿو:

**(i) رئيس:** هيءَ شاخ لس ٻيلي جي ڄاموٽن سان پنهنجي نسبت جي دعوا ڪري ٿي (2). هيءَ شاخ پراڻي زماني کان مڪران جي اندرئين حصي ۾، ڪيچ ۽ پنجگور جي ماٿرين ۽ ساحلي خطي ۾ پشوڪن جي اولهہ طرف، باهو ۽ دشتياريءَ تائين پکڙيل آهي (3).

**(ii) ڪينگيزئي:** هيءَ شاخ پنجگور واديءَ جي عيسائي ايراضيءَ ۾ رهندي آهي (4). هيءَ شاخ لس ٻيلي جي ڄاموٽن سان نسبت جي دعوا ڪري ٿي(5). هي ماڻهو اها بہ دعوا ڪن ٿا تہ هن شاخ جا ماڻهو انهيءَ زماني ۾ پنجگور جي وادي ۾ اچي وينا آهن، جنهن زماني ۾ گچڪي قبيلو پڻ اچي وينو هو. هي ڪيچ جي واديءَ ۽ تربت ۾ رهن ٿا. ڪيچ ۽ پنجگور جي سردارن سان مائٽيءَ جي دعوا ڪن ٿا.

**(iii) سنگر:** جدگال قبيلن جي هن پاڙي جا ماڻهو لس ٻيلي کان وٺي

---

(1) مولائي شيدائي: جنت السنڌ. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ 1958ع، ص 95.

(2) مولائي شيدائي: لکي ٿو تہ رئيساڻي ۽ شهواڻي بروهين جون شاخون آهن. ڏسو: جنت السنڌ. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ. 1958ع، ص 52.

(3) Baluchistan Gazetter, p. 101.
(4) Ibid, p. 98.
(5) Ibid. p. 104.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اولهہ طرف ايراني سرحد تائين پکڙيل آهن. هي ماڻهو اها دعوا ڪن ٿا تہ اهي اصل ۾ سنڌ ۾ رهندڙ جوکين سان واسطو رکن ٿا (1). حوالن مان معلوم ٿو ٿئي تہ هو سنڌ مان لڏي پهرين قلات طرف ويجي وينا. جتي هو ڪافي زماني تائين رهيا. پوءِ هنن کي پندرهين صدي عيسويءَ ڌاري، بروهين ۽ جدگالن جي وچ ۾ ٿيل ويڙهہ واري زماني ۾، مڪران ڏانهن هڪالي ڪڍيو ويو. هي ماڻهو اڪثر ڪري گھومون ۽ خانہ بدوش آهن. هي اُٺ پالڻ (Camel breeding) جي ڪري مشهور آهن. مڪران ۾ هنن جو خاص ڏنڌو مال ڌارڻ آهي، پر ساڳئي وقت زراعت جو ڌنڌو پڻ ڪندا آهن(2). مهدي زئي هن پاڙي جي شاخ آهي. هيءَ شاخ (مهدي زئي) گوادر جي آسپاس ڪولوا ۽ ڪيچ جي ماٿريءَ ۾ گھڻو ڪري آباد آهي (3).

جدگالن کان سواءِ مڪران ۾، هن وقت جيڪي سنڌي قبيلا يا سنڌي ڳالهائيندڙ قومون آباد آهن، تن مان ڪي هي آهن:

**گچڪي:** هن قبيلي تي، پنجگور جي واديءَ، گچڪ جي ڪري نالو پيل آهي، جتي هي پهرين پهرين وڃي آباد ٿيا. هي قبيلو، جيتوڻيڪ تعداد ۾ گھٽ آهي، پر طاقت ۾ زور آهي. مختلف حوالن مان معلوم ٿو ٿئي تہ هي قبيلو مڪران جو اصل رهاڪو نہ آهي، پر ٻاهران آيل آهي. ڪي چون ٿا تہ هن قبيلي جا ماڻهو جيپور، جوڌپور، مارواڙ ۽ چامر ننگر کان آيل آهن، پر اڃا تائين اهو فيصلو ٿي نہ سگھيو آهي تہ هنن جو اصل وطن ڪهڙو هو (4).

**بزنجا:** مڪران ۾ رهندڙ بزنجا، هن خطي ۾ جهالاوان واريءَ ايراضيءَ کان آيل آهن. هي جهالاوان جي، ناڙي خطي ۾ رهندڙ ڪنهن قبيلي سان واسطو رکن ٿا. هي بلوچي ۽ سنڌي ڳالهائيندا آهن.

**وردلي:** هي سنڌ مان لڏي ڪلانچ ۾ وڃي وينا. هي واڍڪو ڌنڌو ڪندا آهن.

**ميد:** چچنامي ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ: ”ديبل بندر ميدن جو

---

(1)*Baluchistan Gazetteer*, p. 104.
(2) Ibid, p. 101.
(3) Ibid.
(4) Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مرڪز هو. عرب مؤرخن جي حوالن مان گمان نڪري ٿو ته مڪران، سنڌ ۽ ڪاٺياواڙ جي ڪناري تي رهندڙ اهي قومون جن جو پيشوئي ڏاڙا هڻڻ ۽ ڦريون ڪرڻ هو تن مڙني کي ميد نالو سڏيو ويو آهي" (1).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"سنڌ جا ميد غالباً سنڌ جي سامونڊي ساحل جا ميربحر هئا. هاڻوڪو لفظ ميه شايد ميد جي بدليل صورت هجي" (2).

هيءَ قوم ڪڇي - گنداوا خطي مان لڏي اچي مڪران ۾ ويئي. مولائي شيدائي لکي ٿو ته: "سون مياڻيءَ کان وٺي گوادر بندر تائين، ميد ۽ ڪورا ٻه قومون رهن ٿيون، جن جو گذران جهاز راني ۽ مڇي مارڻ تي آهي. گوادر جي هڪڙي ڪتبي مان پتو پوي ٿو ته سندن اصل وطن ڪڇي هو" (3).

هن قوم جو سخي تنگاو (Sakhi Tangav) ۾ گهڻو اعتقاد آهي، جنهن جي درگاهه ڪڇيءَ جي ڍاڍر خطي ۾ آهي. ايليئٽ جي راءِ موجب ميد قوم سنڌ مان لڏي پهرين اچي، ڪڇيءَ ۾ ويٺي هئي (4). پوءِ هنان مڪران طرف لڏي ويئي. اهي ايراني نار کان وٺي ملبار تائين جهاز راني ڪندا هئا (5). بلوچستان گزيٽيئر مطابق ميد قوم هيٺين چئن شاخن ۾ ورهايل آهي (6).

(i) چل مارزئي، (ii) جلارزئي، (iii) گزبر ۽ (iv) اورماڙي يا اولماري، انهن مان چل مارزئي شاخ ميد قوم جي اهم شاخ آهي. هيءَ شاخ پاڻ کي لاسي سڏائي. پنهنجو حسب نسب لومڙيا قوم سان ملائي ٿي، جا لس ٻيلي ۾ رهندي هئي. گزبر پاڻ کي بلوچ سڏائين ٿا ۽ اورماڙي پاڻ کي افغان سڏائين.

ميدن جون ڪافي رسمون ۽ رواج آفريڪا جي ماڻهن جي رسمن جهڙيون لڳن ٿيون، پر عجب جهڙي ڳالهه هيءَ آهي ته رسمن جي ادائگيءَ وقت هو جيڪي

---

(1) چچنامو، ص 438.

(2) ڏسو چچنامو، ص 438.

Also see: *District Census Report of Makran District,* 1961, pp. 1-14.
Also see: *Baluchistan Gazetteer*, p. 85.

(3) مولائي شيدائي: جنت السند. حيدرآباد. سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع. ص 93.

(4) Elliot, H., *History of India,* Vol. I. p. 521.

(5) مولائي شيدائي: جنت السند. ص 93.

(6) *Baluchistan Gazetteer*, p. 106.

گيت يا راڳ ڳائيندا آهن، اهي سنڌي ٻوليءَ جا آهن (1). انهيءَ ڪري چئي سگهجي ٿو تہ مڪران ۾ گهڻو زمانو رهڻ جي ڪري سندن رسمن تي مڪران جي رسمن جو اثر پئجي ويو آهي.

خواجا يا خوجا: هنن کي لوٽيا بہ چوندا آهن. هيءَ قوم صدين کان ڪچ مان لڏي گوادر، پسني، اورماڙي ۽ خاران واري خطي ۾ اچي آباد ٿي. هي واپاري آهن.

**هندو:** هي گهڻو ڪري سڀ سنڌ مان لڏي اچي ويٺا آهن. ساحلي ايراضي ۽ بندرن جي ويجهو ڳوٺن ۾ رهندڙ بلوچ قبيلا جهڙوڪ هزمتگر، دردز، نکيب، لنگب، هوت ۽ بزنجا پنهنجي خاص لهجي واري سنڌي زبان ڳالهائين ٿا.

مٿئين بيان کان پوءِ هيئن چئبو تہ مڪران ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ۽ اثر پراڻي زماني کان آهي. عربن جي آمد وقت مڪران وارو علائقو سنڌ جي ماتحت هو. سنڌي ان وقت بہ معياري ۽ وڻج واپار واري ٻولي هئي، ۽ روزانہ استعمال ۽ اظهار جو ذريعو هوندي هئي. ان ڪري ان زماني ۾ جيڪي ڳوٺ واهڻ وستيون ۽ آباديون قائم ڪيون ويون. انهن مان ڪن تي نالا بہ سنڌي رکيا ويا (2). نہ فقط اهو پر مڪران ضلعي ۾، پسني تحصيل ۾، جدگال نالي هڪ وڏي ايراضي آهي. هن سڄيءَ ايراضيءَ ۾ جدگالي ٻولي مروج آهي.

## (ث) مڪران ۾ سنڌي زبان ڳائيندڙن جو تعداد:

مڪران ضلعي ۾ عام طور چار ٻوليون مادري زبان طور ڳالهايون وينديون آهن. اهي آهن: بلوچي، جدگالي، لاسي ۽ لوري چيني يا لوڙي چيني (3). جدگالي ٻولي سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي، جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي.هيءَ ٻولي انهن خطن ۾ ڳالهائي وڃي ٿي جتي جدگال يا سندن پاڙا ۽ شاخون آباد آهن. جدگاليءَ کان سواءِ لاسي ٻولي بہ هن خطي ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

---

(1) *Baluchistan Gazetteer,* p. 106.

(2) Ibid, p. 58.

هن وقت بہ دشت تحصيل ۾ ڪن ڳوٺن جا نالا هي آهن: گجو، ڊڍ، ميٽنگ، سوئي، ڪورسر.

(3) مولائي شيدائي: جنت السند ۾ لوڙي چيني لفظ ڪم آندو آهي ڏسو: جنت *السند*، ص 22.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي تہ جدگال قبيلا، سندن پاڙا ۽ شاخون، توڙي ٻيا ڪيترائي سنڌي (لاسي) ٻولي ڳالهائيندڙ قبيلا سڄي مڪران ۾ پکڙيل آهن. اهي ڪيچ ۽ پنجگور جي واديءَ، تربت، ڪلانچ، ڪولوا ۽ گوادر جي آسپاس آباد آهن. اهڙيءَ طرح ايران ۾ باهو ۽ دشتياريءَ ۾ بہ جدگال ۽ ٻيا سنڌي گهڻا رهن ٿا (1)، جيڪي هزارين سالن جي گذرڻ جي باوجود انهيءَ حصي ۾ پنهنجي ٻولي قائم رکندا اچن.

لوري چيني (لوڙي چيني)، لورا ۽ لوري قوم جي ٻولي آهي. هيءَ ٻولي بہ سنڌي ٻوليءَ سان ملي جلي ٿي، بلڪ ائين ڪٿي چئجي تہ هيءَ ٻولي سنڌي ٻوليءَ مان ڦٽي نڪتل آهي (2). لفظ چيني، سنڌي ٻوليءَ جي لفظ "چئيني" يعني "چوي ٿي ٿو" مان نڪتل آهي (3)؛ جنهن جي معنيٰ آهي "ٻولي".

لورا اصل سنڌ جا رهاڪو هئا جيڪي سنڌ مان لڏي بلوچستان ۽ ايران طرف روانا ٿيا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"لورا، لنگها ۽ مگٿهار راڳ جا ماهر اڳواڻ هئا. اهي جڏهن ساساني دربار ۾ پهتا تہ اتي پنهنجي راڳ رس جا اهي تہ منڊل مچايائون جو هنڌين ماڳين سندن مشهوري ٿي ويئي. بادشاهہ پاڻ ڪين شوق سان گهرايو هو، انهيءَ ڪري سندن وڏي قدرداني ٿي. انهيءَ قدردانيءَ جون خبرون ٻڌي ٻيا سندن ساٿي سنڌ مان ايران پهتا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي انهن ماهر لورن راڳيندڙن، ايران ۾ سڪونت اختيار ڪري پنهنجي مخصوص موسيقيءَ کي مروج ۽ مشهور ڪيو" (4).

هن سلسلي ۾ اها خبر نٿي پوي تہ هن خطي ۾ جدگالي، لوري چيني، لاسي ۽ سنڌي ڳالهائيندڙن جو في سيڪڙو ڪيترو آهي؟ آدمشماريءَ جون رپورٽون انهيءَ سلسلي ۾ ڪا بہ مدد نہ ٿيون ڪن. هن قسم جو صحيح احوال تڏهن ملي سگهندو، جڏهن سنڌي زبان ۽ ان جي لهجي جو خطي وار جائزو ورتو ويندو، يا

(1) *Baluchistan Gazetteer*, p. 58.

(2) Ibid, p. 76.

(3) Ibid.

(4) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ، حيدرآباد، شاهہ عبداللطيف ڀٽائي ثقافتي مرڪز، 1978ع، ص ص 7 ۽ 8.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بلوچستان جو علم الانسان (Anthropology) جي روشنيءَ ۾ مطالعو ڪيو ويندو، يا بلوچستان ۾ رهندڙ قبيلن جي تاريخ (Ethnographical History) لکي ويندي.

# بلوچي ٻوليءَ تي سنڌي ٻوليءَ جو اثر

هن کان اڳ بلوچستان جي مختلف خطن جي بيان ۾ مجموعي طور بلوچستان تي سنڌ جو سياسي، سماجي، تجارتي ۽ مذهبي اثر ثابت ڪيو ويو آهي. سنڌ ۽ بلوچستان جي وچ ۾ قديم زماني کان انهن ناتن هجڻ ڪري نه فقط اتي سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ ٿيو آهي، ۽ نه فقط ڪن خطن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي مادري زبان هجڻ جي حيثيت حاصل ٿي آهي، پر ان سان لهجن يعني مغربي لهجي توڙي مشرقي لهجي تي سنڌي زبان جو تمام گهڻو اثر رهيو آهي (1). اهو اثر نه فقط لفظن (اسمن، ضميرن، صفتن، فعلن ۽ ظرفن) جي اُڌاري وٺڻ جي صورت ۾ نمايان آهي (2)، پر بلوچي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ ۽ صوتياتي نظام تي پڻ ظاهر آهي. هن ڏس ۾ ميجر ماڪلر (Major Mockler) لکي ٿو:

"بلوچي زبان جي صوتياتي نظام ۾ (ٽ، ڊ ۽ ڙ) جا آواز هندستاني ٻولين مان داخل ٿيا آهن" (3).

ماڪلر اڳتي لکي ٿو:

"بلوچيءَ ۾ ڪيترا اهڙا لفظ ملن ٿا، جيڪي اصل ۾ هندستاني بڻ بنياد جا آهن. اهي مڪران جا اصلي نـٿا ٿي سگهن. نه فقط ايترو پر بلوچي نحو ۽ وياڪرڻي سٽاءَ تي به هندستاني ٻوليءَ جو اثر معلوم ٿئي ٿو" (4).

انهيءَ راءِ جي روشني ۾ بلوچيءَ (مغربي) ۾ جيڪي سنڌي بڻ - بنياد جا لفظ هٿ اچي سگهيا آهن، تن مان ڪي نموني طور هيٺ ڏجن ٿا:

**فعل:**

| بلوچي لفظ | سنڌي لفظ |
|---|---|
| لدگ (5) | لڏڻ |

(1) George Morgestierne, *Report on a Linguistic Mission to North-Western India* p,: 5.

(2) Mockler, E., A *Grammar of the Balochee Language*, London, Henry S. Kings and Co, 1877, 78.

(3) Ibid.

(4) Ibid, Introduction, p. XII, Also see Ref: 1.

(5) بلوچي زبان ۾ "گ" اسم مصدر (Infinitive) جي علامت آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| سنڌي لفظ | بلوچي لفظ |
|---|---|
| لڳڻ، لڳائڻ، هڻڻ | لگگ (1) |
| جاچڻ (چاري)، ڏسڻ | چارگ |
| مڃڻ | مَنگَ |
| مڃ | مَنَ |
| ليٽڻ، هڪ پاسي ڦرڻ | ليٽگَ |
| ليٽ | ليٽَ |
| ٻڌڻ | ٻُدگ |
| ٻڌ | ٻُد |
| چنبڙڻ | چَنبگ |
| چنبڙ | چَنب |
| ڏٺو | ديتہ (2) |

**ظرف** (3)

| سنڌي لفظ | بلوچي لفظ |
|---|---|
| چئوڦير | ئوڦير |
| هاڻي | ني |
| هيڏانهن | اِد |
| هوڏانهن | اُد |
| ڪڏهن | ڪدِين/ڪَدي |
| منجهہ | ميانجيا (between) |
| ٻَڻ | ٻُنا (at the foot of) |
| ها، هئو | اُو/ هو |

(1) آ مرد (کہ) من ديتہ کوه سرا بيتہ

يعني: اهو ماڻهو جنهن کي مون ڏٺو هو. (سو) ٽڪريءَ جي چوٽيءَ تي بيٺو هو.

(2) *Baluchistan Gazetteer,* Op. Cit. p. 78.

Also See: Mockler, E., Op. Cit., pp. 29,41,102 and 106.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ضمير:

| بلوچي لفظ | سنڌي لفظ |
| --- | --- |
| جِند (1) Self, | جند. پاڻ |
| کي (Kei) | ڪير |
| کبيگان | ڪنهن کان |
| چيا | ڇا؟ |

صفت:

| بلوچي لفظ | سنڌي لفظ |
| --- | --- |
| پڪو (2) Perfect | پڪو |

اسم:

| بلوچي لفظ | سنڌي لفظ |
| --- | --- |
| لوگ | لوڪ = ماڻهو |
| اڊا | ادا |
| ڇورو | ڇورو |
| ڊگو | ڍڳو |
| نانا | نانا |

## گهر جي ٿانون ۽ روزانه استعمال جي شين جا نالا (3):

| بلوچي لفظ | سنڌي لفظ |
| --- | --- |
| سُنڊ (ٿڙن يا سنهين ڪاٺين مان ٺهيل ٽوڪري يا ٽوڪرو) | سونڊو |
| ڪٽ/ ڪٽر | ڪٽ |
| مَشڪ | مَشڪ |
| پولو | پورو |
| ديوو | ڏيئو |
| منجو | منجو (ڪٽ) |

(1) آهي جند آتڪ = He came himself (= هو پاڻ آيو)

من جند اتڪ = I came myself (= مان پاڻ آيس).

(2) آنبيسگا پکائڻ He is perfect in writing (هو لکڻ ۾ پڪو آهي)

(3) George Waters Gilbertson, Major, *The Balochi Language*, Herford,1923, pp. 13 & 15.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

| سنڌي لفظ | بلوچي لفظ |
|---|---|
| ڪنجي | ڪنجي |
| تڏو | ٿگِرد |
| جهل | جهل (أٺ جي) |
| دلو | دلو |
| ڏوئي | ڊوئي |
| ڍڪڻ | ڍڪڻ |
| ڪڙتو | ڪُڙتَ |
| ويس | ويس |
| ڦلو | ڦلوه (نڪ جو زيور) |
| ڇلو | ڇلو |
| وينڊو | وينڊو |

جنس ناهڻ جا قانون:

(i) بلوچي ٻوليءَ ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ جنس مذڪر مان جنس مونث ناهڻ لاءِ ڪي قانون هڪجهڙا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جو اثر نمايان ڪن ٿا (1).

مثال طور:

| بلوچي اسم مذڪر | بلوچي اسم مونث | سنڌي اسم مذڪر | سنڌي اسم مونث |
|---|---|---|---|
| اَڊا | اَڊِي | اڊا | اڊي |
| ڇورؤ | ڇوري | ڇورو | ڇوري |
| ڦت (پيءُ) | مَت (ماءُ) | پت (پيءُ) | مات (ماءُ) |
| ڦَڙڪ (ڏاڏو) | ڊاڊي | ڏاڏو | ڏاڏي |
| ڊِگو | گڪ | ڍِگو | ڳئون |
| ليڙو | ڊاچي | ليڙو | ڏاچي |
| گتور | ڦلات | گهيٽو | رڍ |
| نانا | ناني | نانو | ناني |

(1) George Waters Gilbertson, Major, *The Balochi Language* Herford, 1923, pp. 13.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

(ii) سنڌيءَ وانگر بلوچيءَ ۾ به ڪن مذڪر اسمن مان مونث اسم ٺاهڻ لاءِ، اسم جي پويان 'ني' پڇاڙي ملائي ويندي آهي (1).

مثال طور:

| بلوچي اسم مذڪر | بلوچي اسم مونث | سنڌي اسم مذڪر | سنڌي اسم مونث |
|---|---|---|---|
| جت | جتني | جت | جتڻي، جتڻ |
| گووال (دراز) | گووالني | گووال | گوالڻي، گووالڻ |

فعل مان اسم ٺاهڻ: سنڌيءَ وانگر فعل جي ڌاتوءَ مان ڪن اسمن جي ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ جي پڇاڙيءَ ۾، - آئي پڇاڙي ملائي ويندي آهي.

| بلوچي فعل | پڇاڙي | ٺهيل اسم | |
|---|---|---|---|
| نَندگ (To sit) | - آئي | نندگائي | Sitting |
| اوشتگ (To Stand) | - آئي | اوشتگائي | Standing |
| وَپسنگ (To lie Down) | - آئي | وپسگائي | Lying down |

(1) George Waters Gilbertson, Major, *The Balochi Language*, Herford, 1923, pp. 13.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ۽ سنڌي لهجا

بلوچستان جي مختلف خطن تي سنڌ جو سياسي، سماجي، تاريخي، تمدني ۽ تجارتي اثر ثابت ڪيو ويو آهي. اهو اثر سوين نه بلڪ هزارن سالن تائين قائم رهيو آهي. اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته انهن اثرن سبب بلوچستان صوبي جي سبي، ڪڇي، قلات، لس ٻيلي، مڪران، خاران، جهالاوان ۽ ساراوان خطن تي سنڌي تهذيب، تمدن ۽ سنڌي زبان، روزانه عام استعمال جي زبان، وڻج واپار ۽ تجارت واري زبان، محفلن، معرڪن ۽ ڪچهرين جي زبان، ۽ شاهوڪار توڙي وسيع زبان جي حيثيت ۾ انهن خطن ۾ وڌڻ ۽ ويجهڻ جو وڌو وجهه مليو. انهيءَ گهري ۽ ڏگهي عرصي واري اثر ڪري سنڌي زبان کي اڄ به بلوچستان ۾ بلوچي ۽ پشتو زبانن کان پوءِ ٽيون نمبر حيثيت حاصل آهي. جيڪا جاگرافيائي حالتن ۽ ٻين سببن جي ڪري ڌار ڌار لهجن ۾ ورهائجي ويئي آهي.

هاڻ ڏسڻو هي آهي ته بلوچستان ۾ سنڌي زبان جي مختلف لهجن جي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ڪيترو آهي، ۽ صوبي جي سموري آباديءَ جو ڪيترو في سيڪڙو آبادي سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿي. هن ڏس ۾ صحيح تعداد هٿ ڪرڻ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جو صحيح تعداد معلوم ڪرڻ لاءِ آدمشماريءَ جي ڌار ڌار رپورٽن تان مدد وٺڻي پوندي. جيتوڻيڪ مذڪور رپورٽن ۾ به آدمشماريءَ جي سلسلي ۾ صحيح انگن اکرن جي داخلا جي دعوي ڪري نٿي سگهجي، جنهن لاءِ ڪيترائي ڪارڻ آهن. في الحال ايتري خبر پئجي سگهي ٿي ته بلوچستان ۾ سنڌي زبان ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ڪيترو آهي.

آدمشماريءَ جي رپورٽن ۾ انگن اکرن جي صحيح داخلا نه ٿيڻ جو پهريون ڪارڻ انهن ايراضين جا رهاڪو پاڻ ئي آهن. سنڌي ماڻهو، اهي کهڙي به خطي ۾ رهندا هجن، پراڻن رواجن جي ڪري ڪنهن ڌارئي ماڻهوءَ کي پنهنجي گهر جي ڀاتين جو صحيح تعداد ۽ ذاتي معلومات ڪو نه ڏيندا آهن. انهيءَ ڪري آدمشماريءَ واري عملي کي سنڌي ڳالهائيندڙن جو تفصيل هرگز ملي نه سگهندو آهي، تنهن ڪري ڪن حالتن ۾ عملدار پنهنجي فرض پوري ڪرڻ لاءِ، اندازي

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

موجب ڳالهائيندڙن جو تعداد لکي ڇڏيندا هئا، ۽ يا تہ انهيءَ خطي کي بلڪل ڇڏي ڏيندا هئا.

ٻيو سبب هيءُ آهي تہ آدمشماري ڪاتي جا عملدار ۽ ڪارڪن سهل پسنديءَ کان ڪم وٺندا آهن. آهي اٿانگا پنڌ ۽ پيچرا، جتي اچ وڃ لاءِ سهوليت ڪا نہ هوندي آهي، اتي آدمشماريءَ وارو عملو وڃڻ کان ڪيٻائيندو آهي، ۽ سر زمين تي پهچڻ کان سواءِ ئي پنهنجي آفيس ۾ ويهي خانہ پري ڪري ڇڏيندو آهي.

1951ع کان پوءِ 1961ع ۾ جيڪا آدمشماري ٿي هئي، تنهن لاءِ مقرر ٿيل عملي پنهنجي فرض جي ادائگيءَ ۾ انصاف کان ڪم نہ ورتو. گهڻو ڪري بلوچستان جي ڊسٽرڪٽ گزيٽيئر ۽ 1951ع واري رپورٽ کي سامهون رکي انهن ڪتابن تان ئي مواد اتاريو اٿن. اهوئي سبب آهي جو 1961ع واري آدمشماريءَ جي رپورٽ ۾ بلوچستان صوبي جي مختلف ضلعن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جي ڏنل انگن اکرن تي ڀروسو نٿو ڪري سگهجي، ۽ آدمشماريءَ جو ڏنل في سيڪڙو ۽ ڪل تعداد مشڪوڪ آهي. مثال طور 1961ع واري رپورٽ ۾ سبي ضلعي جي آباديءَ جا انگ اکر ڏيندي بيان ڪيو ويو آهي تہ:

”هن ضلعي جي مکيہ ٻولي بلوچي آهي. ٻيون اهم ٻوليون جيڪي هن ضلعي ۾ ڳالهايون وڃن ٿيون، اهي هي آهن:
پشتو، اردو، سنڌي، پنجابي ۽ بروهي.“

مذڪوره پورٽ ۾ انهن ٻولين جي ڳالهائيندڙن جو تعداد في سيڪڙو جي حساب سان هن ريت ڏنل آهي (1):

| | | |
|---|---|---|
| بلوچي | 44 .59 | في سيڪڙو |
| پشتو | 24 .21 | في سيڪڙو |
| اردو | 10 .01 | في سيڪڙو |
| سنڌي | 5 .88 | في سيڪڙو |
| پنجابي (2) | 5 .85 | في سيڪڙو |
| بروهي | 4 .57 | في سيڪڙو |

(1) District Census Report of Sibi District, 1961, pp. 1-15.

(2) سرائڪي ٻوليءَ کي بہ پنجابيءَ ۾ شامل ڪيو اٿن، حالانڪہ سرائڪيءَ جا انگ اکر ڌار ڏجن ها.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هن في سيڪڙو تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي تہ داخلا ڪندڙ آفيسر پنهنجن فرضن جي ادا ڪرڻ وقت انصاف کان ڪم نہ ورتو آهي. حقيقت هيءَ آهي تہ سبيءَ وارن علائقن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد ٻين ٻولين ڳالهائيندڙن جي تعداد کان وڌيڪ آهي. ان کان سواءِ جتڪي بہ سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو آهي. هن سلسلي ۾ هارورڊ يونيورسٽيءَ جو ڊاڪٽر هينري فيلڊ لکي ٿو تہ: "بلوچستان ۾ سنڌي زبان سان ملندڙ جلندڙ هڪ ٻي زبان آهي، جنهن کي جتڪي چون ٿا." هن ڏس ۾ هڪ ٻيو مشهور امريڪي ماهر مسٽر رچرڊ ۽ سندس ساٿي لکن ٿا: "بلوچستان ۾ ٻيا گروهہ جتن، لاسين ۽ مڪران واري خطي ۾ رهندڙ ڪن قبيلن جا آهن، جت آبادگار آهن جيڪي اُتر-اولهہ ۽ وچ بلوچستان ۾ رهن ٿا. انهن کي پنهنجي ٻولي آهي، جنهن کي جتڪي چون ٿا. جيڪا سنڌي زبان جو هڪ نمونو آهي(1)". هيءَ زبان قلات ۽ سبيءَ ۾ ٻيو نمبر وڏي زبان آهي. اهڙيءَ طرح ڊاڍر جو ميداني حصو، جو هاڻ ڪڇيءَ جي نالي سان سڏجي ٿو، ۽ ضلعي سبيءَ جي نصيرآباد سب ڊويزن، جهل مگسي ۽ روجهاڻ ۾ مگسي، جمالي، خاڪوائي، رئيساڻي ۽ ٻيا قبيلا سنڌي زبان ڳالهائيندا آهن (2). ان کان سواءِ مٿي سبي ۽ ڪڇيءَ واري حصي ۾ فراڪي لهجي جو ذڪر ڪندي ٻڌايو ويو آهي تہ سبيءَ جي آباديءَ جو وڏو حصو سنڌي ٻولي ڳالهائي ٿو (3).

هتي هي بہ بحث ڪرڻو نہ آهي تہ قيام پاڪستان کان پوءِ ڪن خطن ۾ ڪارخانن جي قائم ٿيڻ ڪري پنجابي، پشتو ۽ اردو ڳالهائيندڙن جو تعداد، سڄي ملڪ جي هر خطي ۾ اڳي کان وڌيڪ آباد ٿيو آهي. مثال طور سئي گئس جي ملڻ کان پوءِ، سئيءَ واري خطي ۾ مذڪوره گئس جي مرڪز ٺهڻ بعد، ڪيترائي اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙ ماڻهو هن خطي ۾ عارضي طور اچي آباد ٿيا آهن. ساڳيءَ طرح لورالائيءَ واريءَ ايراضيءَ ۾ ڪارخانن جي قائم ٿيڻ ڪري، اتي اردو ۽ پنجابي ٻولين ڳالهائيندڙن جو تعداد گهڻو وڌي ويو آهي. انهيءَ ساڳئي بنياد تي لس ٻيلي

(1) Richard. F. Nyrop and others, *Area Hand Book of Pakistan*, Washington D. C., D. A., FAM, Government Printing Office, 1970, p. 411.

(2) سيد نور علي ضامن حسيني: *معارف سرائڪي*. ص 43.

(3) هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر داد محمد بروهيءَ جي Ph.D لاءِ تيسز نظر مان ڪڍڻ گهرجي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ مڪران وارن خطن ۾ ٻـه اقتصادي ۽ انتظامي سببن جي ڪري اردو ۽ پنجابي ٻولين ڳالهائيندڙن جي تعداد ۾ گهڻو اضافو ٿيو آهي. پر اهو تعداد 1951ع واريءَ رپورٽ ۾ سنڌي، بلوچي يا بروهي ٻولين ڳالهائيندڙن جي في سيڪڙي ڪي گهٽائي سگهي ٿو پر ڪل تعداد کي تہ هرگز گهٽائي نٿو سگهي. البت اردو ۽ پنجابي ڳالهائيندڙن جو وڌو تعداد، بلوچستان ۾ مروج هرهڪ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن جي في سيڪڙو تي اثر انداز ٿي سگهي ٿو. هيءُ نڪتو بہ هن باب جي موضوع کان ٻاهر آهي.

هت فقط سنڌي ٻوليءَ جي لسانياتي جاگرافيءَ جي لحاظ کان معلوم ڪرڻو آهي تہ هن وقت بلوچستان جي ڪهڙن ڪهڙن خطن ۾ سنڌي ٻولي، مادري زبان يا ثانوي زبان طور ڳالهائي ويندي آهي، ۽ انهيءَ تعداد جو جملي في سيڪڙو ڪيترو آهي، ۽ سڄي صوبي ۾ سنڌي زبان ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد ۽ في سيڪڙو ڪيترو آهي؟

هن ڏس ۾ 1951ع ۽ 1961ع جي رپورٽن ۾ بلوچستان جي ڌار ڌار حصن ۾ مادري زبان طور سنڌي ڳالهائيندڙن جو تعداد، ۽ ان حصي جي جملي آباديءَ جي ڳالهائيندڙن مان سنڌيءَ جو في سيڪڙو پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ ڏنو وڃي ٿو.

| ضلعو | 1951ع ۾ آبادي | سنڌي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد | ڪل آباديءَ جو في سيڪڙو | 1961ع ۾ آبادي | سنڌي ڳالهائيندڙن جو ڪل تعداد | ڪل آباديءَ جو في سيڪڙو |
|---|---|---|---|---|---|---|
| سبي | | | 20 | 123049 | 3842 | 3.12 |
| ڪڇي | | | - | - | - | - |
| لورالائي | | | - | 110720 | 2132 | 1.98 |
| قلات | | | 29 | 341420 | 84479 | 24.74 |
| لس ٻيلو | | | 80 | 90826 | 60469 | 66.58 |
| مڪران | | | - | - | - | - |
| چاغي | | | 1 | - | - | 00 .33 |
| خاران | | | 19 | 267400 | 1222 | 00.49 |
| ڪوئيٽا- پشن | | | - | - | - | - |
| ڪوئيٽا شهر | | | - | - | - | 00.49 |

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

مٿيان ڳالهيون هو بہ بيان ڪيو ويو آهي تہ قديم زماني کان وٺي سبي، ڪڇي، لس ٻيلي، مڪران ۽ قلات جي علائقن ۾ سنڌي زبان جو تسلط رهيو آهي، ۽ انهن خطن جي ماڻهن سنڌي زبان کي وڻج واپار، تجارت، روزانہ استعمال، حاڪمن جي زبان، تهذيب ۽ تمدن جي زبان، محفلن، معرڪن ۽ ڪچهرين جي زبان طور استعمال ٿئي ڪيو آهي. هنن مان ڪن ايراضين ۾ ان کي مادري زبان جي حيثيت حاصل آهي، تہ ڪن ۾ ان کي ثانوي زبان طور ڪم آندو ويندو آهي.

هن کان اڳ اهو بہ بيان ڪيو ويو آهي قديم زماني کان لس ٻيلي جي مقامي زبان سنڌي رهي آهي. 1951ع واري آدمشماريءَ جي رپورٽ موجب لس ٻيلي رياست ۾ 80 في سيڪڙو ماڻهن جي مادري زبان سنڌي ڄاڻايل آهي، ۽ جملي 48000 ماڻهو سنڌي ڳالهائيندا هئا (1). اهڙيءَ طرح قلات رياست ۾ 29 سيڪڙو آبادي سنڌي ڳالهائيندڙن جي هئي، ۽ جملي 80,000 هزار ماڻهو سنڌي زبان ڳالهائيندا هئا (2). ساڳيءَ طرح 1951ع واري رپورٽ موجب، سبي، ڪڇي ۽ مڪران ۾ ماڻهن جو وڏو تعداد سنڌي زبان يا تہ مادري زبان طور استعمال ڪندو هو يا ثانوي زبان طور ڳالهائيندو هو. هاڻ اهو مختلف خطن جي ماڻهن کي معلوم ڪرڻو آهي تہ 1961ع واري آدمشماريءَ جي رپورٽ ۾ سنڌن خطي جي باري ۾ سنڌي ڳالهائڻ جا انگ اکر صحيح آهن يا نہ؟

مٿي پيش ڪيل انگن اکرن جي جاچ کان پوءِ معلوم ٿو ٿئي تہ بلوچستان صوبي جي 9 ضلعن مان ڪوئيٽا، زهوب ۽ چاغي ضلعن کان سواءِ، باقي 6 ضلعن ۾ قديم زماني کان سنڌي ڳالهائيندڙ گهڻي تعداد ۾ رهندا ٿا اچن. اهي ماڻهو هاڻي پاڻ کي بلوچ سمجهن ٿا، ۽ بلوچستان جي آباديءَ جو حصو آهن. پر جڏهن 1951ع ۽ 1961ع واري آباديءَ جي ڀيٽ ڪجي ٿي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ مذڪوره ڇهن ضلعن ۾ ماڻهن جي ڪل آباديءَ جو تعداد وڌڻ جي بدران پاڻ گهٽيو آهي، جڏهن تہ جملي آباديءَ ۾ اداڻي في سيڪڙو واڌ ٿي آهي. انهيءَ حساب سان سنڌي ڳالهائيندڙن جي

(1) *District Census Report*, 1951.
Also see: Gankovsky, Yu, V., *The People Pakistan*, an Ethnic History, Lahore, Peoples publication, 1972. p. 11.
(2) Ibid.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تعداد ۾ ٻڻ اڍائي في سيڪڙو واڌ اچڻ گھرجي، ۽ نہ ڪہ ڪوٽ. انهيءَ مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ مادري زبان جي داخلا جي لحاظ کان 1961ع واري آدمشماري جي رپورٽ معتبر نہ آهي.

# ببليوگرافي

## سنڌي، اردو، فارسي ۽ سرائڪي ڪتاب

### سنڌي ڪتاب


1- ڀيرو مل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

2- تاج محمد عباسي: مقالو، "*سنڌي ٻوليءَ جي لاسي اپڀاشا*"، نئين زندگي، جولاءِ - آگسٽ، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشنس، 1976ع.

3- داد محمد بروهي: مقالو "*سبي علائقي ۾ سنڌي*"، روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي، مارچ 1978ع.

4- نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *ٻيلاين جا ٻول*، ڇاپو ٻيو، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1970ع.

5- نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: *سنڌي موسيقيءَ جي مختصر تاريخ*، حيدرآباد، ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز، 1978ع.

6- رامچند، ايس - کتري: *شري هنگلاج جي ياترا*، ڪراچي، اڇي قبر، رامپارٽ روڊ، 74-1973ع.

7- طالب المولي: *يادرفتگان*، هالا، 1953ع.

8- علي ڪوفي: *چچنامو*، ڪراچي سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع.

9- مرزا قليچ بيگ: *تاريخ خيرپور*، 1922ع.

10- مير معصوم بکري: *تاريخ معصومي*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع.

11- مولائي شيدائي: *تاريخ بلوچستان*، بلوچ سيريز نمبر 1، 1941ع.

12- مولائي شيدائي: *جنت السند*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1958ع.

13- مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## اردو ڪتاب

14- اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنڌ*، جلد اول، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1971ع.

15- اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنڌ*، جلد دوم، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1974ع.

16- غلام رسول مهر: *تاريخ ڪلهوڙا*، جلد اول، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ.

17- گل خان نصير: *تاريخ بلوچستان*، جلد اول، ڪوئيٽا، اقبال اسٽيشنري مارٽ، 1952ع.

18- ملڪ محمد سعيد بلوچ: *بلوچستان ما قبل تاريخ*، ڪوئيٽا، بلوچ اڪيڊمي، 1971ع.

## فارسي ڪتاب

19- خداداد خان: *لب تاريخ سنڌ*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1959ع.

20- سيد مير محمد بن سيد جلال ٺٽوي: *ترخان نامہ*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1965ع.

21- ميان نور محمد: *منشورالوصيت و دستورالحڪومت*، سعي و اهتمام سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد سنڌي ادبي بورڊ، 1964ع.

22- مير معصوم بکري: *تاريخ معصومي*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1953ع.

23- يوسف ميرڪ ابوالقاسم بکري: *تاريخ مظهر شاهجهاني*، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين راشدي، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1962ع.

## سرائڪي ڪتاب

24- سيد نور علي ضامن: *معارف سرائڪي*، احمد پور شرقيہ، مصطفيٰ شاهہ اڪيڊمي، 1972ع.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# انگريزي ڪتاب

25. Ahmed Yar Khan Baloch, Mir, *Inside Baluchistan,* an Autobiography, Karachi, Royal Book Agency, 1975.

26. *Census Report of Pakistan,* Vol: VI-16, Table 12, 1961.

27. *District Census Report of Sibi District,* 1961.

28. *District Census Rport of Makran District,* 1961.

29. Elliot, H., *History of India,* Vol: 1.

30. Gankovsky, Yu, V., *The People of Pakistan,* an Ethnic History, Lahore, Peoples publishing House. 1972.

31. George Morgenstierne, *Report on a Linguistic Mission to North Western India.*

32. George Waters Gilberston, Major, *The Baluchi Language,* Herford, 1923.

33. Grierson, H.E., *Linguistic Survey of India,* Vol: VIII, 1919.

34. Holdich, Th., *The Gates of India,* A Historical Narrative, London. 1910.

35. Khan, F. A., *The Indus Valley & Early Iran,* Karachi, Department of Archaeology & Museums, 1964.

36. Mockler, E. A., *Grammar of the Baluchee Language,* London, Henry S. Kings & Co:, 1877.

37. Richard, F. Nyrop and others, *Area Hand Book of Pakistan,* Washington, D. C., D.A., FAM Government Printing Office. 1970.

38. Sigrid Westphal-Hellbusch, Dr. & Heinz Westphal, *The Jats of Pakistan,* Berlin, Duncker and Humbolt. 1964.

39. Sorley, H. T., *Shah Abdul latif of Bhit,* Humphrey Milford London 1940.

## Gazetteers

40. *Baluchistan District Gazetteer,* Series, Makran & Kharan, Vol: VII, Bombay, The Times Press, 1907.

41. *Extract from the District and States Gazetteer of the Punjab,* Vol: II, Lahore, Research Society of Pakistan, University of Punjab. 1977.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# 6

# سرائڪي ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ

## 1- سنڌي ۽ سرائڪيءَ جو سنڌ:

بلوچستان، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ سنڌي زبان جي پهچ ۽ پکيڙ جو ذڪر ڪندي، سنڌي ٻوليءَ جي ڦهلاءَ لاءِ مختلف حالتون، سبب، ڪارڻ ۽ اصول بيان ڪيا ويا آهن. انهن ساڳين سببن، ڪارڻن ۽ اصولن جي روشنيءَ ۾ سنڌي ۽ سرائڪيءَ جي ناتي ۽ سرائڪي ايراضيءَ ۾ سنڌي زبان جي ڦهلاءَ جو مطالعو ڪرڻ گهرجي، ۽ انهن ساڳين حالتن کي سامهون رکي ٻوليءَ جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ گهرجي ته جيئن اهو معلوم ٿي سگهي ته اهو ڪهڙو سبب آهي جو خواجه فريد به سنڌي زبان ۾ ڪلام چيو، يا اها خبر پوي ته ملتان تائين سنڌي زبان جي پهچ ۽ پکيڙ جو سبب ڪهڙو آهي؟

**(الف) سرائڪي ٻولي:** سرائڪي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ مختلف ماهرن مختلف رايا ڏنا آهن. عرب سياحن سرائڪي زبان کي سنڌي زبان سڏيو آهي. اصطخري بيان ٿو ڪري ته ”منصوره، ملتان ۽ اُن جي مضافات جي ماڻهن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي“ (1). ابن حوقل سفرنامي ۾ لکي ٿو ته، ”منصوره، ملتان ۽ اُن جي آسپاس جي علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي زبانون رائج آهن“ (2).

پنجاب جي ڪن ماهرن سرائڪيءَ کي پنجابي زبان جو هڪ لهجو يا شاخ (Dialect) ڄاڻايو آهي (3)، ته وري ڪن هن زبان کي لهندا جي شاخ ڪوٺيو آهي (4). ڪن ماهر جو رايو آهي ته ”سرائڪي زبان پنهنجي ليکي هڪ خود مختار زبان آهي، جا برصغير ۾ سڀ کان پراڻي زبان آهي، جيڪا هڪ اصلوڪي زبان آهي،

---

(1) اصطخري: *المسالک و الممالک*، اردو ترجمه، هندستان عربون کي نظر مين، جلد اول، اعظم گڙه، دارالمصنفين، 1960ع، ص 375.

(2) Elliot, H., op. cit. p. 39.

(3) عبدالحميد عتيق فڪري: العتيق العتيق، بهاولپور، سرائڪي ادبي مجلس، 1971ع، ص 124.

(4) Grierson G., *Linguistic Survey of India*, Vol: VIII. p. 240.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۽ جا آرين جي اچڻ کان اڳ ڳالهائي ويندي هئي، ۽ جنهن مان سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ ڪشميري ٻوليون ڦٽي نڪتيون آهن" (1).

هن راءِ جو پهريون حصو قديم هندستان جي انهن برهمڻن جي ياد ڏيارِي، جن ڪي صديون اڳ اها دعوا ڪئي هئي ته سنسڪرت دنيا ۾ سڀ کان پراڻي زبان آهي، ۽ دنيا جون سڀ زبانون ان مان ڦٽي نڪتيون آهن (2). پوءِ جڏهن سر وليم جونز نندي کنڊ پاڪ- هند، ۾ آيو، ۽ سنسڪرت جو مطالعو ڪرڻ کان پوءِ اها دعوا ڪيائين ته سنسڪرت يورپ ۾ سڄي دنيا جي زبانن جي ماءُ ته خيرڪا آهي، پر البت سنسڪرت، گريڪ ۽ لئٽن توڙي ٻيون هند- يورپي ٻوليون هڪ ئي خاندان مان ڦٽي نڪتل آهن، تنهن ڪري ئي منجهن هڪجهڙائي آهي.

بلڪل انهيءَ اصول موجب سنڌي- سرائڪي، پنجابي - سرائڪي توڙي سنڌي - سرائڪي - پنجابيءَ جو تقابلي مطالعو ڪرڻ گهرجي. چاڪاڻ ته سنڌي، سرائڪي، پنجابي، ڪشميري ۽ پشتو وغيره ۾ ڪا هڪجهڙائي ڏسي منشي عبدالرحمان ۽ مولانا بشير احمد ظامي صاحبن اها دعوا ڪئي آهي ته پاڪستان جون اهي سڀ زبانون سرائڪيءَ جون شاخون يعني لهجا آهن.

حقيقت هيءَ آهي ته ڪن ٻه ٻن يا ٻن کان وڌيڪ زبانن جي تقابلي مطالعي لاءِ ضروري آهي ته جديد لسانيات جي اصولن جو مطالعو ڪجي. ان کان پوءِ لسانيات جي ماهرن طرفان مقرر ڪيل اصولن ۽ قانونن، ملڪ جي سياسي، سماجي ۽ ثقافتي تاريخ ۽ جاگرافيءَ جو مطالعو ڪرڻ ضروري آهي. اهڙيءَ طرح محقق آزاد ذهن رکندو هجي، سائنسي ۽ علمي سوچ جو مالڪ هجي ۽ جذبات کان پاسو ڪندڙ هجي. اڳواٽ راءِ قائم ڪري، پوءِ ان راءِ جي دائري اندر پنهنجي پسند موجب مواد گڏ ڪرڻ سان سائنسي ۽ علمي نتيجا نڪري نه سگهندا. محقق کي گهرجي ته جن زبانن جي ڀيٽ ڪرڻ چاهيندو هجي، انهن جي دائري، انهن جي سياسي ۽ سماجي پس منظر، انهن جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ کي سامهون

(1) محمد بشير احمد ظامي بهاولپوري: *عهد هائي قديم مين سرائڪي زبان ڪا ارتقا*، بهاولپور، مرڪز سرائڪي زبان تي ادب، حبيب ڪالوني، اپريل، 1970ع، ص 18.

(2) Bloomfield, L., *Language*, London, George Allen and Unwin Ltd., 1961, P. 12.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رکي، انهن جي ڀيٽ ڪري ۽ نتيجا ڪڍي. اهڙا نتيجا اڳوات رٿيل يا سوچيل نتيجن جي ڀيٽ ۾ علمي هوندا. اهڙا نتيجا جذبات کان آجا هوندا. ظني نہ هوندا پر علمي ۽ سائنسي اصولن مطابق هوندا.

لسانيات جي ماهرن ڪن بہ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ زبانن جي ڀيٽ ڪرڻ لاءِ جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن. انهن ۾ اهڙين زبانن جي صوتيات جو مطالعو. صوتياتي جوڙجڪ جو مطالعو. علم صرف ۽ علم نحو جو مطالعو اهم اصول آهن. جيڪڏهن ڪن بہ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ٻولين ۾. اهي هڪجهڙايون هونديون تہ پوءِ چئبو تہ يا تہ هڪ زبان، ٻيءَ زبان مان ڦٽي نڪتي آهي. يا ٻئي (يا وڌيڪ) زبانون ڪنهن هڪ ئي ساڳئي بنياد جون شاخون آهن. يعني هڪ ئي بنياد مان ڦٽي نڪتيون آهن. صرف لفظن جون لڙهيون سامهون رکڻ سان يا اُنهن ۾ هڪجهڙائي ڏسي وڏيون وڏيون دعوائون ڪرڻ ۽ ائين چوڻ تہ فلاڻي زبان، فلاڻي زبان جي شاخ آهي، علمي ۽ فني دعوائون نہ آهن.

هن تمهيد کان پوءِ سرائڪي ۽ سنڌي ٻولين جي جديد لسانيات جي روشنيءَ ۾ ڇنڊڇاڻ ڪرڻ کان اڳ، سرائڪي زبان جي هڪ شيدائيءَ، محترم محمد بشير احمد ظاميءَ، جي دعوا جو مطالعو ڪرڻ گهرجي. ظامي صاحب پنهنجي ڪتاب "سرائڪي زبان ڪا ارتقا" ۾ لکيو آهي:

> "قديم واديءِ سنڌ سرائڪي زبان جو محل وقوع آهي. هن جو حدود اربع، زبان جو حدود اربع آهي.
>
> هيءَ زبان سنڌ جي هر حصي ۾ موجود آهي. بنيادي يا ثانوي زبان جي شڪل ۾ هن جو هر جڳهه تي پهچڻ هن جي هرهنڌ موجود هجڻ جو دليل آهي. ليڪن اهو شرف هتي جي ٻين متداول السنہ کي حاصل نہ آهي. سرائڪي گويا واديءِ سنڌ ۾ پيدا ٿيڻ وارين ٻولين جي ماءُ آهي. اندازو لڳائي سگهجي ٿو تہ سنڌي، ڪشميري ۽ پشتو وغيره ٻوليون، پير مرد سرائڪيءَ جي جسم مان پيدا ٿيندڙ ٻوليون آهن" (1).

(1) محمد بشير احمد ظامي بهاولپوري: عهد هائي قديم مين سرائڪي زبان ڪا ارتقا. بهاولپور. مرڪز سرائڪي زبان تي ادب. حبيب ڪالوني، اپريل، 1970ع، ص 18.

ظامي صاحب وڌيڪ لکي ٿو تہ:

”ملتان سرائڪي علائقن جو هڪ قديم ترين شهر آهي. اسان جي تاريخ هن شهر جي قدامت، اُن جي اولين باشندن ۽ اُن جي قديم زبان جي آغاز متعلق بلڪل لاعلم ۽ نا آشنا آهي. قرآئن قياسات مان جو ڪجهہ اخذ ڪيو ويو آهي، اُن مان معلوم ٿو ٿئي تہ قديم زماني ۾، واديءِ سنڌ جو اقتدار ملتانين جي هٿ ۾ هوندو هو، ۽ ملتان کي، ملتانين جي زبان، سرائڪيءَ جي علائقن ۾ مرڪزيت حاصل هئي. گهڻو زمانو گذرڻ کان پوءِ جڏهن مرڪزي اقتدار ختم ٿي ويو، جڏهن هيءَ زبان بي سهارا رهجي ويئي، ۽ علائقائي اثرن کان متاثر ٿيڻ لڳي، ۽ الڳ الڳ مقامي اثرن جي ڪري، ڪيترن ئي خطن ۾ ورهائجي ويئي، پوءِ انهن خطن جا ماڻهو، پنهنجو پنهنجو رنگ ۽ اثر پيدا ڪرڻ جي ڪري، پنهنجي پنهنجي پسند جي نالن سان سڏجڻ لڳا. اهوئي سبب آهي جو لسانيات جا محقق، جيڪي هن زبان کان واقف نہ آهن، ۽ اُن کي ڳالهائي يا سمجهي نٿا سگهن. اُهي، هن (هڪ زبان) جي مختلف علائقائي نالن جي ڪري دوکو کائڻ سبب، ان کي الڳ الڳ زبانون سمجهڻ لڳا“ (1).

ظامي صاحب جيڪي دليل ڏنا آهن، سي هي آهن (2):

**(i)** ڪنهن بہ علائقي جي آب - هوا، اتي جي زبان ۽ ان زبان جي ڳالهائيندڙن تي اثرانداز ٿيندي آهي.

**(ii)** اهڙيءَ طرح ميداني ۽ پهاڙي علائقي جو بہ زبان تي اثر ٿئي ٿو.

**(iii)** هڪ زبان تي پسگردائيءَ ۾ ٻين وارين زبانن جو اثر ٿئي ٿو.

**(iv)** ٻوليون جنهن بہ لساني گروهہ يا خاندان سان تعلق رکنديون آهن، ان خاندان جو اثر ورثي ۾ رکنديون ايندڀون آهن.

**(v)** حاڪم قوم جون زبانون محڪوم قوم جي زبانن تي اثر ڪنديون آهن. ڪن محققن جو خيال آهي تہ حاڪم قوم جي ز. ن، محڪوم قوم جي زبان سڄي

---

(1) محمد بشير احمد ظامي بهاولپوري: حوالو ڏنو ويو آهي، 1970ع، ص ص 23 ۽ 24.

(2) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بدلائي نٿي سگهي، يا ملڪ بدر نٿي ڪري سگهي، پر الٽو پنهنجي محدود حيثيت جي ڪري مقامي وسيع تر زبان ۾ جذب ٿي، گم ٿي وڃي ٿي.

**(vi)** حملہ آورن جي آمدرفت بہ ڪنهن علائقي جي اصلي زبان جي تبديليءَ جو اهم سبب هوندي آهي. اهي علائقا يا شهر، حملہ آورن جي حملن يا هلچل جا مرڪز بنيل هوندا آهن. اهي پنهنجي اصلي زبان وڃائي ويهندا آهن، يا سندن زبان گاڏڙ بنجي ويندي آهي، پر شهرن جي ڀيٽ ۾ ڳوٺن جي زبان وڌيڪ خالص هوندي آهي.

**(vii)** هڪ ترقي يافتہ زبان جو پر پاسي يا پسگردائيءَ وارين زبانن تي وڏو اثر ٿيندو آهي، ليڪن ٻري جون ٻوليون بہ ان کان متاثر ٿيڻ کان سواءِ رهي نٿيون سگهن.

**(viii)** مرڪز سان ويجهڙائي يا دوري بہ زبانن کي متاثر ڪندي آهي. هڪ وسيع زبان انهيءَ سبب جي ڪري ننڍين ننڍين شاخن يعني لهجن ۾ ورهائجي ويندي آهي.

ظامي صاحب طرفان ڏنل دليلن مان هي سوال پيدا ٿين ٿا:

**(i)** ملتان، ڪنهن زماني ۾ قديم ۽ عظيم سنڌ جو هڪ صوبو، ۽ اُن صوبي جو هڪ صوبائي شهر هو، پر ملڪ نہ هو. قديم ۽ عظيم سنڌ ملڪ جو تخت گاهہ، راءِ گهراڻي جي حڪومت کان وٺي برهمڻ گهراڻي جي حڪومت تائين، يعني سنڌ ۾ اسلامي حڪومت جي شروع ٿيڻ (712ع) تائين اروڙ هو، ۽ ان زماني ۾ ملتان جي حيثيت صوبائي هئي، ۽ ملتان جو شهر، قديم سنڌ ملڪ جي ملتان صوبي جو تخت گاهہ هو. تنهنڪري اها ٻولي جيڪا سڄي ملڪ ۾ ڦهليل هئي، ۽ جيڪا ڏار ڏار نالن سان منسوب هئي ۽ آهي، تنهن زبان کي صرف هڪ صوبائي شهر، يعني ملتان سان منسوب ڪرڻ ڪيتري قدر صحيح آهي؟ ان زبان کي ملتاني ڇو چئجي، ۽ بهاولپوري ڇو نہ چئجي؟ ان زبان کي ميانوالي ڇو نہ ڪوٺجي؟ خود ظامي صاحب پنهنجي ڀرئين ڪتاب (بهاولپوري - ملتاني)، جيڪو 1962ع ۾ شايع ٿيو هو تنهن ۾ هن زبان کي ملتاني-بهاولپوري ٿو سڏي، جيتوڻيڪ ڪيس اها خبر آهي تہ ملتاني ۽ بهاولپوري ٻولين

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڪجهه قدر ڦير ۽ فرق آهي (1).

**(ii)** سنڌ اُن زماني ۾ هڪ عظيم ملڪ هو، جنهن جون سرحدون اُتر ۾ ڪشمير تائين، ڏکڻ ۾ ديبل تائين، اولهه ۾ ڪرمان تائين ۽ اوڀر ۾ ڪنوج تائين هيون(2). اهڙيءَ عظيم سلطنت ۾ يا تہ ڪا هڪ زبان ڪا نہ هوندي، پر جيڪڏهن هوندي تہ اها ننڍين ننڍين شاخن ۽ لهجن ۾ ورهايل هوندي، انهيءَ زماني ۾ مواصلاتي رشتا ايترا نہ هئا، جنهن ڪري اُن جي اُترئين ڇيڙي واري ايراضيءَ واري لهجي ۾ ڏاکڻي حصي واري لهجي جي صوتي ۽ صرفي سٽاء ۾ گهڻو فرق هوندو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ قديم سنڌ ملڪ جي جيڪڏهن هڪ زبان هوندي تہ اُن جو نالو ملڪ جي نالي پٺيان "سنڌوي" يا "سنڌي" هوندو ۽ نہ ڪہ ان ملڪ جي هڪ صوبي ملتان جي هڪ شهر ملتان جي نالي پٺيان 'ملتاني ٻولي' هوندو؛ يقيناً زبان جو نالو ملڪ جي نالي سان منسوب هوندو، تنهن ڪري ملتاني يا سرائڪي زبان اُن دؤر جي اُن عظيم سلطنت 'سنڌ' جي زبان جي هڪ شاخ يا لهجو هوندو، ڇاڪاڻ تہ لهجي مان زبان ڪا نہ نڪرندي آهي، پر لهجو تہ پاڻ، ڪنهن زبان جي هڪ شاخ مثل هوندو آهي، البت ڪو لهجو معياري صورت وٺندو آهي ۽ سڄي ملڪ جي زبان ڪي ان جي نالي پٺيان سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن ان وقت ملتان ۽ اُن جي چوڌاري واري علائقن جي ٻوليءَ جو ڪو ٻيو نالو هجي ها تہ عرب سياح ان کي سنڌي ٻولي هرگز نہ سڏين ها.

**(iii)** ڪا بہ زبان جنهن جا لکين ڳالهائيندڙ موجود هجن، تنهن زبان کي بي سهارا زبان ڪيئن چئبو؟ ظامي صاحب ڪيئن ٿو چوي تہ مرڪز جي اقتدار ختم ٿيڻ سان ملتاني زبان بي سهارا بنجي ويئي. مرڪز تہ اروڙ هو ۽ نہ ڪہ ملتان.

**(iv)** مرڪزي زبان جي حيثيت ۾ سرائڪيءَ تي علائقائي ٻولين جي اثر ٿيڻ وارو اصول تہ قبول ڪري سگهجي ٿو، پر مرڪز جي ٽٽڻ کان پوءِ، ۽ بي سهارا

---

(1) محمد بشير احمد ظامي: *بهاولپوري - ملتاني*، بهاولپور، عبدالعزيز ملڪ، پرنسپال گورنمينٽ ٽيچرز ٽريننگ انسٽيٽيوٽ، نومبر 1962ع، ص ص 27 ۽ 29.

(2) علي ڪوفي: *چچنامو*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1954ع ص 27.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبان بڻجڻ کان پوءِ ان تي علائقائي اثر ڪيئن ٿيو؟

**(v)** قديم زماني کان ترقي يافته زبان سنڌي رهي آهي يا سرائڪي؟

**(vi)** وسيع زبان نديون نديون شاخن ۽ لهجن ۾ ورهائجي ويندي آهي. قديم زماني ۾ سنڌ ملڪ جي وسيع زبان ڪهڙي هوندي، قديم سنڌي يا سرائڪي؟

**(vii)** سنڌ صوبو هن وقت به طبعي يا جاگرافيائي لحاظ کان ڌار ڌار حصن ۾ ورهايل آهي، يعني اُتر (سرو)، وچولو، لاڙ، ٿر، ڪارو، ڪاڇو ۽ ڪوهستان. هر حصي جي ٻوليءَ کي اُن حصي جي نالي سان سڏيو ويندو آهي، يعني اُتر ۾ اترادي، وچولي ۾ وچولي، لاڙ ۾ لاڙي، ٿر ۾ ٿري يا ٿريلي ۽ ڪوهستان ۾ ڪوهستاني.

اڳوڻي يعني قديم زماني جي زيرين سنڌ، يعني موجوده سنڌ ۾، سرائڪي زبان ڳالهائيندڙن جو گهڻو حصو، قديم سنڌ جي سري واري حصي يعني سرائڪي خطي مان خاص طور ڏيري غازي خان ۽ ڏيري اسماعيل خان وغيره مان لڏي آيلن جو آهي. اهي ماڻهو حاڪم بڻجي ڪو نه آيا هئا. مثال طور ٽالپر بلوچ، جي نيٺ سنڌ جا حاڪم بڻجي ويا، شروع ۾ روزگار جي تلاش لاءِ ڏيره جات کان لڏي، سڪونت لاءِ سنڌ ۾ آيا هئا (1)؛ پر جيئن ته اهي ويڙهو قسم جا ماڻهو هئا، انهيءَ ڪري ڪلهوڙن جي دؤر ۾ طاقتور بڻجي ويا، ۽ آهستي آهستي حڪومت ۾ سندن عمل دخل شروع ٿيو. هنن جي مادري زبان سرائڪي هئي. اها زبان ڀرين ڀرين سندن قوم تائين محدود هوندي هئي، پر پوءِ سنڌ جي حڪومت تي سندن قبضي ٿيڻ کان پوءِ، هيءَ زبان سندن رشتيدارن کان سواءِ، نوڪرن چاڪرن ۽ ٻين بلوچ قبيلن تائين محدود رهي. دربار ۾ فارسيءَ جو رواج هو (2). پر عوام جي زبان سنڌي هئي، تنهن ڪري ٽالپر حاڪمن کي، عوام سان، سندن عوامي زبان يعني سنڌيءَ ۾ مخاطب ٿيڻو پوندو هو. ان دؤر ۾ علمي ۽ ادبي زبانون فارسي ۽ سنڌي هيون. خود ٽالپر حڪمران فارسي توڙي سنڌي زبان جا وڏا شاعر، اديب ۽ عالم هوندا هئا(3).

---

(1) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، ص ص 580 ۽ 581.

(2) Dr. Burnes A, *Visit to the Court of Sind*, Edinburgh, Robert Cadel 1831, p. 121.

(3) مولائي شيدائي: تاريخ تمدن سنڌ، حوالو ڀريون، ص 602 ۽ ٻيو ڏسو: گل حسن ڪربلائي: مهراڻ جون موجون ۾ مضمون: "*ٽالپر حاڪمن جا علمي ڪارناما*" ايڊٽ ڪيل سيد حسام الدين راشدي، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشنس. ص 32.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

**(viii)** سنڌ وارا ڪشمير ۽ سوات تائين حملہ آور رهيا ۽ صدين جون صديون ڪشمير کان وٺي ديبل تائين غالب رهيا. انهن جي زبان سنڌي هئي، تنهن ڪري سندن زبان جو سڄي ملڪ تي تسلط ٿيڻ لازمي امر هو.

ملتان تائين علائقو سورهين ۽ سترهينءَ صديءَ تائين سنڌي حاڪمن جي تسلط هيٺ رهيو آهي، تنهن ڪري اها دعوا ڪرڻ تہ اقتدار ملتانين جي هٿ ۾ هو، هڪ خوش فهمي آهي، ڇو تہ ملتاني ۽ ملتان وارا گهڻو ڪري هر دؤر ۾ مغلوب رهيا آهن، هنن کي پنهنجي حڪومت جو موقعو هرگز نہ مليو آهي، جي مليو آهي تہ ڪن ٿورن سالن لاءِ.

## (ب) سياسي سبب:

بلوچستان واري باب ۾ بيان ڪيو ويو آهي تہ راءِ گهراڻي جي حاڪم، راءِ سهرس جي حڪومت جي زماني ۾ اروڙ سندس تخت گاهہ هو، سندس حڪومت جون حدون هڪ طرف مڪران تائين، ٻئي طرف ديبل تائين هيون، تہ ٽئين طرف ڪرمان ۽ ڪيڪانان تائين ۽ چوٿين طرف ڪشمير ۽ سوات تائين هيون (1). ڪيڪانان ڪوهہ سليمان جو اهو حصو هو، جيڪو دريا گومل کان وٺي نوشڪيءَ تائين ڦهليل هو. راءِ سهرس پنهنجيءَ حڪومت کي هيٺين ڇئن صوبن ۾ ورهايو هو (2).

**(i)** صوبہ برهمڻ آباد- هن صوبي ۾ نيرون، ديبل، لوهاڻا، لاکا ۽ سمہ جا خطا شامل هئا.

**(ii)** صوبہ سيستان- هن صوبي ۾ ٻڌيہ، جنڪنان، رونجهاڻ ۽ مڪران تائين سرحد شامل هئي.

**(iii)** صوبہ اسڪلنده- هن صوبي ۾ ٻاٽيا، تلواڙه، ڇڇ پورا، ديوپور ۽ ڪڇ اچي ٿي ويا.

**(iv)** صوبہ ملتان- هن صوبي ۾ سڪہ، برهمپور، ڪردن ۽ ڪشمير

(1) علي ڪوفي: چچنامو، سنڌي ادبي بورڊ، ص 27.

(2) ايضاً.

۽ پڻ ڏسو: اعجاز الحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصہ اول، ص 20.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

تائين علائقا شامل هئا (1).

برهمڻن جي حڪومت جي زماني ۾ پڻ حڪومت جون سرحدون ساڳيون هيون ۽ چچ جي حڪومت جو تخت گاهه اروڙ هو (2). چچ، ملتان تي قبضي ڪرڻ کان پوءِ سيوستان، برهمڻ آباد، ڪرمان ۽ قندابيل جا علائقا فتح ڪيا. ملتان صوبي تي پنهنجو نائب مقرر ڪيائين (3).

محمد بن قاسم جڏهن سنڌ ملڪ فتح ڪيو، تڏهن اروڙ جي فتح کان پوءِ، اتر طرف وڌيو ۽ ٻهرين ٻهرين درياءَ بياس جي ڏکڻ ۾ ڀاٽيا جي قلعي تي حملو ڪيائين (4). هي هڪ پراڻو قلعو هو. چچ جو ڀائٽيو آروَٽ هن قلعي تي حڪمران هو. هي قلعو فتح ڪرڻ کان پوءِ محمد بن قاسم درياءَ بياس پار ڪري، اسڪلنده جي قلعي کي گهيرو ڪيو، جو درياءَ راويءَ جي ڏاکڻين ڪناري تي هڪ مضبوط قلعو هو (5). هن قلعي کي فتح ڪرڻ کان پوءِ هو ملتان پهتو (6). هن مان ظاهر آهي تہ چچ جي زماني ۾ هن قلعي جو سارو انتظام سنڌ جي مرڪزي شهر ۽ تخت گاهه اروڙ جي تسلط هيٺ هو، ۽ ڀاٽيہ، اروڙ ۽ ملتان جي وچ ۾، درياءَ بياس جي ڏاکڻين ڪناري تي واقع هو (7).

ملتان ۽ ان جو سارو علائقو نہ فقط برهمڻ گهراڻي جي دؤر حڪومت تائين، سنڌ جي حڪومت جو اهم علائقو هو، پر مسعوديءَ جي بيان مان واضح ٿئي ٿو تہ عربن جي حڪومت جي زماني ۾ پڻ هن علائقي کي سنڌ جو مکيہ حصو سمجهيو ٿي ويو (8). ان وقت بہ ملتان سنڌ جي عربي رياست جو هڪ صوبو هو.

(1) *Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* (Pakistan) Vol. II. Lahore, Research Society of Pakistan, University of the Punjab, 1977, p. 21.

(2) Ibid, P. 399.

(3) *Imperial Gazetteer of India*, Vol. I, p. 4.

(4) چچنامو، ص 51.

(5) چچنامو، ص ص 350، 351 ۽ 359.

(6) ايضاً، ص 350.

۽ پڻ ڏسو: اعجاز الحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصہ اول، ص 20.

(7) چچنامو، ص 351.

(8) ايضاً، ۽ پڻ ڏسو: اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصول اول، ص 20.

ان زماني ۾ سنڌ جي عربي حڪومت جون حدون منصوره کان شروع ٿينديون هيون، ۽ اتر ۾ ملتان تائين ويهه هزار ڳوٺ اچي ٿي ويا (1). هن دؤر ۾ سنڌ ۾ ملتان، منصوره، محفوظه ۽ بيضاءِ اسلامي تهذيب جا مرڪزي شهر هئا (2).

اهڙيءَ طرح تيز، ديبل، منصوره، خزدار، اروڙ، ملتان، ڪنوج ۽ قنداٻيل وڏا واپاري مرڪز هئا (3). منصوره مهراڻ جي ٻن شاخن جي وچ ۾ هڪڙي ٻيٽ تي آباد هو. هي شهر سمنڊ جي ڪناري کي ويجهو هجڻ سبب هتان عراق، عمان، ايراني نار، گجرات ۽ ملتان سان، ۽ مهران ذريعي واپار هلندو هو (4). 1334ع ۾ ابن بطوطه سنڌ ۾ آيو هو، ان زماني ۾ ملتان سنڌ جو تختگاهه هو (5). ابن بطوطه لکي ٿو ته اُچ کان پوءِ آءٌ ملتان پهتس. هي شهر سنڌ جو تختگاهُ آهي (6).

خليفي سليمان بن عبدالملڪ جي زماني ۾ حبيب بن مهلب سنڌ ۾ ملتان جو گورنر هو. 99هه (717ع) ۾ خليفي عمر بن عبدالعزيز، عمر بن مسلم باهليءَ کي، سنڌ ۽ ملتان جو گورنر مقرر ڪيو. 111هه (729ع) ۾ تميم بن زيد سنڌ جو گورنر هو. هن جي اوچتي وفات تي ملڪ ۾ بدنظمي ڦهلجي ويئي، ۽ ڏاهر جي پٽ جئه سنگهه ملتان تي قبضو ڪيو، ۽ خودمختياريءَ جو اعلان ڪيائين (7). اهڙيءَ طرح ملتان هڪ خودمختار رياست بنجي ويئي، جنهن تي بنو سامه سٺ سال تائين حڪومت ڪئي.

سنڌ جي عباسي گورنر هشام بن عمرو تغلبيءَ جي زماني ۾ جنگي جهازن جو هڪ ٻيڙو، گجرات جي مغربي ساحل نارند ڏانهن موڪليو ويو. هشام اتر ۾ ٿيل بغاوت کي ختم ڪري، ملتان تي قبضو ڪيو. خليفي منصور هشام جي انتظامي صلاحيتن کان خوش ٿي، 156هه (772-73ع) ۾ سنڌ جي گورنريءَ سان گڏ

(1) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع، ص 204.

(2) ايضاً ص 204.

(3) ايضاً ص 205.

(4) ايضاً، ص 192.

(5) *Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* (Pakistan) Op. Cit., p. 13.

(6) Ibid. Vol. II, p. 34.

(7) چچنامو: د 7.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪرمان جي گورنري بہ ڪيس ڏني (1).

260هہ (873ع) ۾ جڏهن اسماعيلي فرقي جا داعي سنڌ ۾ آيا تڏهن ملتان وري سنڌ ملڪ جو تختگاهہ هو. 303هہ (915ع) ۾ اسماعيلي داعين سنڌ ۾ باقاعدي اچڻ شروع ڪيو. 373هہ (983ع) ۾ جلم بن شيبان ڪي اسماعيلي عقيدي جي ڇويهين امام ۽ فاطمي خليفي سيدنا العزيز باالله سنڌ جو حاڪم مقرر ڪيو (2). گويا ان وقت بہ ملتان قديم سنڌ جو تختگاهہ هو.

عربي حڪومت جي ڪمزور ٿيڻ سبب سنڌ ۾ مختلف رياستون قائم ٿيون، جن ۾ منصوره، ملتان، سندان، مڪران ۽ مشڪي خاص هيون (3). 401هہ (1010ع) ڌاري سلطان محمود غزنويءَ ملتان، ۽ 416هہ (1025ع) ڌاري منصوره فتح ڪيا. 27 سالن کان پوءِ 444هہ (1052ع) ڌاري سلطان عبدالرشيد بن سلطان محمود غزنويءَ جي ڏينهن ۾ راجپال ابن سومره، نومسلم سنڌي اسماعيلي امير، منصوره ۽ ملتان تي قبضو ڪيو (4).

1175ع ۾ شهاب الدين غوريءَ ملتان تي قبضو ڪيو، ۽ 575هہ (1179ع) ۾ هن سومرن کان سنڌ جو اُتريون حصو فتح ڪيو. مگر لاڙ ۽ ٿر وارن حصن تي سومرا سردار قابض رهيا. 602هہ (1206ع) ۾ سلطان شهاب الدين غوريءَ جي شهيد ٿيڻ کان پوءِ غوري سلطنت ٽن حصن ۾ ورهائجي ويئي. دهليءَ جي تخت تي غلام گهراڻي جو قبضو ٿيو، پر سنڌ جي حڪومت ناصرالدين قباچہ جي حصي ۾ آئي (5).

ناصرالدين قباچہ، قطب الدين ايبڪ جو ناٺي هو. قطب الدين ايبڪ جي حصي ۾ لاهور ۽ دهليءَ جي حڪومت آئي. قطب الدين ايبڪ جي وفات کان پوءِ، ان

---

(1) ظفر ندوي: *تاريخ سنڌ*، اعظم گڙه، مطبع معارف 1947ع، ص 159.

(2) اعجازالحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصول اول، ص 266.

(3) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، ص 218.

(4) ايضاً، ص 220. اسماعيلي حڪومت جي سلسلي ۾ پڙهو: منصوره ۾ اسماعيلي حڪومت، مقالو، تماهي مهراڻ.

(5) منهاج سراج: *طبقات ناصري*، جلد اول، مترجم غلام رسول مهر، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1975ع، ص 744. ۽ پڻ ڏسو: اعجازالحق قدوسي، تاريخ سنده، حصہ اول، ص 338.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو پٽ آرام شاهه 607هه (11-1210ع) ۾ دهلي جو حڪمران ٿيو. انهيءَ زماني ۾ ناصرالدين قباچه سنڌ جو باقي حصو ديبل تائين فتح ڪري پنهنجيءَ حڪومت سان ملائي ڇڏيو، ۽ پاڻ خودمختار حاڪم ٿيڻ جو اعلان ڪيائين، ۽ سلطان جو لقب اختيار ڪيئين (1). اهڙيءَ طرح ملتان سميت سنڌ جي حڪومت جو دهليءَ سان واسطو ختم ٿي ويو. قباچه اُچ کي پنهنجو تخت گاهه بنايو (2)، ۽ پنهنجو خطبو ۽ پنهنجو سڪو جاري ڪائين.

ناصرالدين قباچه، سال 625هه (28-1227ع) ۾، بکر وٽ درياءَ ۾ ٻڏي مئو (3). انهيءَ ڪري التتمش حملو ڪري سنڌ جي گاديءَ جي هنڌ تي قبضو ڪيو، ۽ پنهنجي وزير نظام الملڪ کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيائين. نظام الملڪ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ اُچ مان ڦيرائي بکر ۾ ڪيو (4). 630هه (1232ع) ۾ نظام الملڪ جي جاءِ تي نورالدين محمود کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيو ويو. انهيءَ زماني ۾ يعني 632هه (1235ع) ۾ التتمش وفات ڪئي، ۽ سندس ننڍو پٽ رڪن الدين فيروز شاهه دهليءَ جي تخت تي ويٺو. هي ڪمزور حاڪم هو، انهيءَ ڪري دهليءَ جي تخت تان تڪرار شروع ٿيو.

643هه (46-1245ع) ۾ مغلن اُچ ۽ ملتان تي قبضو ڪيو، پر سلطان مسعود انهن کي ڀڄائي ڪڍيو. ان کان پوءِ سلطان مسعود سنڌ جي دارالحڪومت بکر ۾ آيو، ۽ نورالدين محمود کي هٽائي، ان جي جاءِ تي جلال الدين کي سنڌ جو گورنر مقرر ڪيائين، ۽ پاڻ دهلي هليو ويو. هو اجا ملتان ۾ ئي هو تہ امير مٿس ناراض ٿي پيا ۽ کيس هٽائي سندس جاءِ تي التتمش جي پٽ ناصرالدين محمود کي حاڪم مقرر ڪيائون. ناصرالدين محمود 25 محرم 644هه (1246ع) ۾ دهليءَ جي تخت تي ويٺو. 22 شوال 649هه (1251ع) ۾ سلطان ناصرالدين محمود اُچ ۽

---

(1) منهاج سراج: *طبقات ناصري*، جلد اول، مترجم غلام رسول مهر، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1975ع، ص 744، ۽ ڏسو: اعجازالحق قدوسي، *تاريخ سنده*، حصہ اول، ص 440.

(2) ايضاً ص 744.

(3) منهاج سراج: *طبقات ناصري*، ص 744-745

(4) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، ص 221.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ملتان کان ٿيندو ٻکر آيو. جو ان وقت سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ هو. هن سنڌ جي حڪومت کي ٻن صوبن ۾ ورهايو. ٻکر کان ملتان تائين علائقي تي سلطان سنجر کي مقرر ڪائين، ۽ ٻکر کي هن صوبي جي گاديءَ جو هنڌ بنايائين. سنڌ جي هيٺين حصي تي مشتمل ٻيو صوبو قائم ڪيائين، جنهن جون حدون ٻکر کان هيٺ لاڙ ۾ ديبل تائين مقرر ڪيائين. ۽ قتلغ خان کي هن صوبي جو گورنر مقرر ڪيائين، ۽ سيوهڻ اُن جو تخت گاهه بنايائين. ملتان کي سنڌ کان الڳ صوبو قائم ڪري اتي سيد خضر خان کي حاڪم مقرر ڪيائين (1). 1414ع ۾ خضر خان دهليءَ جي تخت تي قبضو ڪيو ۽ سيد گهراڻي جو بنياد رکيائين. هن پنهنجي پٽ معزالدين کي ملتان جو گورنر مقرر ڪيو. 1438ع ۾ بهلول لوڌي ملتان جو گورنر ٿيو. پر هن کي جلدي هٽايو ويو.

1443ع ۾ اهل ملتان، شيخ يوسف قريشيءَ کي پنهنجو حاڪم چونڊيو. هي بزرگ، شيخ بهاءَ الدين ذڪريا ملتانيءَ جي اولاد مان هو (2). جنهن زماني ۾ شيخ يوسف قريشيءَ جي ملتان ۾ حڪومت هئي، ان زماني ۾ راءِ سهارا لانگاهه سنڌيءَ جو ملتان ۾ وڏو اثر هو. هن پنهنجي ڌيءَ جو سڱ شيخ قريشيءَ کي ڏنو. 1445ع ۾ هڪ ڏينهن هن قلعي تي قبضو ڪيو (3). شيخ يوسف جان بچائي نڪري ويو (4). پوءِ راءِ سهارا لانگاهه، سلطان قطب الدين لانگاهه جي لقب سان ملتان جو حاڪم بنيو. ۽ چنيوٽ ۽ شور ڪوٽ فتح ڪري، ملتان سان ملايائين. ۽ 1469ع تائين حڪومت ڪيائين (5).

1470ع ۾ راءِ سهارا لانگاهه جو پٽ سلطان حسين لانگاهه تخت تي وينو. 1483ع ۾ دهليءَ جي حاڪم سڪندر لوڌيءَ سلطان حسين لانگاهه کي ملتان

(1) منشي عبدالرحمان: آئينہ ملتان. ص 164.

Also see: *Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* (Pakistan), Vol. II Lahore, Research Society of Pakistan, University of the Punjab, 1977, p. 36.

(2) منشي عبدالرحمان: *آئينہ ملتان*. ص 98.

(3) ايضاً.

(4) ايضاً.

(5) *Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* (Pakistan), Op. Cit. pp. 36 & 37.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جو حاڪم تسليم ڪيو. هن ٽيهه سال حڪومت ڪئي. هي علم دوست ۽ مدبر شخص هو. هن وڏا وڏا عالم گهرايا ۽ انهن کي وڏا وڏا پگهار ڏيئي، پاڻ وٽ رکيائين.

لانگاهه خاندان ملتان تي ڪل 80 سال حڪومت ڪئي. جنهن زماني ۾ سنڌ تي سما گهراڻي جي حڪومت هئي، انهيءَ زماني ۾ ملتان تي لانگاهه خاندان راڄ ٿي ڪيو. هن خاندان جي حڪومت جي زماني ۾ ڪيترائي بلوچ قبيلا سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا.

سمن کان پوءِ سنڌ تي ارغونن حڪومت ڪئي. ارغونن جي حڪومت جي زماني ۾ مرزا شاهه حسن ارغون، 1524ع ۾، ملتان تي حملو ڪيو. سخت جنگ کان پوءِ هن ملتان جو علائقو فتح ڪري سنڌ جي حڪومت سان ملائي ڇڏيو. نيٺ 1528ع ۾ بابر بادشاهه جي پٽ عسڪريءَ حملو ڪري ملتان فتح ڪيو، ۽ ان علائقي مان ارغونن جي حڪومت جو خاتمو آندائين، ۽ هن علائقي کي دهليءَ جي حڪومت سان ملائي ڇڏيائين.

دهليءَ وارن سلطانن جي قبضي ۾ اچڻ کان پوءِ، ملتان صوبي جون سرحدون ديپالپور جي مشرقي سرحد کان وٺي، بکر جي اولهه واري حد ۽ جيسلمير تائين هيون. شهنشاهه اڪبر جي زماني ۾ ٺٽو به ملتان صوبي ۾ شامل ڪيو ويو، يعني سنڌ جو تخت گاهه وري ملتان ٿيو. انهيءَ ڪري ان جون سرحدون اولهه طرف ڪيچ مڪران تائين، اتر ۾ سورا پرڳڻي تائين، ۽ ڏکڻ ۾ اجمير تائين هيون (1). ان کان پوءِ مغل سلطنت جا گورنر هت ايندا رهيا. ميان يار محمد ڪلهوڙي جي گورنريءَ تائين سنڌ تي مغلن جو قبضو هو. پوءِ ميان يار محمد ڪلهوڙي ئي 1700ع ۾ سنڌ جي آزاد حڪومت جو اعلان ڪيو.

جڏهن ميان نور محمد ڪلهوڙو حڪمران ٿيو تڏهن صادق آباد ڪارداري ۽ خانپور ڪارداريءَ جو حصو ميان نور محمد ڪلهوڙي فتح ڪري سنڌ سان ملائي ڇڏيو (2). ميان نور محمد ڪلهوڙي ديره اسماعيل خان جي هوتن

(1) منشي عبدالرحمان: *آئينہ ملتان*، ص 164.

(2) *Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* (Pakistan), Op. Cit. p. 419.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سان ٻه جنگيون ڪيون، ۽ ليهه (Leiah) سنڌ- ساگر دو-آبي ڪان چناب تائين هٿ ڪيائين (1). ميان نور محمد ڪان پوءِ ميان غلام شاهه، جسڪاڻين کي شڪست ڏيئي، 1769ع ۾ ديره غازي خان تائين ملڪ فتح ڪيو (2).

ملتان ڪان سواءِ اڳوڻي بهاولپور رياست به سنڌ جي حڪومت جو حصو رهي آهي (3). جڏهن سن (720هه) ۾ ملڪ غازي خان، سنڌ ۽ ملتان مان لشڪر گڏ ڪري، دهليءَ تي حملو ڪيو، تڏهن هن خسرو خان جي حڪومت جو خاتمو آندو، ۽ غياث الدين تغلق، شاهه جي لقب سان تخت تي ويٺو. ان وقت سومرن، هن جي غير حاضريءَ جو فائدو ورتو، ۽ آزاديءَ جو اعلان ڪيائون (4). پنجاب گزيٽيئر مطابق، سومري حاڪم همير جو تخت گاهه، "پتڻ پور" نالي شهر ۾ هو، جنهن جا ڦٽل دڙا "پتڻ منارا" جي نالي سان، صادق آباد ڪارداريءَ ۾ موجود آهن (5). هي دڙا رحيم يار خان ڪان پنج ميل اوڀر طرف هاڪڙا نديءَ جي ڪناري تي آهن.

محترم عبدالله ورياه لکي ٿو:

"ڏهين صدي عيسويءَ ۾ سومرن پتڻ کي نئين سر آباد ڪيو ۽ هڪ ڊگهو عرصو سندن گاديءَ جو هنڌ رهيو. سومرن جي بادشاهيءَ جو آخري حڪمران همير سومرو هو. هن جي حڪمراني برهمڻ آباد، اروڙ ۽ پتڻ تي به هئي، جنهن ڪان سمن، بادشاهي ڦري ۽ همير مارجي ويو. ان ڪان پوءِ جيڪي سومرا هتي رهندا هئا، اهي بلوچن جي هڪ قبيلي سان گڏجي ويا ۽ گورچاڻي سڏجڻ لڳا. جيڪي هينئر ديري غازي خان ضلعي جي هرند علائقي ۾ رهن ٿا" (6).

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

(1)*Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* Op. Cit. p. 200.

(2) Ibid, p. 407.

(3) Ibid, p. 398.

(4) Ibid, p. 406.

(5) Ibid Op. Cit. p. 407.

(6) محترم عبدالله ورياه هي ڦٽل آثار 30 ڊسمبر 1979ع تي ڏٺا هئا. ڏسو: عبدالله ورياه: مقالو "پتڻ منارو". ششماهي سنڌي ادب. جلد 5. نمبر 1. ڄام شورو. سنڌ يونيورسٽي. انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي. 1981ع. ص 139.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

" پٽڻ مناري جا کنڊر ضلعي ٻهاولپور ۾ آهن، ۽ اهو شهر جنهن ۾ شاهي منارو هو سو هاڪڙي درياءَ جو مکيه پٽڻ هو. اهو شهر سومرن جي حڪومت ۾ هو، ۽ اُتي سومرن جي گهراڻي مان هڪ حڪمران مستقل طور رهندو هو" (1).

ارغونن جي زماني ۾، شاهه حسين ارغون، بابر جي وزير خليفي نظام الدين جي ڌيءَ سان شادي ڪئي. بابر شاهه حسين کي ملتان تي قبضي ڪرڻ جي دعوت ڏني. شاهه حسين پهرين اُچ تي قبضو ڪيو ۽ پوءِ ملتان تي قبضو ڪري، خواجه شمس الدين کي پنهنجو نائب مقرر ڪري، ٺٽي موٽي آيو (2).

پنجاب گزيٽيئر جو مؤلف لکي ٿو ته سنڌ جا ڪلهوڙا (عباسي) ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويا. انهن مان جيڪي سنڌ جا حڪمران رهيا انهن پاڻ کي ڪلهوڙا سڏايو، ۽ اهي جيڪي دائود خان جو اولاد هئا ۽ ٻهاولپور جي حڪومت جو پايو وڌو هئائون، تن پاڻ کي دائودپوٽا سڏايو.

دائود خان جا هڪ پٽ پٺيان محمود خان، محمود خان اول، امير دائود خان دوم جاءِ نشين ٿيا. ڪلهوڙا ۽ دائودپوٽا دائود خان دوم جي زماني ۾ هڪ ٻئي کان هميشه لاءِ الڳ ٿيا (3).

ميان نور محمد ڪلهوڙي شڪارپور مان صادق محمد خان کي هڪالي ڪڍيو ۽ هن جي پٺيان لشڪر موڪليائين. هو ديري غازي خان ضلعي ۾، بيٽ- ديبلي ڏانهن روانو ٿيو؛ اُتان پوءِ ڪيس اُچ جي بخاري ۽ گيلاني مخدومن دعوت ڏيئي گهرايو. هو بيٽ - ديبلي ڇڏي اُچ آيو (4).

1739ع ۾ نادر شاهه حملو ڪري سنڌ کي ٽنهي سردارن ۾ ورهايو؛ خدا يار خان عباسيءَ کي شاهه قلي خان جو لقب ڏيئي ٺٽو ۽ ٻيا محل ڏنائين.

امير صادق محمد خان کي شڪارپور پرڳڻو، لاڙڪاڻو، سيوستان، چتار،

---

(1) نبي بخش خان بلوچ ڊاڪٽر: سومرن جو دؤر، حيدرآباد سنڌ، سنڌي ادبي بورڊ، 1980ع.

(2) *Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* Op. Cit. p. 417.

(3) Ibid, p. 424.

(4) *Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* (Pakistan) Op. Cit. p. 425.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

چودري ۽ دراوڙ جا علائقا ڏنائين. جيڪي هن وقت بهاولپور ۾ اچي وڃن ٿا. محبت خان کي بلوچستان سان لڳ. سنڌ جو الهنديون حصو ڏنائين (1).

نادر شاهه جي وڃڻ کان پوءِ خدا يار خان ڪلهوڙي شڪارپور تي ڏهين ربيع الاول 1159ع ھہ (1746ع) تي حملو ڪيو. هن معرڪي ۾ امير صادق محمد خان مارجي ويو.

1761ع ميان غلام شاهه ڪلهوڙي بهاولپور تي حملو ڪيو چو تہ اُتي جي نواب، ميان عطر خان (غلام شاهه جي ڀاءُ) کي پناهه ڏني هئي. غلام شاهه ڳڙهي اختيار خان تائين ڪاهي ويو، پر پوءِ واپس موٽي آيو (2).

1224ھہ (1809ع) ۾ فضل علي هالائي ۽ اسلام خان ڪيهرائيءَ خيرپور جي مير سهراب خان کي ڀڙڪايو تہ هو پنهنجا علائقا بهاولپور جي حاڪم کان واپس گهري. حيدرآباد جي مير غلام علي خان 1812ع ۾ نواب تي حملي ڪرڻ لاءِ خيرپور جي واليءَ کي فوج ڏني. هن سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ڀاڙه، جا پرڳڻا فتح ڪيا. اهڙيءَ طرح مير سهراب خان اوڀر طرف جيسلمير جي ريگستان علائقي تائين ملڪ فتح ڪيو. پر پوءِ مير نصير خان ۽ نواب ولي محمد خان لغاريءَ ڏرين ۾ ناهه ڪرايو، جنهن موجب مير سهراب خان پنهنجو لشڪر واپس گهرايو. پر صاحبزاده رحيم يار خان يرغمال طور لشڪر سان گڏ موڪليو ويو (3).

1225ھہ (1810ع) ۾ مير سهراب خان بهاولپور جي سرحدن تي حملو ڪيو. 1226ھہ ۾ مير سهراب خان جي فوج 'صادق ورند بستي' (صادق آباد) جي ويجهو 'ڪوٽ ٻنا' تي قبضو ڪيو. 1342ع ۾ سبزل ڪوٽ ۽ ڀنگ ڀاڙه جا پرڳڻا جيڪي 1808ع ۾ خيرپور جي حاڪم فتح ڪيا هئا، سي انگريزن ميرن کان فتح ڪيا ۽ سرچارلس نيپيئر اهي خطا بهاولپور جي نواب جي حوالي ڪيا (4).

ملتان جي هڪ عالم علامہ عتيق فڪريءَ، ملتان شهر جي تاريخي احوال ۾ هڪ نئين بحث جو آغاز ڪيو آهي. هو لکي ٿو:

(1)*Extracts from the District & States Gazetteers of Punjab* (Pakistan) Op. Cit. p. 426.
(2) Ibid, p. 424.
(3) Ibid, p. 441.
(4) Ibid, p. 440.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اڪثر مورخن ۽ جاگرافيءَ جي ماهرن هن ڳالهہ جي وضاحت ڪئي آهي تہ سنڌ ۽ ملتان هڪ وسيع علائقي جو نالو آهي. اڄ جنهن شهر کي ملتان سڏيو وڃي ٿو ان جو قديم پراڻن ۾ نالو "ڪيشپ پوري" هو، جو غالباً ان زماني جي مشهور "راجا هرٽيہ ڪيشپو" (1) جي نالي سان سڄاتو ٿي ويو. ان کان پوءِ "هرٽيہ ڪيشپو" جي مارجي وڃڻ کان پوءِ، ان جو پٽ ڀڳت پرهلاد سلطنت جو مالڪ بڻيو، تڏهن هن شهر جو نالو "هلادپوري" رکيو ويو. ڪن مؤرخن هن جو قديم نالو "ٻاڳ پور" لکيو آهي. ان کان پوءِ هن کي "سامب پوره" پڻ سڏيو ويو. پراڻن مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪرشن اوتار جي پٽ سامب، جو جام ونتيءَ جي بدن مان پيدا ٿيو هو، سو پنج هزار سال اڳ هت آيو هو، ۽ هن شهر جو بنياد رکيو هئائين. ليڪن اها راءِ درست نہ آهي- ڇو تہ هي شهر اڳ ۾ ئي آباد هو، پر سامب جي اچڻ ڪري هن جو نالو "سامب پوره" رکيو ويو. ان کان اڳ هن کي "مترون" چوندا هئا. هن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ هن شهر جو اصلي نالو ملتان يا "مولستان نہ هو" (2).

مولستان ڪنهن شهر جو نالو نہ هو. بلڪ هڪ سرزمين جو نالو هو، جنهن جي حدن ۾ هڪ لک ڳوٺ شامل هئا. جنهن جون سرحدون هڪ طرف ڪشمور يعني مغربي ملتان ۽ ٻئي طرف اوپر ۾ لاهور کان بہ اڳتي جالنڌر تائين ۽ ڏکڻ ۾ بيڪانير تائين هيون. ملتان کي اسماعيلي داعين جي اوائلي ڪتابن ۾ "مولستان" سڏيو ويو آهي.

هن سلسلي ۾ عتيق فڪري صاحب مولانا سليمان ندويءَ جو حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"ملتان مان مراد هڪ شهر نہ آهي، بلڪ سڄو صوبو آهي، جو ڪنهن زماني ۾ هڪ پوري رياست بلڪ سلطنت هو" (3).

(1) اسماعيلي داعين، هن شهر جو نالو هرٽاڪس ڄاڻايو آهي.

(2) عبدالحميد عتيق فڪري: *العتيق العتيق*، بهاولپور، سرائڪي ادبي مجلس، 1971ع، ص 9.

(3) عبدالحميد عتيق فڪري: ايضاً، ص 10.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

پر سيد سليمان ندويءَ هن طرح لکيو آهي:

"عربن هن شهر (ملتان) تي پهرين صديءَ هجريءَ ۾ قبضو ڪيو. ان وقت کان وٺي محمود غزنويءَ جي زماني تائين هتي عربن جو قبضو هو. شروع ۾ سنڌ جي ٻين شهرن سان گڏ ملتان به دمشق جي اموي خاندان جي زير تسلط هو. ٽين صديءَ هجري ڌاري ملتان سنڌ کان الڳ، آزاد حڪومت جي حيثيت ۾ رهيو، ۽ هڪ مستقل حڪومت جي حيثيت ۾ خودمختيار رهيو.

هت ملتان مان مراد فقط شهر نه آهي پر پورو صوبو آهي، جو ڪنهن زماني ۾ هڪ رياست بلڪ هڪ سلطنت هو. مصر جي وزير مهلبيءَ، چوٿين صديءَ هجريءَ ۾ لکيو آهي ته: اُن (ملتان) جون حدون وسيع هيون: اولهه ۾ مڪران، ڏکڻ ۾ منصوره (سنڌ) تائين هيون. اُن زماني ۾ هڪ لک ويهه هزار ڳوٺ هن سلطنت ۾ شامل هئا" (1).

سيد سليمان ندويءَ جي راءِ مان اهوئي ثابت ٿو ٿئي، جيئن مٿي چچنامي جي حوالي سان بيان ڪيو ويو آهي، ته ملتان فقط هڪ شهر نه، بلڪ هڪ صوبو هو، جو سنڌ ملڪ جو هڪ حصو هو. هن نتيجي کي سيد صاحب جي هن راءِ مان مدد ملي ٿي. سيد صاحب ابن خردازبه (250هه / 864ع) جي ڪتاب، "المسالڪ و الممالڪ" مان حوالو ڏيندي لکي ٿو:

"اهل عرب بلوچستان کان وٺي گجرات تائين سڄي ملڪ کي سنڌ سمجهندا هئا. چنانچه انهيءَ سنڌ ملڪ ۾ جيڪي شهر اچي ٿي ويا سي هي هئا: ڪيڪان، پنبه، مڪران، ميد، قنذار، خزدار، قندابيل، ارمابيل، ديبل، ڪنبيات، ساوندري، ملتان ۽ ٻڙوچ" (2).

هن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته "ملتان قديم سنڌ ملڪ جو هڪ صوبو هو، جنهن جي گاديءَ جو هنڌ ملتان شهر هو. هن سلسلي ۾ مسعودي (303هه/915ع) لکي ٿو:

"ملتان ۽ منصوره کان سواءِ سنڌ ۽ اُن جي آس پاس عربن جون ٻيون به

(1) سيد سليمان ندوي؛ عرب و هند ڪي *تعلقات*، ڪراچي، ڪريم سنز پبلشر، 1971ع، ص 304.
(2) ايضاً، ص ص 24 ۽ 34.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ننڍيون رياستون هيون" (1).

ابن حوقل (331هه -358هه/ 943ع- 968ع) جڏهن برصغير جي سفر تي آيو هو ۽ هن ملڪ جا نقشا تيار ڪيا هئائين، تڏهن هن سنڌ جو پڻ نقشو تيار ڪيو هو، جو غالباً سنڌ جو پهريون نقشو هو. هن گجرات کان وٺي سيستان تائين آبادين جا محل وقوع ڏنا آهن. هن ملتان کي سنڌ جو هڪ شهر ڏيکاريو آهي (2). اهڙيءَ طرح اصطخريءَ (340هه 951ع) پڻ ملتان کي سنڌ جو هڪ شهر بيان ڪيو آهي (3). ابن خردازبه (211هه - 300هه / 826ع - 912ع) جنهن جو حوالو سيد سليمان ندويءَ ڏنو آهي، ان پنهنجي مذڪور ڪتاب ۾ ملتان کي سنڌ جو هڪ شهر لکيو آهي (4). ساڳيءَ طرح البيرونيءَ، ڪتاب الهند ۾، ملتان کي سنڌ ۾ شمار ڪيو آهي. البيروني جي بيان مان اٿين ٿو ثبوت ملي ٿو ته ملتان وارو خطو پڻ سنڌ ۾ شامل هو (5).

دراصل سمجهڻ هيئن کپي ته، جيئن راءِ گهراڻي جي زماني ۾ ملتان وارو خطو، سنڌ ملڪ جو هڪ صوبو هو، تيئن عربي حڪومت جي زماني ۾ به انتظام جي آسانيءَ لاءِ سنڌ ملڪ کي ٻن آزاد رياستن ۾ ورهايو ويو هو، جن مان هڪ ملتان رياست هئي، جنهن جو تخت گاهه ملتان هو، ۽ ٻي منصوره رياست هئي. جنهن جو تخت گاهه منصوره هو، پر ٻنهي رياستن جي مرڪزي سرڪار هڪ ئي هئي. هن سلسلي ۾ مسعودي (وفات 346هه / 957ع) لکي ٿو:

> ملتان جي سرحد جو حڪمران قبيلو قريش جي هڪ شاخ اسامه بن لوي بن غالب جي خاندان سان تعلق رکندو هو. منصوره جو حاڪم به قريش قبيلي جي هڪ شاخ هبار بن اسود جي نسل مان هو.
>
> "منصوره ۽ ملتان ٻنهي علائقن جا حاڪم قديم زماني کان موروثي

---

(1) سيد سليمان ندوي؛ عرب و هند کي *تعلقات*، حوالو ڏنو ويو آهي ص 39.

(2) ايضاً، ص 39.

(3) ايضاً، ص 38.

(4) ابن خردازبه؛ *المسالک و الممالک*، اردو ترجمو، هندستان عربون کي نظر مين، جلد اول، اعظم گڑهہ، دارالمصنفين، 1960ع، ص 16.

(5) Sachau,, *Alberuni's India*, Vol: I, pp 8-9.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

طور حاڪم هليا ايندا آهن" (1).

عتيق فڪري، جنهن اها دعوي ڪئي هئي تہ مولستان جون سرحدون قديم سنڌ ملڪ واريون هيون، پنهنجي راءِ تي ٻيهر غور ڪري لکي ٿو:

"هن مختصر بيان مان ملتان جي باري ۾ هيءَ ڳالهہ واضح ٿي تہ هي نالو قديم زماني ۾ هڪ وسيع علائقي تي رکيل هو. اهڙيءَ طرح سنڌ جي باري ۾ بہ گهڻيون ئي ڳالهيون مشهور آهن. ليڪن تحقيقي طور تي جيڪو نالو هن ڏانهن منسوب ڪيل آهي ۽ تاريخن ۾ جيڪو ڪجهہ بيان ٿيل آهي، ان جو خلاصو هي آهي تہ قديم ويدڪ زماني ۾ هن کي سنڌ جي نالي سان ياد ڪيو ويندو هو. ڇاڪاڻ تہ نديءَ کي سنڌو سڏيو ويندو هو. انهيءَ ڪري هن علائقي جو نالو پڻ سنڌ پئجي ويو، ۽ درياءِ سنڌ جي ٻيءَ پر جي ڏاکڻين علائقي وارو ملڪ ۽ قدري مغربي علائقو سنڌ شمار ٿيندو هو. مگر هاڻ صورتحال ڪجهہ ٻيءَ طرح آهي، ورنہ ڪنهن زماني ۾ شڪارپور وغيره بہ ملتان ۾ شمار ٿيندا هئا، ۽ اڄ ڏينهن تائين بمبئيءَ ۾ شڪارپورين کي ملتاني چوندا آهن" (2).

هن سڄي بحث مان نتيجو هي ٿو نڪري تہ ملتان وارو علائقو سياسي طور راءِ گهراڻي جي حڪومت جي زماني کان وٺي ارغونن جي حڪومت ۾ 1528ع تائين، سنڌ جي حڪومت جي ماتحت رهيو آهي. انهيءَ ساري عرصي دوران ٻهرين اروڙ ۽ پوءِ عربن جي حڪومت ۾ ديبل، منصوره ۽ پوءِ ملتان گهڻو عرصو قديم سنڌ جي مرڪزي حڪومت جو تخت گاهہ هو. پر ساڳئي وقت ملتان جو شهر، ملتان صوبي جو مرڪزي شهر هو. هن بيان مان اهو بہ واضح ٿئي ٿو تہ نو سؤ سالن واري عرصي دوران قديم سنڌ ۾ ملتان جي حيثيت هڪ صوبي جي هئي. ملتان، ديبل، بکر ۽ سيوهڻ علمي، ادبي، ثقافتي ۽ واپاري شهر هئا. هنن شهرن ۾ وڏا وڏا ماهر، اديب، عالم، شاعر، فنڪار ۽ ڪاريگر رهندا هئا.

---

(1) مسعودي: *مروج الذهب و معاون الجوهر*، اردو ترجمو، *هندستان عربو کي نظر مين*، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 258.

(2) عبدالحميد عتيق فڪري: *العتيق العتيق*، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 10.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سياسي اثر ۽ سنڌ جي حاڪمن جي حڪومت سبب ڪيترائي سنڌي قبيلا لڏي هن طرف اچي آباد ٿيا. هن سلسلي ۾ پتڻ مناري جي آثارن تي تحقيق ڪندي محترم عبدالله ورياه ڪي ڪيترائي سنڌي قبيلا هن خطي ۾ آباد ٿيل نظر آيا ۽ مليا. ورياه صاحب لکي ٿو:

”بندور پتڻ کان تي ميل اولهه طرف آهي، جيڪو پتڻ جي بادشاهيءَ جو قيدخانو هو. ان جاءِ تي اڄ به هڪ بستي ’بندر‘ جي نالي سان سڏجي ٿي جنهن ۾ سماٽ قوم جي ورياه ذات جا ماڻهو رهن ٿا. بندور جي پرسان هڪ ٻي بستي ’ٽبي لاڙان‘ سڏجي ٿي، جنهن ۾ هڪ ذات ’لاڙ‘ نالي سڏجي ٿي، اهي ’ورياه‘ ۽ ’لاڙ‘ اصل سنڌ جي علائقي جا رهندڙ آهن ۽ اڄ تائين انهن کي ڄام جي لقب سان سڏيو وڃي ٿو. انهن جو تعلق اڄ به سنڌ ٻين ذات وارن سان آهي، جيڪي سنڌ جي اندروني علائقن ۾ رهن ٿا. سنڌن ريتون رسمون ۽ رهڻي ڪهڻي اڄ به سنڌي انداز جي آهي، سنڌن ٻوليءَ ۽ لباس تي علائقي جو اثر ٿيو آهي. پوري بهاولپور رياست ۾ اهڙيون گهٽيون ذاتيون رهن ٿيون، جن جو اصل نسل سنڌ جو آهي. اڄ به سنڌن لباس ۾ سنڌي جهلڪ واضح طور نظر اچي ٿي. انهن ۾ اجرڪ جو استعمال عام آهي. سنڌن شاديءَ جي رسمن ۾ اڄ به سنڌي گيچ ڳايا ويندا آهن. اهو سڀ ڪجهه ان ڪري ٿيو جو هن خطي تي قديم زماني کان سنڌ جو اقتدار رهيو، ۽ سنڌي قبيلا اتي آباد ٿيندا ويا، جن مان ڪي ذاتيون پنهجو پاڻ برقرار رکيو اچن، ۽ ڪي اتي جي قبيلن ۾ ضم ٿي ويون، پر سنڌن پراڻيون ذاتيون ۽ نالا اڄ به قائم آهن“ (1).

اُن زماني ۾ ملتان مان مراد ”سنڌ“، ۽ ملتانيءَ مان ’سنڌي‘ ورتي ويندي هئي، يعني ملتان يا ملتاني معنيٰ سنڌ يا سنڌي هو. ملتان يا ملتانيءَ مان اهو تصور نٿي ورتو ويو، جيئن اڄ ورتو ويندو آهي. ان وقت شيخ الاسلام جو فرزند شيخ صدرالدين ’سنڌيءَ‘ جي لقب سان سڃاتو ويندو هو (2).

**(ج) مذهبي ناتا:** ملتان واري ايراضي، ملتان ۽ اُچ سان سنڌ جا روحاني

(1) عبدالله ورياه: مقالو ”پتڻ منارو“ ششماهي سنڌي ادب رسالو، جلد5، نمبر 1، ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، 1981ع، ص 138.

(2) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، ص 353.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

رشتا پڻ رهيا آهن. قديم زماني ۾ ملتان ۾ سورج ديوتا جو وڏو مندر هوندو هو. انهيءَ ڪري ملتان کي مول استان يعني سورج ديوتا جي جاءِ يعني آستان چيو ويندو هو (1). هت برصغير جي ڏار ڏار حصن کان لکن جي تعداد ۾ جاتري ايندا هئا.

هي شهر (ملتان) قديم سنڌ جو علمي، ادبي، روحاني مرڪز ۽ خاص قسم جي مشرقي ۽ اسلامي ثقافت جو علمبردار رهيو آهي. عربن جي ابتدائي دؤر کان وٺي ارغونن جي دؤر يعني سورهينءَ صديءَ تائين قديم سنڌ ۾ ڪئين اوليا، عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا. ناصرالدين قباچه جي حڪومت جي زماني (602هه / 1205ع - 625هه / 1227ع) ۾، ملتان اسلامي تبليغ، ۽ سنڌ ملڪ ۾ علم دينيات جو وڏو مرڪز هو (2).

سومرن جي راڄ ۾ (ناصرالدين قباچه جو زمانو)، ملتان ۾ شيخ الاسلام شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جي سن 578هه (1182ع) ۾ ولادت ٿي. هن ئي دؤر ۾ اسماعيلي داعي پير شمس سبزواري ملتانيءَ (1065ع / 560هه - 1176ع / 675هه) ۾ اسماعيلي عقيدي جو قديم سنڌ (اُچ ۽ ملتان)، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ پرچار ڪيو. پير شمس کان پوءِ پير نصيرالدين، پير شهاب الدين ۽ پير صدرالدين، ملتان، اُچ، ۽ آسپاس واريءَ ايراضيءَ ۾ رهي، اسماعيلي عقيدي جي تبليغ ڪئي. هنن بزرگن جي پرچار جو دائرو سنڌ جي لاڙ واري حصي کان سواءِ، اوڀر ۾ ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ بيڪانير، جئپور وغيره تائين ڦهليل هو. پير صدرالدين پنهنجي هڪ ڪلام ۾ ملتان کي مولستان سڏيو آهي.

اسماعيلي ۽ غوثي بزرگن جي فيض ۽ برڪت سان ملتان روحاني علم ۽ فيض جو مرڪز بنجي ويو. وقت جا حڪمران سندن عقيدتمند هئا. اميرن ۽ سردارن کان سواءِ سڄيءَ قديم سنڌ ۾ هزارن جي تعداد ۾ ۽ عام ماڻهو به سندن پوئلڳ هئا. انهيءَ جو نتيجو اهو نڪتو جو ملتان سنڌ جو نه فقط سياسي مرڪز يا دارالحڪومت هو، پر هي شهر سنڌ جو روحاني مرڪز پڻ بنجي ويو. شيخ الاسلام غوث بهاءُ الحق جي حياتيءَ ۾ سندن حضور ۾، يا سندن وفات (661هه / 1262ع)

(1) محمد بشير احمد ظامي: *عهد هائي قديم مين سرائڪي زبان*، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 25.

(2) مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، ص 337.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪان پوءِ سنڌن عرس مبارڪ جي موقعي تي لکن جي تعداد ۾ سنڌن مريد، پوٺلڳ ۽ خادم سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ مان ڪهي، ڪي اٺن تي نه ڪي پيرين پند نعرا هڻندا، ضربون لڳائيندا، زيارت جي شرف حاصل ڪرڻ لاءِ ملتان پهچندا هئا. ست سئو سالن کان به وڌيڪ عرصي گذرڻ جي باوجود اڄ به اهو دستور قائم آهي. اڄ به ملتان لکن جي تعداد ۾ سنڌين لاءِ روحاني فيض جو مرڪز آهي. اڄ به هر روز، هر هفتي، هر مهيني ۽ عرس جي موقعي تي هر سال زيارت ۽ فيض لاءِ سنڌ مان قافلن جا قافلا، ٻچن ٻارن سميت ملتان ڏانهن ويندي ڏسبا آهن، ۽ غوث پاڪ جي درگاهه جي ديدار لاءِ يا سجاده نشين وٽ دعائن پنڻ لاءِ ويندا آهن. اهڙن سيني پانڌيئڙن يا جاتين کي سنڌ ۾ 'ملتاني فقير' يا 'ملتاني جاتي' سڏيندا آهن.

اهوئي سبب آهي جو ملتان شهر يا ان جي آس پاس واري ايراضيءَ ۾ سنڌي زبان جو اثر پراڻي زماني کان قائم رهيو آهي. انهيءَ ڪري ئي عرب سياح اصطخريءَ (951ع) ۾ لکيو آهي ته:

"ملتان هڪ وڏو شهر آهي. ملتان جا اڪثر ماڻهو فارسي ۽ سنڌي ڳالهائين ٿا، ۽ انهن سان گڏ منصوره جي رهاڪن وانگر عربي پڻ ڳالهائيندا آهن."(1).

هن شهر (ملتان) ۽ هن ايراضيءَ ۾ سنڌي زبان جي اثر جو هڪ وڌيڪ ثبوت هي به آهي ته غوث بهاءُ الحق بزرگ جي درگاهه جو سجاده نشين قبلي مخدوم سجاد حسين قريشي سنڌ کان آيل پنهنجن مريدن سان سنڌي زبان ۾ به ڳالهائيندا آهن (2).

شيخ الاسلام جي درگاهه کان سواءِ اُچ ۽ بهاولپور ۾ پڻ ڪي درگاهون آهن، جتي سنڌ مان هر سال لکن جي تعداد ۾ ماڻهو ويندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح ملتان، اچ ۽ انهي ايراضيءَ مان ڪي بزرگ لڏي سنڌ ۾ اچي رهيا.

هن بيان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ملتان سياسي طرح ته موجوده سنڌ

---

(1) اصطخري: *المسالک الممالک*، ترجمو: *هندستان عربون کي نظر مين*، جلد اول، ص 375.

(2) قبلي مخدوم صاحب جن وٽ سال 1975ع ۾ عرس مبارڪ جي موقعي تي سنڌن مهمان ٿي رهڻ جو مون کي شرف حاصل ٿيو. پاڻ قرباڻتا انسان آهن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

صوبي کان هن وقت ٻاهر آهي، پر سماجي، ثقافتي ۽ روحاني رشتن جي ڪري ملتان ۽ سنڌ اڄا بہ ڳنڍيل آهن.

**(د) علمي ۽ ادبي ناتا:** سنڌ جي سرزمين هر دؤر ۾ علم ادب جي درس ۽ تدريس جو مرڪز رهي آهي. عرب سياحن جي سفرنامن مان واضح ٿو ٿئي تہ سنڌ ۾ عرب حڪومت جي ابتدائي دؤر ۾، يعني سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ واري زماني ۾ علم ادب جو چرچو هو. عرب سياحن سنڌ جي عالمن کي علم نجوم، علم منطق، علم رياضي، علم طب، ۽ فلسفي جي علمن ۾ ماهر ڄاڻو. هن سلسلي ۾ جاحظ (864ع)، يعقوبي (900ع)، بشاري مقدسي (950ع)، قاضي صاعد اندلسي ۽ اصطخريءَ جا بيان دليل طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

عربي دؤر حڪومت ۾ سنڌ ۾ ڪيترائي عالم، فاضل، مؤرخ، محدث، اديب ۽ شاعر پيدا ٿيا. غازي محمد بن قاسم جي فتح کان پوءِ ديبل جو شهر ٿوريءَ مدت اندر علمي ۽ ادبي مرڪز بنجي ويو. اهو اثر جيئن پوءِ تيئن وڌندو ويو. ناصرالدين قباچہ جي حڪومت وارو زمانو ادب نوازيءَ جو زمانو هو. نہ فقط سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ علمي ۽ ادبي شوق وڌيو، پر بالائي سنڌ ۾ ديني تعليم جا مدرسا کليا، قرآن ۽ حديث جي تعليم جو پرچار ڪيو ويو.

ناصرالدين قباچہ جي حڪومت جي زماني ۾ اسلام جي مبلغن، ٻڌمت جي پرچارين وانگر، سنڌ جي نومسلم مريدن کي اسلام جا اصول سنڌن مقامي زبانن ۽ لهجن ۾ سمجهايا. انهيءَ ڏس ۾ اسماعيلي فرقي جي داعين وڏو ڪم ڪيو. انهن اسلام جا اصول منظوم ڪلام جي صورت ۾ بيان ڪيا. انهيءَ منظوم ڪلام کي هنن ”گنان“ سڏيو. پير شمس ملتاني، پير شهاب الدين ۽ ڪائنن پوءِ پير صدرالدين، پير حسن ڪبيرالدين، پير تاج الدين ۽ پير امام شاهہ، ملتان، اُچ، سنڌ ۾ ڪوٽڙي الهہ رکيو شاهہ، شاهبندر، ٺٽي، جوڻ، فتح باغ، ڏنڊي، ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات ۽ بيڪانير، جوڌپور ۽ ٻين هنڌن جي نومسلم مريدن لاءِ سرائڪي (ملتاني، اُچڪي ۽ بهاولپوري)، ڪڇي ۽ لاڙي لهجن توڙي گجراتي ۽ هندي زبانن ۾ ”گنان“ چيا، انهيءَ لاءِ تہ جيئن هو پنهنجي نومسلم مريدن کي سندن ٻولين ۾ اسلام جو مفهوم آسانيءَ سان سمجهائي سگهن. هنن نہ فقط منظوم

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڪلام جوڙيو. پر مقامي ٻولين ۾ مسجع ۽ مقفيٰ نثر جي ننڍن ننڍن جملن ۾ دعائون پڻ ترجمو ڪيائون. انهيءَ لاءِ ته سنڌن نومسلم مريد اهي آسانيءَ سان ياد ڪري سگهن. انهن داعين پاڻ تي مقامي نالا رکيا ۽ مقامي ماڻهن جهڙو لباس پائڻ لڳا. انهيءَ ڪري هنن جي پهچ عوام تائين ٿي ويئي. ۽ کين تبليغ ڪرڻ ۾ گهڻي آساني ٿي ۽ هزارن جي تعداد ۾ بهاولپوري، ملتاني، اُچي، لاڙي، ڪڇي، گجراتي ۽ ڪاٺياواڙي ماڻهو سنڌن پرچار هيٺ مسلمان ٿيا.

ناصرالدين قباچه جي حڪومت جي زماني ۾ سنڌ ۾ علم ادب جي ترقيءَ جو دؤر هو (1). هن جي 22 سالن جي حڪومت جي زماني ۾ اُچ، ملتان، بکر، سيوهڻ ۽ ديبل علم ادب جا مرڪز هئا. انهن شهرن ۾ مدرسا کليا. هن دؤر ۾ ترڪستان، عراق، خراسان، افغانستان ۽ ايران کان عالمن ۽ فاضلن جي اچڻ ڪري علم ادب جي محفل گرم رهي.

هي دؤر شيخ الاسلام شيخ بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جو دؤر هو. هن دؤر ۾ سنڌ جا محدث، فقيه، عالم ۽ فاضل نه صرف برصغير ۾ مشهور هئا پر پوري اسلامي دنيا ۾ سنڌن شهرت هئي. انهيءَ ڪري انهن پري پري وارن مسلم ملڪن کان اچي سنڌ کي پنهنجي فيض سان نوازيو.

هن دؤر ۾ اُچ ۽ ملتان سنڌ جا تخت گاهه هئا. اهي ٻئي شهر (اُچ ۽ ملتان) توڙي بکر، سيوهڻ ۽ ديبل اسلامي علوم، فنون ۽ ادبيات جا گهوارا هئا. انهيءَ کان سواءِ سهروردي بزرگن جي فيض ڪري، انهن شهرن کي مرڪزي ۽ روحاني حيثيت پڻ ملي. ناصرالدين قباچه جو وزيراعظم عين الملڪ خود به هڪ وڏو عالم هو. هن جي ادب نوازيءَ جي ڪري اُچ ۽ ملتان ۾ علمي ادبي محفلن ۾ رونق وڌي. عين الملڪ، مولانا قطب الدين ڪاشانيءَ لاءِ ملتان ۾ هڪ وڏو مدرسو قائم ڪيو.

هن دؤر ۾ اُچ ۽ ملتان کان سواءِ بکر به هڪ وڏو علمي ۽ ادبي مرڪز هو. اهڙيءَ طرح سيوهڻ ۾ علم ادب جو چرچو عام هو. هن دؤر ۾ سنڌ جون بهترين ۽ بنيادي تاريخون لکيون ويون. علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفيءَ عربي

---

(1) اعجاز الحق قدوسي: *تاريخ سنڌ*، حصہ اول، ص ص 347-346.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

زبان ۾ 'منهاج المسالڪ' نالي سنڌ جي تاريخ سن 613هه / 1216ع ۾ لکي. سنڌ جي هيءَ ٻهرين بنيادي، سياسي، سماجي ۽ اسلامي تاريخ آهي، جنهن کي فارسي زبان ۾ ترجمو ڪري، ان جو نالو 'چچنامو' رکيو ويو.

بهرحال هن بيان مان نتيجو هي ٿو نڪري ته اُچ ۽ ملتان سنڌ جي تختگاهه رهڻ ڪري، سنڌ ۾ علم ادب جا مرڪز هئا، جتي سنڌ جي ڌار ڌار حصن کان توڙي برصغير کان وڏا وڏا عالم ۽ فاضل لڏي اچي رهيا.

## (هه) سرائڪي لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم:

سرائڪي لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم جي باري ۾ عجيب و غريب رايا قائم ڪيا ويا آهن. هن زبان کي مختلف دؤرن ۾ خطي وار يا ايراضي جي نالي پنهنجا ڌار دار نالا ڏنا ويا آهن. ملتان وارن هن زبان کي ملتاني ٻولي سڏيو آهي. بهاولپور وارا هن زبان کي بهاولپوري يا رياستي سڏيندا آهن، ته ميانواليءَ وارا هن کي ميانوالي ڪوٺيندا آهن. ظامي صاحب 1962ع ۾ هن زبان کي بهاولپوري- ملتاني گڏيل نالي سان متعارف ڪرايو. اهڙيءَ طرح هن وقت تائين هن زبان کي ڌار ڌار نالن سان سڃاتو ويو آهي. سيد نور علي ضامن حسيني پنهنجي ڪتاب 'معارف سرائڪيءَ' ۾ هن سلسلي ۾ لکي ٿو:

هن ٻوليءَ جا مختلف نالا آهن. شمال مغربي سرحدي صوبي وارا هن کي 'هندڪو' چون ٿا. ملتان وارا هن کي ملتاني چوندا آهن. بهاولپور وارن هن جو نالو بهاولپوري رکيو آهي. ملتان ۽ بهاولپور وارا هن جا اصلي قديم تاريخي ۽ جاگرافيائي وارث هئا. بلوچستان ۾ هن ٻوليءَ کي جتڪي چوندا آهن، مگر سنڌ وارن هن کي صحيح نالو ڏنو، جو تاريخي، علائقائي وحدت جو عڪاس به هو (1). فقط سنڌ ۾ ئي هن زبان کي سرائڪي زبان جي نالي سان سڏيو ويو، ۽ اڄ تائين ساڳئي نالي سان سڏيو ويندو آهي.

هن زبان جو سرائڪي زبان نالو سڀ کان ٻهرين سنڌ ۾ استعمال ٿيڻ لڳو. ان کان پوءِ، بهاولپور، ملتان ۽ ديره جات ۾ هرڪو هن زبان کي مجموعي طور سرائڪي زبان سڏڻ لڳو، ۽ بهاولپور، ملتان ۽ ٻين سرائڪي ڳالهائيندڙ شهرن

(1) سيد نور علي ضامن حسيني: معارف سرائڪي، ص 39.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ سرائڪي زبان جون انجمنون قائم ڪيون ويون ته جيئن هن زبان جي الڳ حيثيت مڃرائي سگهجي. هن دعوا جو وڏي ۾ وڏو دليل هي آهي ته ظامي صاحب جنهن، 1970ع ۾ 'سرائڪي زبان ڪا ارتقا' نالي ڪتاب لکيو هو، تنهن 1962ع ۾ 'بهاولپوري- ملتاني زبان و ادب' جي عنوان سان ڪتاب لکي هن زبان کي بهاولپوري- ملتاني زبان سڏيو آهي (1). هو لکي ٿو ته سنڌ ۾ بهاولپوري - ملتانيءَ کي 'سرائڪي' زبان چوندا آهن (2).

شروع ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته هن زبان جي بڻ بنياد جي باري ۾ ماهرن ڌار ڌار رايا ڏنا آهن. پنجابي زبان جا ماهر هن زبان کي پنجابي زبان جو لهجو يا شاخ ڪوٺين ٿا، سنڌ وارا هن زبان کي قديم سنڌ جي، اُترئين حصي جو لهجو (اتريون لهجو) يا شاخ قرار ڏين ٿا. ظامي صاحب جنهن، 1970ع ۾ هن زبان جي هڪ الڳ ۽ خودمختار زبان هجڻ جي دعوا ڪئي هئي، ۽ جنهن جي راءِ موجب پنجابي، ڪشميري، پشتو، گجراتي ۽ سنڌي وغيره هن زبان (ملتاني) جون شاخون يا لهجا آهن، تنهن 1962ع ۾ هن زبان کي بهاولپوري - ملتانيءَ جي نالي سان سڏيو هو. هن پنهنجي ڪتاب ۾ لکيو هو:

"ملتانيءَ کي لساني قرابت ۽ اشتراڪ جي سبب ڪري سنڌي زبان سان گهرو تعلق آهي" (3).

ظامي صاحب اڳتي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽائن جي ڀيٽ ڪرڻ کان پوءِ لکي ٿو:

"بهاولپوري- ملتانيءَ جو قديم زماني ۾ سنڌي زبان سان اصولي اشتراڪ ۽ تعلق رهيو آهي ۽ اهو تعلق ۽ اشتراڪ اڄا تائين قائم آهي. اهو پڻ ظاهر آهي ته بهاولپوري- ملتانيءَ جو جيڪو تعلق سنڌيءَ سان آهي اهو پنجابيءَ سان نه آهي"(4).

(1) محمد بشير احمد ظامي: *بهاولپوري- ملتاني زبان و ادب*، حوالو ڏنو ويو آهي، 1962ع، ص ص 29-27.

(2) ايضاً، ص 32.

(3) حوالو پهريون ص 32.

(4) حوالو پهريون ص 32.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علامہ عتيق فڪري لکي ٿو:

" هن زبان (ملتاني) کي پنجابيءَ جي شاخ قرار ڏيڻ ڪيتري قدر قابل تحسين آهي، جڏهن تہ لفظ پنجاب ڪلهہ جي پيداوار آهي، ۽ ملتان جو نالو، حدود اربع ۽ انهي حدود اربع ۾ اها ٻولي هزارين سال اڳ ڳالهائي ويندي هئي" (1).

هن سلسلي ۾ منشي عبدالرحمان سرائڪي ۽ ملتانيءَ کي ٻہ ڌار ڌار زبانون سمجهي ٿو، هو لکي ٿو:

" ملتاني ۽ سنڌي ٻئي هڪ ئي ملڪ جون ٻہ زبانون آهن. جهڙيءَ طرح سنسڪرت برهمڻ جي زبان هئي ۽ پراڪرت عوام جي ٻولي هئي، اهڙيءَ طرح سرائڪي سنڌ جي سردارن جي زبان هئي. هيءَ زبان، سنڌي زبان جي هڪ خالص ترين شڪل هئي، ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. عوام جي زبان ملتاني هئي، جا سنڌ جي اردوءِ معليٰ جي حيثيت رکندي هئي، ۽ اتر سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي. هيءَ سرائڪي زبان کان بلڪل الڳ، پنهنجي ليکي هڪ مستقل زبان هئي.

110هہ (728ع) ۾ جڏهن سنڌ، ملتان کان الڳ صوبو ٿيو، تڏهن ملتاني زبان بہ سرائڪيءَ کان الڳ ٿي، پنهنجي سر ترقي ڪرڻ لڳي. اهڙيءَ طرح ملتانيءَ کي سرائڪيءَ کان الڳ ٿيندي، تقريباً تيرهن سؤ سال گذري چڪا آهن، ۽ انهن جي وچ ۾ ڪا بہ رشتيداري باقي نہ رهي آهي" (2).

هو اڳتي هلي لکي ٿو:

"ملتاني زبان پنهنجي معمولي ردوبدل کان سواءِ پنهنجي ابتدائي زماني ۾ بحره عرب جي ساحل کان وٺي، راجپوتانا جي ريگستان جي آخري ڪناري تائين ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي. پاڪستان ۾ هيءَ زبان سڀ کان وڏي ايراضيءَ ۾ يعني هڪ لک چورس ميلن جي علائقي ۾ اٽڪل پنج لک ماڻهو ڳالهائين ٿا. هيءَ زبان ديري غازي خان، ميانوالي،

---

(1) عبدالحميد عتيق فڪري: *العتيق العتيق*، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 129.

(2) منشي عبدالرحمانؒ: *آئينہ ملتان*، ص 288.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جهنگ، ساهيوال، ملتان، بهاولپور، بهاول نگر، احمد پور شرقيه، خيرپور ۽ بلوچستان ۾ ڳالهائي ويندي آهي.

قديم تحريرن ۾ ملتانيءَ جو لفظ سڀ کان اول، زبان جي معنيٰ ۾، آئينہ اڪبريءَ ۾ استعمال ٿيو، جنهن ۾ پنجاب جي زبان ملتاني ڄاڻائي ويئي آهي، جو تہ قديم زماني ۾ پنجاب، ملتان جو هڪ حصو هو، ۽ جنهنجي زبان ملتاني زبان جي شاخ هئي" (1).

هو وڌيڪ لکي ٿو:

"جيستائين سنڌ جو تعلق آهي، خود اهل- سنڌ ملتاني زبان کي سرائڪي زبان سڏيندا آهن، جنهن جي معنيٰ سردارن جي زبان، يعني شاهي زبان، گويا ملتاني زبان سنڌ جي اردوءِ معليٰ آهي" (2).

منشي عبدالرحمان جي مٿي ڏنل طويل راءِ ۾ يڪسانيت گهٽ ۽ تضاد گهڻو آهي، نہ فقط ايترو پر سرائڪي زبان جي ٻنهي ماهرن يعني منشي عبدلرحمان ۽ محمد بشير احمد "ظامي" بهاولپوري جي راءِ ۾ بہ اختلاف آهي. في الحال منشي صاحب جي راءِ مان ڪڍيل نتيجا نظر مان ڪڍڻ ضروري آهن. هن صاحب جي راءِ مان هي نتيجا ٿا نڪرن:

**(i)** ملتاني ۽ سنڌي ٻئي هڪ ئي ملڪ جون بہ زبانون آهن.

**(ii)** سرائڪي سنڌ جي سردارن جي زبان هئي. هيءَ، سنڌي زبان جي هڪ خالص ترين شڪل هئي، ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي، پر ملتاني اُن جي برعڪس عوام جي زبان هئي، جا اردوءِ معليٰ جي حيثيت رکندي هئي، ۽ جا اتر سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي.

**(iii)** ملتاني زبان سرائڪيءَ کان الڳ، يعني پنهنجي ليکي هڪ مستقل زبان آهي.

**(iv)** جڏهن سنڌ، ملتان کان 110هه (728ع) ۾ الڳ صوبي جي صورت ورتي، تڏهن ملتاني زبان، سرائڪي زبان کان الڳ ٿي، پنهنجي سر ترقي ڪرڻ

---

(1) منشي عبدالرحمان: *آئينہ ملتان*، ص 288.

(2) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

لڳي.

(v) ملتاني زبان بحره عرب کان وٺي راجپوتانا جي ريگستان جي آخري ڪناري تائين ڳالهائي ۽ سمجهي ويندي آهي.

(vi) پنجاب جي زبان ملتاني آهي ڇو تہ پنجاب، ملتان جي ماتحت رهيو آهي، انهيءَ ڪري پنجابي زبان ملتاني زبان جي شاخ آهي.

(vii) سنڌ جا ماڻهو ملتاني زبان کي سرائڪي زبان سڏين ٿا، جنهن جي معنيٰ آهي سردارن ۽ حاڪمن جي زبان. انهيءَ ڪري لفظ سرائڪي، ملتاني زبان جو نعم البدل بنجي ويو.

(viii) هن زبان جي شروعات تڏهن کان ٿي جڏهن عرب مسلمان سنڌ مان لنگهندا، ملتان تائين پهتا، اُتان ئي هن زبان جو بنياد پيو.

منشي صاحب هڪ طرف ملتاني زبان کي عوام جي زبان ٿو ڪوٺي، ۽ اُن کي اردوءِ معليٰ ٿر سڏي، تہ ٻئي طرف ان کي سردارن جي زبان ٿو مڃي ۽ مطلب اهوئي ساڳيو يعني 'اردوءِ معليٰ' ٿو ڪڍي. ساڳئي وقت سرائڪيءَ کي بہ سردارن جي زبان ٿو سڏي. منشي صاحب ائين بہ ٿو لکي تہ اتر سنڌ ۾ ملتاني زبان ڳالهائي ويندي هئي ۽ ڏکڻ سنڌ ۾ سنڌيءَ جي خالص ترين شڪل، سرائڪي ڳالهائي ويندي هئي، جنهن کي هو سردارن جي ٻولي ٿو چوي؛ گويا هو اهو قبول ٿو ڪري تہ ملتاني ۽ سرائڪي هڪ ئي زبان هئي، جا سردارن جي زبان هئي، ۽ نہ ڪہ عام ماڻهن جي زبان. منشي صاحب اهو پڻ لکيو آهي تہ جڏهن سنڌ جي حڪومت کي ورهائي ملتان ۽ سنڌ بہ صوبا ناهيا ويا، تڏهن ملتاني زبان سرائڪي زبان کان الڳ ٿي، پنهنجي سر ترقي ڪرڻ لڳي، يعني تہ ملتاني هڪ ڌار زبان هئي ۽ سرائڪي ٻي ڌار زبان هئي. هت منشي صاحب جي، سرائڪيءَ مان مراد اها زبان آهي جا ملتان صوبي جي الڳ ٿيڻ کان پوءِ سنڌ جي باقي حصي ۾ مروج هئي. جيڪڏهن منشي صاحب جي اها راءِ درست ڪري وٺجي تہ پوءِ ميانوالي، ديري والي، رياستي (بهاولپوري) وغيره خطن جي ٻولين کي ڪهڙي ٻوليءَ سان ملائجي؟ بهرحال منشي صاحب جي اها دعوا تہ: "ملتاني زبان سڄيءَ سنڌ جي عوام جي ٻولي هئي ۽ سرائڪي ڏکڻ سنڌ جي سردارن جي زبان هئي"، تسليم نٿي ڪري

سگهجي.

تاريخن مان معلوم ٿو ٿئي ته آرين جي حڪومت جي زماني کان وٺي ويندي ناصرالدين قباچه جي زماني تائين، ۽ پوءِ ارغونن جي سنڌ تي راڄ واري عرصي ۾ يعني 1528ع تائين ملتان شهر توڙي آس پاس واري وڏي ايراضيءَ تي سنڌ جو سياسي، سماجي، تهذيبي، تمدني ۽ علمي غلبو رهيو آهي. ملتان جي پنهنجي انفرادي سياسي يا سماجي حيثيت ڪا نه هئي، پر هن سڄي ايراضيءَ جو سياسي، سماجي، ثقافتي ۽ اقتصادي دارومدار سنڌ تي هو. ملتان سنڌ ملڪ جو، ٻهرين هڪ صوبو هو، جنهن جو تخت گاهه اروڙ هو، جو هزارين سالن تائين سنڌ ملڪ جو سياسي، سماجي اقتصادي مرڪز هو. اروڙ کان پوءِ منصوره کي اها سعادت ملي. ناصرالدين قباچه جي زماني ۾ سنڌ جو تخت گاهه اُچ رهيو، ۽ پوءِ ملتان تائين تخت گاهه رهيو. نيٺ سنڌ ملڪ کي ناصرالدين محمود ٻن صوبن ۾ ورهايو.

منشي صاحب جي هيءَ راءِ ته: "بحره عرب تائين ملتاني زبان ڦهليل هئي". به هڪ ظني راءِ آهي، ڇو ته سنڌ جي حڪومت ان زماني ۾ ديبل کان وٺي ڪشمير تائين، ۽ مڪران کان وٺي سورت بندر تائين ڦهليل هئي، ايڏيءَ عظيم ۽ وسيع حڪومت ۾ هڪ زبان، ۽ ان جي هڪ يعني ساڳئي لهجي جو استعمال ۾ هجڻ، لسانيات جي اصولن ۽ لسانياتي جاگرافيءَ جي قانونن موجب قبول ڪري نٿو سگهجي، پر ايترو ضرور قبول ڪري سگهجي ٿو ته عظيم ۽ قديم سنڌ ۾ ڪا اهڙي زبان ضرور مروج هوندي، جنهنجو ناڀو هڪ ئي سگهي ٿو، پر ملڪ جي جاگرافيائي حالتن ۽ طبعي بناوتن موجب ان زبان جا ڌار ڌار لهجا هوندا، جنهنجو اروڙ کان مٿي هڪ لهجو هوندو، ڪشمير ۾ ٻيو لهجو هوندو، اروڙ کان هيٺ ٽيون لهجو هوندو، اهڙيءَ طرح ڪڇ، لس ٻيلي، جهالاوان، ڪيتران ۽ ميانوالي وغيره ۾ ان جا ڌار ڌار لهجا هوندا، جن تي خطي وار الڳ الڳ نالا هوندا.

انهيءَ اصول موجب عظيم سنڌ جي زبان جو ڌار ڌار لهجن ۾ ورهائجي وڃڻ فطرتي طور، جاگرافيائي حالتن ۽ لسانيات جي اصولن موجب، هڪ لازمي امر هو، ۽ اهو به ناممڪن هو ته جيڪو لهجو ديبل جا ماڻهو ڳالهائيندا هوندا، اهوئي لهجو ملتان يا بهاولپور وارا ماڻهو پڻ ڳائيندا هوندا؛ انهيءَ ڪري بقول ڀيرو مل؛

"ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي" (1). واري اصول موجب ٻوليءَ جي لهجن، لهجن جي اندر محاورن، ۽ محاورن اندر روزمره جي لفظن، اُچارن، اصطلاحن، ٻهاڪن ۽ چوڻين وغيره ۾ هر خطي جي حالت پٽاندر ڦيرڦار هجڻ ضروري هو. لسانيات جا ماهر ۽ شاگردن ڄاڻن ٿا ته هڪ ئي شهر اندر هڪ پاڙي کان ٻئي پاڙي جي روز مره واريءَ ٻوليءَ ۾ به فرق هوندو آهي. نه فقط ايترو پر ٻن ڀائرن جي اُچار ۽ جهيل ۾ پڻ فرق هوندو آهي. اجا به اڳتي هيءَ دعوا به ڪئي ويئي آهي ته ساڳيو ماڻهو، ساڳيو جملو ٻئي دفعي ڳالهائڻ يا اچارڻ سان ساڳئي نموني ڳالهائي نه سگهندو آهي. انهيءَ اصول تحت قديم سنڌ ملڪ جي زبان جو، مختلف خطن ۾ ڌار ڌار نموني ڳالهائجڻ، خطي وار نالن موجب سڃاڻجڻ، ضروري هو. انهيءَ فرق کي Isoglossis لهجن، محاورن ۽ روزمره ۾ تقسيم ڪري اهي نالا ڏنا آهن.

سرائڪي لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ مٿي منشي عبدالرحمان صاحب جي ڪتاب مان حوالو ڏيئي بيان ڪيو ويو آهي ته هن جي راءِ موجب: "سرائڪي سنڌ جي سردارن جي زبان هئي، ۽ جا ذڪر سنڌ ۾ ڳالهائي ويندي هئي" (2). منشي صاحب ٻئي هنڌ لکي ٿو: "سنڌ جا ماڻهو ملتاني زبان کي سرائڪي زبان سڏيندا آهن، جنهن جي معنيٰ آهي سردارن جي زبان؛ گويا ملتاني زبان سنڌ جي اردوءِ معليٰ آهي" (3). منشي صاحب جي انهن ٻنهي راين ۾ اختلاف ظاهر آهي، جنهن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي.

ملتاني ٻوليءَ جي ٻئي ماهر ظامي صاحب سرائڪي لفظ جي 1962ع ۾ هڪڙي معنيٰ ڪئي آهي ته 1970ع ۾ ٻي معنيٰ ڪئي آهي. 1962ع ۾ سرائڪي لفظ جي معنيٰ سمجهائيندي هو لکي ٿو:

"سنڌ ۾ بهاولپوري - ملتانيءَ کي سرائڪي چوندا آهن. سنڌي چوندا آهن ته سنڌ ۾ ست زبانون مروج آهن، ۽ سنڌي انهن ۾ اصل بنياد جي حيثيت ٿي رکي. هت هي معلوم ڪرڻ ضروري آهي ته سنڌ ۾ بهاولپوري- ملتانيءَ کي

(1) ڀيرو مل" سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 92.

(2) منشي عبدالرحمان: *آئينہ ملتان*. ص 288.

(3) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪي ڇو ٿا ڪوٺين، ۽ سرائڪي جو مطلب ڇا آهي؟ ديسي ۽ پرديسي محققن هن سوال جو جواب ڏيڻ کان خاموشي اختيار ڪئي آهي. ليڪن معلوم ٿيو آهي ته بهاولپوري- ملتانيءَ جو اصل ۽ ابتدائي نالو سري رامپوري هو. جيئن سري رام چندر جي نالي سان منسوب ڪري، ملتان جو نالو سري رام پور رکيو ويو هو، انهي ڪري سري رامپور شهر جي زبان، سري رامپوريءَ جي نالي سان مشهور ٿي ويئي. پر انهيءَ لفظ جي ڊيگهه ڪي روزمره واري زبان ۾ گهٽائي سري رامپوريءَ جي بدران ٻهرين سري ڪي ۽ پوءِ 'سرائڪي' چوڻ لڳا" (1).

ظامي صاحب 1970ع ۾ پنهنجي هن راءِ تي نظرثاني ڪري، پنهنجي ڪتاب 'سرائڪي زبان ڪا ارتقا' ۾ لکي ٿو:

"شري يا سري، سنسڪرت ۾ هنديءَ ۾ سردار، عالم، فاضل ۽ دانشمند وغيره جي معنيٰ ۾ مستعمل آهن. انهيءَ اعتبار کان هيءَ زبان 'سري' مان 'سري ڪيٰ' ۽ پوءِ 'سرائڪي' بني. ملتان ۽ اتي جي اصلي باشندن کي، هند ۽ سنڌ جي سيني ماٿهن تي اوليت حاصل هئي، انهيءَ ڪري ان جي زبان کي به سردارن ۽ دانشمندن جي زبان چوندا هئا، ۽ ڳالهائيندڙن جي خوبين سبب 'سرائڪي' مشهور ٿي (2).

ملتان ۽ اتي جي رهاڪن کي هند ۽ سنڌ جي سيني ماٿهن تي اوليت ڪهڙي سبب حاصل هئي، ڪيئن حاصل هئي. انهيءَ دعوا جو ظامي صاحب ڪو به دليل ڪو نه ڏنو آهي.

اڳ ۾ چيو ويو آهي ته سڄي ملڪ جو تخت گاهه اروڙ هو ۽ نه ڪ ملتان. اروڙ ۾ وقت جو بادشاهه. انجا امير ۽ وزير رهندا هئا. ملتان سنڌ جي عظيم مملڪت جو هڪ صوبائي تخت گاهه هو. تنهنڪري اوليت صوبائي تخت گاهه کي مليل هوندي يا مرڪزي حڪومت جي تخت گاهه کي؟ اوليت اُن شهر کي مليل هوندي جتي بادشاهه رهندو هوندو، جتي ٻين ملڪن جا سفير، امير ۽ حاڪم وغيره ايندا ۽ رهندا هوندا. دراصل ملتان کي جيڪا حيثيت حاصل هئي، سا سنڌ جي هڪ صوبائي شهر جي هئي. ان وقت ملتان شهر کي سنڌ کان ڌار هجڻ جو اصل تصور ئي نٿي ڪيو ويو.

---

(1) محمد بشير احمد ظامي: بهاولپوري- ملتاني، ص ص 33-32.

(2) ايضاً: *سرائڪي زبان ڪا ارتقا*، ص 45.

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ ملتان معنيٰ سنڌ ۽ ملتاني معنيٰ سنڌي، اهوئي سبب آهي جو شيخ صدرالدين جهڙو بزرگ ۽ ولي الله پاڻ کي 'سنڌي' سڏائيندو هو.

علامہ عتيق فڪري، سرائڪي نالي جي بڻ بنياد جي معنيٰ ۽ مفهوم جي سلسلي ۾ لکي ٿو؛

"سرائڪي يعني 'سارايڪي' يعني هڪ حقيقت، گويا حقيقت جي بيان جي زبان، يا هڪ حقيقت يا وحدت علم ۽ عرفان جي زبان" (1).

فڪري صاحب ٻئي هنڌ لفظ اشتقاق جي باري ۾ بيان ٿو ڪري؛

"سراڪنو نہ فقط عربن کي سڏيو ويندو هو، پر هن نالي سان عام مسلمانن کي چيو ويندو هو. ابن بطوطہ جي زماني ۾ ساڪنو يا ساراقينوس نالو مسلمانن ۽ عربن تي جاري هو. سنڌ وارن، مسلمانن سردارن کي انهيءَ نالي سان سڏيو. انهن جي گڏيل زبان کي 'سراڪنو'، 'سراڪين' يا 'سراڪ' جي صورت ۾ 'يائي نسبتيءَ' سان 'سرائڪي' چيو هجي، سنڌي هن کي سرائين جي زبان چوندا آهن (2)".

عبدالحميد راشد صاحب سرائڪيءَ کي سنڌ جي رئيسن ۽ نوابن جي ٻولي سڏڻ کي هڪ مفروضو ٿو ڪوٺي، هو لکي ٿو؛

"هڪ مفروضو هي بہ آهي تہ هيءَ زبان سنڌي اميرن جي محلات جي زبان هئي، ۽ امير ئي هيءَ زبان ڳالهائيندا هئا، انهيءَ ڪري هن جو نالو سرائڪي پئجي ويو" (3).

هو اڳتي لکي ٿو؛

"بهاولپور ۾ اڄ کان چند سال اڳ هن زبان کي رياستي يا بهاولپوري سڏيندا هئا، اهڙيءَ طرح ملتان ۾ ملتاني ۽ ديره جات ۾ ديروي" (4).

---

(1) عبدالحميد عتيق فڪري؛ حوالو ڏنو ويو آهي، ص 103.

(2) عبدالحميد عتيق فڪري؛ حوالو ڏنو ويو آهي، ص 114.

(3) عبدالحميد راشد؛ مضمون "سرائڪي زبان کا ايک جائزه". ماهنامہ قومي زبان، انجمن ترقيءَ اردو، پاڪستان، مئي 1976ع ص 38.

(4) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سنڌ جي تاريخ شاهد آهي تہ سنڌ ۾ رئيسن ۽ نوابن جو تصور مغلن دؤر کان پوءِ شروع ٿيو. ان کان اڳ سومرن ۽ سمن جون حڪومتون مقامي ماڻهن جون حڪومتون هيون (1). انهن مقامي حاڪمن جي ٻولي سنڌي هئي، جا سڄي ملڪ (راڄ) جي عام ٻولي هئي، جنهنجا ڌار ڌار لهجا ضرور هوندا هئا. پر رئيسن ۽ اميرن جي ٻولي ڌار ۽ رعيت يعني عام ماڻهن جي ٻولي ڌار هجڻ وارو تصور سنڌ ۾ مغلن جي نوابن جي اچڻ کان اڳ قائم نہ هو. اهو تصور درباري ماڻهن ۽ برهمڻڪي ذهن رکندڙن جي ايجاد آهي، جن سنسڪرت کي اُتم ٻي سمجهيو، ۽ پراڪرت کي عام ماڻهن جي ٻولي ٿي سمجهيو. سنڌ ۾ مغلن جي اچڻ کان پوءِ فارسيءَ زور ورتو ۽ 'فارسي گهوڙي چاڙهہ سين' وارو پهاڪو انهي دعوا جو دليل آهي. اهوئي سبب آهي جو جيئن سنسڪرت جون پاڙون عوام ۾ ڪڏهن نہ سگهيون، تيئن سوين سالن جي گذرڻ جي باوجود فارسي ٻولي دربار تائين محدود رهي ۽ عوامي زبان بنجي نہ سگهي، جنهن ڪري سنڌي زبان جون پاڙون ــ دائين عوام جي سينن ۾ ڪتل رهيون.

منشي صاحب جي وصف تہ؛ "سنڌ جا ماڻهو ملتاني زبان کي سرائڪي زبان سڏين ٿا، جنهن جي معنيٰ آهي 'سردارن جي زبان'. ۽ ظامي صاحب جي مٿي ڏنل راين مان اهو واضح ٿئي ٿو تہ هي ٻئي بزرگ سنڌ جي سياسي ۽ سماجي تاريخ ۽ ماحول کان گهٽ واقف آهن. ڇاڪاڻ تہ سنڌ جا مؤرخ ٻليءَ پٽ چاڻن ٿا تہ سنڌ ۾ رهندڙ سرائي قوم جي ماڻهن جي سلسلي ۾ ٻہ معنائون ملن ٿيون؛ هڪ معنيٰ موجب سرائي معنيٰ سنڌ جي اُترئين خطي جا ماڻهو (2)، ۽ ٻي معنيٰ اُتس سنڌ جي ڪلهوڙا ۽ ٽالپر حاڪمن جو غير بلوچ سردار يا معتبر (3).

سنڌ ۾ ڪلهوڙا حاڪمن پنهنجن ڪن خادمن، حاضريءَ جي ڪن غير بلوچ معتبر ماڻهن کي، سندن نمڪ حلالي ۽ بهترين ڪارڪردگيءَ جي ڪري جاگيرون ڏنيون ۽ کين سرائيءَ جو لقب پڻ ڏنو، جنهن جي معنيٰ آهي "معتبر" (4).

---

(1) ارغونن ۽ ترخانن جي حڪومت (1521ع - 1555ع) جي زماني ۾ بہ اهڙو راڄ ڪو نہ هو.

(2) نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر؛ سنڌي- اردو لغت، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع، ص 554.

(3) ايضا.

(4) ايضا، ص 554.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪيءَ لفظ جي معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ ۾ سنڌ جي طبعي جاگرافي ۽ طبعي ڀاڱا پڻ مدد ڪن ٿا. ماهرن سنڌ جي طبعي ڀاڱن کي پنجن حصن ۾ ورهايو آهي:

(i) سرو يا اُڀو، (ii) وچولو، (iii) لاڙ، (iv) ريگستان، ۽ (v) ڪوهستان. اهي ته ٿيا هاڻوڪي سنڌ جا طبعي ڀاڱا، جن ۾ هڪ ڀاڱي کي 'سرو' چون ٿا. جاگرافيءَ جي لغت موجب "سرو معنيٰ اُترين حد يا اترئين چيڙي وارو حصو، ۽ لاڙ معنيٰ هيٺيون حصو، جو سمنڊ سان ٿو ملي" (1). گريئرسن لکي ٿو:

"سرو معنيٰ اُتريون حصو، يعني سنڌونديءَ وارو اهو حصو جنهن ۾ مغربي پنجاب وارو لهندا زبان وارو حصو پڻ اچي وڃي ٿو" (2).

ڀيرومل جو رايو آهي ته:

"سِر معنيٰ 'مٿو'، ۽ 'سرو' معنيٰ مٿ يا مٿيون ڀاڱو. سنڌ جو اُتر وارو پاسو، سنڌ جو توڙي سنڌونديءَ جي وهڪ جو مٿيون ڀاڱو آهي. انهن ڪري سببن اهو 'سرو' سڏجي ٿو" (3).

سنڌي زبان جي لهجن تي پڻ جاگرافيائي حد بندين جي لحاظ کان نالا رکيل آهن، اُهو لهجو جيڪو اُتر سنڌ يعني سري واريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهائبو آهي، تنهن کي 'سرائڪي لهجو' سڏيو ويو، ۽ اهو لهجو جيڪو لاڙ ۾ مروج آهي، تنهن تي 'لاڙي لهجو' نالو رکيو ويو. گريئرسن پڻ اهائي معنيٰ ٿو ڪڍي ۽ لکي ٿو:

"سرو، لفظ مان سرائڪي ٻولي نالو نڪتو آهي، يعني اها ٻولي، جيڪا سري واريءَ ايراضيءَ ۾ ڳالهائبي آهي" (4).

گريئرسن سري لاءِ ٻيو لفظ 'اُڀو' ڪم آندو آهي. 'اُڀي' جي نسبت سان، هن خطي واري لهجي جو نالو 'اُڀيجي' (ٻولي) ڪم آندو اٿس. يعني اُها ٻولي جيڪا اُڀي واري خطي ۾ ڳالهائي ويندي آهي (5).

---

(1) ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 121.

(2) Grierson, H., "*Linguistic Survey of India*", Vol: VIII, pp. 9 & 140.

(3) ڏسو حوالو ڀهريون، ص 96.

(4) Ref: 2, Vol: VIII, p. 140.

(5) Grierson, H., "*Linguistic Survey of India*", Vol: VIII, pp. 9 & 140.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گريئرسن وڏيڪ لکي ٿو:

"سرائڪيءَ مان ۾ مفهوم نڪرن ٿا. هڪ اهو تہ سرائڪي معنيٰ سري جي سنڌي ٻولي، ٻيو مفهوم تہ سرائڪي معنيٰ اُتر سنڌ (هاٽوڪي سنڌ) يا سري ۾ مستعمل لهندا زبان" (1).

هو لکي ٿو:

"اُتر سنڌ ۾ سرائڪيءَ لاءِ اهي ٻئي مُعنائون ڪڍيون وينديون آهن (2). انهيءَ ڪري هو جڏهن سنڌ جي سرائڪيءَ جو ذڪر ٿو ڪري تہ ان کي سرائڪي- سنڌي ٿو سڏي، ۽ جڏهن لهندا جو ذڪر ٿو ڪري تہ اُن کي سرائڪي - لهندا ٿو سڏي" (3).

ڪاڪي ڀيرومل انهيءَ مونجهاري کي وڌيڪ آسان بنايو آهي. هو سنڌ جي موجوده اُترئين لهجي کي سريلي يا اُترادي سنڌي ٿو سڏي (4). انهيءَ ڪري، اُترادي سنڌي، ۽ سرائڪي ٻہ ڌار ڌار لهجا سمجهڻ گهرجن.

هاڻ جيڪڏهن ظامي صاحب يا منشي صاحب جي راءِ وزندار سمجهي، سرائڪي معنيٰ سنڌ جي سردارن جي ٻولي تسليم ڪجي تہ ٻوءِ لاڙي ٻوليءَ کي ڪهڙي درجي وارن جي ٻولي ڪونجي؟ لاڙيءَ مان ڪهڙي مراد ونجي؟ تنهن ڪري جاگرافيائيءَ لغت موجب سري ۾ مروج لهجي يا ٻوليءَ کي سري واري ٻولي يا سريلي ٻولي يا سرائڪي ٻولي چوڻ گهرجي.

هن سلسلي ۾ گريئرسن بيان ڪيو آهي تہ: "اتر سنڌ يا بالاءِ سنڌ جو مقامي نالو 'سرو' آهي. هن خطي ۾ جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، سا سنڌيءَ جو هڪ نمونو آهي، ۽ اُن زبان کي سرائڪي. يا سري واري، سڏبو ويندو آهي" (5).

ڀيرومل لکي ٿو:

"سرائڪي ٻولي معنيٰ سنڌ توڙي سنڌونديءَ جي سري يعني مٿئين ڀاڱي

(1) Grierson, H., "*Linguistic Survey of India*", Vol: VIII, pp. 9 & 140.
(2) Ibid,
(3) Ibid.

(4) ڀيرو مل: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، 96.

(5) Ref: 1.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ٻولي. سنڌ جو سرو يا اُتر وارو ڀاڱو (جيڪب آباد طرف) ٻروچڪو ملڪ آهي، تنهن ڪري اها ٻروچڪي به سڏجي ٿي. سرائڪيءَ جو ٻيو نمونو آهي 'اُپي جي ٻولي'. پنجاب جو ڏاکڻو ڀاڱو بهاولپور جي حد کان وٺي سنڌ جي اُتر واري ڀاڱي (اُباوڙي ۽ گهوٽڪيءَ طرف) تائين اُپو سڏجي ٿو. اُپو معنيٰ مٿيون پاسو (درياءَ جي وهڪ جو)، ان جو ضد آهي 'لَمو'. جنهن جي معنيٰ آهي ڏاکڻو يا هيٺيون ڀاڱو. اُپي جي ٻولي اُباوڙي، گهوٽڪي ۽ ميرپور ماٿيلي طرف چالو آهي. جتي اٽڪل ڏهه هزار ٻروچ ڪن ڪسابن کان بهاولپور کان لڏي اچي رهيا آهن. اها اُپي جي ٻولي سرائڪي، کان ڪجهه قدر ڦريل آهي" (1).

هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب 'سنڌي اردو لغت' ۾ سرائڪي لفظ جي معنيٰ هن طرح ڏني آهي:

"سرائڪي معنيٰ سنڌ جي اترئين خطي يعني 'سري' جي زبان، بهاولپور ۽ ديري غازي خان جي زبان، ملتاني، لهندا، هندڪو" (2).

سرائڪي زبان جو هڪ مبلغ سيد نور علي ضامن حسيني پنهنجي تازيءَ تصنيف 'معارف سرائڪي' ۾ لکي ٿو:

"سرائڪي لفظ 'سرو' مان نڪتو آهي، يعني درياءَ سنڌ جي سري واري زبان، سرائڪي ۽ سنڌيءَ جو ماءُ-ڌيءُ وارو تعلق، هن ڳالهه مان ظاهر آهي. سنڌي زبان جي لفظ 'سرو' کي سرائڪيءَ ۾ 'سرا' چوندا آهن" (3).

مٿئين بحث کان پوءِ هي نتيجو ٿو نڪري ته سرائڪيءَ جي معنيٰ نوابن، سردارن يا رئيسن جي ٻولي نه، پر سنڌ جي اترئين حصي جي ٻولي آهي. قديم زماني ۾ سنڌ جو اتريون حصو، جنهن ۾ ملتاني صوبو اچي ٿي ويو، ان ايراضيءَ جي ماڻهن کي سرائي، ۽ انهن جي لهجي يا ٻوليءَ کي سنڌ ملڪ جي باقي هيٺئين حصي

(1) ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 82.

(2) نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر: سنڌي- اردو لغت، حيدرآباد. سنڌ يونيورسٽي، 1959ع، ص 554.

(3) سيد نور علي ضامن حسيني: معارف سرائڪي، احمدپور شرقيه. مصطفيٰ شاهه اڪيڊمي، 1972ع، ص 40.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

وارا 'سري جو لهجو' يا سرائين جي ٻولي يعني 'سرائڪي' چوندا هئا. 'ڪي' پڇاڙي سنڌي زبان جي وياڪرڻ ۾ اڄ به رائج آهي. جيئن: جتن جي ٻوليءَ کي 'جتڪي' چئبو آهي؛ اهڙيءَ طرح 'ميمڻڪي'، 'خواجڪي'، 'رهموڪي بازار'، وغيره نالا اڄ به مروج آهن. انهيءَ لحاظ سان سرائڪي ٻولي سنڌ ملڪ جي زبان، سنڌيءَ جو هڪ اُتريون لهجو آهي.

هن ڏس ۾ محترم احسن واگها صاحب جي راءِ تي ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ ضروري آهي. هو لکي ٿو:

"The Popular Supposition that Siraiki is the name given by the Sindhis to the language of the people of 'Sera' (North) is falsified by the fact that the term is not a Sindhi word gramatically. It the term was invented in Sindhi, it would have been 'Sirai' because in Sindhi, the 'Ki' of Hindi converted into 'Ji'." (1)

مسٽر واگها اڳتي لکي ٿو:

"It is also possible that the term 'Siraiki' belongs to Siraiki language is self. The Suffix 'Ki' or 'akki' is used in Siraiki to make the proper noun of a language with reference to its speakers, such as 'Balochki' for the language of Balochies and 'Pathanki' for the language of Pathans." (2)

اهڙي ساري بحث مباحثي کان پوءِ هيءَ دعوا ڪري سگهجي ٿي ته قديم سنڌ ۾ سرائڪي ٻوليءَ جي حيثيت اهڙي هئي جيئن لس ٻيلي ۾ لاسي ٻوليءَ جي، ڪڇ ۾ ڪڇيءَ جي، مڪران خطي ۾ جدگاليءَ جي. راجڪوٽ، جهونا ڳڙه، ڪتياڻا، ڌوراجي، ڀاڻوا، پور بندر، ماناوادر، موروي‍ءَ ۾ ڪڇي ءِ ڪاٺياواڙيءَ جي. البت جيئن اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته هر لهجي اندر ذيلي شاخون يعني محاورا (Idiolects) ٿيندا آهن، جن کي خطي وار ڌار ڌار نالن سان سڃاتو ويندو آهي، جيئن ته سنڌي زبان جي هاڻوڪي اترادي لهجي ۾ شڪارپوري محاورو يا شڪارپوري ٻولي، ميل وارو محاورو يا ميل واري ٻولي، تهڙيءَ طرح لاڙ ۾ ٺٽي

1. Ahsan, Wagha, The Siraiki language Its Growth and Development, M. Phil thesis, Sulintted at the Area Study Centre, (Central Asia), University of Peshawar, 1986, pp. 8-9.
2. Ahsan, Wagha, op. Cit, pp. 8-9.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

محاورو يا ٺٺي ٻولي؛ مانڌر وارو محاورو يا مانڌر واري ٻولي؛ جاتيءَ وارو محاورو يا جاتيءَ جي ٻولي، ماجر وارو محاورو يا ماجري ٻولي وغيره. ساڳيءَ طرح سرائڪي جو اهو محاورو جيڪو مُلتان ۾ مروج هو، ان کي ملتاني ٻولي سڏيو ويو، جيڪو بهاولپور ۾ ڳالهايو ٿي ويو تنهن کي بهاولپوري يا رياستي ٻولي سڏيو ويو، ۽ جيڪا ٻولي بلوچستان ۾ کيتران خطي ۾ ڳالهائي ٿي ويئي، تنهن کي 'کيتراني' ٻولي سڏيو ويو.

سنڌ ۾ 'سرائڪيءَ' جو خطي وار نالو انهيءَ ڪري رواج ۾ آيو، جو اها ٻولي سنڌ جي اترئين علائقي کان لڏي آيلن جي ٻولي هئي. جيڪي ڏار ڏار دؤرن ۾ ديري غازي خان، ميانوالي ۽ ٻين خطن کان لڏي هيٺ آيا هئا، ۽ سنڌ ۾ ساموندي ڪناري تائين ڦهلجي ويا هئا. جيتوڻيڪ هنن جا مختلف گروه جتي به آباد ٿيا اتي پنهنجي پنهنجي تر واري محاوري ۾ ڳالهائيندا هئا، پر سنڌ ۾ انهن جي محاورن کي هڪ ئي نالو، يعني سرائين جي ٻولي، سري کان آيلن جي ٻولي يعني سرائڪي ٻولي نالو ڏنو ويو، جو هاڻ مشهور ٿي چڪو آهي ۽ زيربحث آهي.

**(و) سرائڪي زبان جو بڻ بنياد:-** هاڻ ڏسڻ گهرجي ته سرائڪي ٻولي، جا قديم سنڌي زبان جو هڪ لهجو آهي، تنهن، لاسي ۽ ڪڇيءَ وانگر پنهنجي انفرادي حيثيت ڪڏهن حاصل ڪئي؟ (1).

ظامي صاحب 1962ع ۾ لکيو هو ته بهاولپوري- ملتاني ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ گهرو تعلق آهي، ته وري 1970ع ۾ دعويٰ ڪيائين ته سرائڪي زبان هڪ خودمختار ۽ الڳ زبان آهي. ٻن ڏس ۾ هن ديوان ڀيرومل جي ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' مان جيڪي حوالا نقل ڪري پنهنجي ڪتاب ۾ ڏنا آهن، تن تي گهٽي غور ڪرڻ جي ضرورت آهي (2). مثال طور ڪاڪي ڀيرو مل سنڌالي ۽ ڪولاري ٻولين مان حوالا ۽ مثال ڏيئي، انهن جي سنڌي زبان سان ڀيٽ ڪئي آهي. ديوان ڀيرو مل لکي ٿو:

(1) هن سلسلي ۾ مون پنهنجي زيرترتيب ڪتاب: Origin & Growth of Sindhi Language ۾ سنڌي ۽ سرائڪيءَ کي هڪ ئي خاندان مان ڦٽي نڪتل ٻوليون سڏيو آهي جن جو بڻ بنياد ساڳيو يعني "سنڌوَ ٻولي آهي.

(2) ظامي: *سرائڪي زبان کا ارتقا*. ص ص 130 ۽ 131.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

"اسان جا هاري ناري ۽ ٻيا اڻپڙهيل ماڻهو اڪثر ويهون ويهون ڪري ڳڻيندا آهن. اهي پنجاهه بدران ٻه ويهون ۽ ڏهه، سٺ بدران ٽي ڪوڙيون يا ٽي ويهون" (1).

ڀيرو مل جي لکيل انهن ساڳين لفظن ۽ جملن کي ظامي صاحب نقل ڪري، انهن کي سرائڪيءَ لاءِ ڪم آڻيندي لکي ٿو:

"سنٿالي، ڪولاري ۽ منڊا قوم جا ماڻهو ابتدا ۾ جڏهن ڪين انگ ڳڻڻ کو نه ايندا هئا، تڏهن ڪنهن شي جو تعداد، هٿن ۽ پيرن جي آڱرين جي تعداد سان ظاهر ڪندا هئا. مثال طور هڪ هٿ جون پنج آڱريون ته ٻنهي هٿن جي آڱرين کي ڏهه ڳڻيندا هئا. جيڪڏهن پندرهن جو عدد سمجهائڻو هوندو هون ته پهرين ٻنهي هٿن جون ڏهه آڱريون ۽ پوءِ هڪ هٿ جون پنج آڱريون ڏيکاري پندرهن جو عدد ظاهر ڪندا هئا. جيڪڏهن ويهن جو عدد ظاهر ڪرڻو هوندو هون ته هٿن ۽ پيرن جون آڱريون ڏيکاريندا هئا. اهڙيءَ طرح ويهن جي عدد کي پنهنجي زبان ۾ "ڪوڙي" چوندا هئا. ويهن کان مٿي عدد جو انهن وٽ ڪو به تصور ڪو نه هو. تنهن ڪري حساب ڪتاب ڪوڙين ۾ رکندا هئا. يعني هڪ ڪوڙي، ٻه ڪوڙيون، ٽي ڪوڙيون. يا هڪ ويهه، ٻه ويهون، ٽي ويهون ۽ چار ويهون وغيره. سرائڪي زبان جي سيني ڳوناڻن علائقن ۾ اڄ به ويهن جي حساب سان ليکو ڪيو ويندو آهي" (2).

هاڻ پڙهندڙ خود فيصلو ڪن ته ڀيرومل جي ڪتاب ۾ سنڌي زبان لاءِ ڏنل ساڳين خوبين کي ظامي صاحب نقل ڪري سرائڪي ٻوليءَ جون خوبيون ڪري بيان ڪيو آهي، ۽ دعويٰ ڪئي اٿس ته: "سرائڪي زبان، پاڪستان جي سيني زبانن کان قديم آهي". هن، ديوان ڀيرومل جون سنڌي زبان جي سلسلي ۾ بيان ڪيل سڀ خوبيون، ڀيرومل جي ڪتاب تان نقل ڪري، سرائڪيءَ ٻوليءَ ڏانهن منسوب ڪيون آهن، ۽ اها دعويٰ ڪئي اٿس ته سرائڪي زبان پاڪستاني زبانن

(1) ڀيرو مل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*. حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، سنڌ، 1959ع. ص ص 12-13

(2) ظامي: *سرائڪي زبان کا ارتقا*. ص 131.

ڀڃ ڏسو ڀيرو مل: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، 96.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي ماءُ آهي.

سوال ٿو پيدا ٿئي ته ظامي صاحب 1962ع ۾ جنهن ٻوليءَ کي بهاولپوري- ملتاني جي نالي سان سڏيو هو، تنهن جو نالو 1970ع ۾ سرائڪي زبان ڪهڙي سبب ڪري رکيائين. جڏهن ته سرائڪي نالو سنڌ ۾ زمانن کان رائج هو.

ظامي صاحب ٽئڪسيلا جي تهذيب واريءَ ٻوليءَ کي سرائڪي ٻولي ٿو سڏي ۽ بهاولپور، ملتان، رحيم يار خان، مظفر ڳڙهه، ديري غازي خان ۽ ديري اسماعيل خان جي سرائڪي ٻوليءَ جي لهجن کي، ٽئڪسالي سرائڪي ٿو ڪوٺي (1). ظامي صاحب اڃا به اڳتي وڌي، موهن جي دڙي جي تهذيب جي دؤر جي ٻوليءَ کي به سرائڪي ٻولي ٿو سڏي. هو لکي ٿو:

"هڪ ڳالهه غور طلب آهي ته واديءَ سنڌ جڏهن سمنڊ کان آجي ٿي ۽ زمين جي صورت ۾ وجود ۾ آئي، تڏهن سڀ کان پهرين آسٽريليا جا گونڊ، ڀيل، ڪول ۽ سنٿال قبيلا هت اچي آباد ٿيا. ۽ انهن جي زبان هڪ ارتقائي زبان جي حيثيت سان هت شروع ٿي يا انهن جي آمد کان گهٽو اڳ هن واديءَ ۾ انسان آباد هو. زبان کان سواءِ معيشت ۽ معاشرت ۾ به ٻاهران آيلن کان صدها سال اڳ ارتقا جون منزلون طي ڪري چڪو هو (2).

بهرحال واديءَ سنڌ جي رهاڪن جي به ڪا زبان هئي. يا ٻاهران آيلن جي زبان رفتي رفتي وڌي، ترقي ڪئي، ۽ هر زماني ۾ ترقي پذير رهي.

ٿي سگهي ٿو ته سنڌ جي قديم ترين زبان، پنهنجي قديم ترين ڳالهائيندڙن سان گڏ، واديءَ سنڌ ۾ جنم ورتو، شروع ٿي هجي، ۽ پوءِ ان بتدريج ترقيءَ جا مرحلا طي ڪيا هجن. ۽ پوءِ ممڪن آهي ته سنٿالي زبان ترقيءَ جون ابتدائي منزلون پنهنجي وطن ۾ ئي طئي ڪرڻ کان پوءِ، واديءَ سنڌ ۾ پهتي هجي.

سنٿالن ۽ ڪولن جي، واديءَ سنڌ ۾ آباد ٿيڻ کان اٽ هزار سال ق - م ۾، هت دراوڙ فاتحن جي حيثيت ۾ آيا. هي ماتهو اڳوتن رهاڪن

(1) ظامي، *سرائڪي زبان کا ارتقا*، ص 21.

(2) ايضاً، ص 133.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

جي مقابلي ۾ وڌيڪ مهذب ۽ طاقتور هئا" (1).

ظامي صاحب اڳتي لکي ٿو:

"واديءَ سنڌ ۾ آرين جي حملي سبب هتي قديم باشنده، دراوڙ، شڪست کائڻ کان پوءِ، سڀ جو سڀ ملڪ ڇڏي ڀڄي ويا. اهو صحيح نه آهي، پر حقيقت هيئن ٿي سگهي ٿي ته آرين جڏهن هندستان تي حملو ڪيو، تڏهن قديم باشندن جو ڪجهه تعداد ڇڏي ٿي پاسن ڏانهن ڀڄي ويو، پر ڪجهه تعداد پنهنجي آبائي وطن ۾ ئي رهيو. انهن پنهنجي تهذيب ۽ زبان کي سيني سان سانڍيو" (2).

هن سلسلي ۾ راقم جي ڪتاب "سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد" کي به ڏسڻ ضروري آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ بيان ڪيو ويو آهي:

"ڪنهن زماني ۾ هي نظريو عام هوندو هو ته آرين جي اچڻ وقت سنڌو ماٿري جون قديم قومون خوف ۽ هراس وچان ڪي ڏکڻ طرف ڀڄي ويون، ته ڪي اوڀر طرف هليون ويون. اهو نظريو هرگز قبول ڪري نٿو سگهجي، ڇاڪاڻ ته آرين جي اچڻ وقت سڀني ماڻهن جو ملڪ ڇڏي وڃڻ، ۽ ڪنهن جو هن ملڪ ۾ نه رهڻ، ممڪن نه آهي. سنڌ تي حملا سدائين ٿيندا رهيا آهن. حملي آور قومون سنڌ ۾ هر دؤر ۾ اينديون رهيون آهن، پر، ديسي ماڻهو سڀ جا سڀ ڪڏهن به ملڪ ڇڏي ڀڄي ڪو نه ويا آهن. فاتح سنڌ محمد بن قاسم جي فتح وقت سنڌ جا ڪي لوهاڻا ڪٽنب، سنڌ ڇڏي اوڀر طرف وارين رياستن- بيڪانير، جيسلمير، جيپور ۽ جوڌپور ۾ وڃي ويٺا، پر سندن اڪثريت سنڌ ۾ ئي رهي، جن مان ڪي مسلمان ٿيا ۽ باقي پنهنجي هندو ڌرم تي ئي قائم رهيا (3).

اهڙيءَ طرح آرين جي اچڻ وقت به ڪي ڪٽنب بيشڪ هي ملڪ ڇڏي ويا هوندا، پر آباديءَ جي وڏي حصي آرين جي اڻ مڃي هوندي، ۽ پنهنجي ئي وطن

(1) ظامي؛ *سرائڪي زبان کا ارتقا*، ص 70.

(2) ايضا، ص 155.

(3) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر؛ *سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد*، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1974ع، ص 42.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ رهڻ پسند ڪيو هوندو. جيڪڏهن سڀ ماڻهو ملڪ ڇڏي ويا هجن ها ته پوءِ سنڌ ۾ بروهي قوم جو وجود ئي نه هجي ها. سنڌ ۾ بروهين، اوڏن، باگڙين، ڪولن، مهاڻن ۽ ٻين قديم قومن جو وجود ثابت ٿو ڪري ته سڀ ماڻهو مُلڪ ڇڏي ڪو نه ويا هئا. انهيءَ ڪري قديم ديسي ماڻهن آرين جي تسلط جي باوجود، پنهنجي ٻوليءَ ۾ پنهنجو ڪاروبار هلايو هوندو. سندن روزانه زندگيءَ ۾، سندن ماحول اندر سندن ئي ٻولي- قديم سنڌ جي ٻولي- چالو رهي هوندي، جا ڪين سندن ابن ڏاڏن کان ورثي ۾ ملي هئي. البت هيءَ ڳالهه قبول ڪري سگهجي ٿي ته انهن قديم ديسي باشندن جي ٻوليءَ تي آهستي آهستي آرين جي ٻوليءَ جو اثر ضرور ٿيو هوندو. حاڪمن جي ٻوليءَ هئڻ ڪري، محڪوم ماڻهن يعني قديم رهاڪن، آرين جي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ اُڌارا ورتا هوندا. پر اهين ناممڪن آهي ته انهن قديم ماڻهن پنهنجي سڌريل ۽ مهذب ٻوليءَ کي ڇڏي ڏنو هوندو" (1).

ظامي صاحب جي خيال موجب موهن جي دڙي جي قديم تهذيب جي ٻولي سرائڪي هئي، ۽ هو سرائڪيءَ کي قديم دراوڙي ٿو ليکي" (2).

هو لکي ٿو:

"موهن جي دڙي جي کوٽائيءَ مان جيڪي مهرون لڌيون آهن، ۽ انهن تي جيڪي لفظ لکيل آهن، انهن جون شڪليون ۽ انهن تي نڪتل نقش، دکني ۽ ملتاني حرفن سان ملن ٿا. انهيءَ مان اهو اندازو لڳائي سگهجي ٿو ته مهرن جو رسم الخط تقريباً دکني ۽ ملتاني رسم الخط جي سڌاريل شڪل آهي. سرائڪي يا قديم دراوڙي زبان ۽ ان مان پيدا ٿيل ٻيون زبانون جهڙوڪ تامل، تيليگو وغيره بروهي ۽ هند جي اُترين ٻهاڙي ٻولين جي رشتيداريءَ جي کوجنا جي ضرورت آهي" (3).

ظامي صاحب سرائڪيءَ کي موهن جي دڙي جي رهاڪن جي ٻولي سڏيندي وڌيڪ لکي ٿو:

"هيءَ حقيقت آهي ته آرين جو مقابلو ڪري سگهندڙ دراوڙ پنهنجي

(1) الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد*، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1974ع، ص 42.

(2) ظامي: *سرائڪي زبان کا ارتقا*، ص 156.

(3) ايضاً، ص 156. -

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

اصلي وطن، ستن دريائن ۾ تقريباً پنج سو سالن، يا ان کان ڪجهه گهٽ عرصي تائين حملہ آورن جو مقابلو ڪندا رهيا. هي ماڻهو ڏگهي عرصي تائين هڪ درياءَ کان ٻئي درياءَ جي ڪناري تي رهي، دشمن سان مقابلو ڪندا رهيا، ۽ آخرڪار دکن، گجرات ۾ مدارس وغيره جي علائقن ڏانهن ڀڄي ويا.

هڪڙا اُهي ماڻهو بہ هئا، جن پنهنجي ماتريوميءَ مان ڀڄي وڃڻ نٿي چاهيو، اُهي پنهنجي آبائي وطن يعني واديءِ سنڌ ۾ آرين جا محڪوم يا غلام بنجي رهي پيا. انهن کي اڇوت، شودر، داس، دسيو ۽ اناس وغيره جا لقب ڏنا ويا. انهن جي باوجود انهن پنهنجو وطن نہ ڇڏيو، ۽ پاڻ سان گڏ پنهنجي قديم ترين ۽ متمدن ترين زبان (سرائڪي) کي بہ پنهنجي سيني سان سانڍيو" (1).

سيد نور علي ضامن حسيني صاحب تہ واديءِ سنڌ يعني موهن جي دڙي ۽ ڙپا تهذيب واري حصي کي سرائڪيءَ جو وطن ٿو سڏي، هو لکي ٿو:

"هن وقت هڙپا ۽ موهن جو دڙو اُن جي حدن کان ذرا ٻاهر آهن. مگر هجن يا نہ هجن، سرائڪي زبان جو پنج هزار سال اڳ جي تهذيب ۽ واديءِ سنڌ سان ڪو گهرو تعلق ضرور هو. راءِ سهاسيءَ جي عزيزن مان ملتان جو حاڪم بجهراءِ جو ڀائٽيو هو. سڪندراعظم جي زماني ۾ بہ هڙپا جي هيءَ قوم برهمڻ ڳڙهہ کان وٺي ملتان تائين آباد هئي، يقيناً انهن قبيلن جي زبان هڪ هوندي، اها سرائڪي ئي هوندي" (2).

ساڳئي ڪتاب ۾ صفحي 83 تي لکي ٿو:

"واديءِ سنڌ جي زبان اڃا تائين زير تحقيق آهي. مليل مهرن واريءَ ٻوليءَ جي باري ۾ تازو سوئيڊن جي ماهرن، هن زبان متعلق پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن. ممڪن آهي تہ هيءَ تحقيق سرائڪي زبان جي قدامت جو ثبوت پيش ڪري" (3).

---

(1) ظامي: *سرائڪي زبان ڪا ارتقا*، ص 157.

(2) سيد نور علي ضامن حسيني: حوالو ڏنو ويو آهي. 38 ۽ 83.

(3) ايضاً، ص 83.

تهذيب ۽ تمدن جي تاريخ جا ماهر انهيءَ راءِ جا آهن ته آرين جي اچڻ کان اڳ سنڌو ماٿر ۾ دراوڙ قوم جو غلبو هو. هن ڏس ۾ روسي ماهر پروفيسر Gankovsky لکي ٿو:

"ادب ۾ ڪنهن وقت کان وٺي اهو اندازو لڳايو پئي ويو ته پاڪ- هند ننڍي کنڊ جي اتر -اولهه واري حصي ۾ انڊو- يورپي قومن جي اچڻ کان اڳ واري دؤر ۾ يعني مسيح جي اچڻ کان اڳ هزار سالن جي وچ واري عرصي کان به اڳ، انهيءَ علائقي ۾ دراوڙ ڪٽنبن جي زبان يا زبانون ڳالهائيندڙ ماڻهو رهندا هئا. اهو به ممڪن آهي ته دراوڙ ڳالهائيندڙ آدمشماري، انهيءَ علائقي جي اتر- اولهه ۽ ان کان اولهه جي وڏي ايراضيءَ تي قابض هئي" (1).

ڊاڪٽر ڪالڊويل به آرين جي اچڻ کان اڳ جي، برصغير جي ٻولين کي غير آريائي، ديسي ۽ مقامي ٻولييون ٿو سڏي. هو لکي ٿو:

" ديسي ٻولين ۽ سنسڪرت جي وياڪرڻي سٽاءُ جي ڀيٽ ڪرڻ سان آءٌ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته اهي مقامي ٻولييون غير آريائي آهن، ۽ بنا ڪنهن شڪ شبهي جي چئي سگهجي ٿو ته اتر- هند جي ٻولين جو وياڪرڻ دراوڙي ٻولين جي وياڪرڻ سان هڪجهڙائي رکي ٿو" (2).

ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ کي جديد تحقيق ۽ جديد کوجنا جي روشنيءَ ۾ نئين سر پرکڻ کان پوءِ، سنڌي ۽ مکيه دراوڙي ٻولين (تامل، تيليگو ۽ ڪنڙ) جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ جي تقابلي مطالعي کان پوءِ، اها دعوا ڪري سگهجي ٿي ته: "سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي . هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ ڊاڪٽر ڪالڊويل پڻ حوالا ڏنا آهن (3)". هن ڏس ۾ ڪوپن هيگن جي انسٽيٽيوٽ آف ايشين اسٽڊيز جي ماهر

(1) Gankovsky, Yu., V., *The Peoples of Pakistan*, Lahore, Peoples Publishing House, U.S.S.R., Academy of Sciences, Dravary, 26, Shahrah- Quaid-Azam, p. 33.

(2) Rev. Robert Caldwell, *A Comparative Grammar of the Dravidian or South Indian Family of Languages, London,* Trubner & Co., Ludgate Hill, 1875, Introduction, p. 64.

(3) Rev. Robert Caldwell, op. cit., pp. 79 & 176.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڊاڪٽرن پارپولا ۽ سيميوئل پار پولا توڙي روسي ۽ امريڪي عالمن ڪمپيوٽرن ذريعي موهن جي دڙي جي قديم لکت کي پڙهڻ ۾ ڪجهه قدر ڪاميابي حاصل ڪري، هن راز کي سلڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. انهن ماهرن اها دعوا ڪئي آهي ته موهن جي دڙي واري ٻولي دراوڙي ٻولين جي ماءُ (Parent Language) آهي. جنهن مان اهي (دراوڙي) ٻوليون اُسريون آهن (1).

فنلئنڊ جي ماهرن موهن جي دڙي جي ٻوليءَ جي جن خصوصيتن جو جائزو ورتو آهي، اُنهن ۾ اعرابون، جنس، عدد ۽ حالتن جو ذڪر خاص طور ڪيل آهي. ڊاڪٽر ڪالڊويل ڪافي زمانو اڳ انهيءَ ڏس ۾ لکيو هو:

"دراوڙي ٻولي (تامل) ۾ حالت جريءَ جي ڦيري لاءِ اسم يا ضمير جي پويان 'ڪَ' (Ku) حرف جر ملائبو آهي (2). تيليگو ۾ حرف جر جا ٻه روپ يعني 'ڪُ' (Ku) ۽ 'ڪي' (Ki) آهن. حرف جر جي انهن ٻنهي روپن جو مدار انهن جي اڳيان ايندڙ سر (Vowel) تي آهي (3).

ڪالڊويل اڳتي لکي ٿو:

"هند - يورپي ٻولين جي ڪنهن شاخ ۾ 'Ku' يا 'Ki' سان مشابهت رکندڙ حرف جر نٿو ملي، البت هنديءَ ۾ 'ڪو' (Ko)، بنگلا ۾ "ڪي" (Ke)، ۽ سنڌي ۾ 'کي' (Khe)، (4) دراوڙي حرف جر 'ڪَ' (Ku) سان هڪجهڙائي رکن ٿا (5). دراوڙي ٻولين ۾ هندي، بنگلا ۽ سنڌي ٻولين ۾ اهڙي هڪجهڙائيءَ مان ثابت ٿو ٿئي ته دراوڙي ٻولين ۽ ڏيهي ٻولين ۾ ڪا ويجهي مائٽي آهي (6).

دراوڙي زبانن جي جڳ مشهور ماهر ڊاڪٽر ڪالڊويل جي راءِ موجب سنڌي ۽ دراوڙي ٻولين ۾ هڪجهڙائي آهي، پر ظامي صاحب دراوڙي ٻولين کي قديم سرائڪي زبان ٿو سڏي،

(1) Ibid. p. 149.
(2) Ibid. p. 176.
(3) Ibid. p. 149.
(4) سنڌيءَ جي ڪڇي لهجي ۾ 'کي' نه، پر ان کي 'ڪي' ڪري اچارين.
(5) Rev. Robert Caldwell, op. cit., p. 149.
(6) Ibid.

هن سڄي بحث مان نتيجو ٿو نڪري ته:

(i) آرين جي اچڻ کان اڳ برصغير ۾ دراوڙي ٻوليون چالو هيون. اهڙيءَ طرح سنڌو ماٿر ۾ به دراوڙي زبانن جو چالامان هو.

(ii) موهن جي دڙي واري قديم ٻولي دراوڙي زبانن جي ماءُ آهي.

(iii) سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ ۽ دراوڙي ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ ۾ هڪجهڙائي آهي.

(iv) موهن جي دڙي واري ٻولي، قديم سنڌو ماٿر جي ٻولي هئي، جنهن کي 'سئنڌو' ٻولي چئي سگهجي ٿو.

(v) قديم سنڌ جي ٻولي، موهن جي دڙي واري قديم سنڌي ٻولي (سئنڌوَ) هئي، جنهن تي پهرين آرين جي ٻولين جو اثر ٿيو، پوءِ داردي، پوءِ ايراني سرحد وارين ٻولين جو اثر ٿيو، پوءِ سنسڪرت جو، پوءِ پاليءَ جو، پوءِ ايرني، يوناني ۽ عربي وغيره جو.

(vi) مختلف ٻولين جي اثر ڪري قديم سنڌي زبان جو لغوي خزانو گاڏڙ بنجي ويو، پر ان جو صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءُ ساڳيوئي رهيو.

(vii) قديم سنڌ جي ٻولي ڪا غير آريائي ٻولي هئي، جنهن جون پاڙون موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ کتل هيون، ۽ جيڪا موهن جي دڙي واريءَ قديم سئنڌوَ > سئنڌوي > سنڌويءَ مان روپ بدلائيندي، "سنڌي" سڏجڻ لڳي.

(viii) موهن جي دڙي واري قديم ٻولي ٻن شاخن ۾ ورهائجي ويئي: هڪ سئنڌوَ ۽ ٻي دراوڙي، سئنڌوَ اڳتي ٻن شاخن ۾ تقسيم ٿي. هڪ سنڌوي ۽ ٻي لهندي. سرائڪي لهنديءَ جي هڪ اهم شاخ طور ڪم اچڻ لڳي (1).

مٿين نتيجن مان اهو پڻ واضح ٿئي ٿو ته قديم سنڌو ماٿر ۾، سماجي، ثقافتي، تهذيبي، تمدني ۽ لساني هڪ جهڙائي هئي، سنڌو ماٿر جي ڪا هڪ زبان هئي، جنهن جو نالو غالباً "سئنڌوَ" ٻولي هو، جا جدا جدا لهجن ۾ ڳالهائي ويندي هئي. ان جو لهندي هڪ اهم لهجو هو. لهنديءَ جا مکيه لهجا ڪشميري، سرائڪي، ملتاني، ميانوالي، ديري والي، رياستي (بهاولپوري)، اڀيچي ۽ ٻين محاورن

(1) هن سلسلي ۾ مون پنهنجي زيرترتيب ڪتاب: Origin & Growth of Sindhi Language ۾ مثالن سان بحث ڪيو آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ڳانهائي ويندي هئي، پر قديم سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ اُن کي اُترادين جي ٻولي، سرائين جي ٻولي ۽ يا سرائڪي ٻولي سڏيو ويندو هو. اِهوئي سبب آهي جو ديوان ڀيرو مل کي ٻولين جو مطالعو ڪندي موجوده ڪشميري، لهندا، سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ گهٽيون ئي صرفي ۽ نحوي هڪجهڙايون نظر آيون (1). ديوان ڀيرومل ضميري پڇاڙين جو مثال ڏيندي لکي ٿو:

”اهي پڇاڙيون انهن ٻولين کان سواءِ ٻيءَ ڪنهن به ٻوليءَ (هندوي، اردو وغيره) ۾ ڪينهن، پر ايراني ٻولين ۾ آهن“ (2).

’سنڌي ٻولي جو بڻ بنياد‘ ڪتاب ۾ واضح دليلن سان اهو ثابت ڪيو ويو آهي ته برصغير جي ڪا به ٻولي سنڌيءَ طرح يا اڻ سڌيءَ طرح سنسڪرت مان ڦٽي نڪتل ڪانهي، پر سنسڪرت ته خود هڪ پراڪرت لهجي جو سڌاريل سنواريل روپ آهي، يعني سنسڪرت بنيادي ٻولي نہ آهي، پر سنسڪرت خود ابتدائي پراڪرت جي هڪ لهجي جو سڌاريل سنواريل روپ آهي“ (3). مذڪور ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد) ۾ اهو پڻ بيان ڪيو ويو آهي ته آرين هن ماٿر جي اصلوڪي زبان کي پراڪرت سڏيو، پر پراڪرت جون هڪ کان به وڌيڪ شاخون يا لهجا هئا. هر هڪ لهجي کي به صوبائي نالي سان پراڪرت سڏيو ويندو هو. ماهرن ان وقت انهن پراڪرتن کي ٽن گروهن ۾ تقسيم ڪيو. اهو گروهہ يا اهي پراڪرتون جيڪي اولهہ واري حصي يعني قديم سنڌ (ديبل کان ڪشمير) ۾ چالو هيون، انهن کي گڏي ”اُديچيہ“ نالو ڏنائون، يعني اُتر - اولهہ وارو لهجو، اهو گروهہ جيڪو وچ هندستان ۾ مروج هو، ان کي ”مديہ ديشيہ“ گروهہ يا لهجو سڏيائون، ۽ اهڙيءَ طرح هندستان جي اوڀر حصي ۾ مروج لهجي کي ”پراچيہ“ سڏيائون (4). انهيءَ دعوا کي سامهون رکي، اُديچيہ پراڪرت کي هيٺين ٽن لهجن ۾ ورهايو ويو:

---

(1) ڀيرومل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، ص 87.

(2) ايضاً، ص 88.

(3) الانا غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد*، ص 6-8

(4) ايضاً، ص 28.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

أڌيچيہ

چاندس تڪسالي پئشاچي

انهن مان پئشاچي لهجي مان جيڪي ٻوليون اُسريون، اُهي هيون: شِينا، درادي، ڪافرستاني ۽ ڪوهستاني. شري جيرامداس دولترام جي راءِ موجب اُيي واريءَ ٻولي جو واسطو أڌيچيہ سان هو. هن جون حدون اروڙ کان متي، ڪشمير جي قديم اورينءَ سرحد تائين هيون. هن جي راءِ موجب اهو لهجو، جو اروڙ کان هيٺ مروج هو، هڪ طرف ڪرمان تائين، ٻئي طرف ديبل تائين ۽ ٽئين طرف ڪڇ تائين ڦهليل هو. اهو لهجو جاگرافيائي لحاظ کان ”ڪڇي“ ”لاسي“ ۽ ”جدگالي“ شاخن ۾ ورهايل هو.

مون اڳي هيءَ راءِ ڏني هئي تہ: هر لهجي ۾ فرق وڌندو ويو، ۽ اهو فرق، محاورن جي صورت ۾ ظاهر ٿيو، ۽ هر محاوري تي خطي وار نالو پيو ۽ اڳتي هلي اُيي وارو لهجو هينئن مقامي ٻولين يا محاورن جي نالن سان يعني ملتاني، بهاولپوري، ميانوالي، ديري والي، ۽ ڪيتراني سڏيو ويو. جڏهن ڪلهوڙن جي دؤر ۾ ڪيترائي قبيلا ديري غازي خان ۽ ٻين اُترين علائقن کان لڏي سنڌ ۾ اچي وينا، تڏهن سنڌ وارن انهن جي ٻوليءَ کي خطيوار نالن جي بدران 'سرائين جي ٻولي'، 'سري وارن جي ٻولي' يا 'سرائڪي ٻولي' سڏيو". ڀيرومل لکي ٿو:

”صدين کان سنڌ، پنجاب ۽ ڪشمير جا رهاڪو هڪ ٻئي سان گهٽو لهہ وچڙ ۾ آيا آهن، ۽ خود ڪشمير وارو پاسو پنجاب سميت، ڪيترو وقت سنڌ جي حڪومت هيٺ هو، تنهن ڪري سنڌيءَ جو انهن ٻولين سان جهجهو ناتو ٿيو آهي. اڄ بہ ڏسو تہ سنڌي ٻولي سنڌ جي اُتر ڏي اُباوڙي طرف سرائڪي يا اُيي جي ٻوليءَ جو نمونو اختيار ڪندي، بهاولپوري ڏي بہ اهوئي بيک ڏاريندي، ملتاني ٻوليءَ سان وڃي گڏي آهي، ۽ ملتاني، لاهور ۽ امرتسر طرف، اٽلڪيءَ طرح ڦرندي ڦرندي، وڃي پنجابيءَ سان گڏي آهي. جنهن ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ سرائڪي ٻولي جڻ تہ وچون ڏاڪو يا وچ واري ڪڙي آهي، جا سنڌيءَ کي پنجابيءَ سان ڳنڍي ٿي، ۽ پنجابي ٻولي اتر ڏي ڪشميريءَ سان وڃي گڏي آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

انهيءَ ريت سنڌ کان ڪشمير تائين ٻولين جو پاڻ ۾ ڪڙو ڪڙي سان ڳنڍيو پيو آهي" (1).

هن سڄي بحث مان نتيجو ٿو نڪري ته موجوده سنڌي ۽ سرائڪي زبانون، بنيادي طرح هڪ ئي زبان جا ٻه لهجا آهن. يعني انهن ٻنهي زبانن جو بڻ بنياد ڪا هڪ قديم ٻولي آهي، جا ڪا قديم سنڌي يا سنڌوي زبان هئي، جا اڳتي هلي ڌار ڌار لهجن ۾ ورهائجي ويئي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ تمام گهڻي هڪجهڙائي آهي. سيد نور علي ضامن حسينيءَ جي لفظن ۾ سرائڪي ۽ سنڌيءَ جو ماءُ ڌيءَ وارو تعلق آهي (2). اها هڪجهڙائي صوتي، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي روپن جي ڀيٽ ڪرڻ سان معلوم ڪري سگهجي ٿي. اهڙا ثبوت ضامن صاحب پنهنجي ٻنهي ڪتابن ۾ ڏنا آهن. هو 1962ع ۾ ڇپيل ڪتاب ۾ لکي ٿو:

"بهاولپوري زبان جي صوتياتي تشڪيل سنڌي حرفن سان ملي ٿي، ۽ حضرت راضي ملتانيءَ سنڌي زبان جي حروف تهجيءَ ۾ ٿوري گهڻي تبديلي ڪري، انهن کي بهاولپوري- ملتانيءَ لاءِ ڪم آندو" (3).

هو اڳتي لکي ٿو:

"سنڌي زبان سان هن زبان (بهاولپوري- ملتاني) جو قديم زماني کان اصولي اشتراڪ ۽ تعلق رهيو آهي، ۽ اهو تعلق ۽ اشتراڪ اڄ به قائم آهي" (4).

عتيق فڪري صاحب پڻ ساڳي ڳالهه ٿو ڪري، هو لکي ٿو:

"ملتاني ۽ سنڌي ۾ صوتي هڪجهڙائي آهي" (5).

ائين پڻ چئي سگهجي ٿو ته موجوده سنڌي ۽ موجوده سرائڪي هڪ ئي قديم سماجي، ثقافتي لساني گروهه جون ٻه شاخون آهن.

عتيق فڪري صاحب هن سلسلي ۾ فرمائي ٿو:

---

(1) ڀيرومل: سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، ص 85.

(2) سيد نور علي ضامن حسيني: *معارف سرائڪي*، ص 40.

(3) ظامي: *بهاولپوري- ملتاني*، ص 55.

(4) ايضاً، ص 120.

(5) عبدالحميد عتيق فڪري: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 74.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

”برصغير ۾ ديسي زبانون جيڪي ٿوري اختلاف جي باوجود ويدڪ زبان تي چڱيءَ طرح موثر ثابت ٿيون، انهن سڀني ۾ زياده موثر سنڌ ۽ ملتان جي علائقي جي زبان هئي، جا لهجي جي اختلاف ۽ چند لفظن جي ڦير گهير جي سبب کان پڻ نالن سان منسوب ٿيڻ لڳي، ۽ اڳتي هلي اُن ۾ نمايان فرق پيدا ٿيو“ (1).

سرائڪي ٻولي، ڪنهن زماني ۾ قديم سنڌ جي اُترئين حصي ۾ قديم سنڌي زبان جو هڪ مروج لهجو هو، جنهن کي سنڌ جي هيٺئين حصي ۾ سرائڪي ٻولي سڏيو ويندو هو. اهوئي سبب آهي جو عرب سياحن سرائڪي زبان کي سنڌي زبان سڏيو (2).

ضامي پنهنجي ڪتاب ’سرائڪي ڪا ارتقا‘ ۾ صفحي 69 کان 87 تائين سنڌي ۽ سرائڪيءَ جي جيڪا ڀيٽ ڪئي آهي، تنهن مان اهو ثابت نٿو ٿئي ته سنڌي زبان ڪا سرائڪي زبان جي شاخ آهي، پر هن ڀيٽ مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته موجوده سنڌي ۽ سرائڪي، ڪنهن هڪ ئي قديم زبان جون شاخون آهن، بلڪل ائين جيئن ڪڇي ۽ لاسي اُن جا لهجا آهن لهجا. البت جيئن ڪڇيءَ تي گجراتي زبان جو اثر ٿيو، ۽ جيئن لاسي تي بلوچيءَ جو اثر ٿيو، پر انهيءَ جي باوجود اهي ٻوليون، سنڌي زبان جا لهجا مڃيا ويا آهن (3). تهڙيءَ طرح سرائڪيءَ تي ڪجهه قدر مشرقي پنجابيءَ جو اثر ٿيو، پر اُن جي مشرقي پنجابيءَ سان ڪا به خانداني نسبت ڪانهي: مثلاً.

| سنڌي فعل | سرائڪي فعل |
| --- | --- |
| ڪاڏو | ڪاڏا |
| چڪيو | چڪيا |
| پاتو | پاتا |

انهيءَ ٿوري تبديليءَ کان سواءِ، باقي سنڌي ۽ سرائڪي ۾ تمام گهٽي هڪجهڙائي آهي، مثال طور صوتي روپ، مصدر بنائڻ جون واٽون، امر ناهڻ جا اصول، اسم فاعل جوڙڻ جا قانون، اسم مفعول ۽ اسم حاليه جي ناهڻ جا قائدا،

(1) عبدالحميد عتيق فڪري: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 82.

(2) ظامي: *سرائڪي زبان ڪا ارتقا*. ص 48.

(3) Grierson, H.I. *Linguisttic Survey of India,* Vol: VIII, pp. 140, 158, 183.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرائڪي توڙي سنڌيءَ ۾ هوبهو هڪ جهڙا آهن. جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان ظاهر ٿيندو:

(الف) صوتي هڪجهڙايون: (i) سنڌي ۾ ڪي خاص آواز (چوسٹا يا چوسڪاري وارا) آهن، جيڪي سواءِ سرائڪيءَ جي، برصغير جي ٻيءَ ڪنهن به زبان ۾ موجود نه آهن (1) مثلاً:

| سرائڪي (2) | سنڌي |
|---|---|
| ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ | ٻ، ڏ، ڄ ۽ ڳ |

(ii) سنڌيءَ جي اترادي لهجي ۾ "ٽ" "ٽر" ۽ "ڊ" "ڊر" صوتيا آهن. لاڙي لهجي ۾ "ٽر" ۽ "ڊر" صوتيا مروج نه آهن، پر سرائڪيءَ ۾ "ٽر" ۽ "ڊر" صوتيا موجود آهن. جيئن:

| سرائڪي | اترادي سنڌي | معياري سنڌي |
|---|---|---|
| چندر | چنڊر | چنڊ |
| پٽر | پٽر | پٽ |

(ب) مصدر: سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ مصدر جي علامت 'ڻ' آهي، مثال طور (3).

| سرائڪي | سنڌي | سرائڪي | سنڌي |
|---|---|---|---|
| سٹڻ | سٹڻ | لکڻ | لکڻ |
| چڙهڻ | چڙهڻ | پڙهڻ | پڙهڻ |

(ت) اسم فاعل: سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ اسم فاعل ناهڻ جو قانون ساڳيو آهي، مثال طور:

| سرائڪي (4) | سنڌي |
|---|---|
| مارڻ والا | مارڻ وارو |
| لکڻ والا | لکڻ وارو |

(1) البت گجراتيءَ ۾ "ٻ" جو آواز موجود آهي پر اهو آواز ان زبان ۾ صوتيي طور استعمال نٿو ٿئي.
(2) ظامي: *سرائڪي زبان ڪا ارتقا*، ص 73.
۽ پڻ ڏسو: *بهاولپوري- ملتاني*، ص93. ۽ وڌيڪ ڏسو: ڀيرومل: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، ص 86.
(3) ظامي: *سرائڪي زبان ڪا ارتقا*، ص 73.
۽ پڻ ڏسو: *بهاولپوري- ملتاني*، ص93. ۽ وڌيڪ ڏسو: ڀيرومل: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، ص 86
(4) ايضاً.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هنن مثالن ۾ 'وارو' ۽ 'والا' ۾ 'ر' ۽ 'ل' متبادل آواز آهن. 'ل' ۽ 'ر' جي تبديليءَ جا اهڙا ٻيا به مثال موجود آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي ۽ سرائڪي ۾ 'او' ۽ 'آ' سر به متبادل آهن.

(ث) عدد جمع: اُترادي سنڌي ۽ سرائڪي ٻولين ۾ واحد اسم مان جمع اسم ٺاهڻ جو قانون ٻڻ ساڳيو آهي، مثال طور:

| معياري سنڌي | اُترادي سنڌي | سرائڪي |
| --- | --- | --- |
| ڪتون | ڪتان | ڪتان |
| ڄنگهون | ڄنگهان | ڄنگهان |

سرائڪي ۽ سنڌيءَ جي انهي ڀيٽ مان حاصل ٿيل نتيجن کي سامهون رکي اها دعوا ڪري سگهجي ٿي ته صوتياتي، صرفي ۽ نحوي اصولن ۽ سٽاءَ موجب سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪو به فرق ڪونهي؛ ڪا به زبان هڪ ٻئي کان برتر ڪانهي؛ ڪا به زبان هڪٻئي کان اُتم ۽ اعليٰ ڪانهي؛ پر ٻئي زبانون قديم زماني ۾ هڪ ئي زبان هيون؛ يعني ساڳيءَ زبان جون ٻه شاخون هيون؛ يعني ٻئي هڪ ئي قديم زبان 'سئنڌويءَ' جا لهجا آهن، جن مان موجوده سرائڪي، قديم سنڌ جي اترئين حصي ۾، عوام ۾ وڌي ۽ ويجهي، ۽ موجوده سنڌي اروڙ کان وٺي هيٺئين حصي ۾ ترقي ڪئي. اهي زبانون هڪ ئي سماجي ۽ ثقافتي گروهه جون زبانون آهن. ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي، لباس، طبيعتون ٻڻ هڪجهڙيون آهن. سندن روزانه زندگي ۽ رسمون رواج هڪجهڙا آهن. اهوئي سبب آهي جو ڪاڪي ڀيرومل جيڪي خصوصيتون سنڌي لاءِ يا سنڌ جي ماڻهن لاءِ گڏ ڪيون، اُهي ئي ضامي صاحب، ڀيرومل جي ڪتاب مان ڪٽي، سرائڪي ڳالهائيندڙن لاءِ مثال طور پيش ڪيون آهن. ضامي صاحب لکي ٿو:

"بهاولپور، ملتان ۽ سنڌ جا ماڻهو لباس به هڪجهڙو پائيندا هئا. مثال طور هڪ ٿانَ جو وڏو پٽڪو ٻڌندا هئا. وڏن وڏن وارن کي پٽڪن ۾ ويڙهي بند ڪندا هئا. گول قسم جا ڊگها ڪڙتا پائيندا هئا ۽ سوڙهي پانچي واري هڪ ٿان جي شلوار پائيندا هئا. سندن لباس ۾ اڄ به گهڻو فرق ڪونهي. سلام دعا ۽ ميل ملاقات جو طريقو به ساڳيو اٿن.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

سرسري ملاقات ۾ ٿورو جهڪي، مٿي تي هٿ رکي سلام ڪندا هئا. پر خاص ملاقات ۾ پاکر پائي ملندا هئا. دير تائين ادا يا چاچا خبرون چارون ٻڌاءِ، ۽ خوش خير عافيت ڏکهي ڪندا آهن" (1).

ظامي صاحب اهو پڻ قبول ڪيو آهي تہ سنڌي زبان جو، بهاولپوري - ملتاني (سرائڪي) تي گهڻو اثر رهيو آهي. هو لکي ٿو:

"اهي زبانون (سنڌي- بهاولپوري- ملتاني) هڪ ٻئي جي بلڪل قريب آهن. جنوب مغرب ۾ بهاولپوري - ملتانيءَ جون سرحدون سنڌي زبان جي اتر ۽ اتر-اوڀر وارين سرحدن سان ملن ٿيون، بلڪ هڪ ٻئي سان جڙيل آهن. ٻين طرفن کان هن زبان جون حدون پنجابي، بلوچي، پشتو ۽ مارڙيچڪي يا مارواڙيءَ سان ملن ٿيون. ليڪن انهن زبانن جو اثر بهاولپوري- ملتانيءَ تي صرف حدن جي ويجهي هجڻ سبب آهي. انهن جو زبان جي مرڪزيت تي ڪو بہ اثر ڪونهي. ان جي برعڪس سنڌي زبان، بهاولپوري ۽ ملتانيءَ تي مڪمل طور حاوي آهي، ۽ اها زبان سنڌ ۾ سرائڪيءَ جي نالي سان مشهور آهي" (2).

ٻنهي زبانن جي اشتراڪ کي جاچڻ لاءِ ماهرن جيڪي اصول مقرر ڪيا آهن، انهن کي سامهون رکي بهاولپوري - ملتاني ۽ سنڌي زبانن جو جائزو ورتو وڃي تہ انهن زبانن ۾ وسيع اتحاد ۽ اشتراڪ نظر اچي ٿو، ۽ اسين آسانيءَ سان هن نتيجي تي پهچون ٿا تہ انهن ٻنهي زبانن جو ماخذ لازماً هڪ آهي، ۽ اهي ٻئي هڪ ئي ماءُ جون ڌيئر آهن.

هن سلسلي ۾ محترم عتيق فڪريءَ جو رايو آهي تہ:

"سنڌ ۽ ملتان جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻي ۽ ثقافت، تمدني زندگيءَ جون روزمره جون شيون ۽ انهن کان سواءِ قديم مذهبي عقيدن وغيره مان هيءَ ڳالهہ ظاهر ٿئي ٿي تہ هي ٻئي علائقا پنهنجي روايتن جي ڪري هڪ تهذيبي يڪرنگي ۽ هم آهنگي رکندا هئا. قديم ترين آثار هن ڳالهہ جي شهادت ڏين ٿا تہ هڙپہ، سنڌ توڙي ملتان ۾ هڪ خاص مرڪزي رابطو

(1) ظامي: *بهاولپوري – ملتاني*، ص ص 117-118.
(2) ايضاً، ص ص 86- 85 .

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

هو، يعني سنڌ جا ماڻهو هڪ زماني تائين ملتان ۾ ياترا لاءِ ايندا هئا، هنن جي نظر ۾ ملتان هڪ مقدس شهر هو" (1).

عبدالحميد راشد صاحب پنهنجي تحقيقي مقالي ۾ لکي ٿو:

" هيءَ (سرائڪي) هڪ قديم زبان آهي. لفظن جي ذخيري، شستگي، فصاحت ۽ بلاغت جي ڪري هيءَ زبان ڪنهن ٻيءَ قديم زبان کان گهٽ نہ آهي. مسلمانن جي برصغير ۾ آمد کان پوءِ هن تي عربي ۽ فارسيءَ اثر ڪيو. موجوده لساني اعتبار کان هيءَ زبان سنڌي ـ ان وڌيڪ نسبت رکي ٿي" (2).

سرائڪي ۽ سنڌيءَ جي ڀيٽ مان حاصل ٿيل نتيجن کي سامهون رکي اها دعوا ڪري سگهجي ٿي تہ صوتياتي، صرفي ۽ نحوي اصولن ۽ سٽاءَ موجب سنڌي ۽ سرائڪيءَ ۾ ڪو بہ فرق ڪونهي. ٻئي زبانون قديم زماني ۾ هڪ ئي زبان هيون، پر اڄ سرائڪي زبان جي حيثيت ائين آهي جيئن ڪڇ واري خطي ۾ ڪڇيءَ جي آهي. جيئن ڪڇي لهجي سياسي طرح هڪ ڌار خطي ۾ پنهنجي حيثيت قائم ڪئي، جنهن ڪري اڄ ڪڇ ۾ ڪڇيءَ کي هڪ ڌار ۽ الڳ زبان سمجهن ٿا. تيئن سرائڪي زبان، سياسي طرح سنڌ کان الڳ خطي ۾ ڳالهائجڻ لڳي، جنهن ڪري هڪ ڌار زبان جي حيثيت ۾ پنهنجي سياسي دائري اندر ڦهلي. هونئن جيئن مٿي بحث ڪيو ويو آهي تہ موجوده سنڌي ۽ سرائڪي هڪ زبان جا لهجا آهن، جن مان سرائڪي قديم اُتر سنڌ ۾ عوام ۾ وڌي ۽ ويجهي، ۽ موجوده سنڌي زبان اروڙ کان وٺي يعني قديم سنڌ ۾ ترقي ڪئي.

## سرائڪي خطي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ:

مٿي سماجي، سياسي ۽ مذهبي ناتن جو ذڪر ڪندي اهو ڄاڻايو ويو آهي تہ ڪلهوڙن ۽ ميرن جي راڄ تائين سنڌ جو سرائڪي خطي ۾ سبزل ڪوٽ تائين، اثر رهيو. ملتان سان مذهبي رشتا رهيا. انهيءَ ڪري خانپور، رحيم يار خان ۽ صادق آباد تائين موجوده سنڌي زبان جو اثر رهيو. اڄ بہ هيءَ زبان انهيءَ ايراضيءَ

(1) علامہ عتيق فڪري: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 8.

(2) عبدالحميد راشد: مقالو: *سرائڪي زبان کا ايک جائزه*، ماهنامہ "قومي زبان"، انجمن ترقي ۽ اردو پاڪستان، مئي، 1976ع، ص 38.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

۾ ثانوي زبان طور ڳالهائي ويندي آهي.

انهيءَ خطي ۾ ڪيترن ئي شاعرن سرائڪيءَ سان گڏ سنڌي زبان ۾ پڻ شاعري ڪئي، ايتري قدر جو خواجه فريد جهڙي بزرگ سرائڪي سان گڏ سنڌيءَ ۾ پڻ گهڻوئي ڪلام چيو آهي ۽ اسماعيلي داعين ۾ پير صدرالدين ۽ پير حسن ڪبيرالدين جو گهڻوئي سنڌي ڪلام (گنان) موجود آهي.

سر گريئرسن ۽ ڊاڪٽر سورلي طرفان برصغير جي ناهيل لساني نقشي ۾ سنڌي زبان جون حدون سرائڪي خطي ۾ اوپر طرف ڏيکاريون ويون آهن.

سما سردار، صوفي بزرگ غوث بهاءُ الدين ذڪريا ملتانيءَ جي درگاه جا مريد هئا. سمن سردارن توڙي سنڌ جي عام ماڻهن سان روحاني تعلق ڪان سواءِ ڄام سمي بهاولپور وارو ڀاڱو فتح ڪري سنڌ جي حڪومت سان ملائي ڇڏيو.

جيئن مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته باهمي شادين، سماجي ناتن، سياسي رشتن، مذهبي ۽ روحاني لاڙن سبب سنڌ جا ماڻهو هر سال اترئين حصي ۾ ويندا رهيا آهن. واپاري ۽ تجارتي ناتا به قائم رهيا آهن. انهيءَ ڪري سنڌي زبان ڪي بهاولپور ڪان مٿي هڪ طرف اُچ تائين ڦهلجڻ جو موقعو ملندو رهيو آهي. ته ٻئي طرف ديره غازي خان تائين سنڌي زبان جو چالان رهيو. انهيءَ ڪان سواءِ هر دؤر ۾ قديم زماني ڪان روزگار جي ڪري هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو سنڌ ۾ ايندا ويندا رهيا آهن، پر انهن جو ناتو پنهنجي خطي سان رهيو آهي. انهيءَ ڪري به سنڌي زبان جو اُنهيءَ ايراضيءَ ۾ اثر رهيو آهي. سنڌي ۽ سرائڪيءَ جي وڌيڪ اڀياس لاءِ 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب پڙهڻ گهرجي.

حاصل مطلب ته سنڌي زبان نه فقط ڪڇ، ڪاٺياواڙ، گجرات، بلوچستان ۽ راجستان ۾ پنهنجي پکيڙ وڌائي، پر قديم سنڌ جي ملتاني صوبي ۾ پڻ سنڌي زبان پنهنجو اثر قائم رکيو، جو اڄ ڏينهن تائين جاري آهي.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب


1- الله بچايو يار محمد سمون: *سير ڪوهستان*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ، 1955ع.

2- الانا غلام علي، ڊاڪٽر: *سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد*، حيدرآباد، زيب ادبي مرڪز، 1974ع.

3- ڀيرو مل آڏواڻي: *سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ*، حيدرآباد، سنڌي ادبي بورڊ، 1956ع.

4- علي ڪوفي: *چچنامو*، ڪراچي، سنڌي ادبي بورڊ 1954ع.

5- گل حسن ڪربلائي: مهراڻ جون موجون ۾ مضمون "*ٽالپر حڪمرانن جا علمي ڪارناما*"، ايڊٽ ڪيل سيد حسام الدين شاهه راشدي، ڪراچي، پاڪستان پبليڪيشنس.

6- مولائي شيدائي: *تاريخ تمدن سنڌ*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع.

7- ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ: *سنڌي- اردو لغت*، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، 1959ع.


## اردو ڪتاب


1- ابن خردازبه: المسالک و الممالک اردو ترجمہ، *هندستان عربون کي نظر مين*، جلد اول، اعظم گڑه، دارالمصنفين، 1960ع.

2- اصطخري: المسالک و الممالک، اردو ترجمہ، *هندستان عربون کي نظر مين*، جلد اول اعظم گڑه، دارالصنفين، 1960ع.

3- اعجاز الحق قدوسي: *تاريخ سنده*، حصہ اول، لاهور مرڪزي اردو بورڊ، 1971.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

4- سيد سليمان ندوي: عرب و هند کي *تعلقات*. اشاعت دوم، ڪراچي، ڪريم سنز پبلشرز، 1971ع.
5- ظفر ندوي: *تاريخ سنده*، اعظم گڑه، مطبع معارف، 1947ع.
6- عبدالحميد عتيق فڪري: *العتيق العتيق*، بهاولپور، سرائڪي ادبي مجلس، 1971ع.
7- مسعودي: عروج الذهب و معاون الجوهر، اردو ترجمہ، *هندستان عربون کي نظر مين*، جلد اول، 1960ع.
8- منهاج سراج: *طبقات ناصري*، جلد اول، مترجمہ غلام رسول مهر، لاهور، مرڪزي اردو بورڊ، 1975ع.
9- منشي عبدالرحمان: *آئينہ ملتان*، ملتان مڪتبہ اشرف المعارف، 1973ع.

## سرائڪي ڪتاب

1- عبدالحميد راشد: مقالو: "*سرائڪي زبان ڪا ايڪ جائزه*" ماهنامہ قومي زبان، انجمن ترقيءِ اردو، پاڪستان، مئي، 1976ع.
2- محمد بشير احمد ظامي: *بهاولپوري - ملتاني*، بهاولپور، عبدالعزيز مڪ، پرنسپال گورنمينٽ ٽيچرز ٽريننگ انسٽيٽيوٽ، نومبر 1962ع.
3- محمد بشير احمد ظامي بهاولپوري: *عهد هائي قيام مين سرائڪي ادب ڪا ارتقا*، بهاولپور، مرڪز سرائڪي زبان تي ادب، حبيب ڪالوني، 1970ع.
4- نور علي ضامن حسيني سيد: *معارف سرائڪي*، احمد پور شرقيہ، مصطفيٰ شاهہ اڪيڊمي، 1972ع.

## انگريزي ڪتاب

1. Bloomfield, L., *Language*, George Allen Unwin Ltd., 1961.
2. Burnes, A., *Visit to the Court of Sind,* Edinbuıgh, Robert Cadet, 1831.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

3. Gankovsky, yu V., *The Peoples of Pakistan,* Lahore, Peoples publishing House, U.S.S.R., Academy of Science Dravary, 26 Shahrah-e-Quaid-i-Azam.
4. Grierson, G., *Linguistic Survey of India,* Vol: VIII. Par I, Calcutta, Superintendent Government Printing, India, 1919.
5. Rev. Robert Caldwell, *A Comparative- Grammar of the Dravidian or South Indian Family of Languages,* London, Triber & Co., Ludgate Hill, 1875.
6. Sachau *Al-Beruni's India*, Vol. I, Lahore, Government of Pakistan, 1962.
7. *Extracts form the District & States Gazetteers of Punjab.* (Pakistan), Vol. II, Lahore, Research Society of Pakistan, University of Punjab, 1977.
8. *Imperial Gazetteer of India*, Vol. I.
9. Wagha Ahsan, The Siraiki language Its Growth and Development, M. Phil thesis, Sulintted at the Area Study Centre, (Central Asia), University of Peshawar, 1986.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# INDEX

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# هنڌن ۽ ماڳن جي نالي جي ڏسڻي


## الف

آرڪاٽي 36.

آسام 62.

آمريڪا 4.

آنڌرا پرديش 62.

اتر پرديش 62.

اٽل 92.

اٽلي 7.

اجمير 143.

اُچ 154، 156.

احمدآباد 14، 51، 52.

احمدپور 159.

ارمابيل 148.

اروڙ 104، 138، 139، 161.

اسڪلنده 137.

افغانستان 78، 105.

اندمان نڪوريا 62.

انگلنڊ 4، 7.

اوڙيسا 62.

اوستہ محمد 82، 84.

اوکامنڊل 46.

اولهہ بنگال 62.

ايران 78، 103، 105.

## ب

باڙداد جيشپور 46.

باغ جويتڻ 19، 23.

باهو 81.

بخارا 78، 105.

بدين 16، 23.

برهانپور 19.

برهمپور 137.

برهمڻ آباد 137، 138.

بزديڪ 78.

بڙودا 51.

بڪر 75، 77، 142، 155.

بگٽي 82.

بلخ 78، 105.

بلوچستان 70، 72، 78، 79، 80، 82، 86، 87، 89، 92، 104، 107، 108، 111، 114، 115، 120، 125، 130، 146، 148.

بولان 73.

بهـاول پور 145، 146، 151، 153، 154، 156، 159، 164، 184.

بهاول ننگر 159.

بيڪانير 154.

بيل پٽ 82.

## ڀ

ڀاٽيا 137، 138.

ڀاڳ پور 73، 75، 147.

ڀاڳناڙي 84.

ڀانتوا 55.

ڀاونگر 61.

ڀڄ پور 12.

ڀنيور 107.

ڀنگ ياڙه 146.

## ت

تربت 106.

ترپرا 62.

تلواڙه 137.

## ٺ

ٺر 108.

## ٽ

ٽنڊوباگو 25.

ٽنڊو محمد خان 24.

ٽئڪسيلا 172.

## ٿ

ٿتو 19، 23، 28، 145.

## پ

پارڪر 8.

پاڪستان 2، 10، 61، 70، 108.

پانپور 19.

پانڊيچري 62.

پٽ فيڊر 73.

پشين 75.

پنجاب 56، 62، 103، 158، 168، 180.

پنجپور قلعو 108.

پنجگور 108، 109، 113.

پور بندر 55.

پولش 2.

## ج

جرمني 2، 7.

جنڪستان 137.

جنگلاسر 26.

جوڌپور 154.

جوڻ 19، 23.

جيسلمير 48، 67، 68، 77، 146.

جيڪب آباد 84.
جيوراڻي 92.
جهالار 26.
جهالاوار 46.
جهالاوان 74، 78، 79، 80، 82، 84، 110، 120، 161.
جهت پت 82، 85.
جهل 80، 82.
جهنگ 159.
جهوڪ 85.
جهوناڳڙه 7، 55.
جام ننگر 55.

**چ**

چاچڪان 19.
چانڊڪا 77.
چاغي ضلعو 70، 71.
چنور 56.
چچ پور 137.
چوهڙ جمالي 25.

**ح**

حيدرآباد 2، 3، 5، 6، 77، 81.

**خ**

خاران 71، 79، 120.
خانپور 186.
خچڪ 84.
خضدار 78، 79، 139.
خيرپور 77، 146.

**د**

دادو 92.
دارامون جبل 89.
دجلہ 106.
دورل رياست 52، 55.
دشت باهو 92.
دشت بيدار 73، 136.
دهلي 141، 143.
ديبل 18، 135، 137، 179.
ديپالپور 143.
ديرو اسماعيل خان 136، 143، 172.
ديره غازي خان 136، 145، 158، 172.
ديري والي 160، 180.
ديوپور 137.
ديوي 84.

**ڏ**

ڏوراجي (ڊوراجي) 55.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

ڏ

ڏاڏر 73، 82، 84، 111.

ر

راجپوتانا 10، 56.

راجستان 67، 68.

راجڪوٽ 52، 55.

رحيم يار خان 144، 186.

رڙي 19، 23.

روجهاڻ 84، 137.

رهمڪي بازار 11، 15، 19، 23، 169.

ريگستان (ڏسو ٿر) 166.

ز

زهوب ضلعو 70، 71.

س

ساراوان 74، 120.

سانتلپور 52.

سبزل ڪوٽ 77، 146.

سبي 70، 71، 72، 73، 75، 77، 78، 79، 81، 82، 84، 122.

سداگان 78.

سراوان 79.

سنڌ 40، 70، 72، 78، 87، 97، 102، 103، 105، 107، 115، 137، 144، 147، 150، 154، 158، 180، 182.

سنڌڙي بندر 17.

سني 75.

سوراب 106.

سورت بندر 19، 56.

شوماترا 78.

سون مياڻي بندر 89.

سؤراٺ 46.

سؤراشٽر 48، 49، 103.

سيستان 102، 137، 138، 149.

سيوهڻ (سوستان) 13، 28، 75، 150، 155.

سيوي 76.

ش

شاهبندر 11، 25، 28.

شوزن 75.

ص

صحبت پور 85.

ع

عربستان 78.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

علي بندر 23، 28.

### ف

فتح باغ 19، 154.

فتح پور 84.

فرات 106.

### ق

قلات 71، 72، 74، 79، 80، 81، 84، 110، 122.

قندابيل 138، 139، 148.

قنذار 105، 148.

### ڪ

ڪاٺياواڙ 7، 10، 12، 13، 20، 23، 24، 40، 46، 50، 54، 55، 56، 59، 60، 64، 111، 131، 153، 154.

ڪاڇو 136.

ڪڇ 7، 10، 11، 12، 13، 14، 15، 16، 17، 18، 19، 20، 23، 24، 27، 28، 36، 40، 55، 56، 67، 86، 108، 130، 154.

ڪڇ جو رڻ 10.

ڪڇي 36، 70، 72، 73، 75، 76، 77، 78، 79، 81، 82، 84، 85.

ڪراچي 79.

ڪردن 137.

ڪرمان 74، 86، 108، 135، 138.

ڪشمير 74، 77، 102، 108، 137، 161، 180، 181.

ڪڪرالہ 18.

ڪنوج 135، 139.

ڪوٽ پيتا 146.

ڪوٽڙي 73.

ڪونيٽر 26.

ڪوهستان 88، 136، 166.

ڪوهہ سليمان 102.

ڪوئٽيا 70، 71.

ڪيٽي بندر 19.

ڪيچ 7، 107، 113.

ڪيڪانان 74.

### گ

گجرات 13، 14، 15، 20، 24، 25، 28، 40، 46، 56، 57، 59، 60، 62، 64، 67، 68، 148، 152.

گدو بئراج 73.

گنداخ 82، 84.

گنداوا 73، 77، 82.

گوادر جو بندر 108، 112.


www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

گوملي 48.

گوهيلوار 46.

## ل

لاڙ 3، 5.

لاڙڪاڻو 2، 77.

لاهوت لامڪان 88،

لس ٻيلو 7، 71، 72، 79، 86، 87،
89، 94، 98، 102، 106، 161.

لڪپت 19.

لنڪا 78.

لورالائي 70، 71، 72، 84.

لوهاڻا 137.

لياري 89.

## م

ماتا جو مڙهه 76.

ماجر 6.

ماراهي 55.

مارواڙ 68.

مانجهپور 82.

مانڊوي 19، 55.

محفوظ 139.

مري 82.

مستونگ 79، 84.

مهر 107.

مڪران 70، 71، 72، 74، 81، 86،
89، 92، 102، 103، 104، 105،
106، 107، 109، 110، 111،
112، 113، 120، 137.

ملاڪاتيار 23.

ملتان 24، 130، 133، 134، 135،
138، 139، 141، 142، 144،
146، 147، 149، 150، 151،
152، 153، 154، 155، 156،
159، 161، 163، 175، 182،
184.

منصوره 74، 130، 138، 149،
153، 161.

منگرول 55.

موروي 15، 52، 55.

موغلي 78.

مولشان 147، 150.

مهران 108.

مهر ڳڙهه 72.

ميانوالي 160، 161، 180.

ميسوپوٽيما 104.

## ن

ناراڻٽر 26.

نصيرآباد سب ڊويزن 84.
ننگرپارڪر 19.
نوانگر 49، 53، 54.
نوشڪي 137.
نوشهرو 72، 77.
نيرون 137.

و

واراهي 52.
ونگويٽڙ 19، 23.

هـ

هارورڊ يونيورسٽي 122.
هالار 46، 49.
هرات 75.
هنگلاج 86، 88، 89.
هندستان 55، 56، 131.

## ماڻهن جي نالن جي ڏسٽي

الف

ابراهيم شيخ 92، 96، 97.
ابن شـاهـ (درگـاهـ چوهڙجمـالي) 25.
احمد شاهـ لس ٻيلي جو شاعر 96.
احمد يار خان مير بلوچ 70.
اسماعيل شاهـ مضوي ثاني 76.
افضل ڪوڪلتاش 76.
اڪبر اعظم 76، 77، 143.
التمش 74، 75، 141.
امام شاهـ پير (اسماعيلي مبلغ) 61، 164.
اڊو (سمون سردار) 40، 41.
اڊو بن اوڊار 41،
اورنگ زيب عالمگير 18،

ب

بابر بادشاهـ 143، 145.
بشاري مقدمي 154،
بڪر شيخ 96.
بلاول شاهـ نوراني 88.
بهـاؤ الحق غـوث شـيخ الاسـلام 152.
بهاؤالدين ذڪريا شيخ ملتان شيخ الاسلام 152، 154.

www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

بهلول لوڌي 142.

بي بي مرڪي (ڄام جوڻي جي نياڻي) 58.

بي بي مغلي (ڄام جوڻي جي نياڻي) 58.

پ

پيرومل مهرچند آڏواڻي 11، 26، 170، 171، 179، 184.

ت

تاج الدين پير (اسماعيلي مبلغ) 61.

تاج محمد عباسي 101.

تاجن منڌرو 17.

تميم بن زيد 139.

پ

پاهڙ خان ملڪ 87، 88.

پير شمس سبزواري 61.

پير غوث محمد 26.

پير ولي برلاس سلطان 76.

پير گولاڙ 22.

ج

جافط 154.

جاني بيگ مرزا 15، 77.

جڪرو پٽ سمو 41.

جلال ڪتي 98.

جيعل شاهہ گرناري 25.

جئہ سنگهہ پٽ ڏاهر 139.

جيرامداس دولترام شري 80.

ڄ

ڄام انڙ پٽ ڄام لاکو 46.

ڄام تماچي 40.

ڄام ڏيسر 17.

ڄام راول (نوان نگر جو) 40، 46، 49.

ڄام جاڙو 13، 49، 50.

ڄام جوڻو پٽ ڄام لاکو سنڌ جا سما حاڪم هن جي اولاد مان آهن) 58.

ڄام راهو 20.

ڄام ساند 40.

ڄام ستاجي 49.

ڄام صلاح الدين 57.

ڄام فيروز 15.

ڄام ڦل پٽ لاکو گرڙا 40، 41.

ڄام گڇن پٽ ڄام جاڙو 40، 49، 50.

ڄام لاکو (وڏو) 20، 50.

ڄام لاکو پٽ جاڙو 13، 50.

ڄام لاکو ڳڙرا 20.
ڄام لاکو بن لاکير 40.
ڄام لاکيار 24.
ڄام مناهيو 41.
ڄام ميهو 40.
ڄام مير خان 96.
ڄام موڙو 40.
ڄام نندو 75.
ڄام وير يار 40.
ڄام ويرجي 40.
ڄام هالا 49.
ڄام هوٿي 20، 49.
ڄام هوٿي پٽ ساند 40.
ڄام هردولجي 40، 49.

چ

چاڪر خان 75.
چچ برهمڻ 74، 86، 103، 104.
چندرسين 104، 105.
چنسر پٽ رائڌڻ 41.
چيزل شاهه 850.

ڇ

ڇتو پٽ لاکو 41.

ح

حاجي امير پير 26.
حبيب بن مهلب 139.
حسن ڪبيرالدين پير (اسماعيلي مبلغ) 154.
حسن مرزا (هرات جو سلطان) 75.
حمزه شيخ 96.
حمير شيخ 97.

خ

خداد خان 81.
خدايار خان (لقب شاهه قلي خان) 145، 146.
خسرو پرويز 103.
خضر خان سعيد 142.
خواجهه فريد 130.

د

دوس محمد 96.

ڊ

ڊاهر 105.
ڊونگر راءِ (سومرو حاڪم) 91

ر

راڌڻ منڌرو 17.
راءِ پراگجي 15.
راءِ ديوائج 86، 102، 105.

راءِ ڏياچ 50.

راءِ ريواجي 49.

راءِ ساهسي 103.

راءِ ساهسي لانگاهہ لقب 103.

راءِ سيهرس 74، 102، 103، 137.

راءِ کنگهار 14، 15، 50، 51.

رڪن الدين فيروز شاهہ 141.

رکيل شاه (صوفي شاعر) 85.

## س

سانولو فقير جت 26.

ستگر نور پير (اسماعيلي مبلغ) 61.

سجاد حسين قريشي مخدوم 153.

سر گيرئرسن - ايچ 76، 85.

سسئي 107.

سڪندر اعظم 11.

سڪندر لوڏي 142.

سلطان بهادر بن سلطان مظفر گجراتي 57، 85.

سلطان منصور 141.

سليمان بن عبدالملڪ خليفو 139.

سليمان ندوي 147، 148، 149.

سنجر سلطان 142.

سورلي ڊاڪٽر 26.

سهراب خان مير 78، 146.

سيڪراڙ پير 26.

سيد حسام الدين راشدي 20.

## ش

شاهہ بيگ ارغون 14، 15، 76، 79.

شاهہ حسن مرزا ارغون 14، 15، 19، 23، 143.

شاه حسين ارغون 76، 145.

شاهہ ڪريم 25.

شاهہ ڪريل 25.

شاه قادري 25.

شاهہ مرادن شاهہ 61.

شاهہ يقيق 25.

شمس پير سبزواري ملتاني 152، 154.

شمس الدين خواجہ 145.

شهاب الدين پير 141، 154.

شيخ حسن 92.

## ص

صادق محمد خان امير 145، 146.

صاعد، قاضي اندلسي 154.

صدرالدين پير 152، 154.

صدرالدين شيخ سنڌي ولد شيخ الاسلام 151.
صديق فقير جت 32.

## ع

عبدالله خان 81.
عبدالله ورياهه 151.
عبدالحميد عتيق فخري علامه 150.
عبدالرحمن منشي 159، 162.
عبداللطيف شاهه ڀٽائي رح 92، 97.
عزت خان 90.
علي بن حامد بن ابوبڪر ڪوفي 155.
علي محمد (جت) 22.
عمادالملڪ 58.
عمر بن عبدالعزيز خليفو 139.
عمر بن مسلم باهلي 139.

## غ

غلام حسين ملڪ (جتن جو سردار) 21، 22.
غلام شاهه ڪلهوڙو 24، 146.
غلام علي خان ٽالپر 81.

## ف

فضل علي هالاڻي 146.

## ق

قادر بخش گولو 85.
قتلغ خان 142.
قطب الدين ڪاشاني 74، 155.
قيصر خان مگسي نواب 80.

## ڪ

ڪبير شاهه (مشهور شاعر) 96، 97، 98.

## گ

گل محمد خان مگسي 80.
گوهرام مير 75.

## ل

لاکو گڙرا 40.
لکيار 40.
ڄمڻ خوبچنداڻي ڊاڪٽر 27.

## م

محمد باقي مرزا 15.
محمد خان شيباني 78.
محمد مراد خان ميان 81.
محمد بن قاسم 11، 12، 22، 67، 79، 105، 138.
محمد خان 81، 145.
محمود خان بيگڙي 14، 57، 58.

مراد علي خان مير 77، 81.
موسيوزين ميري ڪامل 72.
مولائي شيدائي 73.
مهر پٽ لاڪو 41.
مهلبي مصر جو وزير 148.
ميان غلام شاهه ڪلهوڙو 17، 18.
ميان شاهه سيد ساڪن آرڪاٽي وارو 36.
مير عبدالرحيم 61.
مير غلام علي خان ٽالپر 23.

## ن

نبي بخش لغاري خليفو 25، 60.
نادر شاهه 145، 146.
ناصرالدين محمود سلطان بن التمش 75، 141، 161.
ناصر الدين قباچه 75، 141، 152، 154، 155، 161.
نصيرالدين پير 152.
نصير خان مير 146.
نم (لس ٻيلي جو شاعر) 96، 97.
نورالدين محمود 141.
نورشاهه ڪڙيوال 24.
نور علي ضامن حسيني سيد 175، 181.
نور محمد ڪلهوڙو 77، 89، 143، 144، 145.
نيمروز 103.

## و

وڪرما جيت 54.
ولرام 50.
ولي محمد لغاري 146.

## هه

هردولجي ٺاڪر صاحب 40.
هشام بن عمر تغلي 74، 139.
همايون مغل بادشاهه 79.
همير سومرو 54.

## ي

يار محمد ڪلهوڙو 77، 87، 143.
يعقوبي 154.
يوسف شيخ قريشي 142.

# سنڌ ۾ ضلع وار ٻولين جي ورڇ

## سنه ١٩٣١ع




www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

## لسانيات جي موضوع تي سنڌالاجيءَ جا ڇپايل ڪتاب

### • لسانيات

| | |
|---|---|
| 1. علم السان ۽ سنڌي زبان (ڇاپو ٽيون) | پروفيسر علي نواز جتوئي |
| 2. سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي (ڇاپو ٽيون) | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 3. سنڌي الف - بي جي ارتقا | عبدالڪريم لغاري |
| 4. وڏو سنڌي وياڪرڻ (ڇاپو ٻيون) | ڀيرومل مهرچند آڏواڻي |
| 5. سنڌيون | ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو |
| 6. سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| 7. سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج (Ph.D ٿيسز) | ڊاڪٽر الهداد ٻوهيو |

### • ڊڪشنريون

| | |
|---|---|
| 1. سنڌي - اردو لغت (ڇاپو ٽيون) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽<br>ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان |
| 2. اردو - سنڌي لغت (ڇاپو ٽيون) | ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽<br>ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان |
| 3. عربي - سنڌي لغت - I | پروفيسر غلام حسين جلباڻي |
| 4. عربي - سنڌي لغت - II | پروفيسر غلام حسين جلباڻي |
| 5. سنڌي - عربي لغت | پروفيسر غلام حسين جلباڻي |
| 6. سنڌي - انگريزي ڊڪشنري (ڇاپو ٽيون) | پرمانند ميوارام |
| 7. انگريزي - سنڌي ڊڪشنري | پرمانند ميوارام |


انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

يونيورسٽي آف سنڌ

ڄام شورو

ISBN 969-405-058-8



www.sindhsalamat.com books.sindhsalamat.com

# سنڌ سلامت

## www.sindhsalamat.com

سنڌ سلامت جو مشن ۽ مقصد سنڌي ٻوليءَ جي ڊجيٽلائيزيشن ۽ پکيڙ کي وسيع ڪرڻ آهي ۽ پڻ دنيا سان گڏ سنڌس رفتار سان هلڻ جو سانباهو آهي، ڇو تہ تاريخ هميشہ انهن قومن جو احترام ڪيو آهي جن پنهنجي علمي سرمائي جي حفاظت ڪئي آهي. سنڌ سلامت پڻ پنهنجي ٻوليءَ جي بقاء خاطر سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل قيمتي ۽ ناياب ورثي کي ضايع ٿيڻ کان بچائڻ ۽ ان کي نہ رڳو محفوظ رکڻ پر پنهنجي اديبن، ليکڪن، محققن ۽ شاعرن جي علم، هنر ۽ تخليقن کي ڊيجيٽلائيز ڪندي دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ موجود سنڌين تائين مفت ۾ آسانيءَ سان پهچائڻ جو عزم ڪيو آهي.

اسان جي خواهش هئي تہ سنڌي مواد تي مشتمل هڪ اهڙو ڪتاب گهر قائم ڪجي جتي هر موضوع تي مشتمل ڪتاب موجود ملن. ڪتابن کي ڳولڻ ۽ ڊائونلوڊ ڪرڻ آسان هجي ۽ اينڊرائيڊ سميت آئي فون يا ونڊوز آپريٽنگ سسٽم سميت هر قسم جي ڊوائيس تي آساني سان آن لائين پڻ پڙهي سگهجي.

۽ اهو سڀ ”سنڌ سلامت ڪتاب گهر“ ذريعي ئي ممڪن ٿي سگهيو. اميد تہ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ذريعي سموري دنيا ۾ موجود سنڌي نہ صرف ڀرپور لاڀ حاصل ڪندا پر سنڌ سلامت ڪتاب گهر کي وڌيڪ فائديمند بنائڻ لاءِ پنهنجو ڀورو ساٿ نڀائيندا.

[books.sindhsalamat.com](books.sindhsalamat.com)

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر جي اينڊرائيڊ اپليڪيشن پلي اسٽور جي هن لنڪ تان ڊائونلوڊ ڪريو:**

https://play.google.com/store/apps/details?id=com.sindhsalamat.book